# مفتاح الصلواة

مؤلف

مخدوم فتح محمد سنڌي برهانپوري

سنڌيڪار:

مولانا محمد انس راڄپر

سنڌي ادبي بورڊ

# مفتاح الصلواة

مؤلف

مخدوم فتح محمد
السندي البرهانپوري

ترجمو

مولانا محمد انس راڄپر

مقدمو ۽ تحقيق

مخدوم سليم الله صديقي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2006ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو ٻيهريون    سال 2006ع    تعداد هڪ هزار

[هيءَ ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي ساليانی ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 06-2005ع جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.]

قيمت: ٻه سؤ رپيا
[Price Rs. 200-00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءَ ڪتاب يادگار پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه جي نگرانيءَ ۾ ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

نماز اسلام جو بنيادي رڪن هئڻ سبب هميشہ مسلمان عالمن وٽ وڏي اهميت وارو موضوع رهيو آهي. سنڌ جي عالمن پڻ ان اهم اسلامي رُڪن جي اهميت پٽاندر هر دور ۾ ان موضوع جي مختلف پهلوئن تي قلم آزمايو آهي.

انهيءَ حوالي سان "مفتاح الصلواة" جو نالو انهن ڪتابن مان ڳڻيو وڃي ٿو، جن سنڌ توڙي هند ۾ يڪسان مقبوليت حاصل ڪئي. ڪتاب جا قلمي نسخا، شرحون، ترجما ۽ حاشيا ڪيترن ئي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ڪتب خانن ۾ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. مصنف جي خاندان مان مخدوم سليم الله صديقي جي ذاتي ڪتب خاني ۾ پڻ ڪيترا قلمي ۽ ڇاپي نسخا موجود آهن. بلڪ اڄ بہ سنڌ ۾ اهڙا نسخا نظر اچن ٿا، جيڪي مصنف جي تحرير ڪيل نسخي تان سڌو سنئون نقل ٿيل آهن. هن ڪتاب جو مؤلف مخدوم عبدالرحمان عرف بابا فتح محمد سنڌي ابن عين العرفا شيخ عيسيٰ سنڌي آهي، جنهن پنهنجي سنڌي ماءُ کان جيڪي شعر ۽ مخففات ٻڌا، انهن کي بنياد بڻائي هي ڪتاب تحرير ڪيو. اهي ٽي شعر هي آهن:

(1) فرائض نہ داني شوي در قلق
اججس نوق تقق رسق

(2) چو واجب نداني شوي در خطر
فضت تقت لقت جسر

(3) چو سنت بداني شوي مقتدا
روث تبت تست ددا

سمہ دور ۾ **علم فقہ** جي ترويج جو اندازو قاضي قاضن جي بيتن مان بہ ٿئي ٿو. ايئن ٿو لڳي تہ "ڪنز" ۽ "قدوري" ديني تعليم ۾ بنيادي حيثيت رکندڙ ڪتاب هئا. سمہ دور جا بہ وڏا عالم جن جو تعلق پڻ مصنف جي خاندان سان هو، سي مخدوم عباس پاٽائي ثم هڱورجائي ۽ مخدوم رڪن الدين هئا.

اُنهن تفسير، حديث ۽ بين علمن ۾ وڏو نالو ڪڍيو. جيڪڏهن اسان انهيءَ دؤر ڪان ونئي مصنف جي زماني تائين نظر وجهنداسين تہ موجوده ڪتاب بہ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي محسوس ٿئي ٿو. فارسي نسخہ جي آغاز ۾ مصنف رقمطراز آهي: ”بزرگي از علمائي سندهہ فرائض و واجبات و سنت را درسہ بيت بحروف اشارت کرده است کہ اکثر اوقات حضرت ما (مان) صاحب تعليم ميفر مودند.“

جديد دور ۾ مشرق توڙي مغرب ۾ وڏن ادارن جا نالا مخففات ذريعي ذهن نشين ڪيا وڃن ٿا. پر نائين صديءَ ۾ مروج هي شعر ٻڌائين ٿا تہ سنڌ جي تعليم يافتہ گهراڻن جون عورتون پنهنجي ٻارن کي مخففات سان جڙيل اهي شعر اُنهيءَ دور ۾ ياد ڪرائينديون هيون. جنهن سان انهن کي نماز جا فرض، واجب ۽ سنتون بر زبان ياد ٿي ويا ٿي. انهيءَ دور ۾ مخففات جو استعمال اهل سنڌ وٽ عام هو.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي نماز جي موضوع تي ”مصلح المفتاح“ نالي جڳ مشهور ڪتاب شايع ڪري چڪو آهي، جيڪو ”دائري وارن جي سنڌيءَ“ جي نالي سان مشهور آهي. پر واضح رهي تہ اهو بہ اصل ۾ مفتاح الصلواة جو ئي سنڌي منظوم ترجمو ۽ واڌارو آهي. جيئن تہ منظوم ترجمن مان عام ماڻهو ان جي ڳوڙهي ٻولي ۽ ناپيد لفظن سبب لاڀ نہ ٿو پرائي، ان ڪري بورڊ مفتاح الصلواة کي سنڌي نثر جي صورت ۾ شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اُميد اٿئون تہ بورڊ جي اها ڪاوش سموري سنڌ کي پسند ايندي.

**ڄام شورو، سنڌ**
خميس ۴- جمادي الاول ۱۴۲۷هہ
بمطابق 1- جون 2006ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# مقدمو

جهڙيءَ طرح ڪيترا انسان تاريخ ۾ پنهنجا اڻمٽ نقش ڇڏي وڃن ٿا، تهڙيءَ طرح ڪجهہ ڪتاب بہ صدين تائين پڙهندڙن جي ذوق ذريعي نسل در نسل پنهنجي مڃتا حاصل ڪندا رهن ٿا.

سيدنا عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه جي دور ۾ سنڌ ڏيهہ جو ڪجهہ علائقو اسلامي خلافت ۾ داخل ٿي چڪو هو. دربار خلافت مان هميشہ فتح ڪيل علائقن ۾ اسلامي قانونن جي اجراءَ ۽ نفاذ لاءِ ڄاڻو ماڻهن کي موڪليو ٿي ويو. سنڌ جي حوالي سان اهو قياس اسين محمد بن قاسم ثقفي لاءِ بہ ڪري سگهون ٿا. ان جي تائيد، تاريخ جي ان بيان سان ٿئي ٿي تہ اروڙ جي فتح ڪان پوءِ اتان جي قضا ۽ خطابت جو عهدو موسيٰ ثقفي کي سونپيو ويو. هيءُ اهو ئي زمانو آهي، جڏهن کان سنڌ ۾ علمي جستجو ۽ تحقيق جي شروعات نظر اچي ٿي. ٿوري ئي عرصي ۾ اسان کي ديبل، منصوره، بکر ۽ سيوهڻ علمي مرڪزن جي حيثيت ۾ اُڀرندا نظر اچن ٿا. سنڌ جي عالمن، تفسير، حديث، فقہ، رجال ۽ ادب جي مختلف شعبن ۾ تحقيق جو هڪ خاص معيار مقرر ڪيو. ڪيترن تہ سنڌ کان ٻاهر بہ وڏي شهرت ماڻي. ابتدائي دور جي عربي ڪتابن ۾ سنڌن احوال موجود آهن، بلڪ ڪجهہ عالمن جون تحريرون اڄ بہ موجود آهن، جن مان ابو جعفر ديبليءَ جو "مڪاتيب النبي ﷺ" ۽ امام مسعود بن شيبہ بن حسن سنڌيءَ جو "مقدمہ ڪتاب التعليم" گهڻا معروف آهن. انهيءَ ۾ شڪ ناهي تہ سومرن جي سموري دور ۽ سمن جي ابتدائي زماني جون علمي ڪاوشون اڄ بہ محققن جي پهچ کان پري آهن، پر پوءِ بہ عالمن سگورن جا جيڪي نالا ملن ٿا، ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ وڏا وڏا فقيهہ ۽ قلم جا صاحب موجود هئا. سومرن جي دور ۾ مولانا برهان الدين بکري عظيم المرتبت سنڌي عالم هو. سلطان علاؤ الدين محمد شاهہ خلجي جي ڏينهن ۾ سندس شهرت هندستان جي ڏورانهن علائقن تائين پکڙيل

هئي. سمہ دور ۾ سنڌ ۾ تعليم ۽ درسگاهون آب و تاب سان قائم هيون. مخدوم محمود فخر پوٽو ۽ شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني پاٽائي (892-802) سما دور جي آخري ڏينهن ۾ ملنڌڙ نيڪ نالا آهن. مخدوم بلاول هڪ اعليٰ درسگاهہ جو باني هو. انهيءَ دور ۾ قاضي ابراهيم دربيلوي، قاضي قاضن، مخدوم محمد سيوستاني، قاضي شرف الدين عرف مخدوم راهو سيوستاني ۽ قاضي ڏتو نمايان حيثيت رکن ٿا. مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم متو يا منو جي تعليم و تربيت ۽ نشوونما پڻ سمن جي آخري ڏينهن ۾ ٿي.

ڄام نظام الدين سمي جو زمانو علمي ۽ ادبي لحاظ کان بهترين دور سمجهيو وڃي ٿو. ان خوشگوار ماحول ۾ ڪيترائي عالم ۽ فقيهہ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. مخدوم عبدالعزيز هروي ابهري کان علاوه صاحب ڪتاب "مفتاح الصلواة" جي جد امجد شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني پاٽائي انهن ئي ڏينهن ۾ پاٽ جي علائقي کي آباد ڪيو. سمن جي آخري دور ۾ علم فقہ کي تعليمي نظام ۾ اهميت ملڻ لڳي. "بياض واحدي" جلد ثاني مان سما دور جي هڪ ٻئي بزرگ مخدوم و قاضي برهان الدين بن شيخ شهاب الدين (صديقي) جي فتوائن ۽ بياض جو ڏس ملي ٿو. شيخ شهاب الدين سهروردي ثاني جو هڪ فرزند شيخ معروف پاٽ ۾ رهيو، جڏهن تہ سندس ٻئي فرزند جو مقبرو پاٽ کان 25 ڪلوميٽر اتر- اولهہ طرف ڪڪڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهہ جي وچ ۾ "خانپور" ۽ "ڪلي" جي ڳوٺن طرف ويندي واٽ تي موجود آهي. مقامي روايتون بہ سندس سما دور جي هجڻ جي تائيد ڪن ٿيون. مٿس دولهہ درياخان مقبرو جوڙايو. سندس نالي سان گڏ "مخدوم و قاضي" جا لقب ٻڌائن ٿا تہ هي بزرگ زاده مخدوم، ڪڪڙ جي علائقي جو قاضي مقرر ٿيو هو.

سمن جي دور ۾ علم فقہ جي ترويج قاضن جي بيتن مان بہ ٿئي ٿي. ائين ٿو لڳي تہ "ڪنز" ۽ "قدوري" ديني تعليم ۾ بنيادي حيثيت رکندڙ ڪتاب هئا. سمہ دور جا ٻہ ٻيا وڏا عالم، جن جو تعلق خانواده مسيح الاولياءَ سان هو، سي مخدوم عباس پاٽائي ثم هنگورجائي ۽ مخدوم رڪن الدين هئا. هي بزرگ تفسير، حديث ۽ بين

علمن جا وڏا عالم هئا. سمہ حڪومت جي خاتمي (927هہ) کان پوءِ سنڌ جون عمومي حالتون افراتفريءَ جو شڪار ٿيڻ لڳيون. تعليمي نظام جو تسلسل ٽٽڻ لڳو. مخدوم عباس جي وفات کان پوءِ مسيح الاولياءَ شيخ عيسيٰ جندالله پاٺائي، جيڪو ننڍپڻ کان ئي پنهنجي چاچي شيخ طاهر محدث وٽ برار ايندو ويندو رهيو ٿي. برهانپور ۾ عقد ثاني ۽ شيخ لشڪر محمد عارف جي مريدي حاصل ڪرڻ کان پوءِ مستقل اقامت اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. برهانپور ۾ عقد ثاني يعني برهانپوري گهر واري بي بي خديجہ مان ڪيس بابا فتح محمد، صاحب ڪتاب "مفتاح الصلواة" پيدا ٿيو. سندس ولادت جي سن جو ذڪر گلزار ابرار ۽ ڪشف الحقائق ۾ موجود ڪونهي. البت واقعات مان سندس ولادت جو اندازو لڳايو ويو آهي، جيڪو 1000هہ/1591ع يا ان جي ويجهو ڪو سال بيهي ٿو. سندس نالو عبدالرحمان ۽ ڪنيت ابوالمجد آهي. مگر سندس والد ڪيس پيار مان بابا فتح محمد جي نالي سان پڪاريندو هو، جيڪو اڳتي هلي عام ٿيو، جو سندس اصل نالو ڪن تورن ئي کي معلوم آهي. سن1017هہ / 1608ع ۾ ڪيس پنهنجي والد وٽ تفسير، حديث ۽ فقہ پڙهندي ڏيکاريو ويو آهي. ان حساب سان سندس والد جي وفات وقت، سندس عمر 31-32 يا ان جي ويجهو بيهي ٿي. ان وقت پاڻ خانقاه سان ڳنڍيل مدرسي جا مهتمم هئا. حضرت مسيح الاولياءَ جي فرزند ڪلان شيخ عبدالستار جي وفات ۽ سندس فرزند ابوالقاسم کي سرمست قرار ڏيڻ جا واقعا بابا فتح محمد جي اکين اڳيان ٿيا. پاڻ بہ اوچتو مسند ارشاد 'شطاري خانقاه برهانپور' تان دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجا مشغلا تصنيف ۽ تاليف تائين محدود رکيا. اهڙيءَ طرح پاڻ پنهنجي حياتيءَ جا 30-35 سال گذاري ڇڏيا. 1654ع ڌاري پنهنجي تمام جائداد متعلقين ۾ ورهائي ڏيڻ کان پوءِ هميشہ لاءِ برهانپور کي خيرباد چئي مدينہ منوره ۾ اقامت اختيار ڪيائين. حياتيءَ جا باقي رهيل تقريباً 14 سال روضہ رسول الله ﷺ جي ڇانوَ ۾ درس و تدريس ڏيندي گذاريائين. 1080هہ ڌاري وفات ڪيائين ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

مديني منوره ۾ مستقل قيام کان اڳ سنڌس سنڌ ۾ اچڻ جو احوال المڪتوب الحبيب (قلمي 1332هه) ۽ ڪتبخاني ڪوٽڙي ڪبير ۾ "جهة الڪعبه" جا موجود چند اوراق آهن. جنهن جو نقل مخدوم غوث محمد گوهر صاحب بنده عنايت ڪيو. المڪتوب الحبيب ۾ لکيل آهي ته: "جن ڏينهن ۾ حضرت بابا شاهه (بابا فتح محمد) جوڪ موجب لکيئي اولاد سنڌس معلوم تو ٿئي ته برهانپور مان پاڻ حضرت محدث پاتر ۾ پنهنجي پائٽي مخدوم حسن قاري پاتري قدس اسرارهم جا ملاقي هئا. تن ڏينهن ۾ ڪيترا ڪتاب معدوده به طريق هب جي پنهنجي پائٽئي مخدوم قاري ابن شيخ شهرالله ابن مسيح الاولياءَ عليه الرحمهم کي لکي ڏنا هئائون. ورق آخرين شرح الموافق جيتي پــَرَ اتي نسب آبائي قاريءَ (مخدوم حسن قاري) جو هن ريت ساڻ لکيو اٿن:

"نقل نشان خاتم عسيٰ ان يبعثک ربک مقاما محمودا.
شجر مبارک به مواهير علما وامرا هندوستان شرح آنک هذه شجرة اصلها ثابت و فرعها في السماءِ وکتبتها مطابق لاصلها ماثبت بمواهير المتدنين وسلمتها لابن اخي الشيخ محمد حسن القاري ابقاءَ الله تعاليٰ وهو ابن الشيخ رمضان وهو ابن ابي قطب الاقطاب الشيخ عيسيٰ الباتائي البرهانپوري وهو ابن الشيخ قاسم نور الله مرقده وهو ابن الشيخ يوسف."

المڪتوب الحبيب جي مٿئين بيان کان علاوه، ذڪر ڪيل 'جهة الڪعبه' جا اُهي چند اوراق- جن ۾ سج جي پاڇي جي حساب سان سن، سيوستان ۽ پاٽ ۾ نماز جا وقت مقرر ٿيل آهن- بابا فتح محمد جو سنڌ ۾ سفر جو احوال ڏين ٿا. انهن ورقن کي ضميمي طور ترجمي سان ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنو ويو آهي. ڪانئس پوءِ يا ويجهي ئي زماني ۾ مفتاح الصلواة جي اصل نسخي تان ڪيترن ئي نقلن جي تياري پڻ انهيءَ ڳالهه ڏانهن واضح اشارو ڪري ٿي، ته هي ڪتاب سنڌس حياتيءَ ۾ ئي سنڌ جي عامن جي مطالع هيٺ رهيو.

## مفتاح الصلواة جو بنياد:

بابا فتح محمد سنڌيءَ جي تحريرن ۾ سڀ کان وڌيڪ شهرت ماڻيندڙ ڪتاب "مفتاح الصلواة" آهي، جنهن هند ۽ سنڌ ۾ يڪسان مقبوليت حاصل

ڪئي. هيءُ ڪتاب پنهنجي پاڙج شيخ احمد بن سليمان ڪي تعليم ڏيڻ لاءِ تحرير ڪيائون، پر سندن اصل مقصد عوام الناس جو ڀلو هو. انهيءَ ڪتاب جو بنياد حرفي اشارن تي مبني انهن ٽن بيتن تي آهي: جن لاءِ خود مصنف فارسي نسخي جي آغاز ۾ رقمطراز آهي:

"بزرگ از علمائي سندهه فرائض و واجبات وسنن را درسه بيت بحروف اشارت کرده است که اکثر اوقات حضرت ما (ماءُ) صاحب تعليم ميفرمودند."

"برهانپور ڪي سنڌي اولياءَ" ۾ راشد برهانپوري انهن شعرن جو تعارف ڪرائيندي لکي ٿو:

"کسی سندھی بزرگ کے حرفی اشارات میں تین شعر مشہور تھے اور اس قدر مشہور تھے کہ تعلیم یافتہ گھرانوں میں مستورات کو بھی ازبر تھے اور وہ اپنی اولاد کو صغر سنی ہی میں یاد کرادیا کرتی تھیں۔ خود حضرت شیخ فتح محمد نے بھی اپنی والدہ محترمہ سے سیکھے تھے۔ جیسا کہ مفتاح میں مذکور ہے۔"

انهن بيتن متعلق المڪتوب الحبيب جي تحرير پڻ سني ڄاڻ فراهم ڪري ٿي:

"اهي بيت حضرت مولانا محمد زاهد علماءَ سنڌ جا، جنهن مدرسي پاتر (پات) ڪان هئا، سي عالم سنڌ جا حضرت عبدالستار ۽ شيخ رمضان شهر الله پاتري ۽ مخدوم عثمان محدث وغيره سندن اولاد امجاد ڪي تعليم ڏيندا هئا. مدرسا پريل برڪات جا گهڻا هئا. هڪڙي مدرسي جي نشاني هت ظاهر تي ڏيڪارجي: نقل از ڪتاب "مراح الارواح" مورخ 972 (1565ع) الضعيف الخفيف الراجي الي (اعلي) رحمة الله عزيز العليم، موسيٰ بن بدر الدين في مدرسة مولانا واولينا وهو الزاهد الزاهدين واعظ الملوک والسلاطين مولانا فريد الحق والملة والدين سلمه الله تعاليٰ وابقاه الي يوم الدين شيخ الاسلام برڪنه الانام الموليٰ

الفاضل ذوالهمم نظاما مخدوما قاضي بن قاسم مدد الله عمره ونفعنا به الیٰ يوم الدين وسائر المبتدين من الطالب الذين في بلدة المباركة قبة الاسلام "پاتر" سلمها الله تعالیٰ وصانها الله من الافات والبليات وقد تم الكتاب المسمیٰ "بمراح الارواح" من الشهر العظيم المبارک شهر رمضان اثنين وسبعون (رمضان 972هـ/1556ع) وتسمائة من الهجرة النبوية عليه افضل الصلواة واكمل التحيات وقد كتبت لاجل نفسي ونفع غيري من ادعیٰ سواه بطل دعواه"

(المكتوب الحبيب قلمي)

انهن شعرن ۾ نماز جي فقهي مسئلن کي ڪجهه اهڙي انداز ۾ حرفي اشارن ۽ لايعني لفظن ۾ قيد ڪري منظوم شڪل ڏني وئي آهي، جو نندڙو ٻار به انهن کي برزبان ياد رکي سگهي. انهن شعرن مان لڳي ٿو ته حفظ ڪرڻ جو اهو طريقو قديم زماني کان سنڌ ۾ مروج هو. اڄڪلهه ته بين الاقوامي تنظيمن ۽ معاهدن جا طويل نالا مخففات ۾ قيد ڪيا وڃن ٿا. انهن جا ڊگها نالا ياد ڪرڻ بجاءِ لفظن جا پهريان اکر ڪٺي لايعني لفظ جوڙي ياد ڪيا وڃن ٿا. مفتاح الصلواة به انهيءَ هيئت جي شعرن جي اشارن جو تفصيل آهي. اهي ٽي شعر هي آهن:

(1) فرائض نہ داني شوي در قلق
اججس نوق تقق رسق

(2) چو واجب نداني شوي در خطر
فضت تقت لقت جسر

(3) چو سنت بداني شوي مقتدا
روث تبت تست ددا

شاعر پهريائين شعر جي ذريعي فرض، واجب ۽ سنتن جي متعلق اهم نڪتا بيان ڪري ٿو. پوءِ لايعني لفظن ذريعي فرض واجبن ۽ سنتن جا پهريان اکر ڪٺندي انهن کي محفوظ ڪري ٿو. اسين انهن شعرن جي وضاحت کي هيٺين چارٽ ذريعي بهتر سمجهي سگهنداسين:

## (1) فرائض:

# فرائض نه داني شوي در قلق

### (اگر نماز جي فرائض کان واقف نہ آهين تہ پريشان ٿيندو رهندين)

أجَـــجــس نُـــوَق تُـــقَـــق رَسَـــــق

13 12 11 10 9 8 7 6 5 4 3 2 1

| نمبر شمار | حرف | لفظ/فارسي جملو | سنڌي ترجمو |
|---|---|---|---|
| 1 | ا | اندام پاک کردن | نهائي جو پاڪ ڪرڻ |
| 2 | ج | جاي پاک کردن | جڳهہ جو پاڪ ڪرڻ |
| 3 | ج | جامہ پاک کردن | ڪپڙن جو پاڪ ڪرڻ |
| 4 | س | ستر عورت کردن | اوگهڙ ڍڪڻ |
| 5 | ن | نيت کردن | نيت ڪرڻ |
| 6 | و | وقت شناختن | وقت جو ڄاڻڻ |
| 7 | ق | مقابل قبله ايستادن | قبلي رخ تي بيهڻ |
| 8 | ت | تکبير اولي گفتن | پهرين تڪبير چوڻ |
| 9 | ق | قيام کردن | قيام ڪرڻ |
| 10 | ق | قرائت خواندن | قرائت ڪرڻ |
| 11 | ر | رکوع کردن | رڪوع ڪرڻ |
| 12 | س | سجده کردن | سجدو ڪرڻ |
| 13 | ق | قاعده آخرين نمودن | آخري قعدي ۾ ويهڻ |

## (2) واجبات:

### چو واجب نداني شوي در خطر

(جيڪڏهن واجب نہ ڄاڻندين تہ خطرناڪ حالت پيش ايندئي)

فُـضَـت تُـقَـت لُـقَـت جَـسَـر

1 2 3 4 5 6 7 8 9 10 11 12

| نمبر شمار | حرف | لفظ/فارسي جملو | سنڌي ترجمو |
|---|---|---|---|
| 1 | ف | فاتحه خواندن | فاتحه (الحمد) پڙهڻ |
| 2 | ض | ضم سورت نمودن | فاتحه سان گڏ سورت ملائڻ |
| 3 | ت | تعين قرائت در دو رکعت | فرض جي پهرين ٻن رکعتن کي الحمد جي تلاوت لاءِ معين ڪرڻ |
| 4 | ت | تعديل ارکان نمودن | نماز جا رکن اطمينان ۽ سکون سان ادا ڪرڻ |
| 5 | ق | قعده اوليٰ نشستن | پهرئين قعده ۾ ويهڻ |
| 6 | ت | تشهد در هر دو قعده خواندن | ٻنهي قعدن ۾ تشهد (التحيات) پڙهڻ |
| 7 | ل | لفظ سلام در آخرين گفتن | نماز ختم ڪرڻ وقت السلام عليڪم چوڻ |
| 8 | ق | قنوت در وتر خواندن | وتر ۾ دعاءِ قنوت پڙهڻ |
| 9 | ت | تکبيرات در هر دو عيد گفتن | ٻنهي عيدن جي نماز ۾ اضافي ڇهہ تڪبيرون چوڻ |
| 10 | ج | جهر خواندن در نماز جهري | جهري نمازن ۾ ڏاڍيان پڙهڻ (صبح، مغرب، عشا، جمعہ، عيدين) |
| 11 | س | سر خواندن قرائت در ظهر و عصر | ظهر ۽ عصر ۾ آهستي قرائت ڪرڻ |
| 12 | ر | رعايت ترتيب نمودن | ترتيب جي پابندي ڪرڻ |

## (3) سنتون:

### چو سنت بداني شوي مقتدا

**(سنتون چاڻندين تہ ماڻهن جو رهبر ٿي ويندين)**

رُ وُ ث   تُـبَـت   تُـسَـت   دَ دَ ا

1 2 3   4 5 6   7 8 9   10 11 12

| نمبر شمار | حرف | لفظ/فارسي جملو | سنڌي ترجمو |
|---|---|---|---|
| 1 | ر | رفع يدين در وقت تکبير اول کردن | تکبير تحريمه چوڻ وقت کنن تائين هٿ آڻڻ |
| 2 | و | وضع يمين بر شمال | کابي هٿ تي ساڄو هٿ رکڻ |
| 3 | ث | ثنا يعني سبحاک اللهم خواندن | ثناءَ يعني سبحانک اللهم پڙهڻ |
| 4 | ت | تعوذ خواندن | اعوذ باالله پڙهڻ |
| 5 | ب | بسم الله گفتن | بسم الله پڙهڻ |
| 6 | ت | تکبيرات انتقالات گفتن | هڪ رکن مان ٻئي رکن ۾ وڃڻ وقت الله اکبر چوڻ |
| 7 | ت | تسبيح رکوع و سجود گفتن | رکوع ۾ سبحان ربى العظيم ۽ سجدي ۾ سبحان ربى الاعلىٰ چوڻ |
| 8 | س | سمع الله خواندن | سمع الله لمن حمده چوڻ |
| 9 | ت | توقف در قومه و جلسه نمودن | رکوع کان پوءِ قومہ يعني چيلهہ سڌي ڪري بيهڻ ۾، ۽ سجدي کان پوءِ جلسہ يعني ويهڻ ۾ تورو ترسڻ |
| 10 | د | دعاءَ خواندن | دعا گهرڻ |
| 11 | د | درود خواندنن | درود پڙهڻ |
| 12 | ا | آمين گفتن | آمين چوڻ |

مفتاح الصلواة انهن لايعني لفظن جي اشارن جو تفصيل آهي. مصنف اهي شعر پنهنجي ويڳي سنڌي ماءُ زوجہ اول مسيح الاولياءَ شيخ عيسيٰ جندالله پاٽائي ٺٽر برهانپوريءَ کان سکيا ۽ انهن کي بنياد بڻائي ڪتاب تحرير ڪيو. پاڻ اهو ڪتاب 1061هہ/1652ع ۾ مڪمل ڪيائين. جنهن ۾ بعد جي ڪجهہ سالن ۾ اضافا پڻ ڪندو رهيو.

هن ڪتاب مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان موضوع تي پاڻ هڪ ڪتاب عربي بوليءَ ۾ اڳ بہ تحرير ڪيو هئائون. ان جو نالو "فتح المذاهب الاربعة" آهي ۽ اهو سن 1050هہ/1640ع ۾ لکي پورو ڪيائين. پاڻ لکي ٿو تہ:

"بدانکہ در مسائل وضو و تيمم و مسح خفين و آب وضو وغيره از مقدمات نماز اختصار واقع شد هرکہ خواهد مستوعبا معہ دلائل ومسائل کما يحق وينبغي همہ را مطالعہ نمايد فعليہ بملاحظہ فتح المذاهب الاربعہ للکاتب (بابا فتح محمد) فانہ کان في المسائل التفصيلية و واف للمطالب العلميہ. انشاءَ الله تعاليٰ."

ان کان علاوه پاڻ رسالہ جهة الکعبة، رسالہ مستحب وقت عشا و ظهر، مثنوي تنزل الحق جل و علا عقيده صوفياءَ فتوح العقائد ۽ فتوح الاوراد لکيا اٿن.

## نماز جو موضوع ۽ علماءَ سنڌ:

نماز اسلام جو بنيادي رکن هئڻ کري، عالمن آڏو وڏي اهميت جو حامل رهيو آهي. سنڌ جي عالمن بہ ان موضوع تي پنهنجون حياتيون صرف ڪيون آهن. سنڌن پورهيو ڪنهن قيمتي وٿ کان گهٽ ڪين آهي. انهن جو ذڪر بي محل تہ نہ ٿيندو، بلڪ اسين ان سلسلي ۾ مفتاح الصلواة جي گذشتہ سان پيوستہ ڪڙي جي اهميت ۽ جڳهہ کي پڻ آسانيءَ سان سمجهي سگهنداسين.

1- علامہ رحمت الله سنڌي مدينہ منوره ۾ "غاية التحقيق ونهاية التدقيق في مسائل ابتليٰ بها اهل الحرمين الشريفين" تحرير ڪيو. ان ۾ نماز جا پنج مسئلا 1- اقتداءِ بالمخالف 2- جماعة ثانية 3- وقت العصر 4- قراة خلف الامام 5- سنة بعد الجمعة. جي متعلق لکيائين. پاڻ 993هہ ڌاري مدينہ منوره ۾ ٿي وفات ڪئي.

2- علامه رحمة الله سنڌيءَ جي ياءُ علامه حميد سنڌي "القول الحسن في جواز الاقتداءِ بالامام الشافعي في النوافل و السنن" تحرير ڪيو. هي ڪتاب نفلن ۽ سنتن ۾ امام شافعي مسلڪ جي امام جي اقتداءَ ڪرڻ جي تائيد ۾ تحرير ڪيو ويو. پاڻ 1006هه ۾ مدينه منوره ۾ حيات هئا.

3- **مفتاح الصلواة:** ان سلسلي جي ٽين اهم ڪڙي آهي. هيءُ ڪتاب فقه حنفي جي اصولن تي مرتب ٿيل آهي. سنڌ جي عالمن ۾ ان جي مقبوليت مان اندازو ٿئي ٿو، ته هن علائقي ۾ مفتاح الصلواة لکجڻ سان فقه حنفي کي وڌي هٿي ملي. مقدمه مصلح المفتاح ۾ سرتاج العلماءَ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن رقمطراز آهن ته:

> "هيءُ ڪتاب نماز جي ڪنجي متئين ڪتاب (القول الحسن في جواز الاقتداءِ بالامام الشافعي في النوافل و السنن) کان پنجاهه سال کن پوءِ سن1061هه ۾ سنڌ جي هڪ برگزيدي خاندان جي هونهار فرزند مخدوم فتح محمد لکيو. مخدوم فتح محمد، مشهور عالم شيخ عيسيٰ جندالله جو فرزند هو. هي بزرگ اصل پاٽ شهر جا هئا، جن لڏي وڃي هندستان ۾ برهانپور کي وسايو هو. مخدوم فتح محمد جو هيءُ ڪتاب نهايت ئي مقبول پيو ۽ نماز جي مسئلن بابت ان کي سَنَد ڪري مڃيو ويو. سنڌ کان ٻاهر ٽوڙي سنڌ ۾ هن ڪتاب جي مطالعي ۽ تحقيق ڏانهن خاص توجهه ڏنو ويو. اسان جي مصنف سيد علي محمد شاه پنهنجي ڪتاب (مصلح المفتاح) يعني "سيد دائري وارن جي سنڌي" جو بنياد پڻ هن ڪتاب تي ئي رکيو آهي."

4- مفتاح الصلواة کان 30 سال پوءِ ٺٽي جي عالم ابوالحسن سنڌي مقدمه الصلواة لکيو.

5- مخدوم ابوالحسن ڏاهري 1162هه ۾ سراج المصلي تحرير ڪئي.

6- مخدوم عبدالواحد سيوستاني جي ڪتاب "بياض واحدي" ۾ "ڪتاب الصلواة" لکيو ويو.

7- **ترتيب الصلواة:** خانواده مسيح الاولياءَ جي هڪ فرد مخدوم فضل الله پاٽائي 13 صدي جي آخري اڌ ۾ هي ڪتاب نظم ۾ تحرير ڪيو.

**8- رسالہ نماز فرائض سنڌي:** قاضي نور محمد بن آخوند محمد حسن قريشي سانوٽي هالائي سنڌي نثر ۾ هيءُ ڪتاب تحرير ڪيو، جيڪو 1891ع ۾ بمبئي مان شايع ٿيو.

مٿي بيان ڪيل سڀني ڪتابن جي موجودگي باوجود سنڌ ۾ سڀني کان وڌيڪ اهميت ۽ شهرت مفتاح الصلواة ۽ ان کان پوءِ مقدمة الصلواة کي حاصل ٿي.

## مفتاح الصلواة تي ٿيل وڌيڪ تحقيق:

مفتاح الصلواة شروع کان ئي سنڌ جي عالمن ۽ مدرسن ۾ مطالعي هيٺ رهيو، جنهن ڪري ان تي حواشي لکجڻ سان گڏ ترجما بہ ٿيا. بعض عالمن ان ۾ پنهنجي استطاعت مطابق اضافا بہ ڪيا. سڀ کان پهريائين مصنف خود ان ڪتاب ۾ موجود مسئلن تي تعليقات ۽ تصريحات لکيون، جنهن کي "منهيات المفتاح" چيو ويجي ٿو. هن وقت تائين جي تحقيق موجب مخدوم انور اهو پهريون بزرگ آهي، المڪتوب الحبيب قلمي ۾ ڄاڻايل آهي تہ مخدوم محمد صادق گچيرائي هن ڪتاب جي شرح "مصباح النجاة" جي نالي سان لکي. جنهن مفتاح الصلواة جو سنڌي ترجمو ڪيو. مخدوم فضل الله پاٽائي پنهنجي تحرير "اصلاح المصلح المفتاح" جي مقدمي ۾ ان ترجمي متعلق لکي ٿو تہ: "ڪتاب مفتاح الصلواة تصنيف مخدوم فتح محمد عليه الرحمة در بيان مسائل عباداتي بزبان فارسي بوده- پس مخدوم محمد انور لارائي اورا براي سهوليت مردمان سند بزبان سندي ترجمہ نموده."

پر ان کي عام طرح ناقص ترجمو سمجهيو ٿو وڃي، جنهن ڪري سيد علي محمد شاه دائري واري 1277هـ ۾ هڪ ٻيو ترجمو سنڌي زبان ۾ ڪيو جنهن جو نالو "مصلح المفتاح" رکيائين. ان ڪتاب کي عام طرح "دائري وارن جي سنڌي" پڻ چيو ويندو آهي. سيد علي محمد شاه جي همعصر عالم مخدوم فضل الله پاٽائي ان جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. پاڻ مقدمي ۾ ان ترجمي جو احوال هن طرح ڄاڻايو آهي:

> "اترين پاڳي جو وينل هڪ شخص شرافت نصاب مروت مآب ميان غلام حيدر جو حرمين شريفين جي سفر سانگي ۽ دائي پاٽيءَ جي ڇڪ سببان 'پاٽ' جي شهر ۾ آيو ۽ هن فقير زاده (فضل الله) جي

سجاده نشين ميان نظام الدين وٽ علم جي تحصيل ڪرڻ لڳو، تنهن کي اتفاقاً جڏهن هن ڪتاب (سنڌي مصلح المفتاح) جي خبر پئي تہ ان جي مطالعي ڏانهن راغب ٿيو، مگر سنڌي زبان جي ڏکيائي سندن ذوق جي راهہ ۾ مانع ٿي. انهيءَ ڪري احقر فضل الله هن ڪتاب جي حجاب کي هٽائڻ خاطر ان کي وري فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو تہ ڏکيائي آسانيءَ ۾ تبديل ٿئي ۽ ان فارسي ترجمي جو نالو 'اصلاح المصلح والمفتاح' رکيو ويو."

پاڻ هيءُ فارسي ترجمو 1284هہ /1867ع ۾ لکي پورو ڪيائون. ان ترجمي ۾ شامل مختلف مسئلن جي آخر ۾ مخدوم صاحب پنهنجي طرفان تنبيهات ۽ اختلاف راءِ کان سواءِ بعض جڳهن تي اضافا پڻ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو پاڻ ئي ان ڪتاب جو نالو "اصلاح المصلح المفتاح" رکيو اٿس. مخدوم صاحب جو تعلق پڻ صاحب ڪتاب مفتاح الصلواة جي خاندان سان آهي.

راقم ذاتي ڪوشش وٺي ڪتاب "مفتاح الصلواة" جي اصل فارسي متن جو هيءُ سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪرايو آهي، جنهن جي شايع ٿيڻ جي پڻ جلد اميد ڪجي ٿي. ان نسخي جو مترجم مولانا محمد انس راڄپر صاحب آهي. مترجم جو استاد محترم ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو صاحب ان ڪتاب کي هڪ دفعو وري مدرسن جي نصاب ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ پڻ ڪوشان آهي. جيئن سنڌ واسي ان مان لاڀ پرائين.

## مفتاح الصلواة جا قلمي نسخا:

ڪنهن بہ قديم ڪتاب جي مقبوليت جو اندازو ان جي قلمي نسخن، ترجمن ۽ متس لکيل حواشي ۽ حوالن مان پڻ لڳايو ويندو آهي. مفتاح الصلواة جا قلمي نسخا اڄ بہ سنڌ جي قديم ڪتبخانن ۾ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. بلڪ پنجاهہ يا ان کان بہ اڳ جي سالن جا ڇاپي نسخا پڻ قديم علمي خاندانن جي ڪتبخانن جي زينت بڻيل آهن. مانواري قاضي شوڪت علي قريشي هالا پراڻا جي ڪتبخاني ۾ اهڙا ڪجهہ ڇپيل نسخا ڏسڻ لاءِ مليا. ان کان علاوه ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو صاحب جي ڪنڊياري ۾ موجود مسجد ۽ مدرسہ سان متصل عظيم ڪتبخاني قاسميہ لائبريري ۾ پڻ ان ڪتاب جا ناياب ڇاپي نسخا موجود آهن.

محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب مقدمہ مصلح المفتاح جي حواشي ۾ ٻن قلمي نسخن جو ذڪر ڪرڻ فرمايو آهي، جيئن پاڻ هالا پراڻا ۾



1274ھ ۾ عبدالله ولد محمد عابد جو ڪتابت ڪيل
نسخو- موجود سنڌالاجي ڄامشورو



عڪس 1182 ۾ ڪتابت ڪيل مفتاح الصلواة جو
نسخو موجود ڪتب خانہ ڪنزالعلوم مدرسہ سومراٽي
رستم شڪارپور



1355ھ جو ڇاپي سنڌي نسخو
ڪـتـبـہ عبدالرحيم ساڪن ڪوٽ عالم
ڇپائيندڙ هيمنداس ڇيتانند بڪ سيلر سکر






ومن يتوكل على الله فهو حسبه


لا إله إلا الله محمد رسول الله

بسم الله الرحمن الرحيم

كتب خانہ قاسميہ كنديارِي ۾ موجود ڇاپي نسخا ،
ڊاڪٽر مولانا محمد ادريس السنڌي جن جي ٿورن سان

ڏنائون. انهن مان هڪ جو ڪاتب محمد حافظ بن محمد محرم آهي، جنهن ان جي ڪتابت 1210ھ ۾ ڪئي. جڏهن ته ٻئي نسخي (1231ھ) جو ڪاتب موسيٰ نالي آهي. ڊاڪٽر صاحب جن اڳتي لکن ٿا ته: "خود مصنف واري نسخي تان سنڌ ۾ اوائلي نسخا نقل ٿيا. اهوئي سبب آهي جو گهڻو ڪري سنڌ جي سيني قلمي نسخن جي آخر ۾ هي عبارت نقل ٿيل آهي ته: "تم مفتاح الصلواة بيد مؤلفه في سنه احدي وستين بعد الالف من الهجرة."

انهن کان علاوه به ڊاڪٽر صاحب هڪ ٻئي نسخي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو ڪاتب هالڪندي جو هو. نسخي تي "ڪتبه الجليل 1157ھ" جا الفاظ لکيل آهن. سنڌالاجي ڄامشوري ۾ پڻ ٽي نسخا موجود آهن.

(1) هڪ نسخو جنهن جي آخر ۾ هي لفظ لکيل آهن: "1061 تم مفتاح الصلواة بيد مؤلف."

(2) هڪ ٻيو نسخو جنهن جي آخري صفحي تي ڪاتب جو نالو محمد حسن ولد حافظ محمد عابد ۽ سن ڪتابت 1201ھ تحرير آهي. ڪاتب جي رهائش جي متعلق "ساڪن ديهه سونده" جا لفظ لکيل آهن.

(3) ٽيون نسخو جنهن جو ڪاتب عبدالله ولد مرحوم محمد عابد 1274ھ آهي.

سنڌ کان ٻاهر پڻ هن ڪتاب جا ڪيترائي قلمي نسخا تيار ٿيا ۽ اُن جو ترجمو ڪيو ويو. يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هندستان ۾ به هن ڪتاب کي ساڳي پذيرائي ملي. دارالسرور برهانپور جي هڪ عالم فاضل محترمه حسينه بيگم صاحبه خط جي ذريعي ٻڌايو، ته هندستان ۾ پڻ هن جا ٽي مختلف ترجما ٿي چڪا آهن.

محترمه، ڊاڪٽر شيخ فريد برهانپوريءَ جي همشيره آهي، جنهن "فارسي ادب جي ارتقا ۾ برهانپور جو حصو" تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. محترمه جي معلومات جو ذريعو پڻ اهو مقالو آهي. پاڻ لکن ٿيون ته ان جا ترجما (1) شاهه سعد الدين (2) قادر علي ڪمتر (3) سيد امام الدين علي دهلوي ڪيا ۽ انهن جا قلمي نسخا ڪتبخانه آصفيه سالار جنگ ميوزم ۽ ڪتبخانه اداره ادبيات اردو حيدرآباد ۾ موجود آهن.

**سليم الله**

پاٽ هاؤس حيدرآباد

# مترجم پاران

سنڌي ٻولي جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اوائلي اسلامي دؤر کان سنڌ جي عدالتي ۽ تدريسي زبان رهي آهي.[1] پر تصنيف ۽ تاليف سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارهين صدي هجريءَ کان شروع ٿي، جڏهن ته سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ شاعري جي ٿيڻ جو سراغ قاضي قادن (87-958هه) جي ڪلام جي صورت ۾ اجا به آڳاٽو آهي. پر سردست نثر ۾ لکيل سنڌي ڪتاب ابو الحسن ٺٽويءَ جو ئي آهي، جيڪو سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتابن مان سڀ کان پهريون آهي. تاريخ جي هڪ روايت جيتوڻيڪ اها به آهي ته ابوريحان البيروني پنجين صدي هجريءَ ۾ جڏهن سنڌ ۾ آيو ته ان رياضيءَ جا ڪافي علمي بحث سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا.[2] پر اهي اسان وٽ موجود ڪونه آهن.

هن کان اڳ سنڌ ۾ سنڌ جي عالمن تمام گهڻيون تصنيفات ۽ تاليفات پنهنجي قلم مان ڪڍيون. جيڪي سڀ جو سڀ عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ هيون. ظاهر آهي ته انهن جو مقصد ان دور جي علمن کي پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن ۾ عام ڪرڻ ئي هو. جنهن مقصد اڳتي هلي سنڌ جي عالمن کي هن خيال تي آندو ته عام سنڌي لوڪن تائين معلومات جي فراهميءَ لاءِ مادري ٻوليءَ ۾ لکڻ ضروري آهي. ۽ نيٺ انهيءَ خيال سنڌي تصنيفات ۽ تاليفات لاءِ راهه هموار ڪئي.

مفتاح الصلواة 1061هه ۾ شيخ فتح محمد بن عين العرفاءِ شيخ عيسىٰ جندالله پاٽائي ثم برهانپوريءَ ان زماني ۾ فارسيءَ ۾ تاليف

---

(1) ندوي ابو ظفر تاريخ سنڌ صفحه 337

(2) الطرازي عبدالله مبشر. التاريخ الاسلامي في الحضاره الاسلامية لبلادالسند والبنجاب الجزء الاول صفحه 423

ڪيو، جڏهن سنڌ جي عالمن اجا سنڌيءَ ۾ لکڻ جو خيال دل ۾ نہ آندو هو. پر هيءَ اصل ۾ جيتوڻيڪ فارسيءَ ۾ آهي پر هن جي عام مقبوليت سبب هن ئي ڪتاب جي ڪُک مان کوڙ سنڌي ڪتابن جنم ورتو، جيڪي هن جي ترجمي جي صورت ۾ مروج ٿيا.

## پهريون سنڌي ترجمو:

سنڌ جي برک محقق عالم استاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي تہ، مفتاح الصلواة جو سڀ کان پهريون سنڌي ترجمو مخدوم انور نالي سنڌ جي عالم ڪيو. مصنف هيءَ ترجمو مفتاح الصلواة جي علمي اهميت، افاديت ۽ عام مقبوليت جي پيش نظر ڪيو. هن بابت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو اندازو آهي تہ شايد ٻارهين صدي هجريءَ ۾ سنڌيءَ ۾ ڪتابن لکڻ جو رواج پيو تنهن دور ۾ ترجمو ڪيو ويو.

## ٻيو سنڌي ترجمو:

مفتاح الصلواة جو ٻيو ترجمو "مصلح المفتاح" جي نالي سان سيد علي محمد شاه دائري وارن ڪيو. جيڪو استاد محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي تحقيق ۽ تصحيح سان سنڌ يونيورسٽيءَ 1970ع ۽ سنڌالاجيءَ 2004ع ۾ ڇپايو. هيءَ ترجمو سيد علي محمد شاه، مخدوم انور جي ترجمي جي اوڻاين کي نظر ۾ رکي انهن کي سڌاري وڌيڪ بهتر ۽ سهنو بنائي ان خيال سان ڪيو تہ مفتاح الصلواة سنڌي ماڻهن لاءِ وڌيڪ آسان ٿئي. هيءَ ترجمو مترجم 1277ھ ۾ پورو ڪيو، هيءَ "دائري واري سنڌي" جي نالي سان مشهور ٿيو.

## مختصر مصلح المفتاح:

سيد علي محمد شاه مصلح المفتاح جي لکي پوري ڪرڻ کان پوءِ ان جو اختصار لکڻ شروع ڪيو. جيڪو دائري وارن جي ننڍي سنڌيءَ جي نالي سان سڏجڻ لڳو. سن 1322ھ (1904ع) ۾ هيءَ مطبع فيض سبحاني ڪوٽڙيءَ مان ڇپجي شايع ٿيو.

## اصلاح المصلح والمفتاح:

مخدوم فضل الله پاٽائيءَ مفتاح الصلواة جي سهڻي سٽاءَ ۽ افاديت کي جڏهن محسوس ڪيو تہ وري ان جو سنڌيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيائين.

## ٽيون سنڌي ترجمون:

هيءُ مخدوم عبدالصمد ولد حاجي محمد مقيم نورنگ پوٽي تاريخ 15 محرم 1288هہ تي الف اشباع جي قافيي تي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جنهن جي قاضي عبدالرحيم نظر ثاني ڪئي ۽ ڪجھ منجهس اضافا بہ ڪيائين. هيءُ بہ دفعا ڇپيو آهي. هڪ دفعو 1293هہ مطبع مرغوب هردباري بمبئي. ٻيو 1355هہ ۾ هيمنداس چيتانند بڪ سيلر سکر ۾.

## مفتاح الصلواة جو اردو ترجمو مصباح الصلواة:

فارسي ڇاڪاڻ تہ تنهن دور ۾ هندستان جي علمي ٻولي هئي ۽ پوري برصغير ۾ علمي ٻوليءَ طور مروج هئي، ان ڪري مفتاح الصلواة نہ رڳو سنڌ ۾ پر پوري هندستان ۾ عام مقبوليت ماڻي ورتي هئي. اهو ئي سبب هو جو حضرت مولانا مولوي شاه سعدالدين صاحب مفتاح الصلواة جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو. پاڻ لکي ٿو تہ:

> ”بنده کي جڏهن تڪميل الايمان جي ترجمہ مان فراغت ملي تہ اڪثر دوستن، مهربانن ۽ محبتين زور ڀريو تہ مفتاح الصلواة، جيڪو فقھ جو نهايت اهم ۽ مقبول عام ڪتاب آهي. ۽ هر عالم وٽ ان جي فتويٰ منظور ۽ معتبر آهي، تنهن جو هوند ساڳئي تڪميل الايمان واري طريقي تي ترجمو ٿئي تہ اڪثر نون پڙهندڙن لاءِ نهايت آساني ٿي پئي. ان تي محنت ڪرڻ ذخيره عاقبت ۽ ان جي مسئلن بيان ڪرڻ ۾ وقت کپائڻ باعث سعادت ٿيندو. تڏهن مون بہ ان کي هر هڪ جي فائدي ۾ سمجهي................ 1241هہ ۾ خان بهادر غلام رسول خان

دام اقبالہ جي دور ۾ صاف هندستاني زبان ۾ ترجمون
ڪيو ۽ ان جو نالو مصباح الصلواة رکيو.“

هيءُ اردو ترجمو مطبع حيدري بمبئيءَ مان قاضي ابراهيم بن قاضي نورمحمد جي اهتمام سان ڇپيو.

## حواشي مفتاح الصلواة:

علوم اسلاميه جي هيءَ هڪ منفرد روايت رهي آهي، تہ جيڪو ڪتاب مقبول عام ٿيندو آهي. تنهن جا هڪ پاسي حاشين مٿان حاشيا لکجڻ شروع ٿيندا آهن تہ ٻئي پاسي شرحن مٿان شرح لکجڻ شروع ٿي ويندا آهن تہ ٽئين پاسي ترجمن جا ڍير لڳي ويندا آهن. مفتاح الصلواة سان بہ اهو ئي لقاءُ ٿيو. هڪ پاسي ان جا ڪوڙ ترجما ٿيا. جي حقيقت ۾ شرح بہ آهن. تہ ٻئي پاسي ان تي حاشيا بہ چاڙهيا ويا. مولانا محمد هادي علي نالي هڪ عالم مفتاح الصلواة جي مٿان فارسيءَ ۾ حاشيا چاڙهيا، محشي ان بابت پاڻ لکي ٿو:

”هيءُ ڪتاب برڪت ڀريو معتبر روايتن سان ڀرپور، نماز جي مسئلن جي بي حساب جزئيات تي مشتمل ڪائنات جي هدايتن جو خزانو آهي. منهنجي مراد آهي مفتاح الصلواة. جيڪو شريعت نبوي جي رهبر ملت حنفيءَ جي راهہ جي روشن ڏيئي. هر ويجهي توڙي پري واري جي رهبر مولانا فتح محمد سنڌي برهانپوريءَ جي تصنيف آهي الله ڪيس ڀلي جزا ڏئي. ڪيس رضا جي چشمن جو سرچشمو بنائي. هن کان اڳ بہ اهو ڇپجي چڪو آهي. پر ان جون رمزون ۽ پيچيدگيون جيئن گهربيون هيون تيئن نہ کوليون ويون هيون. تنهن ڪري رهبر جاده قويم، دليل صراط مستقيم حاجي حرمين شريفين مولوي محمد حسين جي چوڻ تي ڀهريائين ان جي متن جي تصحيح ڪيم. ان کان پوءِ ڪوڙ معتبر ڪتابن تان ڳچ فائدا منجهس اضافا ڪيم..... ۽ جناب

افادت مآب، تحقيق جي افق جي سج، امام وقت، مختلف علمن ۾ زماني جي يڪتا عالم حضرت استاذي مفتي محمد سعد الله ادامه الله ارشاده و ابقاه جي نظر مان پڻ ڪڍايم ۽ سندس اصلاح سان ٻه ڪيس مزين ڪيم."

مولانا هادي عليءَ جي تصحيح ۽ حواشيءَ سان مفتاح الصلواة جو هيءُ نسخو 1355ھ ۾ مطبع رزاقيءَ ڪانپور مان فارسيءَ ۾ ڇپيو.

## منهيات مفتاح:

هي اهي حاشيه آهن جيڪي مصنف پاڻ مفتاح الصلواة جي مسئلن جي وڌيڪ چٽائيءَ لاءِ مفتاح الصلواة مٿان چاڙهيا. مفتاح الصلواة جي دستياب خطي نسخن تي اهي اسان کي ڪٿي ڪٿي چڙهيل مليا آهن. البت قبله استاد محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب مصلح المفتاح جي مقدمي ۾ مصلح المفتاح جي حوالي سان جيڪو ان جو تذڪرو ڪيو آهي،ان مطابق اهي شايد وڌيڪ هجن، جيئن علي محمد شاه پنهنجي متن ۾ هڪ هنڌ ان جو ذڪر ڪيو آهي ته:

"تاپي منجهه منهياتن مفتاح جي پين معتبرن ۾ آهي مذڪورا" انهيءَ مان ۽ هنڌ هنڌ تي مصلح المفتاح ۾ ان جي حوالن نقل ڪرڻ منجهان اندازو ٿئي ٿو ته اصل ۾ هي تمام تفصيلي آهن.

## مفتاح الصلواة جون خصوصيتون:

اسلامي علمن ۾ محدث ڪنهن مسئلي کي حديث جي نقطہ نظر کان بيان ڪندا آهن. ۽ هڪ فقيهہ خاص طور اهو جڏنهن ڪنهن مجيل فقهي مسلڪ جو مقلد هجي ته مسئلي کي فقيهن جي اقوالن جي روشنيءَ ۾ ڏسندو آهي. مولانا مخدوم فتح محمد سنڌيءَ پنهنجي هن ڪتاب ۾ نماز جون مڙئي جزئيون،گهٽي ڪان گهٽيو، جيڪي پاڻ سهيڙي سگهيو آهي، سي سڀ جو سڀ فقهہ حنفيءَ جي نقطہ نظر کان حنفي فقيهن جي اقوالن جي روشنيءَ ۾ پيش ڪيون آهن.وڏي خوبي هن ڪتاب جي هيءَ آهي ته نماز پڙهندڙ آڏو جيترا به عملي مسئلا عمومن پيش ايندا آهن ممڪن حد تائين اهي

سڀ جو سڀ مصنف سهيڙي پيش ڪيا آهن. تڏهن بہ مسئلا ايترا گهڻا آهن جو سيني کي سهيڙڻ جي دعوا ڪوبہ مصنف نہ ٿو ڪري سگهي. مفتاح الصلواة جي مصنف پڻ اهو اعتراف ڪيو آهي تہ:

"هن رسالي ۾ اختصار جي خيال کان ڪوڙ مسئلا اسان ڇڏي ڏنا آهن.پر عمل جي لحاظ کان هي گنج آهن."

۽ هيءَ حقيقت بہ آهي ۽ پڙهندڙ بہ مطالعي کان پوءِ جيڪڏهن انصاف کان ڪم وٺندا تہ مڃي وٺندا تہ نماز جي مسئلن تي هيترو جامع ڪتاب سواءِ انهن ڪتابن جي جيڪي مصنف ماخذ طور ورتا آهن، علمي دنيا ۾ ڪو ٻيو مشڪل سان ملي سگهندو.

ان ڪري هيءُ ڪتاب نہ رڳو سنڌ ۾ پر پوري هندستان ۾ مقبول عام ٿيو. علمي حلقن ۾ هن جي فتوىٰ ۽ فيصلي کي معتبر ۽ مقبول مڃيو ويو. پوءِ جي سنڌ جي اڪثر مصنفن لاءِ هن ماخذي ڪتاب جو درجو ماڻي ورتو. علمي تحقيق جا طالب جيڪي ڪنهن بہ مسئلي بابت علمائن جا مختنف اقوال معلوم ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺندا آهن، تن لاءِ پڻ هن ڪتاب سند جي حيثيت ماڻي ورتي. مصنف ڪتاب جو بنيادي موضوع نماز کي ٻڌايو آهي. نماز جي فرضن واجبن ۽ سنتن ۾ ڪوتاهيءَ تي وعيد ذڪر ڪرڻ کان پوءِ فرض، واجب ۽ سنت جي شرعي تعريف ذڪر فرمائي اٿس. ان کان پوءِ نماز جا فرض، واجب ۽ سنتون بيان ڪيون اٿس. مصنف لکيو آهي تہ عين العرفاء شاه عيسىٰ جندالله سنڌي برهانپوريءَ جا فرزند هڪ شعر ذريعي نماز جي فرضن، واجبن ۽ سنتن جي تعليم ڏيندا هئا. مصنف اهو هن طرح ذڪر فرمايو آهي:

فرائض نہ جاڻي تہ ٿئي منجهہ قلق
اججس نوق تقق رسق
جي واجب نہ جاڻي تہ ٿئي منجهہ خطر
فضت تقت لقت جسر
جي سنت تون جاڻين تہ ٿين پيشوا
روث تبت تست ددا

مصنف شعر جي حرفن جي آڌار تي فرض، واجب ۽ سنتون بيان ڪيون آهن. ۽ انهن مان هر هڪ بابت الڳ الڳ احڪام بيان ڪيا آهن.

هڪ قابل مصنف جيان هڪ نقطي کان ڳالهه شروع ڪري مختلف ٽارين واري هڪ گنجان وڻ جيان ان کي ڦهلائي هڪ سرسبز ۽ ميويدار وڻ جي صورت ۾ هن تصنيف کي اسان آڏو پيش ڪيو اٿس. جنهن هيٺان جيڪو به علم جو طالب ايندو، سو خوب لاڀ پرائي ورندو.

مصنف هن ڪتاب کي درسي ڪتاب جي اصولن جي مد نظر شعر جي بنياد تي تصنيف ڪيو آهي. جو اهو طريقو شاگردن کي ڳالهيون ياد ڪرائڻ لاءِ انتهائي آسان ۽ لايائتو آهي. جيئن مصنف پاڻ به ٻڌايو آهي ته پاڻ هيءُ ڪتاب پنهنجي ڀائيجي شيخ احمد بن سليمان (جي تعليم) خاطر تاليف ڪيو.

سنڌ جا عالم جيڪڏهن هن ڪتاب کي درسي ڪتاب طور نصاب ۾ شامل ڪري وٺن ته هيءُ ڪتاب شاگردن لاءِ نهايت آسان ۽ بهترين فائديمند ثابت ٿيندو.

## مفتاح الصلواة جي اڳين ترجمن جي نوعيت:

مفتاح الصلواة جي ترجمن مان صرف هڪ ترجمو، جيڪو مخدوم انور سي کان پهريون پيرو سنڌيءَ ۾ ڪيو، سو اصل متن جو پورو جو پورو ترجمو هو. جنهن ۾ ڪاٿ ڪٽ ڪوٽ ۽ چند ڇاڻ نه ڪئي وئي هئي. جيئن ته سردست هيءُ ترجمو موجود ڪونهي تنهن ڪري ان بابت مصلح المفتاح واري جيڪو لکيو آهي، تنهن مان ان جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

جو سنڌيءَ ۾ تصنيف ڪيو هو مخدوم انورا
شال رحمتون رب رحيم جون هون تنهن سگوري کان
جنهن ڪيو تصنيف سنڌي کي ڪنا فارسيا،
تنهن ۾ تڪرار مسئلن جو ۽ پڻ اطالو اختلافا.

مفتاح الصلواة فارسيءَ ۾ هئڻ جي حالت ۾ اختلافي قولن رکڻ باوجود اهل علم وٽ مقبول بنيو، جو اهل علم جي نقطه نظر کان خود اها هڪ خوبي هئي تہ هڪ مسئلي بابت جيترا بہ مختلف قول هجن سي هڪ هنڌ گڏيل سامهون اچي وڃن. پر اهائي ساڳي خوبي مفتاح الصلواة جي سنڌي ترجمي تي وڃڻ کان پوءِ عام ماڻهن جي هٿن ۾ اچڻ وقت مونجهاري جو باعث بنجي پئي. بهرحال پهرئين مترجم ان کي جيئن جو تيئن پڙهندڙن آڏو آڻي ڇڏيو. جنهن ۾ مسئلن جي تڪرار ڏيکھ، اختلاف توڙي ڪن غلطين کي بہ جيئن جو تيئن ان پيش ڪري ڇڏيو تہ جيئن مصنف جي اصل شيءِ پڙهندڙ ڏسي سگهن. اهو ئي مونجهارو مصلح المفتاح جو موجب بنيو. جنهن کي سيد علي محمد شاه دائري واري فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ترجمي ۾ پنهنجي پيش رو مترجم مخدوم انور جي بہ ڪتي ڪتي پوئواري ڪئي اٿس. پر هيءُ ترجمو اصل متن کان تمام گهڻو آزاد ٿي لکيو ويو آهي. مصنف جيڪي اختلافي قول نقل ڪيا آهن سي پڻ جتي نامناسب ڄاتا اٿس خارج ڪيا اٿس. ۽ هن ڪوڙ سارا واڌارا بہ ڪيا آهن. خاص طور مخدوم محمد هاشم، مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي، مخدوم محمد صادق ڳچيرائي، مخدوم ابراهيم ٺٽوي، مخدوم حامد بوبڪائي، مخدوم ابوالحسن ڏاهري، مخدوم عابد سنڌي، مخدوم پير محمد ۽ ٻين سنڌ جي عالمن جي حوالن جا پڻ اضافا ڪيا آهن. مصنف جي منهيات مان پڻ جابجا واڌارا نقل ڪيا ويا آهن.

هن مان اندازو اهو ٿئي ٿو تہ مصلح المفتاح واري آڏو مفتاح الصلواة جو متن پهچائڻ کان وڌيڪ اهو خيال رهيو آهي تہ نماز جا مسئلا بهتر کان بهتر نموني اِئين پيش ڪجن جو سنڌي پڙهندڙ ڪنهن ٻئي ڪتاب ڏسڻ جا محتاج نہ ٿين. ان ڪري هيءَ ڪتاب لڳي ائين ٿو تہ جهڙو ترجمو نہ پر اصل تصنيف هجي.

مخدوم عبد الصمد نورنگ پوٽي وارو مفتاح جو ترجمو بہ آزاد ترجمو آهي. اصل متن جو هن ۾ بہ خيال نہ رکيو ويو آهي. مسئلن جون مختلف صورتون تمام گهٽيون وڌايون اٿس. ايترو چئبو تہ هنن

مفتاح الصلوٰاة کي شامل ڪيو آهي. باقي واڌارا ايترا آندا اٿس جو اصل متن انهن ۾ گم ٿي وڃي ٿو. شيخ فتح محمد بن عين العرفاء شيخ عيسي جندالله پاٽائي ثم برهانپوريءَ "فَيءُ الزوال" جو مسئلو برهانپور جي علائقي جي مناسبت سان لکيو آهي ته مترجم اهو سڄو حصو ڪٽي ان جي جاءِ تي مخدوم محمد هاشم جي فَيءُ الزوال بابت رسالي "رشف الزوال" مان سنڌ جي مناسبت سان 'فَيءُ الزوال' جي جيڪا صورت بيهي ٿي سا نقل ڪئي آهي.

اردو ترجمو پڻ آزاد ترجمو آهي. متن جو مختصر خلاصو اردوءَ ۾ ڏيندو ويو آهي ۽ مصنف جي عبارت ۽ انداز بيان کان پاڻ کي آجو ڪري ڇڏيو اٿس.ڪتاب کي ڇهن بابن ۾ ورهايو اٿس ۽ فصل جي ترتيب ڦيرائي ڇڏي اٿس. جيئن نماز جي ڀڃندڙ شين بابت فصل مفتاح جي اصل متن ۾ آخري فصل آهي ۽ اردو ترجمي ۾ آخري فصل روزي ٽٽڻ ۽ اعتڪاف جي بيان ۾ آهي.ان طرح ٻين به ڪوڙ ڳالهين ۾ اردو مترجم آزاد ٿي ترجمو ڪيو آهي.

## هيءُ ترجمو:

منهنجي هن ننڍڙي ڪوشش جو مقصد سنڌ جي هڪ برگزيده بزرگ ۽ عالم جي تصنيف سنڌ جي اهل علم ماڻهن آڏو پيش ڪرڻ، سنڌ جي عالمن جي محنتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ اهل سنڌ کي ان کان آگاهي ڏيڻ آهي. نئين نسل کي پنهنجي وڏڙن جون علمي نشانيون ڏيکاري کين اتساهه بخشڻ آهي. علمي طور کين پنهنجو شاندار ماضي ڏيکاري شاندار مستقبل جي تعمير لاءِ ويساهه ڏيڻو آهي. تاريخي طور اهو ڏيکارڻو آهي ته سنڌ ماضيءَ ۾ علمي طور ڪيترو نه شاهوڪار هئي.

هن مقصد جي پيش نظر اهو خيال رهيو ته مصنف جو متن جيئن جو تيئن پيش ڪجي، ته جيئن پڙهندڙ مصنف جي اصل علمي ڪاوش کان واقف ٿين. مون ڪنهن به طرح مصنف جي علمي جاکوڙ ۽ پڙهندڙن جي وچ ۾ پوڻ مناسب نه سمجهيو آهي، ان ڪري متن جو اصل فارسي خطي نسخن مان ترجمو ڪيو آهي. نه

وڏايو نہ ئي ڪجھہ گھٽايو آهي.ترجمو جيتوڻيڪ تحت اللفظ ناهي پر تڏهن بہ وس آهر مصنف جي انداز بيان قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.البتہ هيٺينءَ ريت عنوانن ۾ سمجهڻ جي سهولت خاطر ڪجھہ اسان پنهنجي پاران ڪيو آهي:

مصنف متن ۾ نماز جي فرض، واجبن،سنتن ۽ مستحبن لاءِ فصل وغيره جو عنوان نہ ڏنو آهي.فرض پورا ٿيندي ئي واجب، واجب پورا ٿيندي ئي سنتون ۽ سنتون پوريون ٿيندي ئي مستحب شروع ڪري ڇڏيا آهن.ترجمي ۾ اسان 'فصل نماز جا فرض'، 'فصل نماز جا واجب'، 'فصل نماز جون سنتون' ۽ 'فصل نماز جا مستحب' جا عنوان قائم ڪيا آهن. ۽ مصنف جيئن تہ انهن مان هر هڪ جو تعداد ڏنو آهي ان ڪري اسان اهي نمبرن سان ڏنا آهن.مصنف انهن مان هر هڪ بابت جيڪي مسئلا ڏنا آهن تن جي شروعات "مسئلہ" جي عنوان سان ڪئي اٿس اسان انهن آڏو نمايان ۽ ٿلهو ٽِڪو ڏئي نشاندهي ڪئي آهي.

ان طرح 'مڪروهات خارجہ' ۽ 'نماز اولياءِ اهل باطن' لاءِ مؤلف فصل جو عنوان نہ ڏنو آهي. اسان ان لاءِ 'فصل خارجي مڪروهات' ۽ 'فصل نماز اهل باطن' جو عنوان قائم ڪيو آهي. ان طرح ڪن ضروري مسئلن کي نمايان ڪرڻ جتي مناسب ڄاتو ويو آهي ۽ مصنف ان لاءِ ڪو عنوان نہ ڏنو آهي. تہ انهن کي اسان عنوان ڏنو آهي. متن جي ترجمي ۾ جتي مون اصل متان مزيد وضاحت جي ضرورت ڄاتي آهي، اتي ان وضاحت کي بريڪيٽ ۾ بند ڪيو آهي، ان کان سواءِ ڪا بہ نوٽ ڪرڻ جهڙي تبديلي نہ ڪئي وئي آهي.

ڪتاب جي آخر ۾ "فيءُ الزوال" بابت مصنف جو رسالو "جهت الڪعبہ" جا اهي اوراق جيڪي سنڌ سان تعلق رکندڙ آهن ۽ فارسي ۾ آهن اهي خاص طور سيوستان ۽ ان جي آس پاس جيئن: پاٽ ۽ سن جي "فيءُ الزوال" جي سمجهاڻيءَ جي باري ۾ تصنيف ٿيل آهن، سي ضميمي جي طور شامل ڪري ڇڏيا ويا آهن، تہ اهل علم لاءِ استفادي جو ذريعو بنجن. هن رسالي جا اصل خطي اوراق ڪوٽڙي ڪبير جي لائبريريءَ ۾ موجود آهن.

## مفتاح الصلواة جا خطي نسخا:

مانواري استاد محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب مفتاح الصلواة جي ٽن خطي نسخن کي ڏسڻ جو مصلح المفتاح جي مقدمي جي حاشيي ۾ ذڪر ڪيو آهي. هڪ پراڻن هالن جي بزرگ محمد حافظ بن محمد جو سال 1210ھ جو ۽ ٻيو سال 1231ھ جو موسیٰ نالي ڪاتب جو ۽ ٽيون هالہ ڪنڊيءَ جي ڪاتب جليل (عبد الجليل) جو جيڪو سڀ کان قديمي نسخو 1157ھ جو آهي.

منهنجي آڏو مٿين نسخن بجاءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ جي لائبريري ۾ موجود ٻہ قلمي نسخا آهن. جن مان هڪ عبد الله ولد محمد عابد جو 22 شعبان 1274ھ جو ڪتابت ڪيل آهي. هن نسخي جو خط نستعليق آهي ۽ ٻئي جو ڪاتب ۽ سال ڪتابت ٻئي نامعلوم آهن. ۽ هيءُ خط نسخ ۾ تحرير ٿيل آهي. ٻئي نسخا صاف ۽ سهڻي تحرير ۾ ڪتابت ٿيل آهن. ٻنهي نسخن تي مختلف جاين تي مختلف حاشيا چڙهيل آهن. ڪن حاشين تي ”منہ“ آندل آهي، جيڪي مصنف جا آهن.

ٻنهي نسخن ۾ آندل حاشيہ پڻ مون ترجمي ۾ هن خيال هيٺ شامل ڪيا آهن تہ ممڪن آهي اهي مصنف جا هجن. جيتوڻيڪ اهو خيال هن حوالي سان ڪمزور بہ آهي تہ ٻنهي ڪاتبن جا حاشيا الڳ الڳ قسمن جا آهن مصنف جا هجن ها تہ ٻنهي ڪاتبن جي نقل ۾ فرق نہ هجي ها. پر تنهن باوجود اهو خيال بلڪل رد نہ ٿو ڪري سگهجي جو امڪان اهو بہ آهي تہ مصنف جي تفصيلي منهيات مان هر ڪاتب پنهنجي پنهنجي چوند مطابق مختلف حاشيہ چاڙهيا هجن.

عبدالله ولد محمد واري نسخي ۾ ڪاتب بہ ڪي حاشيہ چاڙهيا آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڪاتب پاڻ بہ وڏو عالم ۽ قابل شخص آهي. حاشين جي آخر ۾ پاڻ ”لڪاتبہ عفي عنہ“ جي لفظن سان ان جي نشاندهي ڪئي اٿس. هن نسخي ۾ هڪ هنڌ

مخدوم عبدالڪريم متعلويءَ جو حاشيو ۽ هڪ هنڌ مخدوم محمد هاشم جو حاشيو پڻ چاڙهيل آهي. هن نسخي ۾ آخر ۾ مصنف طرفان اهو ڄاڻايل آهي ته:

”مون هيءُ رسالو پنهنجي ياٽيجي شيخ احمد بن سليمان خاطر تاليف ڪيو. الله انهيءَ محب. سندس مڙني فرزندن، دوستن مخلصن ۽ درويشن کي توفيق ڏئي ۽ اعلىٰ منزلن تي پهچائي.“

ٻئي نسخي مان عبارت جي هن حصي جو پهريون حصو غائب آهي. ۽ صرف هيءُ موجود آهي:

”الله انهيءَ محب سندس مڙني فرزندن، دوستن، مخلصن کي توفيق ڏئي ۽ اعلىٰ منزلن تي پهچائي.“

متن ۾ مصنف جتي ٻڌايو آهي ته ’الله جو نالو ٻڌي ثنا چوڻ ۽ نبي سائين جن جو نالو ٻڌي درود پڙهڻ ۾ فرق هيءُ آهي ته ثنا رهجي وئي ته ان جي قضا نه ٿيندي درود قضا ٿيندو.‘ پهرئين نسخي ۾ هن مسئلي جي علت ۽علت جي علت هن طرح ڄاڻايل آهي:

”ڇاڪاڻ ته هر وقت ثنا پڙهڻ جو وقت آهي. جو الله جون نعمتون جيڪي ثنا جو موجب آهن سي ته نئين سر نيون ٿينديون رهن ٿيون، ان ڪري ان جي قضا نه ٿيڻ گهرجي.“

ٻئي نسخي هن طرح ان جي صرف هڪ علت بيان ڪئي آهي ته:

”ڇاڪاڻ ته هر وقت ثنا پڙهڻ جو وقت آهي، ان ڪري ان جي قضا نه ٿيڻ گهرجي.“

ان قسم جون ٻيون به ڪوڙ ڳالهيون اهڙيون آهن جن ۾ ٻئي نسخا هڪ ٻئي کان مختلف آهن. ٻنهي نسخن ۾ اهڙو جتي به اختلاف ڏٺو ويو آهي، اتي ان جي حاشيي ۾ پڻ نشاندهي ڪئي آهي. ۽ ضروري تصحيح به ڪئي آهي. ٻنهي نسخن ۾ ننڍا وڏا عنوان: ڳاڙهيءَ مس سان نمايان آهن البته پهرئين نسخي جي پوئين حصي ۾ عنوانن

جي جڳهه خالي ڇڏيل آهي. شايد پوءِ لکڻ جي ارادي سان ڇڏڻ ڪان پوءِ اهي جايون ڪانئس رهجي ويون آهن. عبدالله پنهنجي نسخي جي پڇاڙي هنن لفظن سان ڪئي آهي:

”مفتاح الصلواة، خام نويس، الله جي ڪمزور ٻانهي، فقير پر تقصير عبد الله ولد مرحوم مغفور محمد عابد غفرالله له ولوالديه و لجميع المؤمنين آمين ثم آمين جي هٿن سان ڏينهن خميس ٽيويهين شعبان 1276ھ ۾ لکجي پورو ٿيو.

ترجمو شعر: الله! جنهن هيءُ لکيو آهي، تنهن جا گناه معاف ڪر ۽ بهشت عطا ڪر. لکت زمانن تائين ورقن ۾ رهندي. پر لکندڙ مٽيءَ ۾ ملي ويندو.“

## شڪرگذاري:

آخر ۾ آءٌ محترم انعام شيخ صاحب سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جن جو نهايت شڪرگذار آهيان جن هن ڪتاب کي بورڊ طرفان ڇپائڻ ۾ خاص دلچسپي ورتي ۽ مخدوم سليم الله صديقي پڻ شڪريه جو مستحق آهي جو اصل ۾ اهو ئي هن ڪتاب جي ترجمي جو سبب بڻيو. نه رڳو زور ڀري ترجمي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيائين پر پڇاڙي جو سلسلو ايستائين نه ڇڏيائين جيستائين مون ترجمو مڪمل نه ڪيو.

*

بسم الله الرحمان الرحيم

الحمد لله رب العالمين والصلواه والسلام علىٰ رسوله محمد سيد الاولين و الآخرين وعلىٰ آله واصحابه ومن تبعهم اجمعين !

الله تنهنجو بخت ڀلو ڪري ! تو کي ڄاڻڻ گهرجي ته هر عاقل ۽ بالغ (جيڪو ديني احڪامن تي عمل جو ذميوار آهي، تنهن) تي فرض جو ڄاڻڻ فرض، واجب جو ڄاڻڻ واجب، سنتن جو ڄاڻڻ سنت ۽ مستحبن جو ڄاڻڻ مستحب آهي. ڇاڪاڻ ته سيني فرضن مان سڀ کان اهم بدني فرض نماز آهي، تنهن ڪري ان جا فرض، واجب، سنتون ۽ مستحب وڏي اهميت وارا آهن. ايستائين جو فتاويٰ ڪبيري، ناصري، شهابي ۽ مسعوديءَ ۾ آيو آهي ته جيڪو نماز جا فرض ۽ واجب نه ٿو ڄاڻي تنهن جي نماز جائز ڪانهي. ۽ شيخ ابو حفص ڪبير فرمايو آهي ته اهو ڪافر ٿي پوندو. نعوذ بالله منها. تنهن ڪري پهريائين هر هڪ جي تعريف بيان ڪيان ٿو. تنهن کان پوءِ انهن جو نماز بابت بيان ڪندس.

## فرض، واجب، سنت ۽ مستحب جي تعريف:

**فرض:** جيڪو دليل قطعي، جنهن ۾ ڪوبہ شڪ شبهو نه هجي، سان ثابت ٿئي، جنهن جو الله تعالي نص قرآنيءَ سان حڪم فرمايو هجي، يا متواتر حديث يا اجماع امت سان ثابت هجي. ڪنهن حڪم جي فرضيت تي جيڪڏهن سڀ مجتهد متفق آهن ته ان جو منڪر ڪافر آهي. پر جيڪڏهن ڪن وٽ فرضيت هجي ڪن وٽ نه، ته ان صورت ۾ منڪر فاسق ٿيندو. فرض ڇڏڻ سان آخرت ۾ عذاب جو مستحق ٿيندو. پر الله جي مهر بخشش سان بچي سگهندو. نماز ۾ ڪو بہ نماز جو فرض ڇڏڻ سان نماز جائز نه ٿيندي.

**واجب:** جيڪو قرآن مان غير منصوص ظني دليل يا حديث غير متواتر سان ثابت هجي، اهو الله جو حڪم هجي،

نبي صلي الله عليه وسلم جن طرفان هميشه ڪيل هجي. ۽ ان جي ڇڏيندڙ بابت تنبيهه به ڪيل هجي. ان جو حڪم اهو آهي ته واجب جو منڪر فاسق آهي. مجتهدن وٽ گمراهه آهي، ڇاڪاڻ ته انهن وٽ ان جو وجوب ثابت آهي. ۽ اهو نه ڪرڻ سان عمل مڪروهه تحريمي ٿيندو، يعني دنيا ۾ حرام جي ويجهو ۽ آخرت ۾ ثواب کان محروميءَ جي باعث ٿيندو. جيتوڻيڪ قضا جي فرضيت متانئس لهي ٿي وڃي، البت قضا جو وجوب ثابت آهي. ۽ غالب گمان مطابق عذاب جو سبب پڻ ٿيندو، جيڪڏهن قضا نه ڪيو ويو. پر جي الله پنهنجي خاص مهر سان ڪيس معاف فرمائي ته ٻي ڳالهه آهي.

**سنت:** جيڪا پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان ثابت هجي. قول، فعل، رضا يامڙني صورتن ۾ ان جو گهڻو تاڪيد فرمايو هجي. ۽ اهو عمل ايتري ڪثرت سان ڪيل هجي جو ڇيو اٿن ته عمر ۾ ٻن ٽيرن کان متي ترڪ نه ڪيل هجي.

ان جي حڪم جون ٽي صورتون آهن: جيڪڏهن سنيت جو ثبوت خبر واحد سان آهي ته ان جو منڪر بدعتي ۽ بڇڙو (بدڪار) آهي، پر جيڪڏهن سنيت جو ثبوت خبر مشهور سان آهي، ته ان جو منڪر فاسق آهي، جيڪڏهن خبر متواتر سان آهي ته منڪر ڪافر آهي. پر جيڪڏهن نعوذ بالله اهانت ۽ گهٽ ڏيکارڻ واري انداز سان انڪار تو ڪري ته ان صورت ۾ ڪافر ٿي ويندو. سنيت جو اعتقاد قبول ڪرڻ کان پوءِ ان جي نه ڪرڻ سان ثواب جو نقصان ٿيندو ۽ دنيا ۾ مڪروهه تنزيهي ۽ عتاب جو موجب ٿيندو. ڪجهه محقق سخت تاڪيد واري سنت موڪده جي ڇڏڻ کي گناهه ۾ واجب جيان چون ٿا. جيڪڏهن سنت تي عمل ڪرڻ کي ڪجهه نه سمجهي، آسان سمجهي ( يعني اهو سمجهي ته عمل ٿيو ته ڇا جي نه ٿيو ته ڇا) ڇڏجي ته ان ۾ ڪافر ٿيڻ جو خوف آهي. پر جيڪڏهن پاڻ کي (نه ڪرڻ جي صورت ۾) قصور وار سمجهي ٿو ته معافيءَ جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

**مستحب:** ان عمل کي چئبو آهي جنهن جو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ثواب بيان ڪيو هجي، ۽ ڪڏنهن پاڻ به ڪيو هجي ۽ اهو عبادت جي سلسلي جو عمل هجي، عادت جي سلسلي مان نه هجي، ان کي سنت استحبابي پڻ چوندا آهن. ڪي مستحب سلف ۽ خلف مان پڻ آيل آهن (مڙني) مستحبن جو منڪر نه ڪافر آهي نه فاسق نه بدعتي نه گنهگار ها البته جيڪڏهن اهڙي مستحب جو انڪار آهي، جنهن جي استحباب جو ثبوت نبي صلي الله عليه وسلم جن جي سنت (حديث) سان ٿيو هجي، جيئن اڳي معلوم ٿي چڪو (ته پوءِ گنهگار ٿيندو) اهڙيءَ طرح ان تي عمل نه ڪندڙ کان پڻ ڪنهن به صورت ۾ پڇاڻو ڪونه ٿيندو. پر اهو فضيلت جو تارڪ ۽ ثواب کان محروم ٿيندو. ۽ ان تي عمل ڪندڙ وڏي ثواب سان سرفراز ٿيندو. صلاحيت پريو ۽ سوڀارو ٿيندو.

## فرض، واجب ۽ سنتن بابت شعر:

سنڌ جي عالمن مان ڪنهن بزرگ[1] نماز جي فرضن واجبن ۽ سنتن کي هيٺين ٽن بيتن ۾ اشارن سان بيان ڪرڻ فرمايو آهي. جن جي حضرت صاحب[2] جن جا فرزند گهڻو ڪري تعليم ڏيندا رهندا آهن.

فرائض نه جاڻي ته ٿئي منجهه قلق
اجس نوق تقق رسق
جي واجب نه جاڻي ته ٿئي منجهه خطر
فضت تقت لقت جسر
جي سنت تون جاڻين ته ٿين پيشوا
روث تبت تست ددا

---

[1] (المڪتوب الحبيب ۾ هن شعر جي نسبت سنڌ جي عالم محمد زاهد ڏانهن ڪئي وئي آهي، جيڪو پڻ پاٽ جو هو)

[2] يعني ابوالبرڪات شاه عيسىٰ جندالله جيڪو هن ڪتاب جي مصنف جو پيءُ آهي.

هن جو تفصيل معتبر ڪتابن منجهان ڇاڻايان ٿو، پر ضرورت بنا ڪوبہ حوالو نہ ڏنل آهي.[1]

**الف:** شعر جي پهرئين لفظ الف مان مراد آهي انگڙا (بدن) جي پليتي پاڪ ڪرڻ.

## پهريون فرض:

انگڙا يعني بدن جي پليتي پاڪ ڪرڻ آهي، پليتي ظاهري يا معنوي. جن جو فقيهن پنهنجي عرف ۾ "حدث" ۽ "خبث" (گندگي) سان تعبير ڪيو آهي. ۽ حدث ٻہ قسم آهي. هڪ 'اصغر' جنهن سان وضو واجب ٿيندو آهي ۽ ٻيو 'اڪبر' جنهن سان غسل واجب ٿيندو آهي.

# فصل

# وضوءَ جو بيان

## وضوءَ جا فرض:

**وضوءَ ۾ چار شيون فرض آهن.**

1- منهن ڌوئڻ،[2] پيشاني جي وارن کان وٺي ڪاڏيءَ جي هيٺان تائين، ۽ ٻنهي ڪنن جي هڪ پاپڙيءَ کان ٻي پاپڙيءَ تائين.[3] پر جيڪڏهن ڏاڙهيءَ جاوار گهاٽا آهن تہ ان صورت ۾ ڪاڏي هيٺ تائين ڌوئڻ جي بجاءِ چوٿين حصي ڏاڙهيءَ جي مسح فرض ٿيندي. جيئن مشهور آهي، پر صحيح اهو آهي. تہ جيڪي وار منهن جي

---

[1] يعني مسئلن جي ڪنهن ڪتاب ڏانهن نسبت نہ ڪيل آهي. البتہ جتي ضرورت سمجهي وئي آهي، جيئن ڪو مسئلو مشهور ۽ غير مفتىٰ بہ قول جي خلاف آهي. (تہ پوءِ حوالو ڏنل آهي).

[2] منهن ڌوئڻ جو طريقو هيءَ آهي تہ ساڄي هٿ جي لپ ڀاهي ان جي پٺ کاٻي هٿ جي پيٽ تي رکي. ۽ منهن جي مٿئين حصي (پيشانيءَ) کان پلٽڻ شروع ڪري. من العيني شرح صحيح البخاري نقل عن زاهد السرخي.

[3] ان جا وار ڌوئڻ مان مراد انهن تي پاڻي وهائڻ آهي. جيئن ان جي تصريح زخار ۾ ٿي آهي. منہ قدس سره.

حد ۾ اچن ٿا تن جو ڌوئڻ فرض آهي، جيئن سراج الوهاج ۾ آهي ۽ ان تي فتویٰ آهي، جيئن ظهيريه ۾ آهي، هن کان سواءِ ٻيون جيڪي ٻه روايتون آهن. تن کان رجوع ڪيو ويو آهي جيئن بدائع ۾ آهي. بحرالرائق ۾ آهي ته مصنفن تي عجب ٿو ٿئي ته صحيح ۽ مفتي ٻه روايت، جنهن ڏانهن رجوع ڪيو ويو آهي، سا ڇڏي ٿا ڏين ۽ ٻيون روايتون بيان ڪريو ٿا ڇڏين.

2- ٻنهي هٿن ٻانهن جو ٺونٺين تائين ڌوئڻ.

3- ٻنهي پيرن جو پيڏين تائين ڌوئڻ (ٺونٺيون ۽ پيڏيون فرض ۾ شامل آهن)

4- چوٿون حصو مٿي جو، جتان سولو لڳي، مسح ڪرڻ

## وضوءَ جون سنتون:

### وضوءَ ۾ تيرهن سنتون آهن:

1- ٻئي هٿ جوڙن تائين، ٻهريائين جدا جدا ۽ پوءِ گڏ ڌوئڻ

2- شروع ڪرڻ مهل "بسم الله العظيم والحمد لله علیٰ دين الاسلام" چوڻ پر جي صرف بسم الله الرحمن الرحيم چوي ته به سنت ادا ٿي ويندي.

3- ڏندڻ ڪرڻ[1] گرڙيون ڪرڻ[2] مهل، جي موجود نه هجي ته آڱرين سان ڏندن کي صاف ڪرڻ. يا ٿلهي پاڪ ڪپڙي سان صاف ڪرڻ سان به ثواب حاصل ٿيندو. ڏندڻ وڻ جو هجي اهو سنت آهي.[3] نه هجي ته ڪڙو هجي يا ڪنهن اهڙي شيءِ جو هجي جيڪا صفائيءَ جو موجب ٿي سگهي. چيچ (چيٽ) جهڙو ٿلهو[4] ۽ هڪ گرانٺ ڊگهو هجي. ان جي هٿ ۾ جهلڻ جوسنت طريقو هن

---

[1] ڏندڻ ڪرڻ جا هي فائدا آهن: وات پاڪ ٿئي ٿو. الله راضي ٿئي ٿو، شيطان کي پري ڀڄائي ٿو. ملائڪن کي خوش ڪري ٿو، گناه ڇاڻي ٿو، نيڪيون وڌائي ٿو، بيماري ختم ڪري ڏند مضبوط ڪري ٿو. معدي کي سکه ٿو بخشي، خشبو پيدا ڪري ٿو ۽ اکين کي روشن ڪري ٿو. (شرح منيه)

[2] صحيح اهو آهي ته ڏندڻ ڪرڻ مستحب آهي. جيئن شرح هدايه ۾ ۽ ڪفايه ۾ آهي. ته صحيح اهو آهي ته ڏندڻ ڪرڻ سنت آهي.

[3] ڏندڻ اهڙي وڻ جو هجي جيڪو ڪڙو هجي، ته جيئن وات کي پاڪ ڪري البته اراڪ جي وڻ جو ڏندڻ وڌيڪ بهتر آهي زيتون جي وڻ جو پڻ مبارڪ آهي.

[4] آڱر برابر ٿلهو هجي ڊگهو گرانٺ هجي ۽ ان کان ڊگهو شيطان جي سواري آهي.

طرح آهي تہ ننڍي آڱر ۽ آڱوٺو ڏندڻ هيٺان ۽ ٻي آڱريون مٿان هجن. ننڍي آڱر ڏندڻ جي پوئين حصي کان ۽ آڱوٺو منڍ واري پاسي کان هيٺان هجي ۽ ٻي آڱريون مٿان هجن جيئن بحرالرائق ۾ آهي، شروع مٿين ڏندن جي ساڄي کان ڪري کاٻي طرف وڃجي، ان کان پوءِ هيٺين ڏندن کي ساڳئي طريقي سان ڪجي. شرح منية المصلي: ان طرح هر پاسي کان ٽي دفعا ٽن پاڻين سان ڏندڻ ڪرڻ گهرجي.[1] بحرالرائق.

4- ڪرڙيون ڪرڻ. يعني وات ۾ پاڻي ڪٺي ڦيرائڻ. ڪن ڪتابن ۾ ڪرڙا ڪرڻ سنت چيو ويو آهي. تہ جيئن نڙيءَ تائين پاڻي پهچي.

5- نڪ کي پاڻي ڏيڻ. ساڄي هٿ سان پاڻي ڏجي ۽ کاٻي سان صاف ڪري ونجي. ڪن روايتن مطابق انهيءَ ۾ بہ مبالغو ڪرڻ سنت آهي. اهو هن طرح تہ اگر سان پاڻي نڪ جي هڏي تائين پهچائي "عيون" ۾ ڪرڙيءَ ۽ نڪ کي پاڻي ڏيڻ ۾ مبالغو مستحب ڄاڻايو ويو آهي ۽ اهو بہ سنت آهي تہ ڪرڙي توڙي نڪ کي پاڻي ڏيڻ مهل هر ڀيري نئون پاڻي کڻڻ گهرجي.

6- هر عضوي کي ٽي ڀيرا ڌوئڻ، پر پهريون دفعو فرض ۽ ٽي ڀيرا سنت آهي، ۽ هر ڀيري هرهڪ سڄي عضوي تي پاڻي ڦيرائڻ گهرجي. بحرالرائق.

7- وضوءَ يا پاڪائي جي دل ۾ نيت ڪرڻ. وات سان چوڻ مستحب آهي، جيڪڏهن نيت نہ ڪبي تہ وضوءَ جو ثواب نہ ٿيندو جيتوڻيڪ نماز جائز ٿي ويندي ۽ نيت منهن ڌوئڻ وقت ڪرڻ گهرجي (سراج الوهاج). شايد ان مان مراد اها آهي تہ نيت دير ۾ دير منهن ڌوئڻ تائين ڪجي ان کان وڌيڪ دير جائز ناهي، ڇاڪاڻ تہ پهريون فرض آهي، پر ان کان اڳ ۾ نيت ڪرڻ جائز آهي، نماز تي

---

[1] هيءُ وضوءَ جي سنت آهي نماز جي سنت ناهي. ان ڪري جيڪڏهن ظهر لاءِ وضو ڪرڻ مهل ڏندڻ ڪري ڪهڙيو نمازون پڙهيون ويون تہ سڀني ۾ ڏندڻ جي فضيلت حاصل ٿيندي. اهو اسان (حنفين) وٽ آهي. شروع مٿين ڏندن جي ساڄي کان ڪجي ان کان پوءِ هيٺين ڏندن کان. ان کان مٿين ڏندن جي کاٻي ۽ پوءِ هيٺين جي ساڄي کي ڏندڻ ڪجي. وات جي اندران زبان جي هيٺان ۽ مٿان کان ڪرڻ گهرجي.

قياس ڪندي بشرطيڪ اجنبي وچ ۾ نہ اچي. ان ڪري صاحب عيون نيت کي پهرين سنت قرار ڏنو آهي / ڳڻيو آهي.

8- ڏاڙهيءَ جو خلال ڪرڻ. ان جو طريقو اهو آهي تہ هيٺان کان ڏاڙهيءَ ۾ آڱريون ڏئي مٿئين پاسي آڻجن. جمع الجوامع ۾ حديث آيل آهي تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جڻ لپ پاڻيءَ جي ڏاڙهيءَ ۾ هيٺ تائين پهچائيندا هئا. ان کان پوءِ ڏاڙهيءَ جو خلال ڪرڻ فرمائيندا هئا.

9- ٻنهي هٿن ۽ ٻنهي پيرن جي آڱرين جو خلال ڪرڻ. ان جو هٿن بابت طريقو هيءُ آهي تہ ٽمندڙ آڱريون هڪ ٻئي ۾ داخل ڪجن، تہ جيئن تسبيڪ حاصل ٿئي. ۽ پيرن بابت طريقو هي آهي تہ کاٻي هٿ جي ننڍي اڱر سان ساڄي پير جي ننڍي آڱر کان شروع ڪري. ۽ کاٻي پير جي ننڍي چيچ تي ختم ڪجي.

10- سڄي مٿي جي مسح ڪرڻ. ان جي صورت اها آهي. تہ ٻئي تريون پاڻيءَ سان آليون ڪري مٿي جي اڳئين حصي کان چڪي اهڙيءَ طرح ڪياڙيءَ تائين آڻجن جو سڄو مٿو ان ۾ لپيٽجي وڃي. ان کان پوءِ ٻنهي هٿن جي اشهد آڱرين سان ڪن جو اندريون حصو، ۽ ٻنهي آڱوٺن سان ڪن جو ٻاهريون حصو مسح ڪجي.

11- ٻنهي ڪنن جي مسح لاءِ نئون پاڻي نہ کڻڻ ان ئي پاڻي سان مسح ڪرڻ جيڪو مٿي جي مسح لاءِ هٿ آلا ڪري کنيو ويو آهي.

12- ترتيب جي رعايت ڪرڻ يعني پهريائين منهن ڌوئڻ پوءِ هٿ، ان کان پوءِ مٿي جي مسح ڪرڻ ۽ پوءِ پير ڌوئڻ. جيئن نص قرآن ۾ آيو آهي.

13- لڳاتار ڪرڻ. يعني هڪ ٻئي پٺيان[1] ائين ڌوئندو وڃڻ جو ٻئي عضوي ڌوئڻ وچ ۾ ايترو وقفو نہ ٿئي جنهن سان عضوا هوا تي سڪي وڃن. ۽ پيرن ڌوئڻ کان اڳ ۾ عضوا رومال سان خشڪ نہ

---

[1] هڪ ٻئي پٺيان ڌوئڻ ۾ الڳ الڳ عضون جو هڪ ٻئي پٺيان ڌوئڻ مراد آهي. هڪ عضوو لڳاتار ڌوئڻ مراد ناهي. انڪري جيڪڏهن هڪ ٻانهن تہ لاڳيتو ڌوتائين پر ٻي ٻانهن ايترو دير سان ڌوتي وئي جو پهرين سڪي وڃي تہ اهو سنت جي خلاف آهي. ان ڪري عضوا هڪ ٻئي پٺيان ڌوئجن. البتہ جيڪڏهن هڪ پيرو منهن ڌوتائين گهڻي دير کان پوءِ ٻيهر ڌوتائين وري ٽيهر ڌوتائين تہ اهو سنت جو تارڪ نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ لاڳيتو ڌوئڻ مختلف عضون ۾ مراد آهي. هيءَ صورت مصفي ۾ مذڪور آهي. نقل من عمده من عينه.

ڪجن. ائين ڪرڻ منع آهي يعني آلي مٽان آلو ڪندو وڃجي.ائين معراج الدارية عن شمس الائمة حلوائي ۾ آهي. هنن سنتن کان سواءِ ٻه ڪجهه سنتون چيون وڃن ٿيون پر ڪن انهن کي مستحبن ۾ شمار ڪيو آهي. ۽ اهو ئي صحيح چوڻ آهي.

## وضوءَ جا مستحب:

### وضوءَ جا مستحب پندرهن آهن:

1- شروع ڪرڻ وقت تعوذ ۽ تسميع يعني بسم الله العظيم[1] چوڻ[2]

2- قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ

3- ساڄي کان شروع ڪرڻ

4- شهادت جو ڪلمو ۽ درود هر فرض عضوي تي پڙهڻ. نسائي ۽ بين ڪتابن ۾ آيل صحيح حديث ۾ آهي ته جيڪو سبحانڪ اللهم وبحمدڪ اشهد ان لا اله الاانت[3] استغفرڪ واتوب اليڪ وضوء کان پوءِ چوندو. ته ان جا عمل ضايع نه ٿيندا. مسلم جي حديث ۾ آهي ته (اشهد ان لا اله الا الله وحده لاشريڪ له واشهد ان محمدا عبده ورسوله) وضوءَ کان پوءِ جيڪو چوندو الله تعالي ان لاءِ بهشت جا اٺئي دروازا کولي ڇڏيندو. جتان وڻيس اتاهون گهڙي. مسنون دعائون پڻ پڙهڻ مستجب آهن. جمع الجوامع ۾ علي بن ابي طالب کان مروي آهي ته نبي صلي الله عليه وسلم جن هٿن ڌوئڻ وقت: بسم الله العظيم والحمد لله علي دين الاسلام چوندا هئا. ڪائنن هڪ ٻي روايت مروي آهي ته وضو ڪندي، ڪرڙي ڪرڻ مهل: اللهم لَقِن حجتي، نڪ کي پاڻي ڏيڻ مهل: اللهم لاتحرمني مِنْ رائحة الجنة، منهن ڌوئڻ وقت: اللهم بيض وجهي يوم تبيض وجوه وتسود وجوه، ساڄي هٿ ڌوئڻ مهل: اللهم اعطني ڪتابي بيميني، کابي هٿ ڌوئڻ وقت:

---

(1) والحمدلله علي دين الاسلام. الاسلام حق والڪفر باطل. اللهم ثبتنا علي الاسلام.

(2) نماز وقت ننڊ پيل کي جاڳائڻ. حالانڪ وقت ڏکهو هجي، وقت نڪرڻ جو خوف به نه هجي چاڪاڻ ته ننڊ غافل ڪندڙ آهي، ۽ غافل کي خبردار ڪرڻ واجب آهي ڪذافي الاذڪار خلاصه الفقه من عينه.

(3) عبدالله واري نسخي ۾ (وحده لاشريڪ لڪ) جا لفظ وڌايل آهن.

اللهم اجعل الخلد[1] بشمالي ولاتجعلها مغلولة الي عنقي، مٿي جي مسح وقت: اللهم غَشِنَا برحمتڪ فانانخشیٰ عذابڪ، اللهم لاتجمع بين نواصينا واقدامنا، ڪنڌ جي مسح ڪرڻ مهل: اللهم نجنا من مقطعات النيران[2] ۽ پيرن ڌوئڻ[3] مهل: اللهم ثبت قدمي علىٰ الصراط يوم تزل فيه الاقدام چوڻ فرمائيندا هئا. پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم وضو پورو ڪري اٿڻ وقت فرمائيندا هئا: اللهم كما طهرتنا بالماء فطهرنا من الذنوب. ان ڪان پوءِ روايت آهي ته جيڪو هيءُ دعائون پڙهندو، هر قطرو جيڪو وضوءَ وقت جسم مان ٽپڪندو ان مان الله تعالي فرشتو پيدا ڪندو، جيڪو ان لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين استغفار ڪندو رهندو. ۽ سندس گناه بخشيا ويندا. (انتهي محصله). وضوءَ ڪان پوءِ آية الڪرسي ۽ انا انزلناه پڙهڻ گهرجي. حديثن ۾ ان جو وڏو ثواب آيل آهي. وڌيڪ دعائون فتوح الاوراد ۾ ڏسي سگهجن ٿيون.

5- منڊي، جيڪڏهن خلاصي هجي ته ان کي ڦيرائڻ مستحب آهي. پرجيڪڏهن سوڙهي آهي ته پوءِ ان کي ڦيرائڻ لاز آهي ته جيئن اندر تائين پاڻي پهچي سگهي.

6- ڪنڌ جو مسح ڪرڻ[4] (مٿي جي مسح مهل) ڪن عالمن ساڄي ڪان شروع ڪرڻ ۽ ڪنڌ جي مسح ڪرڻ کي سنت شمار ڪيو آهي.

7- ڌوتل عضون مٿان ڌوئڻ مهل هٿ ڦيرائڻ.

8- پرن، پنبڙين ۽ اک جي پاسن کي چڱيان ڌوئڻ.

9- منهن ڌوئڻ جي شروعات پيشاني ڪان ۽ هٿن پيرن جي آڱرين ڪان ۽ مٿي جي مسح اڳيان ڪان شروع ڪرڻ.

---

(1) عبد الله واري نسخي ۾ "اجعل الخلد" کٽي ان جي جاءِ تي "لا تعطني ڪتابي" ڏنو ويو آهي.
(2) او يقول اللهم اعتق رکبتي من النار واحفظني من السلاسل والاغلال. شرح منيه
(3) پيرن ڌوئڻ جي دعا ڪان پهريائين عبدالله واري نسخي ۾ ڪنن جي مسح جي دعا من طرح ڏنل آهي "اللهم اجعلني من الذين يستمعون القول فيتبعون احسنه"
(4) ڪنڌ جي مسح ٽن آڱرين جي پٺ سان ڪرڻ به سنت آهي ( خنصر بنصر ۽ وچين)

10- وضو ڪرڻ مهل زبان سان نيت ڪرڻ ۽ هيءُ چوڻ "نويت ان اتوضأ لرفع الحدث امتثالا لامرالله تعالي."

11- پاڻ وضوءَ جو عمل ڪرڻ. ان ۾ ڪنهن کان ڪو ھيلپو نہ وٺڻ.

12- وضوءَ جي بچيل پاڻيءَ کي (ڪعبي ڏانهن منهن ڪري) اٿي بيهي پي ڇڏڻ.

13- وضوءَ جو شڪر ادا ڪرڻ.

14- هر نماز لاءِ نئون وضو ڪرڻ.

15- وضوءَ کان پوءِ منهن آسمان ڏانهن ڪري شهادت جو ڪلمو پڙهڻ.

هنن مستحبن کان سواءِ بہ ڪوڙ آهن. جيڪي ڪفايت المؤمنين وغيره ڪتابن ۾ آيل آهن. جيئن وقت کان اڳي وضو ڪري نماز لاءِ ويهڻ. خالي ٿيل ٿانو پري ڇڏڻ. ڏاڙهي کي ڦڻي ڏيڻ. جيڪڏهن گهاٽي هجي. وضوءَ کان پوءِ ڏهہ ڀيرا درود پڙهڻ. پر ايترو تعداد وڏيڪ اهم آهي.

## وضوءَ جا مڪروه:

وضوءَ جا مڪروه چوڏهن آهن:

1- اڻ ڌوتل هٿ ٿانو ۾ وجهڻ. پليتي جي شڪ نہ هئڻ مهل ڌوئڻ مستحب، شڪ هئڻ مهل ڌوئڻ سنت ۽ پڪ هئڻ وقت ڌوئڻ فرض آهي.

2- دنياوي ڳالهہ ٻولهہ وچ وضوءَ دوران ڪرڻ، مطلوب المؤمنين ۾ آهي تہ حرام آهي.

3- پاڻي گهٽو هارڻ[1] پاڻيءَ جي ٻن رطلن، جيڪي مڻ برابر آهن، سان وضو ڪرڻ گهرجي. اهو سنت آهي. (هن مڻ مان اسان واري

---

[1] آداب مان آهي تہ پاڻيءَ ۾ اسراف نہ ڪجي. اهو منع ڪيلن مان بہ ڳڻيو ويو آهي. بلڪہ حرام بہ سڏيو ويو آهي. جو نہ وضو ڪندڙ درياءَ ڪناري هجي. ڇاڪاڻ تہ الله جو فرمان آهي "ولا تبذر تبذيرا" ۽ نبي صلي الله عليہ وسلم جن کان مروي آهي تہ وضوءَ ۾ بہ اسراف ٿيندو آهي. عبدالله بن عمر کان مروي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو سعد مٿان گذر ٿيو. پاڻ فرمايائون هيءُ اسراف ڇو؟ سعد چيو ڇا وضوءَ ۾ بہ اسراف ٿيندو آهي. رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ها وهندڙ درياءَ تي ڇو نہ ويٺل هجي تہ بہ اسراف ٿيندو. (جيڪو منع آهي)

زماني وارو منڻ مراد ناهي) ٽن رطلن کان مٿي پاڻي هارڻ اسراف آهي. ۽ رطل ويهن پيسن برابر وزن جو آهي. پر جيڪڏهن ان کان وڌيڪ تي دل مطمئن ٿئي ٿي جو ٽي پيرا ڌوئڻ نه ٿو ٿئي، ته وڌيڪ پاڻيءَ ۾ به ڪوحرج ڪونهي، پر ٽي پيرا ڌوئڻ کان مٿي مڪروه آهي.

4- منهن تي زور سان پاڻي هڻڻ.

5- اس تي ٿامي جي ٿاون ۾ گرم ٿيل پاڻيءَ سان وضو ڪرڻ.

6- اکيون ۽ چپ، منهن ڌوئڻ وقت سُڪ بند ڪرڻ.

7- پليتيءَ واريءَ جڳهه تي وضو ڪرڻ.

8- ساڄي هٿ سان نڪ صاف ڪرڻ.

9- استنجا واريءَ جڳهه تي وضو ڪرڻ.

10- پيشاب جي جڳهه تي وضو ڪرڻ.

11- کاٻي هٿ سان گرڙي ڪرڻ ۽ نڪ کي پاڻي ڏيڻ.

12- ٿانو پنهنجي لاءِ مخصوص ڪرڻ ۽ ٻئي کي ان ۾ وضوءَجي اجازت نه ڏيڻ.

13- ٽن پيرن کان گهٽ ڌوئڻ.

14- وضوءَ وارا عضوا اهڙي رومال سان اگهڻ جنهن سان استنجا جي جڳهه اگهي وئي هجي، پر ٻئي ڪپڙي سان اگهڻ ۾ حرج ڪونهي. افضل اهو آهي ته گرميءَ جي مند ۾ نه اگهجي چاڪاڻ ته وضوء جو پاڻي نور جو سبب آهي. جيئن حديث ۾ آهي، ضرورت ۾ اگهي سگهجي ٿو. ڪن ڪتابن ۾ ٿامي جي ٿانو ۾ وضو ڪرڻ مڪروه قرار ڏنو ويو آهي، انهن کان سواءِ ٻيا مڪروه به بيان ڪيا ويا آهن جيئن کاٻي کان عضون ڌوئڻ جي شروعات ڪرڻ. مٿي جي مسح ٻن ٽن پيرن کان مٿي ڪرڻ. وضوءَ جي پاڻيءَ ۾ ٿڪڻ يا نڪ جو پاڻي اڇلڻ يا ڦوڪون ڏيڻ. وهندڙ پاڻي چو نه هجي پر هيءُ تعداد وڌيڪ اهم آهي.

## وضو ڀڄندڙ:

### وضو ڀڄندڙ هيءُ آهن:

- نمازيءَ جي بدن مان پليتيءَ جو نڪرڻ، جيئن پيشاب، پاخانو. هوا (ٺُٺ ڦوس) رت، پونءِ وغيره.
- پريل وات الٽي. اها ڪوڙي هجي، خون، ڪاڏو يا پاڻي هجي، پر جي بلغم اچي ته وضو نه ڀڄندو، تڪ ۾ جيڪڏهن رت اچي ته، تڪ جو مقدار وڏيڪ آهي ته وضو نه ڀڄندو.
- پيٽ ۾ هڪ وڪڙ سان ڪجهه پيرا ٿوري الٽي اچي وڃي اها سموري گڏائي جيڪڏهن پريل وات برابر ٿي وڃي ته ان سان وضو ڀڄي پوندو.
- اهڙي ننڊ، جنهن ۾ بدن جي چئني طرفن مان هڪ طرف زمين تي لڳل هجي (پيٽ. پٺ، ڪاڇو يا ساڄو پاسو زمين تي ڪتل هجي) يعني ڏکو ستل هجي، ته اها ننڊ وضو ڀڄي ڇڏيندي.
- اهڙي ننڊ جنهن ۾ ماٿو پاسي پر وينل هجي، يا ٻه پير ٻاهر هڪ طرف نڪتل هجن يا ٽيڪ ڏئي وينل هجي ۽ ٽيڪ ڪڍي وڃي ته ڪري پئي، ته ان صورت ۾ وضو ڀڄي پوندو.
- بيهوشي ۽ چريائي وضو ڀڄندڙ آهي.
- مستي ٻه وضو ڀڄندڙ آهي. پر ان جي حد وضو ڀڄڻ ۾ اها آهي ته هلڻ ۾ فرق ۽ تبديلي نظر اچي ۽ حرمت ۾ حد اها آهي ته ڳالهائڻ ۾ تبديلي ظاهر ٿئي ۽ مارڻ ۾ حد اها آهي ته سمجهه، عقل ۽ سڃاڻ ۽ فرق ڪرڻ جي سڃاڻ ڦري وڃي.
- بالغ نمازي جو رڪوع ۽ سجدي واريءَ نماز ۾ ٽهڪ ڏيڻ وضو ڀڄي ڇڏيندو. پر جنازي نماز يا تلاوت جي سجدي ۾ وضو نه ڀڄندو.
- مباشرت فاحشه، يعني مرد ۽ عورت جو بدن اگهاڙپ جي حالت ۾ ملي، ۽ مرد جو آلو اٿيل هجي ته ان صورت ۾ وضو ڀڄي پوندو. پر امام محمد وٽ ائين ناهي.

- ڦٽ مان ڪيڙي نڪرڻ سان وضو نہ ڀڄندو، جيڪڏهن آلاڻ ناهي. پر پاخاني جي جڳهہ تان نڪرڻ سان وضو ڀڄندو. ۽ مرد جي آلت مان نڪرڻ ۾ اختلاف آهي.
- مرداڻي عضوي يا عورت کي ڇهڻ علمائن وٽ وضو ڀڃندڙ ناهي، پر ان ۾ امام شافعيءَ جو اختلاف آهي.

متي جيڪو حدث اصغر جي سلسلي ۾ مذڪور ٿيو سو ڪوڙ آهي. باقي رهيو حدث اڪبر. جيئن جنابت، حيض، نفاس، تنهن کان غسل کان سواءِ پاڪائي نہ ٿيندي. ان ڪري غسل جا فرض ڄاڻڻ ضروري آهن.

## غسل جا فرض:

غسل جا فرض ٽي آهن:

1- ڪرڙا ڪرڻ
2- نڪ کي پاڻي ڏيڻ
3- سڄي بدن جو ڌوئڻ.

## غسل جون سنتون:

1- اوگهڙ ۽ بدن تي جيڪا پليتي لڳل هجي، ان کي ڌوئڻ.
2- ان کان پوءِ وضو ڪرڻ جيئن ان جو طريقو گذري چڪو،
3- جيڪڏهن وهنجڻ واريءَ جڳهہ تي پاڻي گڏ ٿي رهيو آهي تہ غسل مڪمل ڪري وهنجڻ واريءَ جڳهہ تان نڪري پير ڌوئڻ.
4- غسل ۾ هڪ ٽويو جيڪو اٺن رطلن برابر ٿيندو آهي، مستحب آهي ۽ ٻارهن رطلن کان متي پاڻي اسراف آهي.

## غسل جا ڀڃندڙ:

غسل ڀڃندڙ هيءُ شيون آهن:

- شهوت جي حالت ۾ منيءَ جو نڪرڻ. يعني آلت عورت جي عضوي مان نڪرڻ وقت اٿيل هجي. ياآلت جو متو اڳ ياپٺ ۾ ڊڪيل هجي. ان صورت ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي تي غسل واجب

- **حيض:** عورت کي جيڪو حيض (ماهواري) ايندي آهي. گهٽ ۾ گهٽ ان جا ٽي ڏينهن آهن ۽ وڌ ۾ وڌ ڏهه ڏينهن. اهو پڻ غسل جو موجب آهي.
- **نفاس:** اهو خون جيڪو ٻار ڄڻڻ پٺيان ظاهر ٿئي، جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ مدت ڪابه ڪانهي، وڌ ۾ وڌ چاليهه ڏينهن آهي. اهو پڻ غسل جو موجب ٿيندو آهي.
- **مذي:** اهڙو پاڻي جيڪو مرد ۽ عورت جي پاڻ ۾ ڪيچل ڪرڻ يا آلت جي اٿڻ مهل بنا ٽپ ڏيڻ جي نڪرندو آهي. سو وضو ڀڃڻ جو موجب آهي. غسل جو موجب ناهي.
- **ودي:** اهڙو پاڻي جيڪو پيشاب ڪان پوءِ ظاهر ٿيندو آهي، سو جيڪڏهن وضو ڪرڻ مهل ظاهر ٿئي ته ان سان وضو ڀڄي پوندو.[1]
- **ترُ:** اهڙو خواب، جنهن ۾ جماع يا عورت سان ڪيڏڻ ڏسڻ ۾ اچي ۽ جاڳ ڪان پوءِ ڪپڙا آلا ملن. ان سان غسل واجب ٿيندو. واقعو وسري چو نه وڃي. پر جي واقعو ياد هجي پر آلاڻ نه ملي ته غسل واجب نه ٿيندو.

## غسل جا قسم:

### غسل سنت:

وهنجڻ سنت آهي. جمعي ۽ ٻنهي عيدن تي، هر نمازيءَ لاءِ. احرام، حج، ۽ عرفات جي ڏينهن ۾ حاجين لاءِ.

### غسل واجب:

**ميت:** کي غسل ڏيارڻ واجب آهي. يعني هر مئل کي غسل ڏيارڻ جيئري مٿان لازم آهي.

نئون مسلمان ٿيڻ واري تي ان صورت ۾ غسل واجب آهي جڏهن اهو جنبي (ترُ واريءَ حالت) ۾ مسلمان ٿيو هجي. جيڪڏهن جنبي (ترُ وارو) نه هجي ته مستحب آهي.

---

[1] هن کي ان شخص سان مخصوص (مقيد) ڪرڻ گهرجي جيڪو وري وري پيشاب اچڻ جي بيماريءَ وارو هجي.

وضوءَ ۽ غسل جي پاڻيءَ جا مسئلا مشهور آهن. پر جيڪي مسئلا گهڻو ڪري پيش ايندا آهن، سي کوهه جي پاڻيءَ بابت آهن. جن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو. (اڄ ڪلهه کوهه جي جاءِ تي پاڻيءَ جي ٽانڪين بابت هيءُ مسئلا ڪم ڏئي سگهن ٿا. مترجم)

## فصل

# کوهه جا مسئلا

هر غليظ پليتي جيڪڏهن کوهه ۾ ڪري ته کوهه پليت ٿي پوندو، پوءِ گهڻي هجي يا ٿوري. ڪن روايتن ۾ آهي ته پليتي خفيف به جيڪڏهن کوهه ۾ ڪري ته ان جو حڪم به غليظ پليتيءَ جهڙو ئي آهي. عالمن جي جماعت جي فتوىٰ به ان مٿان آهي.

پيشاب، مني، رت، شراب ڪڪڙ جي وٺ ۽ انهن جانورن جو پيشاب ۽ ڇيٽو جن جو گوشت کاڌو يا نه کاڌو ويندو آهي. نجس غليظ آهي. انهن جي کوهه ۾ ڪرڻ سان، کوهه جو سڄو پاڻي جيڪڏهن ممڪن هجي ته ڪڍڻو پوندو. پر جيڪڏهن ممڪن نه هجي ته ٻه سئو دلا ڪڍجن. بهتر اهو آهي. ته کوهه ۾ موجود پاڻي جو ڪاٿو لڳائجي ۽ پوءِ ان مطابق پاڻي ڪڍجي، ان تي ئي گهڻن جي فتوي'آهي.

ڪوئي يا ڪبوتر جي ٻچي جيتري ڪنهن شيءِ جي کوهه ۾ مري وڃڻ سان ويهن کان ٽيهن تائين وچولا دلا ٻري ڪڍڻ گهرجن يا اهي دلا جن ۾ ٽوپي جيترو پاڻي ماپي سگهي.

ڪبوتر کان ٻڪريءَ جي قد تائين چاليهن کان سٺ دلا ڪڍڻ گهرجن. ۽ ڇيلي کان مٿي جيترو به وڏو جانور هجي. سڄي ويو هجي يا ڦاٽي پيو هجي هرصورت ۾ سڄو پاڻي ڪڍڻو پوندو.

کوهه ۾ سڄيل يا ڦاٽل حالت ۾[1] مئل جانور ملي ان جي ڪرڻ جو وقت معلوم نه هجي ته ٽن ڏينهن جي نماز موٽائبي. پر جيڪڏهن

---

[1] وار ڇڙي وڃڻ به جسم ڦاٽڻ جي حڪم ۾ آهن. يعني نماز ۽ غسل موٽائڻ جي حڪم ۾. ان طرح سراج الوهاج ۾ آهي. (ترجمه فتاوىٰ عالمگيري.)

سڄيل ناهي تہ رات ۽ ڏينهن جي نماز موٽائبي. نماز موٽائڻ جي سلسلي ۾ متفقہ اهو حڪم آهي تہ فرض ۽ واجب موٽائبا. ڪن روايتن ۾ فجر جي سنت موٽائڻ جو حڪم پڻ آيو آهي. جيئن بحرالرائق ۾ مذڪور آهي. والله اعلم

- هر شيءِ جي پگهر جو حڪم ان جي اوبر جهڙو آهي. ۽ اوبر ماڻهوءَ، گهوڙي ۽ ان شيءِ جي جنهن جو گوشت کائڻ جائز آهي. پاڪ آهي. ۽ اوبر ڪتي، سوئر ۽ ڦاڙيندڙ جانورن جي پليت آهي. ۽ اوبر ٻلي، ڪڪڙ گهٽيون گهمندڙ جانورن ۽ شڪار ڪندڙ پکين ۽ گهريلو جانورن جي جيئن ڪوئو وغيره جي مڪروه آهي، ۽ گڏھ ۽ خچر جي اوبر مشڪوڪ آهي،[1] جيڪڏهن پاڪ پاڻي موجود نہ هجي تہ اهڙي پاڻيءَ سان وضو ڪري وري تيمم ڪجي، يا تيمم ڪري پوءِ وضو ڪجي
- جيڪڏهن پاڻي نہ هجي ڪجيءَ جي رس موجود هجي تہ ان صورت ۾ ظاهر روايت مطابق وضو ڪجي. پر صحيح اهو آهي تہ تيمم ڪجي وضو نہ ڪجي. بحرالرائق ۾ آهي تہ "تيمم ڪري وضو نہ ڪري. اهوئي امام صاحب جو آخري قول آهي ان طرف رجوع ڪيو اٿن." اها ئي ڳالھ صحيح آهي.

## فصل

# تيمم جا مسئلا

جڏهن پاڻي استعمال ڪرڻ کان بي وس ٿي پئجي تہ تيمم ڪجي. پاڻي استعمال ڪرڻ کان بي وس ٿيڻ جون مختلف صورتون آهن. هڪ تہ پاڻي هڪ ڪوھ[2] پري آهي. ڪوھ ڇھ هزار گزءِ گز

---

[1] عورت جي اوبر اوبري ماڻهوءَ لاءِ ائين مڪروه آهي جيئن اوپري عورت لاءِ. ناپاڪائيءَ جي ڪري نہ پر ان مان لذت وٺڻ جي ڪري. ان طرح نهرالفائق ۾ آهي فتاوي عالمگيريءَ کان منقول آهي.

[2] ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪوھ چار هزار ڪام ۽ هر ڪام ۾ ڏيڍ گز ۽ هر گز چوويھ آڱريون ۽ هر آڱر ۾ ڇھ جوَ آهن.

چويهہ آگرين برابر آهي.[1] (بحرالرائق) ٻي صورت اها آهي تہ غسل يا وضو ڪرڻ سان بيماري وڌڻ يا ڏکهي ٿيڻ جو خطرو آهي. ٽين صورت اها آهي تہ سردي ايتري سخت آهي. جو وضو ڪرڻ سان مرڻ يا بيمار ٿي پوڻ جو خطرو يقيني آهي. تہ هنن ٽنهي صورتن ۾ تيمم جائز آهي. پر پوئين صورت ۾ امام صاحب کان منقول سيني روايتن مطابق غسل جي صورت ۾ تيمم ڪرڻ جائز آهي. البت وضوءَ جي باري ۾ صحيح اهو آهي تہ تيمم جائز ناهي. پر غسل واري صورت ۾ بہ جيڪڏهن پاڻي گرم ڪرڻ يا سرديءَ کان بچڻ جي ڪا ٻي صورت ميسر ٿي سگهي تہ تيمم جائز ناهي. پر جيڪڏهن ٿڌ کان بچاءَ جو ڪو جوڳو بندوبست نہ ٿو ملي تہ تيمم جائز آهي. (بحرالرائق وغيره)

پاڻي استعمال ڪرڻ کان بي وسيءَ جي صورت هيءَ بہ آهي تہ ڪنهن جانور يا دشمن جو خوف هجي. ۽ خوف سِر جو هجي يا سامان جو، پنهنجو هجي يا سفر جي ساٿيءَ جو، هر صورت ۾ تيمم جائز آهي. هڪ صورت هيءَ بہ آهي تہ ( پاڻيءَ جي کوهہ مٿان تہ ماٺهو بيٺل هجي) پر دلو يا رسو، جنهن سان پاڻي ڪڍي سگهجي. اهو ميسر نہ هجي. يا پاڻي جائز/متعارف قيمت کان مهانگو ٿو ملي تہ انهن صورتن ۾ بہ تيمم جائز آهي.

## تيمم ڇا سان ڪجي:

مٽيءَ جي جنس جي هر شيءِ سان تيمم جائز آهي. يعني اها شيءِ جيڪا ساڙڻ سان نرم يا ڇار نہ ٿي وڃي. ان ڪري لوهہ، رڪ، سون چاندي، ٽامي ۽ پتل وغيره جهڙيون شيون جيڪي باهہ ڏيڻ سان نرم ٿي وڃن ٿيون. ياڪڪ، ڪاٺي وغيره جهڙيون شيون جيڪي ساڙڻ سان ڇار ٿي وڃن ٿيون تن سان تيمم جائز ناهي.

---

[1] ميل فرسخ جو ٽيون حصو آهي. ۽ اهو چار هزار ٻرانگهون آهي. ۽ ٻرانگهہ ڏيڍ هٿ آهي ۽ هٿ عام مراد آهي. ۽ اهو چوويهہ آگريون آهي. لا الہ الا الله محمد الرسول الله جي حرفن جي عدد مطابق.

## تيمم جو طريقو:

تيمم جو طريقو اهو آهي ته (ٻئي) هٿ زمين تي هڻجن. ان کان پوءِ انهن تان مٽي ڇنڊي منهن مٿان ائين چڱيءَ طرح ملي وڃي جو ڪو به حصو رهجي نه وڃي. ان کان پوءِ ٻيهر هٿ زمين تي هڻي کاٻي هٿ جون چار آڱريون ساڄي هٿ جي پٺ تي آڱرين کان رکي ڇڪي ٺونٺ تي آڻجن. ۽ کاٻي هٿ جي تريءَ سان ساڄي هٿ جو اندريون (ڪارائي وارو پاسو) ٺونٺ جي اندران کان هٿ جي جوڙ تائين پهچائجي. (۽ کاٻي هٿ جي آڱوٺي جو اندريون پاسو ساڄي هٿ جي آڱوٺي مٿان ملجي. ۽ ان طرح ٻيو هٿ به مسح ڪري). ان طرح مشائخن جو رايو آهي جيئن بحرالرائق وغيره ۾ آهي.

- جنبيءَ ۽ محدث (ترڙ واري ۽ بي وضوءِ) ٻنهي تي، عذر جي گذريل صورتن ۾ تيمم هڪ ئي طريقي سان آهي.
- زمين تي دز جو هجڻ شرط ناهي. ۽ خالي دز مٿان به تيمم جائز آهي. چو نه زمين موجود به هجي.
- تيمم ۾ نيت فرض آهي. ان ڪري ڪافر تيمم جي نيت جو اهل ناهي. جيڪڏهن تيمم ڪري مسلمان ٿيو ته ان سان نماز نه ٿو پڙهي سگهي. پر وضوءَ ۾ ائين ناهي، تنهن ڪري مرتد ٿيڻ سان تيمم نه ٽٽندو. ڇاڪاڻ ته مسلمان نيت جو اهل آهي.

## تيمم جا ڀڃندڙ:

- تيمم کي ڀڃندڙ اهي ئي آهن جيڪي وضوءَ جا ڀڃندڙ آهن. (پر هڪ اهو به ته ) ضرورت کان وڌيڪ پاڻي ملي پوي.
- جنهن کي پاڻي ملي پوڻ جي اميد هجي، سو نماز جي مستحب وقت تائين، ٻي روايت مطابق جائز وقت تائين نماز ۾ دير ڪري. پهرين روايت صحيح آهي.
- تيمم وقت کان اڳ ۽ هڪ فرض کان وڌيڪ لاءِ جائز آهي. پر امام شافعي جو انهن ٻنهي مسئلن ۾ اختلاف آهي.
- نماز جنازه جي فوت ٿي وڃڻ جي خوف کان به تيمم جائز آهي. پر ميت جو والي /وارث جڏهن پاڻ امامت ڪري ته ان

لاءِ جائز آهي. البته امامت نہ ٿو ڪري پئي ڪي نماز جي اجازت ڏني اٿس تہ ان صورت ۾ تيمم جائز ناهي. هدايه ۾ اهو موقف اختيار ڪيو ويو آهي. بحرالرائق ۾ آهي تہ ظاهر روايت مطابق هر هڪ لاءِ تيمم جائز آهي. چاڪاڻ تہ جنازي ۾ انتظار مڪروه آهي. مٿئين مسئلي ۾ نماز فوت ٿي وڃڻ جي خوف مان مراد نماز جنازي جون سموريون تڪبيرون آهن. جيڪڏهن (اها اميد هجي تہ) ڪجهہ تڪبيرون ملي وينديون، تہ تيمم جائز ناهي. (البدائع والقنيه)

- تڙ وارو، بي وضو ۽ حيض ۽ نفاس واري عورت سڀ جنازي جي تيمم جي جواز ۾ هڪ جهڙا آهن.
- عيد نماز جي فوت ٿيڻ جي خوف کان تيمم جائز آهي. پل وضوءَ سان چو نہ شروع ڪيل هجي. پر وقت نڪري وڃڻ جي خوف کان تيمم جائز ناهي، شافعي ان جي برخلاف آهي.[1]
- گهر ۾ پاڻيءَ جو موجود هئڻ وسري وڃڻ ڪري تيمم سان نماز پڙهي وڃي تہ اهاموٽائڻ جي ضرورت ڪانهي.
- پاڻي ملڻ جو جيڪڏهن امڪان هجي تہ ڪمان مان جيترو تير پري وڃي سگهي اوترو پري تائين ڳولها ڪجي. جيڪڏهن نہ ملي سگهي تہ ساٿيءَ کان گهر ڪجي. ياخريد ڪجي. جيڪڏهن نہ ملي سگهي يا مهانگو ملي تہ تيمم ڪجي.
- هڪ شخص جنهن جي وضوءَ يا غسل جا اڪثر عضوا ڦٽيل آهن پاڻي لڳڻ سان تڪليف ٿي پهچي تہ تيمم ڪري. پر جيڪڏهن اڪثر عضوا صحيح آهن تہ وضو ۽ غسل ڪري ۽ ٻين تي مسح ڪري. ۽ اڪثريت جو اندازو ڪن عضون جي عدد جي بنياد تي ڪيو آهي، تہ ڪن زخمي هنڌن ۽ صحيح هنڌن جي سائيز کي اندازي ڪرڻ لاءِ بنياد

---

[1] عبدالله واري نسخي ۾ امام شافعيءَ جي اختلاف بجاءِ لکيل آهي "ان ۾ زفر ۽ شيعن جو اختلاف آهي."

بنايو آهي. بحرالرائق ۾ آهي تہ اهو وضوءَ ۾ آهي باقي غسل ۾ سائيز مطابق نئي اندازو ڪيو ويندو، جيئن ظاهر آهي. جيڪڏهن ڦتيل ۽ صحيح عضوا برابر هجن تہ ان بابت فتوىٰ ۾ اختلاف آهي. هن باري ۾ امام صاحب کان ڪابہ روايت منقول ڪانهي. ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ تيمم ۽ وضوءَ جو گڏ ڪرڻ بہ آيل ڪونهي، سواءِ خچر ۽ گڏه جي اوبر واريءَ صورت جي جيئن گذريو.

## موزن مٿان مسح جا مسئلا

- موزن مٿان مسح ڪرڻ هر "محدث" (بي وضوءَ) مرد هجي يا عورت، لاءِ صحيح آهي. پر "جنبيءَ" (تڙ واري) لاءِ صحيح ناهي. پر شرط آهي تہ پاڪائيءَ جي حالت ۾ پاتل هجن. ۽ پاڪائي بي وضو ٿيڻ وقت مڪمل هئڻ گهرجي. امام شافعيءَ مطابق موزا پائڻ وقت پاڪائي مڪمل هئڻ گهرجي.[1]
- (پاڪائي جي حالت ۾ پاتل موزن مٿان مسح) مقيم لاءِ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات تائين. ۽ مسافر لاءِ ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين تائين جائز آهي ۽ حساب بي وضو ٿيڻ واري وقت کان لڳائبو.
- موزن جي ظاهر حصي مٿان (پير جي پٺ واري حصي مٿان) ٽن آڱرين سان هڪ ڀيرو مسح ڪجي. شروع پير جي آڱرين کان ڪجي ۽ پنيءَ تائين پهچائجي، ۽ اها سنت آهي. فرض صرف ٽن آڱرين جي مقدار جيترو مسح آهي.
- ٽن آڱرين جيترو جيڪڏهن موزو ڪٽان ڦاٽل آهي، تہ مسح جائز ناهي. (پر جيڪڏهن موزو مختلف هنڌن تان ڦاٽل هجي) تہ هڪ موزي جي ڦاٽل هنڌن کي گڏائي ٽن آڱرين برابر اندازو ڪري ڏسبو، پر پليتيءَ ۽ اوگهڙ کلڻ واري مسئلي ۾ ان جي برخلاف ٻنهي موزن

---

[1] جيڪڏهن ٻني پير ڌوئي موزا پاتائين ۽ پوءِ طهارت مڪمل ڪيائين ان کان پوءِ وضوءَ ڀڃي پيس تہ ان لاءِ موزن مٿان مسح جائز آهي ڇاڪاڻ تہ وضو ڀڄڻ وقت پاڪائي مڪمل ٿيل آهي. شرح منيہ

تي لڳل توري توري پليتي ۽ سمورن ڪپڙن ۾ اوگهڙ جي حصن کي ڳڻائي اندازو ڪبو.

## مسح جا پچندڙ:

- مسح کي اهي ئي شيون پچن ٽيون جن سان وضو ڀڃي پوي ٿو. ۽ موزا لاهڻ ۽ وقت پورو ٿي وڃڻ به ان کي ڀڃي ٿو، پر جيڪڏهن اهو خوف هجي ته موزا لاهڻ سان ماڳهين پير نه هليا وڃن ته ان حالت ۾ مسح نه پچندي.
- موزا لاهڻ کان پوءِ جيڪڏهن اڳي وضو ٿيل آهي ته صرف پير ڌوئي ڇڏڻ گهرجن.
- موزي مان جيڪڏهن پير جو اڪثرحصو نڪري وڃي ته اهو موزن لهي وڃڻ برابر آهي.
- جيڪڏهن مقيم مسح ڪرڻ کان پوءِ اقامت واري مدت پوري ڪرڻ کان اڳئي مسافر ٿي پيو ته ٽي ڏينهن پورا ڪندو. پر جيڪڏهن مسح ڪندڙ مسافر هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات کان پوءِ رهي پيو ته موزا لاهي ڇڏيندو.
- موزي جي مڙني قسمن مٿان مسح جائز آهي. پر پٽڪي ٽوپيءَ برقعي ۽ دستان مٿان مسح جائز ناهي.

## چيڙين ۽ پٽيءَ مٿان مسح:

- ڀڳل عضوي تي ٻڌل چيڙين[1] ۽ ڦٽ ڦرڙيءَ تي ٻڌل پٽيءَ مٿان مسح جو، ڌوئڻ وارو حڪم آهي. ان لاءِ ڪو وقت مقرر به ناهي. وضو ۽ مسح گڏ ڪرڻ ۾ به ڪو حرج ناهي.
- چيڙيون ۽ پٽي، چو نه بنا وضو جي ٻڌيون ويون هجن ته به انهن مٿان مسح جائز آهي.
- سموري پٽيءَ ۽ چيڙين مٿان مسح جائز آهي. جيڪڏهن انهن کي کولڻ ۾ نقصان جو انديشو آهي، هيٺان زخم هجي يا نه. پر

---

[1] شرح طحاوي ۽ زيادات ۾ آهي ته ابو حنيفہ رضي الله عنه وٽ چيڙين مٿان مسح فرض ناهي. ۽ تجريد قدوريءَ ۾ پڻ آهي ته ابو حنيفہ رضي الله عنه کان صحيح مذهب اهو آهي ته چيڙين تي مسح فرض ناهي. زخيره من عينه 'چيڙين' جي لفظ تي عبدالله واري نسخي ۾ هيءُ حاشيو ذڪل آهي: "هيءُ ان شيءِ جو نالو آهي جيڪا ڀڳل عضوي مٿان ٻڌي ويندي آهي."

جيڪڏهن پٽي ڪولڻ يا چيڙين لاهڻ ۾ ڪو به نقصان ٿيڻ جو انديشو ناهي ته مسح جائز نه ٿيندو. ۽ جيترو به حصو بنا نقصان جي کولي سگهجي اهو کولي باقي تي مسح ڪجي.

- جيڪڏهن پٽي يا چيڙيون زخم ڇٽي وڃڻ کان پوءِ لهي پون ته مسح باطل ٿي ويندو.
- موزن ۽ مٿي جي مسح جي نيت جي ڪا به ضرورت ڪانهي.

**جيم ڀهريون:** (نماز جي فرضن جي بيان ۾ مصنف مٿي جيڪو شعر پيش ڪيو تنهن ۾ الف، جي مراد هئي انگڙا پاڪ ڪرڻ. انگڙن (جسم) جي پاڪائي جي سلسلي جا مڙئي احڪام بيان ڪرڻ کان پوءِ مصنف شعر جي ٻئي اکر جيم جي وضاحت ڪري ٿو، ته) ڀهرئين "جيم" مان مراد آهي جامو يعني لباس، نماز پڙهڻ وقت پاڪ رکڻ.

## نماز جو ٻيو فرض:

ٻيو فرض نماز ۾ ڪپڙن جو پاڪ رکڻ آهي. ان جو وڏيڪ تفصيل اهو آهي ته نماز پڙهڻ وقت جيڪو ڪپڙو ڀهريو وجي تنهن مٿان درهم شرعي جي مقدار جيتري پليتي لڳل نه هجي. نجاست (پليتي) جيڪڏهن گهاٽي آهي ته ان ۾ درهم جو وزن معتبر ٿيندو. پر جيڪڏهن پليتي ڇدي(پتڙي) آهي ته ماپ معتبر ٿيندي.

گهاٽي پليتي جيڪڏهن درهم جي مقدار کان گهٽ آهي ته اها صاف ڪرڻ سنت آهي جيڪڏهن درهم جي مقدار جيتري آهي ته ان جو صاف ڪرڻ واجب آهي. پر جيڪڏهن درهم کان مٿي آهي ته اها صاف ڪرڻ فرض آهي.

- جيڪڏهن پليتي ڪپڙن جي ڪنهن ڪناري مٿان لڳل آهي. جيڪو نمازيءَ کي پاتل آهي، ته ان صورت ۾ جيڪڏهن ڪپڙي جو پليتيءَ وارو حصو چري نه ٿو ته نماز جي جائز هئڻ ۾ مانع ٿيندو. نه ته نه.
- جيڪڏهن نماز پڙهڻ مهل مٿو پليت خيمي يا پليت ڇت سان لڳي ٿو ته نماز جائز نه ٿيندي.

- جيڪڏهن پيشاب جي بوتل نمازيءَ سان گڏ هجي ته نماز جائز نه ٿيندي ڇاڪاڻ ته پليتي ساڻ اٿس. جيڪڏهن گلر ساڻ هجي ۽ ان جو وات ٻڌل هجي ته نماز جائز آهي،[1] ڇاڪاڻ ته پليتي پنهنجيءَ جاءِ تي هجي ته نماز کان منع نه ڪندي. جيئن نمازيءَ جي اندر ۾ جيڪا موجود آهي.

## فصل

# پاڪ ڪندڙ پاڻي

- وضو ۽ غسل ڪرڻ، ڪپڙو ۽ بدن ڌوئڻ، بلڪ جنس پليتيءَ جي پاڪائي مطلق پاڻيءَ سان حاصل ٿيندي.
- مطلق پاڻي چئبو آهي مينهن، چشمي ۽ درياهه جي پاڻيءَ کي، ڇو نه اهو ڪنهن پاڪ شيءِ جي ڪري پنهنجي ٽن وصفن، بوءِ، رنگ ۽ لذت مان ڪنهن هڪ وصف ۾ بدلجي ويو هجي. ڪن جو چوڻ آهي، ته پاڪ شيءِ ملڻ کان پوءِ جيستائين پاڻيءَ ۾ وهي هلڻ جي وصف باقي آهي تيستائين وضو ۽ غسل جائز آهي. جيئن حوض جي پاڻيءَ ۾ جڏهن تمام گهڻا پن ڪري پيا هجن. (جيستائين وهي هلي ٿو ته ان مان وضو جائز آهي) النهايه.[2]
- گهڻي بيهڻ جي ڪري جيڪڏهن پاڻيءَ جون ٽئي وصفون ڦري ويون آهن. ته وضو ۽ غسل جائز آهي. الذخيره ۽ فتاوىٰ برجندي.
- اهو پاڻي جيڪو رڌڻ ڪري بدليو هجي. يا ڪي ٻاهريان جزا مٿس غالب ٿيا هجن يا وڻ ۽ ميوي وغيره مان نپوڙيل هجي، (اهو

---

(1) گلر سان گڏ نماز جون ٻه صورتون آهن. هڪ صورت اها آهي ته نمازي پاڻ گلر ساڻ ڪري نماز پڙهندو هجي. ٻي صورت اها آهي ته اهو نمازيءَ مٿان پاڻ اچي ڪڙڪيو هجي. پهرين صورت ۾ نماز جائز ناهي. ٻي صورت ۾ جائز آهي. (ترجمه اصل ڪتاب منية المصلي مان)

(2) ابو نصر کان پڇيو ويو اهڙي پاڻيءَ جي باري ۾ جيڪو رستي تي وهي هلي ٿو. ۽ رستي تي پليتي ۽ ڪچرو آهي. ان مان وضو ڪيو وڃي؟! ته چيائين ته جڏهن پليتي جو اثر ۽ رنگ زائل ٿي وڃي ته پوءِ وضو جائز آهي. تاتارخانيه

پاڻي مطلق ناهي. مقيد آهي[1] ان مان وضو ۽ غسل جائز ناهي. البت ڪپڙو ۽ بدن ڌوئي سگهجي ٿو، پر شرط آهي ته نشي وارو نه هجي. ڏهه ضربيان ڏهه گز جي ايراضيءَ وارو پاڻي وهندڙ پاڻيءَ جي حڪم ۾ آهي، ۽ گز جي ماپ بابت ڪن جي خيال مطابق صحيح روايت هيءَ آهي ته گز ستن مٺين ۽ هڪ آڱوٺي برابر آهي. هن باب ۾ مختلف فتوائون آهن. اڪثر هن خيال جا آهن ته ڇهه مٺيون اڱوٺي ڏيکارڻ کان سواءِ آهي. فتاوي قاضي خان وغيره هن خيال جا آهن ته ست مٺيون ستن آڱوٺن سان هجي. ۽ ڪن عالمن زماني جي گز تي فتوىٰ ڏني آهي. بهرحال احتياط قاضي خان جي فتوىٰ ۾ آهي. باقي ٻين جي قولن ۾ وسعت آهي.

- وهندڙ پاڻي ان کي چوندا آهن. جنهن تي ڪک ڪهڙ وهي هلي. ڪن جو چوڻ آهي ته جنهن پاڻيءَ کي عام طور وهندڙ چيو وڃي سو وهندڙ آهي. تنهن ۾ جيستائين پليتيءَ جو اثر ظاهر نه ٿئي تيستائين پاڪ آهي. ان ۾ جيڪڏهن اهڙيون شيون مري پون جن ۾ رت نه هوندو آهي جهڙوڪ: مڪ، مڇر وغيره ته پليت نه ٿيندو. تڙ ۽ بي وضوءَ واري جالت ۾ غسل ۽ وضوءَ يا وضوءَ هوندي به ثواب لاءِ ٻيهر ڪيل وضوءَ ۾ استعمال ڪيل پاڻي مطلقا پاڪ آهي. پاڪ ڪندڙ ناهي. ڪن تڙ ۾ استعمال ڪيل پاڻي لاءِ پليت هئڻ جي فتوىٰ ڏني آهي.
- تڙ وارو ماڻهو ڪريل دلو ڪڍڻ لاءِ کوهه ۾ گهڙيو ته انهيءَ مسئلي بابت ٽي قول آهن. جن کي "جحط" سان تعبير ڪيو ويندو آهي. فتوىٰ امام محمد جي قول مٿان آهي ته پاڻي پاڪ آهي پاڪ ڪندڙ ناهي. کوهه ۾ گهڙندڙ تڙ وارو ماڻهو پڻ پاڪ ٿي ويندو، (لفظ "جحط" ۾ "ط" مان مراد هيءُ قول آهي) امام ابوحنيفه جو قول آهي ته پاڻي به پليت ته تڙ وارو به پليت رهجي ويندو ("جحط" ۾ "ج" مان هيءُ قول مراد آهي) امام ابو يوسف جو قول آهي ته پاڻي توڙي پاڻيءَ

---

[1] بريڪيٽ ۾ بند ڪيل عبارت عبدالله واري نسخي ۾ موجود ناهي.

۾ گهڙنڊڙ ٿئي ساڳي حال تي رهندا يعني پاڻي پاڪ گهڙنڊڙ پليت، بحرالرائق وغيره.

- هر ڪلَ جيڪا رڳي وئي آهي، سارڳجڻ سان پاڪ ٿي ويندي. مطلقا، پر جيڪڏهن ڪل، اس يا مٽيءَ تي سڪائي وئي آهي ته پاڻي لڳڻ سان پليت ٿي پوندي.
- سوئر جي ڪل مطلقا پليت آهي. رڱڻ سان پاڪ نہ ٿيندي. چاڪاڻ تہ اها نجس العين آهي. هڪ روايت مطابق ڪتو پڻ نجس العين آهي اهو پڻ پاڪ نہ ٿيندو آهي.
- ماڻهوءَ جي ڪل جي پاڪائي جو حڪم نہ ڪيو ويو آهي. سندس شان جي ڪري تہ جيئن اها استعمال نہ ڪئي وڃي.
- مئل ماڻهوءَ جا وار ۽ هڏا ٿئي پاڪ آهن.
- سوئر جا وار پاڪ ناهن، پر جيڪي ماڻهو ان جي وارن جي انتهائي سخت ضرورت رکندا هجن تن لاءِ ضرورت سببان جائز آهي.[1]
- موزو ظاهري جسماني پليتيءَ جي حالت ۾ مٽيءَ تي ملڻ سان، پر جيڪڏهن پليتي ڏسڻ ۾ اچڻ جهڙي ناهي تہ ڌوئڻ سان پاڪ ٿي ويندو. مني جيڪڏهن گهاٽي هجي تہ سڪڻ ڪان پوءِ مٽيءَ تي ملڻ يا مهٽڻ سان پاڪ ٿي ويندي. پر جيڪڏهن گهاٽي ناهي تہ ڌوئڻي پوندي. تلوار ۽ ان جهڙيون پيون شيون جيڪي جذب نہ ڪنديون هجن، سي ڪپڙي تي مهٽڻ سان پاڪ ٿي ونديون. آليون هجن يا سڪيون.
- زمين، جيڪڏهن سڪڻ ڪان پوءِ ان تي پليتيءَ جو اثر نظر نہ اچي تہ تيمم لاءِ نہ نماز لاءِ پاڪ ٿي ويندي، ان جي پيهر آلي ٿيڻ سان وري پليت ٿي پوندي. زيلعي جو اهو موقف آهي. قاضي خان ۽ زاهدي هن موقف کي صحيح قرار ڏنو آهي تہ مطلقا پليت نہ ٿيندي.
- درهم برابر يعني تريءَ جي اندرئين حصي جيتري ويڪري

---

[1] سوئر جا وار پاڻيءَ ۾ پئجي وڃن تہ ضرورت جي صورت ۾ پاڻي پليت نہ ٿيندو. شرح منيه المصلي.

ڪن چيو آهي، تہ ويڪري نہ پر درهم جي وزن[1] جيتري پليتي ۽ ان جو وزن پاوليءَ برابر آهي. اڪثر مشائخن جي فتوىٰ هن تي آهي تہ ويڪر جو اندازو پتڙين شين ۾ ۽ وزن جو اندازو گھاٽين شين ۾ ڪبو. جيڪڏهن غليظ آهي جيئن رت ۽ شراب، وٽ ڪڪڙ جي ۽ اهڙن جانورن جو پيشاب جن جو گوشت حرام آهي ۽ اهڙن جانورن جو چيٺو جن جو گوشت حلال آهي. تہ اها معاف آهي، يعني ان سان نماز جائز پرمڪروه آهي. ۽ فتح القدير ۾ درهم ۽ درهم کان گھٽ کي بہ مڪروه قرار ڏنو ويو آهي، ان بابت تحقيق هيءَ آهي تہ درهم برابر مڪروه تحريمي آهي. ۽ ان کان گھٽ مڪروه تنزيهي ۽ وڌيڪ مورڳو ناجائز آهي. جيئن ينابيع وغيره ۾ مذڪور آهي.

- ڪپڙي جو چوٿون حصو مطلقا، جنهن جي مبسوط تصحيح ڪئي آهي. يا گھٽ ۾ گھٽ ايترو جيتري مان نماز جائز ٿي سگھي، جنهن جي قدوريءَ ۾ بغداديءَ تصحيح ڪئي آهي يا جيڪو ڪپڙي جو پلئہ زمين تي گھلجي ٿو،[2] جنهن جي اڪثر تصحيح ڪن ٿا. يا گرانٹ ضربيان گرانٹ[3] هجي، جيئن ابو يوسف جو چوڻ آهي ۽ عرر الافڪار ۾ امام اعظم کان منقول آهي' تہ نجاست خفيف مان جيئن پيشاب انهن جانورن جو جن جو گوشت کاڌو وڃي ٿو ۽ گھوڙي ۽ خچر جو ۽ وٺ حرام پکين جي. معاف آهي گذريل تفصيل مطابق (جيئن مغلظ پليتيءَ ۾ ڪراهت تنزيهي، تحريمي وغيره جو تفصيل گذريو)

---

[1] درهم جو وزن 25 داڻا آهي.

[2] هن جڳهہ تي مصنف اصل متن ۾ "ذيل" جو لفظ استعمال ڪيو آهي. جنهن تي عبدالله واري نسخي ۾ هيءُ حاشيو چڙهيل آهي تہ 'ذيل' زبر سان پلؤ زمين تي ڇڪڻ ۽ پلؤ شيءِ قميص، گوڏ يا جيڪا بہ هجي ان جو آخري حصو جيڪو زمين تي لٽڪيل هجي، کي چوندا آهن.

[3] شرعي طور آڱوٺي جي مٿي کان ننڍي آڱر جي مٿي تائين، کي چوندا آهن. عبدالحق مشڪواة فصل اول باب اماره

- ڪپڙو وغيره ڏسڻ ۾ اچڻ واري (جسماني پليتيءَ) جي صورت ۾ پليتي زائل ڪرڻ ۽ ان جي اثر زائل ڪرڻ سان پاڪ ٿي ويندو، پر جيڪڏهن پليتيءَ جو اثر جيئن رنگ وغيره اهڙو آهي جو سخت زورلڳائڻ باوجود ختم نہ ٿو ٿئي تہ خير آهي، پر جيڪڏهن پليتي ڏسڻ ۾ اچڻ واري ناهي، تہ اها ٽي ڀيرا ڌوئڻ سان پاڪ ٿي ويندي. پر هر ڀيري ڪپڙو نپوڙبو، نپوڙڻ ۾ جيترو نپوڙڻ واري ۾ زورهجي ان مطابق نپوڙجي. جيڪڏهن ڪپڙي جي رعايت ڪئي وئي تہ ڪپڙو پليد رهجي ويندو، اها شيءِ جيڪا نپوڙجي نہ سگهي سا ٽي ڀيرا ڌوئجي ۽ هر ڀيري سڪائجي.
- استنجا ڪرڻ جي جاءِ پاڻي سان ڌوئڻ کان اڳ پٿر سان صاف ڪرڻ مسنون آهي. هن صورت ۾ تاڪيد جي طور ٽي ڀيرا پٿر سان اگهڻ سنت نہ پر مستحب آهي. پر جيڪڏهن هڪ سان پاڪائي نہ ٿئي تہ جيڪو بہ اڪيءَ جو انگ جڙي سو اختيار ڪجي. ۽ پٿر استعمال ڪرڻ کان اڳ زمين تي هڻجي تہ جيئن تسبيح کان بس ڪري. اهو "العيون" ۾ مذڪور آهي. ان کان پوءِ ڌوئڻ،جيڪڏهن درهم جيتري پليتي آهي تہ مستحب آهي. جيڪڏهن نڪرڻ واري جاءِ کان وڌيل آهي تہ واجب آهي. فتوىٰ ان تي آهي. ۽ محمد چيو آهي تہ درهم نڪرڻ واري جاءِ سميت اعتبار ڪيو ويندو.
- **استنجا ڪرڻ:** هڏن، جانورن جي ڇيڻ، ڪاڏي، لوڻ، پڪل سر، نڪر گاهہ ۽ ڪاغذ سان مڪروهہ آهي. سر ديوار کان جداچونہ هجي، يا ڪنهن بہ پرائي شيءِ سان مڪروهہ آهي. ها البت جيڪڏهن يقين هجي تہ مالڪ جي ڪم جي ناهي تہ پوءِ خير آهي.
- ساڄي هٿ سان استنجا ڪرڻ مڪروهہ آهي.[1] ماڻهن آڏو استنجا ڪرڻ، جيڪڏهن پاسي تي ٿي ڪرڻ ممڪن هجي تہ حرام آهي، پي صورت ۾ مڪروهہ آهي. پر جيستائين فرض نہ ٿئي نہ ڪجي. فرض ٿئي تہ ماڻهن کي پنهنجو منهن ٻئي پاسي ڪرڻ جو چئجي.

---

[1] کاٻو هٿ وڍيل ساڄي هٿ سان استنجا ڪري سگهي ٿو. ٻئي هٿ وڍيل ٻانهن جي ٽونٽين سان گڏ مسح ڪري نماز نہ ڇڏي. ماڻهوءَ جي اوگهڙ کي استنجا ۾ اهو هٿ لائي جنهن سان (گذشتہ سان پيوستہ) سندس همبستري جائز هجي. (يعني زال جي اوگهڙ کي مڙس، مڙس جي اوگهڙ کي زال)

- قبلہ ڏي منهن توڙي پٺي ڪري پيشاب ۽ پاخانو ڪرڻ مڪروه آهي.[1] عمارت اندر چونہ هجي. جيڪڏهن ويسر ۾ ويهي ويو تہ ممڪن هجي تہ ڦري وڃي. استنجا ۾ اختلاف آهي. ڪي مڪروه سمجهن ٿا تہ ڪي نہ. تمرتاشي مڪروه نہ هئڻ جو قائل آهي.
- سج ۽ چنڊ ڏي منهن ڪري پيشاب پاخانو ڪرڻ بہ مڪروه آهي. بيهي پيشاب ڪرڻ بہ مڪروه آهي. البت ضروري عذر جي حالت ۾ جائز آهي. جنهن جڳهہ تي پيشاب ڪجي اتي وضو ۽ غسل نہ ڪجي، مڪروه آهي. زمين سخت جيستائين نرم نہ ڪجي تيستائين پيشاب ڪرڻ مڪروه آهي، هوا جي سامهون تي پيشاب ڪرڻ مڪروه آهي ۽ جانورن جي ٻرڙ ۾ پيشاب ڪرڻ پڻ مڪروه آهي.

چاڻ ۾ رهي تہ وضو، تيمم، موزن مٿان مسح، پاڻي، وضو ۽ ٻين نماز جي مهاڳ وارين شين جا مسئلا مختصر ذڪر ٿيا. جيڪو وڌيڪ تفصيل مسئلن جي دليلن سميت ڏسڻ گهري تنهن کي کپي تہ ڪاتب الحروف جو ڪتاب فتح المذاهب الاربعہ جو مطالعو ڪري. جيڪو تفصيلي مسئلن ۽ علمي بحث لاءِ نهايت تسلي بخش ڪتاب آهي.

ٻيو 'جيم': (نماز جي فرضن جي بيان ۾ مصنف پاران پيش ڪيل شعر ۾ الف ۽ جيم پهرئين جي مراد (جسم ۽ لباس پاڪ ڪرڻ) جو تفصيل گذريو هاڻي ٻئي جيم جي مراد تي بحث شروع ڪري ٿو. (سنڌيڪار)

## نماز جو ٽيون فرض:

جاءِ پاڪ ڪرڻ آهي. پيرن جي جڳهہ پاڪ ڪرڻ مڙني روايتن جي بالاتفاق فرض آهي. سجدي جي جاءِ پاڪ ڪرڻ پڻ امام اعظم کان منقول صحيح روايت موجب فرض آهي. ابو يوسف ۽ محمد جو پڻ اهو ئي قول آهي. البت هٿن، ڪلهن، بغلن ۽ سيني وغيره جي سامهون واري زمين ظاهر روايت مطابق شرط ناهي، فقيهہ ابو الليث جو موقف آهي

[1] قبلہ، قرآن توڙي فقهہ جي ڪتاب وغيره ڏانهن منهن يا پٺي ڪري پيشاب ڪرڻ پڻ مڪروه آهي ها جيڪڏهن ماٿهوءَ جي قد کان مٿي هجن تہ پوءِ نہ. شرح منيه

تہ ان جي پاڪائي بہ شرط آهي، ايستائين جو جيڪڏهن سيني ۽ بغل جي سامهون وارو حصو پليت هوندو تہ نماز فاسد ٿيندي. ۽ اهوئي صحيح آهي جيئن 'العيون' ۾ شيخ ابن همام ۽ ابن نجيم نقل ڪيو آهي.

- نمازي پليت جاءِ تي ڪپڙو وڇائي نماز پڙهي ٿو. جيڪڏهن ڪپڙو اهڙو آهي جو ان مان اوگهڙ ظاهر نہ ٿي ٿئي تہ نماز جائز آهي. ٻي صورت ۾ جائز ناهي. جيڪڏهن ڊڪيل پير پليت جاءِ تي رکي نماز ٿو پڙهي تہ نماز جائز ناهي. پر جيڪڏهن پير ڍڪيندڙ شيءِ بوٽ وغيره[1] پير مان ڪڍي ان مٿان پير رکي نماز پڙهي ٿو تہ جائز آهي. ڇاڪاڻ تہ پهرين صورت ۾ پليتيءَ مٿان بيٺل آهي پوئين صورت ۾ پاڪ شيءِ مٿان بيٺل آهي.

**سين:** (فرضن جي بيان واري شعر ۾ اڳيون حرف آهي 'سين' جنهن مان مراد 'ستر' آهي.)

## نماز جو چوٿون فرض:

اوگهڙ ڍڪڻ آهي. جا مردن لاءِ دن کان گوڏن تائين آهي، البت آزاد عورت لاءِ سڄي بدن کي ڍڪڻ فرض آهي. سواءِ منهن، هٿن جي ترين ۽ پيرن جي. جيئن ظاهر روايت ۾ آهي. ڪن روايتن ۾ آهي تہ پير پڻ اوگهڙ آهن.اهو قاضي خان، اسبيجابي ۽ مرغينانيءَ جو قول آهي. شارح منية المصلي پڻ ان کي ترجيح ڏني آهي. ٻانهيءَ جو مرد وارو حڪم آهي، البت پيٽ ۽ پٺي ان جي پڻ اوگهڙ آهي. سينو پيٽ جي برابر آهي ان ڪري اهو بہ ان وانگر اوگهڙ آهي.

- نماز ۾ پاڻ کي اگهاڙو ڏسڻ سان صحيح روايت اها آهي تہ نماز جائز ٿي ويندي، پر ڪن روايتن ۾ آهي تہ نماز فاسد ٿي ويندي. بحرالرائق وغيره
- عضوي جو چوٿون حصو نماز ۾ ظاهر ڪرڻ سان نماز جائز نہ ٿيندي. البتہ چوٿين حصي کان گهٽ ۾ نماز ٿي ويندي.
- جيڪڏهن ڪپڙو چوٿون حصو پاڪ آهي. ۽ نماز اگهاڙو ٿو پڙهي تہ نماز جائز نہ ٿيندي. پر جيڪڏهن چوٿين حصي کان گهٽ پاڪ

---

[1] شرط آهي تہ بوٽ پاڪ هجن.

آهي تہ مرضيءَ وارو آهي. گهري تہ اگهاڙو ٿي نماز پڙهي، گهري تہ پليت ڪپڙو پهري پڙهي. اگهاڙپ جي حالت ۾ اشارن سان پڙهڻ، اگهاڙو ٿي رڪوع سجدي ڪرڻ کان افضل آهي.

- نماز ۾ مستحب لباس پهراڻ، گوڏ ۽ پٽڪو آهي. خالي لنگيءَ يا پهراڻ ۾ نماز پڙهڻ ان صورت ۾ مڪروه آهي جڏهن ٻيو ڪپڙو موجود هجي. محيط وغيره.

**نون:** (شعر جي اڳئين حرف نون مان مراد نيت آهي.)

## نماز جو پنجون فرض:

نيت ڪرڻ آهي تہ نماز پڙهان ٿو الله تعالي جي لاءِ. پر نيت نماز سان گڏو گڏ ڪجي، يعني نيت ۽ نماز شروع ڪرڻ جي وچ ۾ ڪوبہ اهڙو عمل جيڪو نمازجي لائق نہ هجي، سو نہ ڪجي. جيئن کائڻ، پيئڻ ۽ ڳالهائڻ. البتہ مسجد ڏانهن وڃڻ يا وضو ڪرڻ نيت ۽ نماز جي وچ ۾ اچي تہ ان ۾ ڪوحرج ناهي، پر مستحب اهو آهي تہ نيت تڪبير سان گڏ هئڻ گهرجي، جيئن تڪبير سان گڏ ئي نماز اچي وڃي. ان کان دير ڪرڻ ڪرخيءَ جي روايت مطابق جائز آهي، پر ظاهر روايت مطابق جائز ناهي. تنهن ڪري جيڪڏهن الله - چئي - اڪبر چوڻ کان اڳ نيت ڪيائين تہ جائز نہ ٿيندي.

- سنتن ۽ نفلن ۾ ايتري نيت ڪوڙ آهي. البت فرض نماز جي صورت ۾ اهو تعين ضروري آهي تہ نماز ڪهڙي وقت جي آهي. جيئن ظهر، عصر وغيره. مڙني علمائن جي اتفاق سان اهو تعين دل ۾ ڪرڻ ئي ڪافي آهي. "اڄوڪي ظهر" يا "هن وقت جي ظهر" زبان سان چوڻ وڌيڪ صحيح آهي.[1] پر يقين ڪرڻ ڪپي تہ نماز جو وقت آهي. جيڪڏهن وقت ناهي تہ هيئن چوي تہ جيڪا ظهر مون مٿان آهي. پر شرط آهي تہ انهيءَ ظهر کان سواءِ ڪابہ ظهر سندس ذمي رهيل نہ هجي. جيڪڏهن ٻي ظهر بہ مٿس رهيل آهي تہ تعين هن

---

[1] **سوال:** جيڪڏهن ظهر نماز ۾ دل ۾ ظهر جي نيت هجي زبان سان عصر چنجي وڃي تہ ڇا ان جي ظهر ادا ٿي ويندي؟ جواب آهي تہ ادا ٿي ويندي. مجموعہ سلطاني.

ظهر جو ڪرڻ ضروري آهي. رڪعتن جي تعداد مقرر ڪرڻ ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ جي نيت شرط ناهي. بحرالرائق وغيره.

- زبان سان هوريان چوڻ اڪثر علمائن وٽ مستحب آهي. ڪن وٽ بدعت آهي، ۽ ڪي ان جي ڪراهت جا قائل آهن، البت ڏاڍيان چوڻ 'غير مشروع' آهي. فيض الباري ۾ ڏاڍيان چوڻ کي غير مشروع مطلقا بالاتفاق چوڻ کان پوءِ آهي ته لفظن ۾ نيت ڪرڻ ۾ اختلاف آهي. ڪن 'مستحب، ڪن بدعت ۽ ڪن مڪروه قرار ڏنو آهي چاڪاڻ ته لفظن سان چوڻ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان صحيح توڙي ضعيف ڪنهن به طريقي سان منقول ناهي. نه نبي صلي الله عليه وسلم نماز شروع ڪرڻ وقت چوندا هئا: آءٌ هيئن پڙهان تو ۽ نه صحابن ۽ تابعين مان ڪنهن کان منقول آهي. شرح منية ۾ آهي ته چئن امامن کان پڻ ان طرح منقول ناهي، بحرالرائق ۾ منية کان منقول آهي ته اهو مستحب آهي. اهو ئي مجيل قول آهي. مجتبىٰ ۾ ان کي صحيح قرار ڏنو ويو آهي. هدايه، ڪافي ۽ تبيين ۾ آهي ته ذهن کي متوجهه ڪرڻ جي ڪري اهو سٺو آهي. شيخ ابن الهمام ان کي بدعة حسنه ڪوٺيو آهي. جڏهن ذهن جي يڪسوئي جي مقصد سان ڪئي وڃي. ۽ نيت جا لفظ هيءُ هئڻ گهرجن "فلاڻي وقت جو فرض الله ڪارڻ پڙهان تو." جنهن به زبان ۾ دل ۾ خيال حاضر ٿين. ائين نه جيئن عوام ۾ مشهور آهي ته نويتُ اَنْ اُصَلي الله تعالي ركعتين صلواه الفجر فرض هن الوقت اقتديت هذا الامام متوجها الي جهه الكعبه الله اكبر. چاڪاڻ ته ان مطابق نه حديث ۾ آهي ۽ نه فقهه ۾. بحرالرائق ۾ ان جي تصريح ڪيل آهي. والله الموفق.
- جيڪڏهن مقتدي هجي ته امام جي پٺيان هئڻ جي نيت مٿس لازم آهي.
- امام لاءِ امامت جي نيت ۽ ڪنهن لاءِ به قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ جي نيت شرط ناهي. جيڪڏهن پٺيان ٽيس هن امام جي، يا شروع ڪيم نماز امام جي، چئجي ته ڪن وٽ ايستائين جائز ناهي جيستائين فرض جو تعين نه ڪري. ۽ صحيح اهو آهي ته هي سڀ جائز آهن. جيئن بحرالرائق ۾ آهي.

- ۽ جمعي جي نماز ۾ جمعي جي نيت سان ظهر جي فرض جي نفي ڪرڻ گهرجي نه ته فرض ادا نه ٿيندو، اسان جي سيني علمائن جو اهو موقف آهي، سواءِ امام زفر جي. فوت ٿيل نمازن ۾ اهو يقين ڪجي ته جيڪي مٿس ظهر جون نمازون آهن، تن مان پهرين ٿو پڙهي يا پوئين نه ته نماز ادا نه ٿيندي. بحرالحرائق مان ان طرح ظاهر آهي. پر مختلف مسئلن ۾ ڪنز وغيره ۾ آهي، ته مطلق فوت ٿيل ظهر جي نيت ڪي ڪافي فرمايو اٿن.
- وتر بابت ڪن جو چوڻ آهي ته خالي وتر جو لفظ چوي. وتر واجب نه چوي، ڇاڪاڻ ان جي وجوب ۾ اختلاف آهي،۽ صحيح هيءُ آهي ته وتر واجب چئجي جو امام اعظم جو مذهب واجب چوي ٿو.
- جنازي نماز ۾ نماز الله لاءِ ۽ دعا ميت لاءِ چئجي. ۽ امام جي پويان هئڻ جي نيت جي ضرورت ناهي. هيءُ سڀ بحرالرائق ۾ مختلف جاين تي آهي.

واو: بيت جي لفظ واو مان مراد "وقت" آهي.

## نماز جو ڇهون فرض:

وقت آهي. (هيٺ هر هڪ نماز جا وقت بيان ڪجن ٿا)

### وقت فجر:

نماز فجر جو وقت صبح صادق کان سج ايرڻ تائين آهي، ۽ ان جي ادا ۾ دير ڪرڻ مستحب آهي. يعني سڄي وقت جي پئي اڌ ۾ نماز پڙهڻ گهرجي، ان جو سڄو وقت صبح صادق کان سج ايرڻ تائين رات جو ستون حصو آهي. جيئن خزانة الروايات ۾ جواهرالفتاوي مان امام بزدويءَ کان باب الصوم ۾ منقول آهي. سو چار گهڙيون تقريبن وچٿرن ڏينهن ۾ ٿئي ٿو. انهيءَ اندازي تي وڏين راتين وارن ڏينهن ۾ وڌيڪ ۽ ننڍين راتين وارن ڏينهن ۾ ننڍو ٿيندو. ۽ پويون اڌ سج اچڻ تائين ٻه گهڙيون ٿيندو. بهرحال جيترو به ٿي سگهي اجاڻ وڌيڪ مستحب آهي. بس ايتري دير ڪجي جو جيڪڏهن نماز فاسد ٿي وڃي ته موٽائي سگهجي. بحرالرائق مان معلوم ٿئي ٿو ته صبح صادق

اڃان ڦهلجي وڃڻ کي ڇئبو آهي ان مان مراد افق آهي. هيٺ ٻاري فضا ناهي، تجربي مان معلوم ٿيو آهي ته فضا ۾ روشني پکڙجڻ ۽ سج اڀرڻ تائين ٿن گهڙين کان متي وقت نه ٿيندو آهي.

**وقت ظهر:**

سج جي زوال (لڙڻ) کان وٺي هر شيءِ جي پاڇي جي ٻيڻي ٿيڻ تائين ظهر جو وقت آهي. پر ٻيڻو پاڇو شيءِ جي اصل پاڇي کان سواءِ ڪتبو. امام اعظم جو مذهب اهوآهي ۽ اڪثر علمائن جي فتويٰ انهيءَ تي آهي، امام ابو يوسف ۽ امام محمد جي قول مطابق شيءِ جو اصل پاڇو ڇڏي ٻيو جڏهن شيءِ جي برابر ٿئي ته ان وقت تائين ظهر جو ٽائيم آهي. ڪن عالمن ان تي فتويٰ ڏني آهي، بحرالرائق واري پهرئين جو صحيح هئڻ. بدائع، محيط، تصحيح قدوري، نسفي، صدرالشريعة، شرح مجمع، غياثيه وغيره کان نقل ڪيو آهي.

**اصلي پاڇو:**

اصلي پاڇو برهان پور ۽ ان جي آس پاس جو، هن فقير الڳ رسالي ۾ بيان ڪيو آهي. ترجمه شعر:[1]

حمل وقت فيءِ اڍائي پير اتر پاسي هميشه ٿيندو. ۽ ثور وقت هڪ قدم. جوزا وقت برابر ٿيندو. اڌ سرطان وقت هڪ قدم ڏکڻ طرف ٿيندو. ان جي آخر تائين ميٽجي ويندو. اسد وقت اهوئي پاڇو ٿيندو. سنبله وقت هڪ قدم. اڍائي ميزان وقت ٿيندا. عقرب وقت ساڍا ٽي ۽ قوس وقت ساڍا پنج پير ٿيندو. اڌ جديءَ ۾ اٺ ٿيندو، اتر طرفان وڌيڪ نه. دلو وقت ڇهه قدم ان جي اڌ تائين پنج ٿيندا. پندرهن مان هڪ گهٽ آهي. حوت ۾ چار آهن منهنجا يار. ان جي آخر تائين ڏيڍ پير جو نقصان سمجهه. حمل ڏانهن موٽندي اڍائي آهن. جيڪڏهن اي عقل وارا عمل ڪرين. خداڪاڻ توکي چوان ٿو اي عيسي هن نظم کي.

مهينن جو مدار سج تي آهي. جيئن هن بيت ۾ آهي:

لاؤ لالب لاؤلا لا ڇهه مهينا آهي.

لل ڪط و ڪط لل نندا مهينا آهن.

---

[1] برهانپور کان علاوه سنڌ ۾ سَن، سيوستان (سيوهڻ) ۽ ٺٽي ۾ اصلي پاڇن جو حساب جيڪو مصنف ڪڍيو آهي، سو ضميمي ۾ ڏجي ٿو. (مترجم)

سج جو برج حمل ۾ لهڻ فروري ۾ ٿيندو آهي. ان جي تحقيق ڪري ان کان پوءِ سڄي سال جو حساب ڪرڻ گهرجي. قطعہ:

فروردي چون بگذشتي مہ اردي بهشت آيد.
بود خرداد وتيرانکہ چوامرداوت همي شايد.
پس از شهر يور واز مهر وآبان آذروديدان.
کہ برهمن جز اسفنديار ند ماهي نيفزايد.

و الله الموفق.

## وقت ظهر:

ظهر نماز اونهاري ۾ دير ڪري پڙهڻ مستحب آهي. پر اها شيءِ برابر پاڇي اچڻ کان اڳ تائين پڙهڻ گهرجي. يعني اهو وقت محققن وٽ بنا ڪراهت جي آهي، البت پاڇي برابر کان وٺي ٻئي برابر پاڇي تائين نماز مڪروه ٿئي ٿي. ان ۾ 'صاحبين' جو اختلاف آهي ڇاڪاڻ تہ انهن وٽ شيءِ جي برابر پاڇي اچڻ کان پوءِ ظهر جو وقت ناهي. بلڪ عصر جو وقت آهي. مشائخن انهيءَ وقت ۾ ظهر نامناسب ۽ نہ پڙهڻ ڪي احتياط جي تقاضا سڏيو آهي. شرح ابن همام ۽ بحرالرائق ۾ ان طرح مذڪور آهي.

پاڇو شيءِ جي برابر ٿيڻ کان اڳ ۽ شيءِ جي اڌ برابر ٿيڻ کان پوءِ نماز پڙهڻ مستحب آهي. ڇاڪاڻ تہ تاخير جو وقت پويون اڌ آهي. ۽ تڪڙ وارو وقت پهريون اڌ آهي. بحرالرائق وغيره ۾ ان طرح مذڪور آهي.

سياري جي ڏينهن ۾ ظهر ۾ جلدي ڪرڻ مستحب آهي. ۽ ان جي حد ذڪر ٿي.

اونهاري ۽ سياري جي وصف هيءَ آهي تہ جن ڏينهن ۾ روز سردي پوي اهي ڏينهن سياري جا آهن. ۽ جن ڏينهن ۾ هرروز گرمي پوندي رهي اهي ڏينهن گرميءَ جا آهن. بحرالرائق ۾ ان طرح مذڪور آهي.

## وقت عصر:

عصر جو وقت ظهر جي وقت کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. ٻنهي مذهبن جي مختلف موقفن مطابق. يعني امام اعظم جي چوڻ مطابق

شيءِ کان ٻيڻو پاڇو ٿيڻ کان پوءِ ۽ صاحبين جي چوڻ مطابق شيءِ جي برابر پاڇي ٿيڻ کان پوءِ. هڪ روايت امام اعظم کان هن طرح به منقول آهي. ته ظهر جو وقت شيءِ جي برابر پاڇي تي ختم ٿئي ٿو. ۽ عصر جو وقت شيءِ جي ٻيڻي پاڇي ٿيڻ کان شروع ٿئي ٿو. هن صورت ۾ شيءِ جو ٻيو برابر پاڇو ظهر ۽ عصر وچ ۾ واسطو قرار ٿيندو. عصر جو آخري وقت مڙني قولن مطابق غروب تائين آهي، سواءِ حسن بن زياد جي روايت جي، جو سندس چوڻ آهي ته سج جي ٽڪي پيلي ٿيڻ کان پوءِ عصر جو وقت ناهي. جمهور جي قول مطابق مڪروهه تحريمي آهي. عصر نماز ۾ تاخير مستحب آهي. پر سج جي ٽڪيءَ جو رنگ بدلجڻ کان اڳ پڙهڻ گهرجي. مڙني ڏينهن ۾ سيارو هجي يا اونهارو چيٽ هجي يا ڪتي. پويون اذ وقت جيستائين ڪراهت واري وقت کي نه پهچي تيستائين مستحب آهي. ها البت جهڙالي موسم وارن ڏينهن ۾ تاخير بجاءِ تعجيل مستحب آهي.

**وقت مغرب:**

مغرب جو وقت سج لهڻ کان وٺي اڇاڻ غائب ٿيڻ تائين آهي اهو امام اعظم جو قول آهي. ۽ اهو ئي قول ابوبڪر صديق، عمر فاروق، معاذ بن جبل ۽ عائشه صديقه رضي الله تعالي عنهم جو آهي، صاحبين يعني امام ابويوسف ۽ محمد جو قول آهي ته اڇاڻ کان پوءِ جيڪا افق تي ڳاڙهاڻ ظاهر ٿئي ان جي غائب ٿيڻ تائين مغرب جو وقت آهي. هيءَ ابن عمر ۽ ابن عباس رضي الله عنهما جو قول آهي. اڪثر محقق فتوىٰ پهرئين قول تي ڏين ٿا. ۽ پوين پڻ انهيءَ کي اختيار ڪيو آهي. جڏهن ته ڪن ٻئي قول تي فتوىٰ پڻ ڏني آهي. پر شيخ ابن همام جو چوڻ آهي ته روايت توڙي درايت ان جي حق ۾ ڪانهي.

مغرب ۾ جلدي پڙهڻ مستحب آهي، ان جي حد اسرار ۾ آخري اذ کان اڳ تائين ڇاٽايل آهي. البت شيخ ابن همام جو چوڻ آهي ته جلدي جي حد مغرب ۾ اها آهي ته مغرب جي آذان کان پوءِ ٻن رڪعتن جي وقت جيتري جيڪڏهن دير ٿي ته اها مڪروهه ٿيندي، صاحب بحرالرائق تاخير جو وقت ستارن

ايرڻ تائين پڌايو آهي. ظاهر آهي تہ ان مان سندس مراد ’زهره‘ وغيره کان سواءِ ٻيا ستارا هوندا جو زهره وغيره تہ غروب تيڻ شرط ظاهر ٿيندا آهن. البتہ ستارن ايرڻ کان پوءِ بالاتفاق مڪروه تحريمي آهي. اڪثر فقهہ جي ڪتابن ۾ ان طرح آهي. پر اهو ’اسرار‘ جي خلاف آهي، سفر ۽ کائڻ پيئڻ جي عذر جي صورت ۾ تاخير جائز آهي، هيءُ منية المصلي ۾ آهي.

**وقت عشا ۽ وتر:**

عشاءِ ۽ وترجو وقت اڃاڻ يا ڳاڙهاڻ، مختلف قولن مطابق غائب ٿيڻ کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. صبح صادق تائين. البت وتر عشاء کان اڳ جائز ناهي ان جو سبب اهو آهي تہ امام اعظم وٽ پنجن فرضن جي، وتر سميت ترتيب واجب آهي.

عشاء ۾ دير ڪرڻ رات[1] جي ٽئين حصي تائين مستحب آهي. ۽ افضل ڇهن حصن کان وٺي ٽائين حصي تائين ادا ڪرڻ آهي. ان جو وڌيڪ تفصيل مؤلف جي رسالي ”فيءُ الزوال“ ۾ مدلل نموني مذڪور آهي. والله الموفق.

- جهڙالن ڏينهن ۾ عصر ۽ عشاء تڪڙو پڙهڻ گهرجن. عصر هن لاءِ تہ ڪٿي مڪروه وقت نہ ٿي وڃي. ۽ عشاء هن لاءِ تہ نماز ڪي ڏڪيائي نہ ٿئي. البت ٻي ٻيون نمازون دير سان پڙهڻ گهرجن. ظهر هن ڪري تہ زوال جي وقت نہ پڙهجي وڃي. مغرب هن لاءِ تہ غروب جي وقت نہ پڙهجي وڃي ۽ صبح هن لاءِ تہ وقت کان اڳي نہ پڙهجي وڃي. اوقات مفروضہ معلوم ٿيا. هاڻي اهي وقت ڄاڻڻ گهرجن جن ۾ نماز جائز ناهي يا مڪروه آهي.

**مڪروه ۽ ناجائز وقت:**

هر لحاظ کان، نماز، سجده تلاوت، نماز جنازه: سج ايرڻ لڙڻ ۽ لهڻ وقت ناجائز آهي. يعني هنن وقتن ۾ جيڪڏهن فرض يا واجب ادا يا

---

[1] قنية ۾ آهي تہ عشا ۾ دير اڌ رات تائين، ۽ مغرب ستارن نڪرڻ تائين مڪروه تحريمي آهي.

قضا ڪبو تہ ناجائز آهي. سواءِ ساڳئي ڏينهن واري عصر نماز جي. جو اها پڙهي سگهجي ٿي پر تڏهن بہ مڪروهہ تحريمي آهي. پر قضا کان بهتر آهي. جيڪڏهن نماز نفلي آهي تہ اها مڪروهہ تحريمي ٿيندي ۽ اها ٽوڙڻ جي صورت ۾ قضا ڪرڻ واجب ٿيندي، البت ادا ڪرڻ سان ايترو ٿيندو جو شروع ڪرڻ ڪري جيڪو مٿس ذمي ٿيو سو لهي ويندو. باس جي ڪري واجب ٿيل نماز پڻ مڪروهہ تحريمي آهي. البت نماز جنازه ڪن مطلق مڪروهہ تحريمي چئي آهي. ڪن چيو آهي تہ جيڪڏهن انهيءَ وقت ۾ حاضر ٿي وڃي تہ مڪروهہ ناهي البت تاخير افضل آهي. ساڳيءَ طرح سجده تلاوت ۾ بہ چيو اٿن. هيءُ سڀ مسئلا بحرالرائق وغيره ۾ آهن. سج ايرڻ وقت ڪراهت وارو وقت سج نيزي برابر اچڻ تي ختم ٿي ويندو. پر جيڪڏهن ٻن نيزن برابر اچي تہ بهتر آهي. جيستائين سج جي ٽڪي نظر اچي تيستائين طلوع ٿوڙي غروب ٻنهي وقت نماز مڪروهہ آهي. عالمگيريءَ ۾ آهي تہ سج ايرڻ مهل ماٿهو جيستائين سج جي ٽڪي ڏسي سگهي تيستائين مڪروهہ وقت آهي. جڏهن تيز ٿي وڃي، ڏسي نہ سگهجي، تہ مڪروهہ وقت ختم ٿي ويندو.

نفل يا جيڪا نماز باس جي ڪري واجب ٿي هجي فجر ۽ عصر جي نمازن کان پوءِ مڪروهہ آهن. البت قضا، فوت ٿيل نمازون تلاوت جو سجدو ۽ جنازي جي نماز انهن وقتن ۾ بنا ڪراهت جي جائز آهي نفل نماز جائز وقت ۾ شروع ڪري پوءِ ٽوڙڻ کان پوءِ پيهر هنن ٻن مڪروهہ وقتن ۾ ادا ڪرڻ سان ادا نہ ٿيندي ۽ نہ سندس ذمي مان نڪرندي. جيئن محيط ۾ آهي. هن بنياد تي. جيڪڏهن فجر جي سنت شروع ڪري ٽوڙجي تہ اها واجب ٿي ويندي. ۽ پوءِ فجر نماز کانپوءِ سج ايرڻ کان اڳ اداڪرڻ جائز نہ ٿيندي صحيح مذهب اهو آهي، جيئن بحرالرائق ۾ آهي. ۽ ڪن چيوآهي تہ جائز آهي. ظهيريہ ۾ فجر جي سنت جي سلسلي ۾ هڪ حيلو ڏسيل آهي، تہ سنت شروع ڪري ان کان پوءِ رفع اليدين کان سواءِ فرض جي تڪبير چئجي ۽ سلام کان پهريائين ان کي ادا ڪجي، پر شرح مجمع ۾ ان کي رد ڪندي چيو ويو آهي تہ مذڪوره

وقت ۾ قضا نفلي، جيڪا شروع ڪيل آهي. مڪروه آهي، چاڪاڻ تہ ٽوڙڻ جي نيت سان شروع ڪرڻ شرعا برو آهي. بحرالرائق واري ان جو ذڪر ڪيو آهي، جڏهن حقيقي باس مڪروه تحريمي ٿيندي جيئن گذريو تہ حڪمي باس بطريق اولي مڪروه ٿيندي. ان طرح بحرالرائق ۾ ٻئي هند مذڪور آهن.

فجر ايرڻ (باک ڦٽڻ) کان پوءِ اڪثر سنت فجر نہ پڙهجي. ۽ نماز مغرب کان اڳ ۽ خطبي جي وقت نفل نہ پڙهجي.

## فصل

# اذان جا مسئلا

اذان وقت تي ڏيڻ گهرجي. قبلي ڏانهن منهن ڪيل هجي ۽ وچ ۾ نہ ڳالهائجي. ۽ اقامت ۾ پڻ ان طرح آهي. آذان ۾ "حي علي الصلواة" ۽ "حي علي الفلاح" چوڻ وقت منهن (ساڄي کاٻي) ڦيرائجي، هڪ يا ٻن ڪنن ۾ آڱر وجهڻ گهرجي ۽ صلوات- صلوات يا قامت- قامت- آذان جي وچ ۾ چوڻ مستحب آهي.

- آذان جيڪڏهن وقت کان اڳي چيل هجي تہ موٽائڻ گهرجي.
- هر فرض ادا ڪرڻ جي لاءِ اذان ۽ اقامت سنت مؤڪده آهي.
- گهڻين فوتي نمازن ۾ پهرين فوتي نمازسان اذان ۽ اقامت چئجي، اها ٻين ۾ بہ ڪفايت ڪندي.
- تڙ جي حالت ۾ آذان ۽ بي وضو هئڻ جي حالت ۾ تڪبير مڪروه آهي.[1] ۽ آذان عورت، فاسق، ويهي ڏيندڙ ۽ مست جي مڪروه آهي. غلام، ولدالزنا ۽ انڌي ۽ جهنگليءَ جي مڪروه ناهي. مسافر لاءِ آذان ۽ تڪبير ٻئي ڇڏڻ مڪروه آهن. البت گهر ۾ رهيل، جنهن تائين آذان جو آواز پهچي تہ تنهن لاءِ آذان ۽ اقامت مڪروه ناهي. مردن لاءِ ٻئي مستحب آهن. عورتن لاءِ مستحب ناهن. هڪ روايت ۾ آهي تہ عورتون آهستي آذان ۽ اقامت چون.

---

[1] بي وضو حالت ۾ آذان مڪروه ناهي.

- آذان ۾ سر[1] ۽ شهادت ۾ ترجيع جائز ناهي.[2]
- حي علي الفلاح چوڻ پويان فجر نماز ۾ "الصلواة خير من النوم" چوڻ گهرجي.
- اقامت آذان جي مثل آهي. ان جي حي علي الفلاح پويان قد قامت الصلواة به ٻيرا چوڻ گهرجي.
- اذان جي ڪلمات جي وچ ۾ ٻيهڻ گهرجي، يعني الله اڪبر الله اڪبر چئي ٻيهجي، ان کان پوءِ الله اڪبر الله اڪبر چئجي، ينابيع انهيءَ طرح چيو آهي ۽ ان طرح ڪنزالعباد ۽ فتاوي الصوفيه ۾ آهي. ۽ بحرالرائق جي ظاهر عبارت منجهان سمورن ڪلمات تي ٻيهڻ سمجهه ۾ تو اچي.

ق: شعر ۾ حرف "قاف" مان مراد آهي قبلو.

## نماز جو ستون فرض:

قبلو سڃاڻڻ ۽ قبلي ڏانهن هر نماز ۾ منهن ڪري ٻيهڻ آهي. هڪ روايت ۾ سڄي مسجدالحرام ڏانهن منهن ڪرڻ مراد آهي. پرصحيح اهو آهي تہ صرف "ڪعبة الله" مراد آهي. پر جنهن جي اڏو ڪعبة الله آهي. تنهن مٿان فرض آهي تہ عين ڪعبي ڏانهن منهن ڪري. پر جيڪو ڪعبي جي سامهون ناهي تنهن لاءِ ڪعبي جو طرف بہ ڪافي آهي. اوير وارن لاءِ ٻن مغربن جي وچ تي ڪعبو آهي. اولهہ وارن لاءِ ٻن مشرقن جي وچ تي ڪعبو آهي. قبلي سڃاڻڻ جو مضبوط اهڃاڻ 'اتر قطب' آهي. اتر قطب اوير وارن جي ساڄي اولهہ وارن جي کاٻي ڪلهي کان، ۽ ڏکڻ وارن جي سامهون ۽ اتر وارن جي پٺيان آهي.

قبلي ڏي منهن ڪرڻ جي نيت ڪن روايتن ۾ فرض قرار ڏني وئي آهي، پر صحيح ۽ مفتي بہ هيءُ آهي تہ فرض ناهي،

---

[1] "لحن مان مراد آهي آواز ۾ ميناج پيدا ڪرڻ" ڪن چيو آهي تہ زير زبر ۾ غلطي ڪرڻ آهي.

[2] "ترجيع" جو مطلب آهي هڪ ڀيرو شهادت جا لفظ آهستي چئي ٻيهي ٻيري زور سان چئجن. اهو جائز ناهي. بي وضو حالت ۾ آذان مڪروه آهي.

بلڪ بدائع وغيره ۾ چيل آهي تہ افضل هيءُ آهي تہ ڪعبي جي نيت نہ ڪجي چاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڪعبي ڏانهن منهن نہ هوندو تہ نماز جائز نہ ٿيندي.

- ڪعبة الله جي مٿان واري فضا ۽ هيٺان واري زمين قبلہ آهي. عمده الفتاوىٰ ۾ آهي تہ ڪعبہ جڏهن پنهنجي جاءِ تان صاحب ڪرامات ماڻهن لاءِ ڪٿي وڃي تہ انهيءَ صورت ۾ ان زمين ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهندڙن جي نماز جائز ٿيندي.
- جيڪڏهن ڪنهن چاٽي واٽي ڪعبي ڏانهن منهن ڪرڻ بجاءِ ڪنهن ٻئي پاسي منهن ڪري نماز پڙهي تہ اهو گناه ڪبيري جو مرتڪب ٿيندو. چاڪاڻ جو فرض جي خلاف تو ڪري. پر ڪافر نہ ٿيندو.[1] چاڪاڻ تہ ڪنهن عذر جي سببان ڪعبي ڏي منهن نہ ڪرڻ جائز آهي. ان جي برخلاف جيڪڏهن ڪو بي وضو نماز پڙهندو تہ ڪافر ٿيندو. چاڪاڻ تہ ڪهڙي بہ حال ۾ بنا پاڪائيءَ جي نماز ناهي. حقيقي توڙي حڪمي (پاڪائي) فرض آهي, بحرالرائق. پر قواعد اصول مان جيڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي اها هيءَ آهي تہ جيستائين جائز هجڻ جو عقيدو نہ تو رکي تيستائين ڪافر نہ ٿيندو. پر چاڪاڻ تہ ان سان بي ادبي ظاهر ٿئي ٿي جنهن جي بنياد تي ڪفر جو حڪم لڳايو ويو آهي. والله اعلم.
- جنهن کي دشمن جي حملي جو يا شينهن جو يا ڪنهن اهڙي ٻي شيءِ جو خوف خطرو هجي تنهن لاءِ جائز آهي تہ قبلي ڏانهن پل منهن نہ ڪري. جنهن بہ پاسي منهن ڪرڻ سندس وس ۾ هجي تنهن پاسي منهن ڪري نماز ادا ڪري سگهي ٿو.

---

[1] سواريءَ مٿان سوار ماڻهو ڪعبہ ڏانهن منهن ڪري نماز شروع ڪري ان ڪان پوءِ سندس سواري قبلہ ڪان ڦري وڃي ۽ هو نماز ۾ هجي تہ سندس نماز جائز نہ ٿيندي. حلوائي اهو لکيو آهي. يعني جڏهن هڪ رڪن جيترو وقت سواري ڪعبي ڪان ڦري وڃي. شرح منية المصلي.

- جنهن ماڻهوءَ کي قبلي جي طرف بابت مونجهارو آهي. سو پوريءَ طرح سوچ ويچار ڪري جنهن پاسي پنهنجي دل مطمئن سمجهي ان پاسي نماز ادا ڪري ڇڏي. جيڪڏهن نماز کان پوءِ ڪيس غلطيءَ جو پتو پوي ته نماز نه موٽائي، پر جيڪڏهن وچ نماز ۾ معلوم ٿي وڃي ته قبلي ڏانهن ڦري وڃي. جيڪڏهن جماعت سڄي جو سڄي جانچي پنهنجي سمجهه مطابق منهن ڪري نماز پڙهي ٿي پر امام جو حال معلوم نه ڪونهي ته انهيءَ صورت ۾ جيڪي امام کان سواءِ پڙهن ٿا تن جي نماز جائز ٿي ويندي.

## نماز جا رڪن

هيءَ ست فرض، جيڪي ذڪر ٿيا، تن کي نماز جا شرط سڏيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته اهي نماز ۾ داخل نه آهن.. ست ٻيا، جيڪي تنهنجي آڏو هاڻي پيش ڪجن ٿا. سي نماز جا رڪن سڏبا آهن.

### نماز جو پهريون رڪن:

تڪبير بابت اختلاف آهي. صحيح اهو آهي، جنهن کي بحرالرائق اختيار ڪيو آهي. ته شرط آهي. ۽ ڪن محققن رڪن سڏيو آهي. باقي ڇهه ٻيا بنا اختلاف جي رڪن آهن. ڪي انهن جي فرضيت جا قائل ٿيا آهن. ۽ اختلاف جو فائدو ”تحريمه“ ۾ ظاهر ٿيندو. يعني هن ۾ ته فرض جي تڪبير تي نفل شروع ڪجي، جيڪي تڪبير کي شرط ٿا چون تن وٽ جائز آهي. جيڪي رڪن ٿا چون تن وٽ جائز ناهي. هن طرح ته فرض جي تشهد کان پوءِ سلام کان اڳ ان تي نئي نفل جي بنا ڪئي وڃي، ان ۾ اختلاف آهي، صحيح اهو آهي ته جائز آهي.

”ت“: شعر جي حرف ’تي‘ مان مراد تڪبير اوليٰ آهي.

### نماز جو ٻيو رڪن:

تڪبير اوليٰ چوڻ آهي.[1] ڪي ان کي شرط، ته ڪي رڪن

---

[1] جيڪڏهن مصنف هينئن چوي ها ته تحريمه ٻيهي چوڻ فرض آهي. ته بهتر هو. ڇاڪاڻ ته نماز جي شروعات ٻيهڻ جي حالت کان سواءِ جائز ناهي. ان ڪري جيڪڏهن ويهي تڪبير چئي پوءِ اُٿيو ته اهو صحيح ناهي ڇاڪاڻ ته قيام نماز شروع ڪرڻ مهل ائين فرض آهي جيئن ان کان پوءِ فرض آهي.

ٿا چون. صحيح ۾ مفتىٰ بہ پهريون آهي.[1] اختلاف جو نتيجو ظاهر ٿئي ٿو فرض جي تحريمه تي نفل جي بنا ڪرڻ جي مسئلي ۾. شرط چوڻ وارن مطابق بنا جائز آهي. رڪن چوڻ وارن مطابق بنا جائز ناهي. جيئن گذريو.

- ڪو شخص تڪبير چوڻ مهل پليتيءَ سان هو. ياقبلي کان منهن ڦريل هوس يا اوگهڙ کليل هيس، جيڪڏهن تڪبير کان فارغ ٿيندي ئي پليتي هٽائي ورتائين، قبلي ڏانهن منهن ڪري ورتائين، اوگهڙ ڍڪي ورتائين، تہ نماز جائز ٿيندي. تڪبير تحريمه وقت بيٺل هئڻ شرط آهي. ڪذا في البحرالرائق.
- جيڪڏهن ڪو شخص جماعت کي پهتو رڪوع ڏانهن لڙندي تڪبير چيائين تہ ان صورت ۾ جيڪڏهن رڪوع طرف گهڻو جهڪيل آهي تہ جائز نہ ٿيندي. پر جيڪڏهن بيهڻ کي ويجهو آهي تہ جائز ٿيندي. ان ۾ هڪ تڪبير ڪافي آهي. صحيح اهو آهي جيئن فتح القدير ۾ بہ آهي. پر هڪ روايت ۾ آهي تہ جيستائين ٻہ تڪبيرون نہ چوندو تيستائين نماز جائز نہ ٿيندي. جواهر الفتاوىٰ ۾ ان طرح مذڪور آهي.
- جيڪڏهن امام کان اڳ تڪبير چئجي تہ نماز جائز نہ ٿيندي. خالي لفظ الله ئي چو نہ چيو وڃي. پر جيڪڏهن ڪانئس پوءِ چيل آهي پر پوري اڳ ڪئي وڃي تہ پوءِ جائز آهي. فتوىٰ ان تي آهي. پر ابو يوسف جو ان ۾ اختلاف آهي. بحرالرائق.
- جيڪڏهن نماز شروع ڪرڻ مهل بجاءِ تڪبير جي الله اعظم، الله اجل، سبحان الله، الحمد لله، يا لا اله الا الله، چوي تہ جائز آهي. پر جيڪڏهن اللهم اغفرلي ۽ ان جهڙو دعا جي قسم جو ڪجهہ

---

[1] بلڪ هي شرط آهي. اسان جي امت جو ان بابت اجماع آهي. البتہ ٽن امامن جو ان ۾ اختلاف آهي.

چوڻ شروع ڪري ڏئي ته جائز ناهي. سبب ان جو اهو آهي. ته تڪبير ۾ الله سبحانه وتعالي جي تعظيم مقصد آهي. جيڪا جنهن به لفظ مان ظاهر ٿئي سو ته صحيح آهي، البته دعا ۾ ته پنهنجو پاڻ مقصد هوندو آهي.

- جيڪڏهن تعظيم وارا لفظ فارسيءَ (سنڌيءَ) ۾ ئي چنجن تڏهن به جائز آهي جو عجز واري وقت قرآن (سنڌيءَ) ۾ پڙهڻ جائز آهي. پر چاڪاڻ ته نص قرآن ۾ "وربڪ فڪبر" آيل آهي ان ڪري لفظ الله اڪبر کانسواءِ ڪي ٻيا لفظ مڪروه تحريمي يا تنزيهي آهن. مجيل قول مڪروه ۾ تحريمي هئڻ وارو آهي. چاڪاڻ ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جو دائمي عمل "الله اڪبر" چوڻ هو، ٻيو نه هو. بحرالرائق
- بسم الله الرحمان الرحيم . - ان شروع ڪرڻ ڪن وٽ جائزآهي، چاڪاڻ ته تعظيم مٿان دلالت ٿو ڪري، ڪن وٽ جائز ناهي. چاڪاڻ ته اللهم بارڪ في هذا جي معني ۾ ٿئي ٿو. امام زيلعي ٻوئين کي ترجيح ڏئي ٿو ۽ شارح منيه چيو آهي ته هي اشبهه آهي. ۽ بحرالرائق جائز هئڻ کي ترجيح ڏني آهي.
- تڪبير چوڻ وقت هٿ ويڙهيل ڪپڙي مان ٻاهر ڪڍڻ مستحب آهن.
- الله جي لفظ کي مد ڏيڻ سان نماز صحيح نه ٿيندي. بلڪ ڄاڻي واڻي چوڻ سان ڪفر جو خوف آهي. اهو ئي حڪم آهي. "اڪبر" جي الف يا ب کي مد ڏيڻ جو. الله جي "ه" کي مد ڏيڻ لغت جي لحاظ کان خطا آهي. ان طرح "را" کي مد ڏيڻ به خطا آهي. البته "لام" الله کي مد سان پڙهڻ ثواب آهي. "فتح القدير" پر ان مد کي به ڏگهو ڇڪڻ نه گهرجي. چلپي شرح وقايه جي حاشي ۾ ان طرح لکيو آهي.
- تڪبير اولي جو ثواب جيڪو حديث ۾ آيل آهي ته دنيا و ما فيها کان بهتر آهي. سو هن شرط سان حاصل ٿيندو. ته تڪبير امام جي تڪبير سان گڏ گڏ هجي. هڪ روايت ۾ آهي ته ثنا چوڻ تائين

هڪ روايت ۾ فاتحہ تائين، خلاصہ ۾ اها راءِ ورتي وئي آهي. هڪ روايت ۾ پهرين رڪعت تائين امام سان شامل ٿيڻ جي شرط سان تڪبير اوليٰ جو ثواب ملي ويندو. 'ذخيره' ۾ چيل آهي تہ هي ماڻهن لاءِ وڌيڪ آسان آهي.

**قاف پيو:** بيت جي حرفن مان قاف ٻئي جو مطلب قيام آهي.

## نماز جو ٽيون رڪن:

قيام (بيهڻ) آهي.[1] ان بابت سڀ متفق آهن ۽ هيءُ هر ان نمازيءَ تي فرض آهي، جيڪو ان جي سگهہ رکي ٿو. ان جي حد هيءَ آهي تہ: جيڪڏهن هٿ ڊگها ڪجن تہ رانن تائين نہ پهچن. بحرالرائق، ۾ ٻئي پير پورا جو پورا زمين تي رکڻ مستحب آهن. البرجندي. ۽ ٻنهي پيرن تي وزن برابر برابر هئڻ گهرجي. الڪيداني. غياثيہ ۾ آهي تہ ٻنهي پيرن درميان هڪ ٻئي تي ساهي ڪڻ مڪروه آهي. ۽ الروضة ۾ آهي تہ جڏهن قيام ڊگهو هجي تہ جائز آهي بلڪ افضل آهي، جيئن خزانة الرواية ۾ آهي.

- بيمار جيڪو بيهي تہ سگهي ٿو پر رڪوع ۽ سجدو نہ ٿو ڪري سگهي. تنهن کي اختيار آهي. ويهي يا بيهي. اشارن سان سجدي ۽ رڪوع ڪرڻ جي حالت ۾ ويهڻ افضل آهي. (شرح وقايہ).
- ڪو شخص اهڙو ڪمزور آهي، جو فرض روزو نہ ٿو رکي تہ نماز اٿي بيهي پڙهي سگهي ٿو، روزو رکي ٿو تہ ويهي پڙهي سگهي ٿو. تنهن کي روزو رکڻ گهرجي ۽ ويهي نماز پڙهڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو شخص بيهي نماز پڙهي ٿو، تہ ڦٽ وهي ٿو پوي، تہ ان کي ويهي پڙهڻ گهرجي. اهڙيءَ حالت ۾ قيام جائز ناهي. (منية المصلي).
- قيام مهل ٻن پيرن وچ ۾ چئن آڱرين جيترو فرق رکڻ گهرجي. پيڊيون پيڊين سان ملائي نہ ڇڏجن. انهن جي منع آهي. (ڪنزالعباد)

**قاف ٽيون:** بيت ۾ ٽئين نمبر قاف مان مراد قرائت آهي.

---

[1] ظاهر اهو آهي تہ فرائضن ۽ واجبن ۾ عورتن تي قيام فرض آهي جيڪڏهن ويهي نماز پڙهنديون تہ سندن نماز جائز ناهي. جيئن ان جي متنن جي اصحابن ۽ شرح لکندڙن وضاحت ڪئي آهي ۽ حديث ۾ آهي تہ انسان شقائق الرجال. ۽ زالون مردن جي مخصوص صورت ۾ مخالفت ڪن. ۽ هيءَ صورت انهيءَ قسم جي ناهي وهو تعالي اعلم مخدوم عبد الڪريم متعلوي.

## نماز جو چوٿون رڪن:

قرائت آهي. ۽ اها پڻ اجماع امت هيٺ فرض آهي[1] ان جي حد هيءَ آهي تہ اهڙيءَ طرح زبان سان حرف صحيح اچاري جو پاڻ ٻڌي سگهي. صحيح اهو آهي. ۽ مقدار ان جو هڪ آيت آهي. ڊگهي يا ننڍي. پر شرط آهي تہ هڪ يا ٻہ ڪلما هئڻ گهرجي، جيئن الله جو قول آهي "ثم ادبر و استڪبر" ۽ جيڪڏهن هڪ ڪلمو هجي، جيئن "مدهامتان" يا هڪ حرف هجي جيئن "ق"، ان صورت ۾ مشائخن نماز صحيح ٿيڻ ۾ اختلاف ڪيو آهي، ۽ گهڻن وٽ صحيح اهو آهي تہ نماز صحيح نہ ٿيندي. بحرالرائق ۾ صحيح نہ ٿيڻ جي راءِ قبول ڪئي آهي، پر "ص" جي مثال ۾. 'مدهامتان' جي مثال ۾ نہ. ان انهيءَ لاءِ اسبيجابي وغيره جي قول مان استدلال ورتو آهي.

- جيڪڏهن هڪ ڊگهي آيت جيئن: 'آية الڪرسي' آهي، جيڪڏهن ٻن رڪعتن ۾ پڙهي وڃي تہ ڪن وٽ نماز جائز آهي پر صحيح اهو آهي تہ جائز ناهي، ان طرح برجندي ظهيريه ۽ ڪافيءَ کان منقول آهي. جڏهن تہ وڌيڪ صحيح اهو آهي. تہ جائز آهي ۽ عام مشائخ ان خيال جا آهن. ان طرح بحرالرائق ۾ آهي.
- فرض جي ٻن رڪعتن ۾ قرائت فرض آهي. فرض ٻن رڪعتن وارو هجي يا ٻيو. پهرين ٻن ۾ هجي يا پوئين ۾. يا هڪ پهرينءَ ۾ هڪ پوئينءَ ۾ هجي. ۽ وتر ۽ نفل جي هر رڪعت ۾ فرض آهي.
- فرض جي مقدار جيتري قرائت تي اڪتفا ڪرڻ بنا عذر جي مڪروه تحريمي آهي. وقت فوت ٿي وڃڻ جو جيڪڏهن عذر آهي تہ پوءِ جائز آهي. امام بزدويءَ جو چوڻ آهي تہ اهو صرف فجر جي نماز سان مخصوص آهي. پر مرغيناني وٽ اهو عام آهي، مڙني نمازن لاءِ. امام اعظم جو پڻ اهو ئي مذهب آهي. جڏهن تہ صاحبين (ابو يوسف ۽ محمد) وٽ هڪ ڊگهي آيت يا ٽي ننڍيون آيتون مطلق نماز ۾ فرض آهن. ڪتاب اسرار ۾ احتياط جي طور

---

[1] علم فقهہ ۾ آهي تہ اجماع ۽ اتفاق جي لفظ مان مراد هيءَ آهي تہ اڪثر فقهاء ان تي متفق آهن ان مان اها مراد ناهي تہ ان ۾ اختلاف ئي ڪونهي. (حل المشڪلات)

تي هن قول کي راجح سڏيو ويو آهي. بحرالرائق ۾ پڻ ان طرح آهي.

- قرائت جي فرضيت ان جي حق ۾ آهي جيڪو گونگو يا امي نہ هجي. ۽ اهڙيءَ طرح مقتدي پڻ نہ هجي. ڇاڪاڻ جو مقتدي جي قرائت جهري نماز ۾ مڪروه آهي. البت 'سري' نماز ۾ مشائخن جو اختلاف آهي. (البرجندي). هڪ روايت مطابق امام محمد فاتحہ جي قرات کي مستحسن سمجهندو آهي. (الهدايہ)

<u>ري:</u> بيت ۾ حرف 'ري' مان مراد رڪوع ڪرڻ آهي.

## نماز جو پنجون رڪن:

رڪوع ڪرڻ آهي. رڪوع جي حد ڪن وٽ مطلق طور ڏنگو ٿيڻ آهي. ۽ ڪن وٽ پٺي ڏنگي ڪرڻ آهي. شرح منية ۾ هيءَ روايت احسن سڏيل آهي. ڪن چيو آهي تہ جيڪڏهن قيام ڏانهن ويجهو آهي تہ رڪوع ادا نہ ٿيندو، پر جيڪڏهن سنت طريقي مطابق پٺي وڇائي، ادا ڪري ٿو تہ ادا ٿي ويندي. (خلاصہ وغيره). بهرحال ايترو ڪرڻ گهرجي تہ هٿ گوڏن تائين آئجن نہ تہ قيام ۾ شمار ٿي ويندو. مٿي قيام جي حد ۾ بحرالرائق کان منقول گذري چڪو تہ هي ان وقت آهي جڏهن نماز بيهي پڙهندو هجي. پر جيڪڏهن ويهي پڙهي ٿي وڃي تہ پوءِ پيشاني گوڏي جي برابر هئڻ گهرجي تڏنهن رڪوع ٿيندو. (البرجندي)

- ڪبي پٺ وارو، جيڪو بيٺي بہ رڪوع جيترو جهڪيل آهي. تنهن لاءِ مٿو پيرن طرف نوڙائڻ ئي ڪافي آهي. (بحرالرائق ۽ البرجندي)
- جڏهن ڪنهن رڪوع ڪرڻ بنا قيام مان سڌو وڃي سجدو ڪيو تہ ان صورت ۾ ڏسبو تہ جيڪڏهن مسنون طريقي مطابق (سنئين پٺيءَ ) سجدي ۾ هليو ويو آهي. تہ نماز فاسد ٿي پوندي. پر جيڪڏهن سجدي ڏانهن ويندي وچ ۾ پٺي ڪبي ڪيائين، اٺ وانگر، تہ نماز سلامت رهندي. الخلاصہ. ان جو سبب اهو ٻڌايو اٿن تہ قومہ کان رڪوع ڏانهن وڃڻ وقت سڌو مٿو ڪندي وڃڻ گهرجي، نہ تہ ٻہ رڪوع لازم ايندا. جيڪو عمل نقصان جي باعث آهي ڇاڪاڻ تہ نماز ۾ زيادتي ۽ واڌارو ٿي پوندو.

س: شعر ۾ حرف ”س“ مان مراد سجدو ڪرڻ آهي.

## نماز جو ڇهون رڪن:

سجدو ڪرڻ آهي. هر رڪعت ۾ ٻہ سجدا ڪرڻ فرض آهن. سجدو ڇئبو آهي منهن جو ڪو حصو پيشاني هجي يا نڪ زمين تي رکڻ. ظاهر روايت مطابق ايترو ڪفايت جي طور ٺيڪ آهي. پر (پيشاني ۽ نڪ) ٻنهي مان ڪنهن هڪ تي اڪتفا ڪرڻ مڪروه تحريمي آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي جو زمين تي رکڻ واجب آهي.[1]
(فتح القدير۽ بحر الرائق).

- صرف پيشانيءَ تي اڪتفا ڪرڻ فرض ادائگيءَلاءِ ڪافي ٿي ويندو. ان تي ٽنهي امامن (ابو حنيفہ، محمد ۽ يوسف رحمهم الله) ۾ اتفاق آهي. البتہ صرف نڪ تي اڪتفا ڪرڻ امام اعظم وٽ جائز ۽ صاحبين ( محمد ۽ يوسف رحہ ) وٽ ناجائز آهي. فتوا صاحبين جي قول تي آهي. ڪنهنجو چوڻ آهي تہ صاحبين پيشانيءَ ۽ نڪ ٻنهي جي رکڻ کي شرط چون ٿا. ۽ وٽن صرف پيشانيءَ تي اڪتفا ڪرڻ جائز ناهي. صاحب بحرالرائق جو چوڻ آهي تہ اهو صاحبين کان اختلاف مشهورآهي ۽ مشهور آهي تہ پيشانيءَ تي اڪتفاڪرڻ جائز آهي.
- سجدي ۾ جيڪڏهن پير زمين کان مٿي رکيائين يا مٿي ڪيائين[2] تہ نماز صحيح نہ ٿيندي. يعني جيڪڏهن تسبيح جي مقدار جيترو زمين کان مٿي ڪيائين تہ صحيح نہ ٿيندي ان کان گهٽ معاف آهي. جيئن اوگهڙ کلڻ ۽ پليتيءَ بابت مقرر آهي تہ

---

[1] جيڪڏهن پنهنجي پيشاني رکيائين، نڪ نہ رکيائين تہ سندس سجدا جائز ٿيندا. پر جيڪڏهن انين بنا عذر جي ڪيائين تہ مڪروه ٿيندو اهو مزيد ۽ مفيد ۾ مذڪور آهي. ۽ تحفة ۽ بدائع ۾ مذڪور آهي تہ مڪروه ناهي پهرين ڳالهہ صحيح آهي ڇاڪاڻ تہ نبي صلي الله عليہ وسلم جن جڏهن سجدو ڪندا هئا تہ پنهنجي نڪ ۽ پيشاني کي زمين تي رکندا هئا شرح منية المصلي الصغير.

[2] ”مٿي رکيائين“ جو مطلب اهو آهي تہ سجدي ۾ پهتوني نہ هجي اڳئي پير مٿي ڪنيل هجن ”مٿي ڪيائين“ جو مطلب آهي تہ سجدي ۾ زمين تي رکيل پير مٿي ڪري ڇڏائين. منہ (مصنف)

تسبيح جي مقدار جيتري نماز فاسد ٿيڻ جو موجب ٿيندي.[1] فرض ادائگيءَ لاءِ هڪ آڱر زمين تي رکڻ ڪافي ٿيندي. (بحرالرائق) وڏيڪ بحرالرائق ۾ آهي ته جيڪڏهن پير جون آڱريون رکڻ بجاءِ پير جي پٺي رکبي ته نماز ناجائز ٿيندي.[2] چاڪاڻ ته پير رکڻ جو مطلب آڱرين سان پير رکڻ آهي.

- سجدي ۾ جيڪڏهن صرف هڪ پير رکي ۽ ٻيو کڻي تو ڇڏي، ته عذر نه هئڻ جي صورت ۾ ڪراهت سان نماز جائز ٿيندي. (قاضي خان). ان ۾ وڌيڪ آهي ته ان ۾ ڪراهت تحريمي آهي مذهب جي صحيح تحقيق مطابق. شيخ الاسلام ڪراهت تنزيهيءَ جو قائل آهي. ۽ امام قدوري ۽ ٻي جماعت هن خيال جي آهي ته ٻئي قدم رکڻ فرض آهن. تنهن ڪري جيڪڏهن هڪ قدم مٿئين ذڪر ڪيل وقت جيترو مٿي کنيل رهيو ته نماز فاسد ٿي ويندي.[3] فتاوىٰ غياثيه مان معلوم ٿو ٿئي ته جيڪڏهن پوري سجدي ۾ پير زمين تي نه رکيائين ته نماز فاسد ٿي ويندي البته ٻئي هٿ ۽ ٻئي گوڏا رکڻ فرض ناهن. ظاهر روايت مطابق ۽ فتوىٰ به ان تي آهي. جڏهن ته فقيهه ابو الليث ان جي فرضيت جوموقف رکيو آهي. ۽ عيون ان کي صحيح چيو آهي. بحرالرائق ۾ پڻ ان طرح آهي. شيخ ابن همام فرمائي ٿو ته فقيهه ابو الليث مشائخن جي روايت جو انڪار ڪيو آهي. ۽ چئي ٿو ته امام اعظم کان اهو ثابت ناهي. بحرالرائق وارو چئي ٿو ته نص قرآن سجدي جي فرضيت بابت فرمايو آهي. ۽ حقيقت ۾ اهو هٿن ۽ گوڏن رکڻ جو نالو ناهي. ۽ انصاف واري راءِ اها آهي جيڪا شيخ ابن همام اختيار ڪئي آهي ته ٻنهي هٿن جو رکڻ واجب آهي ۽ انهن مان

---

(1) پر صحيح اهو آهي ته جيڪڏهن پوري سجدي ۾ پير زمين تي نه رکيائين ته ان جي نماز ٻچي پوندي. نه ته نه (مخدوم محمد هاشم رحمه ربه)

(2) ان مان سمجهه ۾ اهو ٿو اچي ته آڱرين رکڻ جو مطلب انهن جو قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ آهي. ته جيئن انهن تي ٽيڪ هجي. انهن تي ٽيڪ يا زور نه هوندو ته پير جي پٺ تي پير رکڻ ٿيندو جيڪو صحيح ناهي. هن ڳالهه جي خبر رکڻ تمام ضروري آهي گهڻا ماڻهو ان کان غافل آهن ( شرح مينة المصلي صغير).

(3) باطل ۽ فاسد جڏهن عبادت جي معاملي ۾ استعمال ٿئي ته ٻئي معني ۾ مترادف (ساڳيا) ٿيندا. ۽ نڪاح ۾ به ان طرح آهن. (اشباه من عينه)

ڪو هڪ نہ رکڻ سان نماز مڪروهہ تحريمي ٿيندي. جيتوڻيڪ اڪثر مشائخن کان اهو منقول آهي تہ سنت آهي، جنهن ڪري ان جو ڇڏڻ مڪروهہ تنزيهي ٿيندو.

- پٽڪي جو وڪڙ جنهن وقت پيشانيءَ تي هجي، تنهن وقت ان جي مٿان سجدو ڪرڻ. مڪروهہ تنزيهي آهي، پر جيڪڏهن وڪڙ مٿي تي هجي ان مٿان سجدو ڪجي ۽ پيشاني زمين تي نہ پهچي تہ ان صورت ۾ نماز صحيح نہ ٿيندي. نڪ ۽ پيشاني ٻئي زمين تي نہ پهچڻ جي صورت ۾ باتفاق روايات نماز صحيح نہ ٿيندي. پر جيڪڏهن پيشاني زمين تي نہ پهچي صرف نڪ پهچي وڃي تہ هڪ روايت مطابق نماز صحيح ٿيندي جيئن گذري چڪو، پر مڪروهہ تحريمي ٿيندي.
- نماز جائز آهي، زمين ۽ هر ان شيءِ مٿان جيڪا زمين جي حڪم ۾ آهي. يعني جنهن تي پيشاني ٽڪي سگهي. ان طرح بحرالرائق ۾ آهي جيڪڏهن گاهہ يا ڪپهہ تي سجدو ڪيائين ۽ پيشاني ٽڪي بيٺي تہ نماز جائز ٿيندي. جيئن ذخيره ۽ فتح القدير ۾ آهي. ۽ ضابطو اهو آهي تہ جيڪڏهن زور لڳائڻ سان مٿو وڌيڪ هيٺ نہ ٿو ٿئي تہ پوءِ جائز آهي ان طرح ڪنزالعباد ۽ حماديہ ۾ برهانيہ کان منقول آهي. جيڪڏهن جوئر يا ڪڻڪ ٻي اهڙي شيءِ تي سجدو ڪيائين تہ سجدو جائز ناهي. جيئن ظهيريہ ۾ آهي ۽ غياثيہ ۾ آهي تہ ڪڻڪ ۽ جون تي جائز آهي. ٻاجهر ۽ واريءَ تي جائز ناهي.
- سجدي ۾ ست عضوا زمين تي رکڻ واجب آهن. رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ آءٌ ستن عضون تي سجدو ڪيان. پيشانيءَ تي ۽ پنهنجي هٿ سان اشارو ڪيائون نڪ طرف، ۽ هٿن تي، گوڏن تي ۽ پيرن جي پاسن تي. هيءَ روايت بخاري ۽ مسلم روايت ڪئي آهي. نڪ طرف اشارو ان جو دليل آهي تہ پيشاني نڪ سان گڏ مراد آهي، پر ڇاڪاڻ تہ حديث متواتر ناهي تنهن ڪري ٻنهي جي وجوب جو حڪم لاڳو ڪيو ويو آهي.

**فائدو:** واضح هجي تہ اصول فقهہ جا قاعدا هن جي تقاضا ٿا ڪن تہ ستن ئي عضون جو زمين تي رکڻ فرض هجي. ڇاڪاڻ تہ سجدي جو اجمالي بيان آيل آهي ۽ ان اجمال جو حديث ظنيءَ سان بيان فرضيت جو فائدو ڏئي ٿو. جيئن حديث چوٿين حصي مٿي جي مسح ۽ قعده اخيره واريءَ ۾ چيل آهي. شايد ان ڪري فقيهہ ابو الليث مڙني جي فرضيت جو حڪم لڳايو آهي، والله اعلم.

- جيڪڏهن سجدي جي جاءِ هڪ يا ٻن سرن جيتري مٿي آهي تہ نماز جائز آهي. ذخيره ۽ فتح القدير. منية المصلي ۾ آهي تہ سر چوٿين حصي هٿ جي برابر آهي.[1]
- جيڪڏهن رڪوع ۽ سجدي ۾ امام کان اڳئي مٿو کڻي ونجي تہ گنهگار ٿيندو. جيئن حديث صحيح ۾ آيل آهي. ڪافيءَ ۾ پڻ اهو مذڪور آهي غياثيہ وغيره ۾ آهي تہ موٽائڻ واجب آهي، جيڪڏهن سجدي جي جاءِ تي ڪنڊا هجن تہ مٿو مٿي کڻي ٻي جڳهہ تي رکجي اهو هڪ سجدو شمار ٿيندو. اهو مفيد ۾ مفاتيح المسائل مان نقل ڪيل آهي.

"ق" چوٿون: شعر جي چوٿين قاف مان پويون قعدو مراد آهي.

## نماز جو ستون رڪن:

پويون قعدو آهي. نماز جي پڇاڙيءَ ۾ تشهد جي مقدار جيتري ويهڻ جي فرضيت چئني امامن جي اجتماع مطابق ثابت آهي. ۽ڪشف اصول بزدوي ۾ آهي تہ پويون قعدو واجب آهي. پر اهو واجب عمل جي لحاظ کان فرض جي قوت رکي ٿو. جو ان جي ڇڏڻ سان نماز فاسد ٿي پوندي.

- هڪ ماڻهوءَ چار رڪعتون شروع ڪيون. ۽ چوٿينءَ ۾ ويٺو تہ دل ۾ آيس تہ ٽين آهي. اهو سو چي اٿيو، اٿڻ کانپوءِ پڪ ٿيس تہ چار هيون. تڏهن موٽي ويهي رهيو، تشهد مان اجا ڪجهہ مس

---

[1] ويڪر ڇهہ آڱريون آهي. ان طرح جن ٻن سرن برابر مٿي هئڻ جو چيو ويو آهي تنهن جو اڌ ٻارنهن آڱريون ٿيندو. شرح منيہ.

پڙهيو هئائين جو ڳالهائي وڌائين. پنهي صورتن ۾ ويهڻ جيڪڏهن تشهد جي مقدار جيترو آهي ته نماز صحيح ٿيندي. نه ته فاسد ٿيندي. ان طرح فتاوي الولوالجية ۾ آهي. صاحب بحرالرائق اهو نقل ڪري هيءَ چيو آهي ته هن مان معلوم ٿو ٿئي ته تشهد جيترو ويهڻ جيڪو فرض آهي. تنهن ۾ لاڳيتو ويهڻ شرط ناهي يعني قيام ان جي وچ ۾ وٿي نه ٿو بنجي.

چاڻ گهرجي ته اندريان ۽ ٻاهريان فرض جيڪي اسانجي ٽنهي امامن وٽ متفق عليه آهن سي بيان ٿيا. هڪ فرض امام اعظم وٽ آهي. سندس مشهور روايت مطابق ۽صاحبين وٽ ناهي. اهو آهي نمازيءَ جو پنهنجي ڪنهن عمل سان نماز مان نڪرڻ. ان جو بيان هن طرح آهي. ته ابو سعيد جي امام اعظم ڪان روايت ۾ آهي ته نماز مان نماز پڙهندڙ پنهنجي ڪنهن اهڙي اختياريءَ فعل سان ٻاهر نڪري جيڪو نماز جي منافي هجي. جيئن سلام، ڪلام، ڪائڻ، اٿڻ، هليو وڃڻ، بلڪ جيڪڏهن سعيو ڪري ٽٽ ڦوس ڏئي ته به نماز پوري ٿي ويندي. پر سلام ڪان اڳ ۾ نماز مڪروه تحريمي ٿي پوندي، ڇاڪاڻ ته فقط سلام واجب آهي. امام ڪرخيءَ جو چوڻ آهي ته اختياري فعل سان نماز مان نڪرڻ بابت ڪوبه اختلاف ڪونهي. اهو ڪنهن وٽ به فرض ڪونهي. ابو سعيد امام اعظم ڪان روايت نه ڪئي آهي بلڪ ان مسئلن مان استنباط ڪيو آهي، جيڪو غلط آهي. پر صدر الشريعت مفتي الثقلين ۽ متقدمين ۽ متاخرين جي هڪ جماعت وٽ ابو سعيد بردعي جو قول وڌيڪ پسنديده آهي. والله تعالیٰ اعلم. اختلاف جو فائده تڏهن ظاهر ٿيندو جڏهن تشهد ڪان پوءِ بي اختيار ڪنهن ڪان ٽٽ ڦوس ٿي وڃي. ان صورت ۾ ان جي نماز صاحبين ۽ امام ڪرخيءَ جي روايت مطابق پوري ٿي ويندي. جڏهن ته ابو سعيد بردعي جي روايت مطابق پوري نه ٿيندي. ڇاڪاڻ ته اجا هڪ فرض رهيل آهي، اهو آهي ارادي سان نڪرڻ. ۽ متاخرين جو اهو ئي مذهب آهي، اهو ساڳيو اختلاف هيٺين ٻارنهن مسئلن ۾ پڻ آهي، جڏهن تشهد جيترو ويهڻ ڪان پوءِ پيش اچن.

## تشهد جيترو ويهڻ کان پوءِ:

1- تيمم ڪندڙ پاڻي ڏسي وٺي.
2- مسح جي مدت پوري ٿي وڃي.
3- ٿورڙي ڪنهن چرپر سان موزه لهي وڃي.
4- اڻ پڙهئي کي ڪا سورت يا آيت ياد اچي وڃي.
5- اوگهڙ ڍڪڻ جيتري مقدار جي اوگهڙ جو لهڻ.
6- اشاري سان نماز پڙهندڙ رڪوع ۽ سجدي جي سگهه ماڻي وٺي.
7- قضا نماز ياد اچي وڃي.
8- اڻ پڙهئي کي خليفه ڪري وٺڻ.
9- صبح جي نماز ۾ سج ايري وڃي.
10- جمعي جي نماز ۾ وقت عصر داخل ٿي وڃي.
11- ڦٽ مٿان ٻڌل پٽو، جنهن تي مسح ڪئي هجي ڇٽڻ کان پوءِ لهي وڃي.
12- معذور جو عذر ختم ٿي وڃي.

ته مٿئين اختلاف مطابق امام اعظم وٽ نماز باطل ٿي ويندي. صاحبين وٽ نماز پوري ٿي ويندي، هن بنياد تي ته هڪ فرض، جيڪو اختياري فعل سان نماز مان نڪرڻ آهي سو اجا رهجي ٿو. ۽ مٿان هيءُ معاملا اچي پيش ٿيا آهن. ته ان صورت ۾ وچ نماز ۾ نماز ٽوڙيندڙ اسباب پيش ايندا. اهو صاحبين ۽ ڪرخيءَ جي روايت جي برخلاف آهي. جو انهن وٽ تشهد جيترو ويهڻ سان نماز پوري ٿي چڪي. ۽ نماز پوري ٿيڻ کان پوءِ مٿيان معاملا پيل ڪيترو به پيش اچن نماز فاسد ڪانه ٿيندي.

- مٿيان مڙئي فرض تڪبير تحريمه کان وٺي آخر تائين جاءِ ۾ ادا ڪرڻ شرط آهن. انهن مان ڪو هڪ به جيڪڏهن ننڊ ۾ ادا ڪيو ويو ته اهو شمار نه ٿيندو. بلڪ موٽائڻ فرض ٿيندو. صحيح ۽ مختار مذهب مطابق، پر جيڪڏهن شروع ۽ پڇاڙيءَ ۾ جاڳيل هو ته نماز صحيح ٿي ويندي. اڪثر روايتن مطابق مڙئي فرض سواءِ پوئين قاعدي جي ادا ٿي ويندا. ڪن وٽ ادا نه ٿيندا. جيڪڏهن

سموري رڪعت نند ۾ ادا ڪئي وئي تہ نماز فاسد ٿي ويندي، هيءُ سڀ مسئلا بحرالرائق ۾ آهن.

ڄاڻڻ گهرجي تہ امام زفر جيڪو امام اعظم جي شاگردن مان هڪ آهي. تنهن نماز جي ارڪانن جي ادا ڪرڻ ۾ ترتيب، يعني پهرين قيام پوءِ قرات، پوءِ رڪوع پوءِ سجدي، کي پڻ فرض ڪوٺيو آهي. هن قول جي بنياد تي پندرهن فرض ٿين ٿا. ۽ امام اعظم جي قول مطابق مختار روايت مطابق چوڏهن فرض ٿين ٿا. ۽ صاحبين جي قول مطابق تيرهن فرض ٿين ٿا. تيرهن جي انگ ۾ اسان جي ٽنهي امامن مان ڪنهن جو بہ اختلاف ڪونهي. ان ڪري شايد بيت جي مؤلف محترم بيت ۾ تيرهن آندا آهن. والله تعالیٰ اعلم. الحمد لله فرض جو بيان پورو ٿيو ۽ هاڻي واجبن جو بيان شروع ڪجي ٿو.

# نماز جا واجب

چون واجب نہ داني شوي در خطر

فُضَت تقُتَ لُقَتَ جسر

**ف:** شعر جو پهريون حرف 'ف' آهي، جنهن مان مراد آهي "فاتحہ" پڙهڻ.

## نماز جو پهريون واجب:

فاتحہ پڙهڻ آهي. ان ۾ مذهب حنفيہ جي ٽنهي علمائن جو اتفاق آهي. البت ٻين ٽن امامن جو ان ۾ اختلاف آهي. جن جو چوڻ آهي تہ فاتحہ پڙهڻ فرض آهي. نہ پڙهڻ سان نماز فاسد ٿي پوندي. جڏهن تہ حنفي علمائن جو چوڻ آهي تہ ڇاڻي واٽي ڇڏڻ سان نماز ناقص، مڪروه تحريمي ۽ موٽائڻ واجب ٿيندي. جيڪڏهن ڀل ۾ ڇڏي وئي تہ سجدو سهو جو ڪرڻو پوندو. اهو ئي حڪم هر واجب جو پڻ آهي.

- فرض ۾ پهرين ٻن رڪعتن ۾ فاتحہ پڙهڻ واجب آهي، ۽ مطلق نفل ۽ وتر جي هر رڪعت ۾ واجب آهي. حسن بن زياد جي روايت مطابق فرض جي پڻ مڙني رڪعتن ۾ فاتحہ پڙهڻ واجب آهي. قرائت جو فرض ۽ واجب تڏهن ادا ٿيندو جڏهن قرآن جي قرائت جي

نيت سان پڙهجي. پر جيڪڏهن دعا جي نيت سان پڙهندو ته ادا نه ٿيندو. (المحيط)

- جيڪڏهن نڪري وڃڻ جو خوف هجي ته فاتحه ڇڏي ڏجي، هڪ آيت تي ڪفايت ڪجي. القنية. پر جيڪڏهن انهيءَ صورت ۾ وقت گذرڻ کان بعد واجب ڇڏڻ جي سبب آثار موٽائجي ته بهتر.

**ض:** شعر جي حرف "ض" مان سوره ملائڻ (ضمہ سوره) مراد آهي.

## نماز جو ٻيو واجب:

فاتحه جي پٺيان سوره ملائڻ يعني ٽن آيتن جي مقدار جيترو ملائڻ اسان جي علمائن وٽ واجب آهي. ٽن امامن وٽ سنت آهي. ۽ اهو ملائڻ فرض ۾ صرف پهرين ٻن رڪعتن ۾ ۽ سنتن، نفل ۽ وتر جي هر رڪعت ۾ واجب آهي. ۽ فرض جي پوئين ٻن رڪعتن ۾ سوره فاتحه مستحب آهي. ماٺ ۽ تسبيح پڻ جائز آهي. ۽ سوره ملائڻ پڻ صحيح مذهب مطابق جائز آهي. هڪ روايت مطابق مڪروه تنزيهي آهي. بحرالرائق ۾ آهي ته جيڪڏهن فرض جي پوئين ٻن رڪعتن ۾ سوره ملايائين ته مڪروه نه ٿيندي، جيئن غاية البيان ۾ آيل آهي.

- جيڪڏهن فاتحه پڙهي ان سان ٻه آيتون ملايائين ۽ پوءِ رڪوع ڪيائين ته موٽائي ٽين آيت ملائيندو، ڇاڪاڻ ته ٽي ملائڻ واجب آهن. ۽ سجدو سهو جو لازم ٿيندو. البرجندي.
- فاتحه ۽ سوره ملائڻ هر هڪ جدا جدا واجب آهي ۽ قائم مقام فرض جي آهي. هن بنياد تي ته انهيءَ جڳهه تي نماز ۾ قرآن پڙهڻو آهي جيڪو فرض آهي، جيئن فتح القدير، بحرالرائق، برجندي وغيره ۾ مذڪور آهي.

**"ت" پهرين:** شعر ۾ " ت" پهرين مان مراد آهي تلاوت.

## نماز جو ٽيون واجب:

فرض جي پهرين ٻن رڪعتن ۾ قرآن جو تعين. اهو واجب آهي. ان ڪري جيڪڏهن پوين ٻن يا هڪ پهرين ۽ هڪ پوئين ۾ پڙهائين ته فرض ادا ٿي ويندو پر مڪروه تحريمي ٿيندو. پر اهو جڏهن

چاٽي واٽي هجي. البتہ پل ۾ ائين ٿي وڃي تہ سجدو سهو جو لازمي ايندو. اهو صحيح مذهب آهي، جيڪو بحرالرائق واري ۾ پين بيان ڪيو آهي.

- سوره يا ان جي جڳهہ تي جيڪي آيتون پڙهجن تن کان فاتحہ کي اڳي پڙهڻ پڻ واجب آهي. تنهن ڪري چيو اٿن تہ جيڪڏهن سوره مان هڪ ڪلمو بہ فاتحہ کان اڳ پڙهيو ويو تہ سجدو سهو جو لازم ايندو. لفظ "ضم" انهيءَ معني جو فائدو ڏئي ٿو. (بحرالرائق) بظاهر ان جي مراد تسبيحہ جي مقدار برابر هجي جيئن ہي جڳهہ تان معلوم ٿئي ٿو.
- پهرين ٻن رڪعتن ۾ فاتحہ هڪ ڀيرو پڙهڻ گهرجي جيڪڏهن ٻہ ڀيرا پڙهي وئي تہ ڏسبو تہ سوره جي وٿي ڪئي وئي يا نہ. نہ ڪئي وئي تہ سجدو سهو لازم ايندو.[1] (المحيط). طهيريہ ۾ خلاصہ بہ اهو مؤقف اختيار ڪيو آهي.

## فصل

# قرائت ۾ ڀلجڻ جا مسئلا

ڳالهہ جڏهن قرائت جي نڪتي آهي تہ ڪجهہ "زلت القاري" (تلاوت ڪندڙ جي ڀلجڻ) جا مسئلا بہ ذڪر ڪرڻ ضروري ٿين ٿا.

قرائت ڪندڙ کان جيڪا ڀل ٿئي ٿي تنهن جون مختلف سورتون آهن. ڀل يا زيرن زبرن ۾ يا حرفن ۾ يا آيتن ۾ ٿيندي. جيڪا ڀل حرفن ۾ ٿئي ٿي تنهن جون پڻ مختلف صورتون ٿين ٿيون. يا اها ڀل ٿيندي تہ هڪ حرف ٻئي جي جڳهہ تي اچي ويندو ڪو اڳي ڪو پوءِ ڪو حرف وڌي ڪو گهٽجي پوندو. اهڙيءَ طرح ڪلمن ۾ آيتن ۾ بہ ٿيندو آهي. هر هڪ جو مختصر بيان پيش ڪجي ٿو.

- زيرن زبرن جي ڀل سان نماز فاسد نہ ٿيندي چونہ معنىٰ ۾ تبديلي بہ اچي وڃي. ها البتہ معنىٰ جي اهڙي تبديلي جيڪا ڪفر جي

---

[1] يعني الحمد ٻہ ڀيرا سورت کان سواءِ جيڪڏهن پڙهيو ويو تہ سجدو سهو جو لازم ايندو. (فتح محمد)

موجب ٿئي، جيئن: الباريءُ المصور ۾ واو کي زبر "انما يخشي الله من عبا ده العلماءُ" ۾ "علماءُ" کي زبر ڏيڻ. فتح القدير. پر پوئين مثال ۾ اختلاف آهي، ڇاڪاڻ ته شاذ قرآت ۾ ان طرح آيل آهي. بيضاويءَ مذڪوره توجيهه سان ان کي نقل ڪيو آهي ۽ انهيءَ قسم ۾ داخل آهي "انعمت" ۾ "ت" کي پيش. "انا ڪنا منذرين" ۾ ذال کي فتح ڏيڻ هنن مثالن جي صورت ۾ متقدمين وٽ نماز فاسد ٿي پوندي پر متاخرين ان سان هن خيال کان اختلاف ڪيو آهي. ته اها هڪ عام مصيبت (بلوو) ٿي پئي آهي. شيخ ابن الهمام چيوآهي ته متقدمين جو قول وڌيڪ احتياط وارو ۽ متاخرين جو قول وڌيڪ وسعت وارو آهي. شد ڏيڻ يا شد ڇڏي ڏيڻ انهيءَ قسم مان آهي. جيئن "خلق السماوات" ۾ خلق جي لام تي شد ڏيڻ.

- حرفن بدلائڻ جي صورت ۾ مختلف سورتون آهن، جيئن هڪ حرف ٻئي جي جڳهه تي پل مان تو ڇئي وجي يا عاجزيءَ ۽ لاچار کان تو ڇئي وجي، پهرين صورت ۾ جيڪڏهن معنيٰ تبديل ٿئي ٿي ته امام اعظم ۽ امام محمد وٽ نماز فاسد ٿيندي. البته امام ابو يوسف ان سان اختلاف ڪري ٿو. وٽس آهي ته هڪ حرف جي جڳهه تي بدلائي آندل ٻيو لفظ جيڪڏهن اهڙوآهي جو قرآن ۾ ان جي مثل لفظ آهي ئي ڪونه ته نماز فاسد ٿيندي جيڪڏهن ائين ناهي ته پوءِ فاسد نه ٿيندي. (انهيءَ اختلاف جو نتيجو هن مثال مان ظاهر ٿيندو.) اصحاب السعير کي اصحاب الشعير پڙهڻ سان نماز فاسد ٿي ويندي. ان تي سڀ متفق آهن. پر اصحاب البعير پڙهڻ جي صورت ۾ امام اعظم ۽ امام محمد وٽ فاسد ٿي پوندي امام ابو يوسف وٽ نه.
- جيڪڏهن هڪ حرف جي جڳهه تي ٻيو حرف آڻڻ سان معنيٰ تبديل ٿي ٿئي ته ان صورت ۾ ٻئي آندل لفظ جهڙو لفظ قرآن ۾ آهي جيئن "المسلمون" جي جڳهه تي "المسلمين" ته ان سان نماز باتفاق فاسد نه ٿيندي. پر جيڪڏهن ان جهڙو لفظ قرآن ۾ ناهي ته ابويوسف وٽ نماز فاسد ٿيندي. امام اعظم ۽ امام محمد وٽ نه ٿيندي. بهرحال ابويوسف جو مدار قرآن ۾ ان جي مثال هئڻ تي آهي

پوءِ معنيٰ تبديل ٿئي يا نہ ٿئي. ۽ امام اعظم ۽ محمد وٽ مدار معنيٰ جي تبديل ٿيڻ تي آهي پوءِ ان جو مثال قرآن ۾ هجي يا نہ هجي. ۽ ڪن نماز فاسد ٿيڻ يا نہ ٿيڻ ۾ مخرج جي ويجهي هئڻ جو لحاظ رکيو آهي. اهو هن طرح تہ جيڪڏهن بنا مشقت جي اهي حرف هڪ ٻئي کان ڌار ٿين ٿا جيئن 'طاء' ۽ 'ضاد' تہ انهن جي بدلائڻ سان نماز فاسد ٿيندي. جيڪڏهن مشقت سان ڌار ٿين ٿا جيئن 'ضاد' ۽ 'ظاء' تہ ان صورت ۾ ڪن وٽ نماز فاسد ٿئي ٿي، اڪثر چون ٿا تہ فاسد نہ ٿي ٿئي. شيخ ابن همام چيو آهي تہ متقدمين جو مذهب وڏيڪ صحيح آهي. يعني هيءُ تہ جيڪڏهن معنيٰ اهڙي هجي جو ڪفر جي موجب ٿئي تہ نماز فاسد ٿيندي. نہ تہ نہ ٿيندي.

- پر جيڪڏهن عذر جي سببان ماڻهو عاجز هجي جنهن ڪري حرف اچارڻ ۾ مٽ سٽ ٿي وڃن جيئن الحمد ۾ 'حاء' جي جڳهہ تي 'هاء' ٿي وڃي. انهيءَ صورت ۾ بہ جيڪڏهن نمازي صحيح اچارڻ جي قدرت رکندو هجي پر مشقت کان صحيح ادا ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪري تہ نماز فاسد ٿي ويندي. پر جيڪڏهن مشقت باوجود صحيح نہ اچاري سگهي تہ اهو معذور آهي. اها ساڳي صورت مسئلي جي مڙني اهڙن معذورن تي لاڳو ٿيندي. جيڪي فاتحہ ۾[1] 'ثا' جي جڳهہ تي سين يا ٻاتائي جي ڪري لفظ نہ چئي سگهن ف ف ف ت ت ت[2] ٿي وڃي.
- هڪ حرف جي جڳهہ تي ٻيو حرف چئي وڃڻ جي ڀل ٿئي تہ ان ۾ بہ جيڪڏهن معنيٰ ڦري ٿي وڃي جيئن 'قسوره' جي جڳهہ تي قوسره چوڻ سان نماز فاسد ٿيندي. جيڪڏهن معنيٰ نہ ٿي ڦري تہ امام ابو يوسف وٽ نماز فاسد ٿيندي امام محمد وٽ نہ ٿيندي.

---

[1] متن ۾ هن جڳهہ تي لفظ "الثغ" آندل آهي جنهن جي حاشيه ۾ هيءَ سمجهاڻي ڏنل آهي. تہ هيءَ اللثغة آهي 'لام' جي پيش 'ثاء' جي جزم سان. ان مان مراد آهي زبان 'سين' کان 'ثاء' ڏانهن ۽ 'راء' کان 'عين' ڏانهن ۽ 'عين' کان 'لام' ڏانهن ائين هڪ حرف کان پوءِ ٻئي حرف ڏانهن ڦرڻ. ان طرح قاموس ۾ مذڪور آهي. (شرح منية المصلي)

[2] ف ف ف مان مراد آهي جنهن ماڻهوءَ جي زبان (ڳالهائڻ ۾ ف تي اٽڪي) ف ف ف ڪري. ۽ ت ت ت مان مراد آهي. جنهن جي زبان ت ۾ اٽڪي ۽ ڳالهائڻ ۾ ت گهڻو استعمال ڪري.

جيڪڏهن حرف وڌائي ٿو وڃي جيئن 'وانهه عن المنڪر' جي جاءِ تي 'وانها عن المنڪر' پڙهي ٿو وڃي يا ادغام وارو اکر ٽوڙي ٿو پڙهي، جيئن 'رادو' کي 'راددو' ڪري پڙهي ته ان صورت ۾ به جيڪڏهن معنيٰ ڦري ٿي ته نماز فاسد ٿيندي. سيني جي اتفاق سان نه ته اڪثر مشائخن وٽ فاسد نه ٿيندي. ۽ ابو يوسف کان به روايتون آهن. يا حرف وڌائڻ بجاءِ حرف گهٽائي ٿو ته ان ۾ به جيڪڏهن معنيٰ ڦري ٿي جيئن وماخلق الذڪر والا نثيٰ ۾ واو ڇڏي ڏئي، ته نماز فاسد ٿيندي. پر جيڪڏهن معنيٰ نه ٿي ڦري ته نماز فاسد نه ٿيندي جيئن جائتهم جي جڳهه تي جائهم پڙهي.

- حرف جو گهٽائڻ جيڪڏهن خود ڪلمي ۾ ٿئي ته اهو جيڪڏهن حرف اصلي آهي ۽ معنيٰ پڻ ڦري ٿي ته نماز فاسد ٿيندي. امام اعظم ۽ محمد رحمهما الله جي قول مطابق. ۽ ابو يوسف جي قياس مطابق فاسد نه ٿيندي، ۽ جيڪڏهن حرف "ثلاثيءَ" مان ٿو گهٽجي ته نماز فاسد ٿيندي معنيٰ ڦري يانه ڦري. جاڪاڻ ته به حرفي لغو آهي، ها البت پنهنجي شرطن[1] مطابق ترخيم هجي ته پي ڳالهه آهي.
- هڪ ڪلمي جي جڳهه تي جيڪڏهن ٻيو ڪلمو پڙهي وڃي ته ان صورت ۾ ٻيو ڪلمو جيڪڏهن پهرئين جي معنيٰ جي ويجهو آهي ۽ ان جهڙو ڪلمو قرآن ۾ موجود آهي ته نماز فاسد نه ٿيندي. ان ۾ سڀ متفق آهن. پر جيڪڏهن ان جهڙو ڪلمو قرآن ۾ موجود ناهي جيئن "مذنب" جو ڪلمو اثيم جي جڳهه تي چوڻ، ته ان صورت ۾ امام اعظم ۽ امام محمد وٽ نماز فاسد نه ٿيندي. البت امام ابو يوسف کان به روايتون آهن. ۽ جيڪڏهن ٻئي ڪلمي جي معنيٰ پهرئين جي ويجهو ناهي ۽ انهن جهڙو ڪلمو قرآن ۾ به ڪونهي ته نماز فاسد ٿيندي. ان ۾ سڀ متفق آهن. جيڪڏهن اهو ڪلمو 'ذڪر' جي قسم مان ناهي. يعني اهڙن

---

[1] ترخيم جو شرط هيءُ آهي ته علم منادي هجي. رباعي هجي. يا وڏيڪ يا 'تاءِ' تائين هجي. منه.

ڪلمن مان ناهي جيڪي نماز ۾ پڙهيا ويندا آهن (تہ نماز فاسد ٿيندي) پر جيڪڏهن ذڪر جي قسم مان آهي. پر اهو ڪلمو جنهن جڳهہ تي پڙهيو ويو آهي،اتي ڪفر جو موجب آهي. جيئن "انا ڪنا فاعلين" جي جڳهہ تي "غافلين" تہ نماز فاسد ٿيندي. ان ۾ سڀ متفق آهن. پر ابو يوسف کان اختلاف نقل ڪن ٿا. پر صحيح ان جي برخلاف آهي.

- فتاوىٰ قاضي خان ۾ آهي تہ جيڪڏهن هڪ ڪلمو شروع ڪيائين ان جي پوري ڪرڻ کان پهريائين موٽائي صحيح پڙهيائين يا رڪوع ڪيائين، ان صورت ۾ اهو ڪلمو جيڪڏهن پورو ڪري ويو تہ نماز فاسد ٿيندي. جيڪڏهن نہ تہ نہ. اهوئي صحيح آهي. هن مان ثابت ٿيو تہ جيڪڏهن ڪلمو جيڪو فساد جو موجب آهي سو پڙهي وري موٽايائين تہ نماز قطعي طور باطل ٿيندي، ۽ ڪلمي جي تقديم ۽ تاخير بہ ان ئي قسم ۾ داخل آهي، جيڪڏهن معنيٰ بدلجي نہ ٿي تہ نماز فاسد نہ ٿيندي. نہ تہ فاسد ٿيندي. البت جيڪڏهن ڪلمو وڌائي ٿو جيئن احسانا ۽ بترا تہ ان صورت ۾ جيڪڏهن قرآن مان آهي ۽ معنيٰ فاسد نہ ٿي ٿئي، تہ نماز فاسد نہ ٿيندي. جيڪڏهن معنيٰ بدلجي ٿي تہ نماز فاسد ٿيندي. قرآن منجهان چو نہ هجي جيئن من عمل صالحا وڪفر فلہ اجره. جيڪڏهن معنيٰ نہ ٿي بدلجي پر ان جهڙو ڪلمو قرآن ۾ موجود ڪونهي، تہ امام اعظم ۽ محمد وٽ نماز فاسد نہ ٿي ٿئي. ابو يوسف جو ان ۾ اختلاف آهي.
- جيڪڏهن اسم ضمير جي جاء تي اسم ظاهر چئي وجي يا ظاهر جي جڳهہ تي ضمير چئي وجي تہ ان ۾ مشائخن جو اختلاف آهي. ۽ اهڙو آواز ڪي وڌائڻ، جنهن ۾ زبرون ۽ زيرون نغمي جي رعايت هيٺ چڪيون وڃن، پر ڪلمي ۾ ان صورت ۾ گهٽتائي ڪرڻ جو فتح القدير ۾ ذڪر ڪونهي. شايد مٿين مسئلن مطابق هجي، يعني هيءُ تہ جيڪڏهن معنيٰ مٽجي ٿي تہ نماز فاسد ٿيندي. جيڪڏهن نہ تہ نہ.

- جيڪڏهن هڪ آيت جي جڳهه تي ٻي آيت پڙهي وڃي جيڪڏهن معني، نه ٿي ڦري ته بالاتفاق نماز فاسد ڪانه ٿيندي. جيڪڏهن معني، ڦري ٿي پر وچ ۾ پورو وقفو ٿيو آهي ته نماز فاسد نه ٿيندي. جيڪڏهن نه ته فاسد ٿيندي. مثال جيئن: ان الذين آمنو و عملوا الصلحات پڙهي وچ ۾ وقفو ڪري پوءِ اولائڪ هم شرالبريه پڙهي ته نماز فاسد ڪانه ٿيندي. پر جيڪڏهن متصل چوندو ته نماز فاسد ٿيندي، عام مشائخن جو اهوئي موقف آهي، ۽ اهوئي صحيح آهي. اهڙيءَ طرح مثال آهي جڏهن بهشت جي اهڙي شخص لاءِ شاهدي ڏئي جنهن لاءِ دوزخ جي شهادت هجي، يا ان جي ابتڙ صورت ۾. جيڪڏهن وچ ۾ پورو وقفو آهي ته نماز فاسد ڪانه ٿيندي جيڪڏهن وقفو ناهي ته فاسد ٿيندي. هيءُ سڀ فتح القدير للشيخ امام ابن الهمام ۽ خلاصه مان ورتل آهي. وقفي جي حد ڪنهن به ذڪر نه ڪئي آهي. شايد رڪن ادا ڪرڻ جي مقدار جيتري هجي. يعني تسبيح جيترو وقت. ۽ ممڪن آهي ته حد متعارف هجي. جيئن ظاهر عبارت ان تي دلالت ڪري ٿي. الله بهتر ٿو ڄاڻي. پر جنهن صورت ۾ تسبيح جيترو وقت وقفو ٿيندو ته سجدو سهو جو لازم ايندو. جيئن پنهنجي جڳهه تي اهو آيو آهي.

**"ت":** ٻيءَ ت مان مراد 'تعديل ارڪان' آهي.

## نماز جو چوٿون واجب:

'تعديل ارڪان' معني، هر هڪ رڪن ڌيرج سان ادا ڪرڻ آهي، فقهي لحاظ کان ان جو مطلب آهي عضوا هڪ تسبيح جيترو مقدار رڪوع ۽ سجدي ۾ سڪون وٺڻ. ۽ هيءُ تعديل جو گهٽ ۾ گهٽ درجو آهي. امام طحاوي فرمائي ٿو ته ايتري قدر تعديل امام اعظم ۽ صاحبين وٽ فرض آهي، جڏهن ته اڪثر علماءَ مذهب هن خيال جا آهن ته امام ابو يوسف وٽ فرض آهي ۽ ٻنهي امامن وٽ واجب آهي. محققن ۽ متقدمين ۽ متاخرين وٽ به اهوئي پسنديده آهي. جرجانيءَ امام اعظم کان ان جو سنت هئڻ نقل ڪيو آهي. بحرالرائق

ان کي ضعيف سڏيو آهي. ۽ امام محمد کان منقول آهي تہ جيڪو ان کي ڇڏي ٿو، مون کي ڊپ ٿو ٿئي تہ ان جي نماز ئي ڪٿي ناجائز نہ ٿي وڃي. اڪثر مشائخن اهڙي نماز لازمي طور موٽائڻ جو حڪم فرمايو آهي. شيخ ابن همام جو چوڻ آهي تہ واجب جي اندر موٽائڻ ۾ ڪو بہ اشڪال ڪونهي. هن حڪم جي بنياد تي تہ هر نماز جيڪا مڪروه تحريمي هجي تنهن کي موٽائڻ واجب آهي. ۽ واجب ڇڏڻ جي ڪري نماز مڪروه تحريمي ٿئي ٿي ان ڪري ان جو موٽائڻ بہ واجب ٿيندو. (انتهي محصلہ). امام سرخي موٽائڻ لازم هئڻ جو قائل ناهي. البتہ 'قومہ' ۽ 'جلسہ' سڪون ۽ اطمينان (تعديل) سان ڪرڻ ظاهر مذهب ۾ سنت آهي. ۽ محققن وٽ پسند ڪيل واجب هئڻ آهي. ۽ ان جي ڇڏڻ سان نماز موٽائڻ لازم آهي. بحرالرائق ۾ صدرالقضات کان منقول آهي تہ 'جلسہ' ۽ 'قومہ' ۾ پڻ اطمينان ۽ سڪون (تعديل) ايتري واجب آهي. جو هر عضوو پنهنجيءَ جاءِ تي قرار وٺي. جيڪڏهن انهن چئني مان ڪو هڪ بہ ڇڏيو ويو تہ ڀل جي حالت ۾ سجدو سهو جو لازم ايندو. ڄاڻي واڻي جي صورت ۾ سخت ڪراهت ٿيندي ۽ موٽائڻ لازم ٿيندو. ۽ محيط کان پڻ ان طرح نقل آهي، تہ مڙني جي واجب هئڻ جو قول ابن همام ۽ سندس شاگرد ابن اميرالحاج جو پسنديده آهي، ايستائين جو ان چيو تہ اهوئي درست آهي. والله الموفق للاحتراز عن الخطا الي الصواب.

**"ق" پهريون:** ان مان مراد پهريون قاعدو آهي.

## نماز جو پنجون واجب:

پهريون قاعدو آهي. اهو تشهد جيترو وقت واجب آهي. ۽ اهو ظاهر مذهب آهي. جمهور مشائخ ان جا قائل آهن. ۽ اهو ئي صحيح مذهب آهي. بحرالرائق وغيره ۽ طحاوي ۽ ڪرخي سنت هئڻ جا قائل آهن. پر ان جو سبب بدائع واري لکيو آهي تہ سنت مان مرد اها آهي تہ ان جو وجوب سنت مان ثابت ٿيل آهي. يا اها تہ سنت مؤڪده واجب جي معنيٰ ۾ آهي. هڪ جو ٻئي تي مجازي طور اطلاق ٿيندو رهندو

آهي، قاعده اوليٰ مان مراد پويون قاعدو ناهي جو اهو فرض آهي. جيئن اهو 'مسبوق' جنهن کان ٽي رڪعتون نڪري ويون هجن. اهو ٽي قاعدا ويهندو آهي. ان ۾ پهريون ۽ ٻيو واجب ۽ ٽيون فرض آهي، (بحرالرائق.)
**"ت" ٽين:** هن مان مراد تشهد آهي.

## نماز جو ڇهون واجب:

تشهد آهي، اهو به ظاهر روايت مطابق ٻنهي قاعدن ۾ واجب آهي[1]، صحيح به اهو ئي آهي. جيئن محيط ذخيره ۽ هداية ۾ 'سجده السهو' ۾ آهي. محققن متقدمين ۽ متاخرين ان کي اختيار ڪيو آهي. ۽ هڪ جماعت پهرئين قاعدي ۾ سنت ۽ ٻئي ۾ واجب چيو آهي. هن خيال کان ته پهريون قاعدو واجب ۽ ٻيو سنت آهي. ان ڪري جڳائي اهو ٿو ته انهن جي ذڪر ۾ به فرق هئڻ گهرجي، حالانڪ اهو لازمي ڪونهي. ائين لازم هئڻ ممنوع آهي. (بحرالرائق).
**لام:** هن مان مراد آهي لفظ السلام عليڪم.

## نماز جو ستون واجب:

السلام عليڪم چوڻ آهي. جيئن صحيح حديثن ۽ فقهه جي ڪتابن مان ثابت ٿئي ٿو. ۽ صاحب بحرالرائق مفتي الثقلين جي اقتصار مان السلام جي لفظ تي استنباط ڪيو آهي، ته لفظ عليڪم واجب ناهي. بهرحال هن ڳالهه تي اتفاق آهي، ته نماز مان نڪرڻ صرف لفظ السلام سان ٿي ويندو آهي. عليڪم جي ضرورت ڪانهي. ٽن امامن وٽ لفظ السلام عليڪم فرض آهي. ان بنياد تي جيڪڏهن السلام عليڪم بجاءِ سلامي عليڪم چئجي ته نماز صحيح نه ٿيندي. (ذڪره الامام النووي)

- السلام عليڪم ورحمة الله ٻنهي طرفن تي چوڻ سنت آهي. ۽ ٻيو پهرئين کان آهستي چوڻ سنت آهي. ذڪره في المحيط وغيره. ۽

---

[1] ٻنهي قاعدن پهرئين ۽ ٻئي ۾ تشهد پڙهڻ واجب آهي. اهو ظاهر روايت ۾ آهي ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته تشهد پڙهڻ پوئين قاعدي ۾ واجب آهي پهرئين ۾ سنت آهي. ۽ صحيح ظاهر روايت مطابق آهي ته تشهد ٻنهي قاعدن ۾ پڙهڻ واجب آهي، (شرح قنيه).

منية المصلين ۾ اهو مخصوص امام لاءِ چيو ويو آهي.[1]

- جيڪڏهن صرف السلام عليڪم، يا السلام، يا سلام عليڪم، يا عليڪم السلام چئجي ته نماز ٿي ويندي، پر سنت جو تارڪ ٿي پوندو. پوئين لفظ بابت مڪروه هئڻ جي صراحت ۾ آيل آهي. لفظ 'برڪاته' نہ چئجي جو اهو بدعت آهي ۽ هڪ. روايت مطابق جائز آهي.
- سلام ۾ نيت هڪ روايت ۾ سنت آهي ۽ هڪ روايت ۾ مستحب آهي. جيڪڏهن اڪيلي نماز پڙهندڙ هجي ته حفاظت ڪندڙ فرشتن جي، مسجد ۾ ويٺلن جي، يا مڙني مؤمنن جي[2] مختلف روايتن مطابق نيت ڪندو. جيڪڏهن امام[3] هجي ته مقتدين جي. هڪ روايت مطابق مڙني مؤمنن جي نيت ڪندو. ۽ جيڪڏهن مقتدي هجي ته ماڻهن، حفاظت ڪندڙ فرشتن ۽ امام جي جنهن پاسي کان اهي هجن، نيت ڪري. جيڪڏهن امام جي سامهون هجي ته ٻنهي پاسي نيت ڪري.
- **ساڄي يا کاٻي:** ٻنهي پاسي منهن ڪرڻ سنت آهي. واجب ناهي. ان ڪري جيڪڏهن لفظ السلام سامهون منهن ڪري چوي تڏهن بہ نماز مان نڪري وڃڻ ٿي ويندو.

**قاف ٻيو:** شعر ۾ قاف ٻئي مان مراد قنوت آهي.

---

[1] تنهن ڪري سلام ۾ امام لاءِ سنت اهو آهي ته ٻيو سلام پهرئين سلام کان آهستي هجي. ڇاڪاڻ ته ڏاڍيان پڙهڻ جو مقصد نماز مان نڪرڻ جو اعلان آهي. ان جي ضرورت پهرئين سلام ۾ آهي. ٻئي ۾ ناهي پهريون سلام اعلان جو ڪم ڏئي ٿو وڃي.

[2] جيڪي ساڻس نماز ۾ شريڪ هجن ٻيا نہ. شرح منيه.

[3] امام، قوم جي، حفاظت ڪندڙ فرشتن سميت ٻنهي سلامن ۾ نيت ڪندو ۽ اهوئي صحيح آهي. ڪن چيو آهي ته انهن جي نيت بنهہ نہ ڪندو، ڪن چيو آهي ته صرف (گذشته سان پيوسته) پهرئين سلام سان ڪندو البته اڪيلو پڙهندڙ حفاظت ڪندڙ ملائڪن کان سواءِ ڪنهن جي بہ نيت نہ ڪري.

## نماز جو اٺون واجب:

دعا قنوت آهي.[1] هيءَ وتر ۾ پڙهڻ امام اعظم وٽ واجب آهي. البت صاحبين وٽ سنت آهي. اها مشهور دعا آهي. جيڪڏهن نہ اچي تہ ربنا آتنا في الدنيا..... الآية پڙهجي. يا اللهم اغفرلي يا لفظ 'يا رب' ٽي ڀيرا دهرائي يا ڪابہ ٻي دعا جيڪا گهري سان پڙهي. ڪافي ٿي ويندي. ڪي چون ٿا تہ هيءَ سڀ مطلقا جائز آهن. دعا مشهور هيءَ آهي. اللهم انا نستعينڪ[2] ونستغفرڪ ونومن بڪ ونتوڪل عليڪ ونثني عليڪ الخير[3] ونشڪرڪ ولا نڪفرڪ ونخلع ونترڪ من يفجرڪ اللهم اياڪ نعبد ولڪ نصلي ونسجد واليڪ نسعیٰ ونحفد[4] نرجو رحمتڪ ونخشیٰ عذابڪ ان عذابڪ بالڪفار ملحق.[5]

عالمن جو هن دعا جي واون ۾ اختلاف آهي، معدن شرح ڪنز ۾ امام حجة الدين بلخي کان منقول آهي تہ ٽن جڳهين تي واو نہ لکيو اٿن. نشڪرڪ، ونخلع و نرجوا. پر صحيح اهو آهي تہ 'نخلع' ۾ آهي اهو طحاوي ۽ بيهقيءَ جي روايت مان ثابت آهي. ذڪره في البحرالرائق. معدن ۽ عمده الاسلام جي مصنفن جو هيءَ رايو آهي تہ هر ڪلمه ۾ واو چئجي جيڪو گهٽين ثنائن جو موجب آهي. حجة الدين بلخيءَ جي تحقيق مطابق واو ٻارنهن دفعا اچي ٿو. بحرالرائق جي تحقيق مطابق ٻارنهن ٿين ٿا. ۽ معدن وغيره جي تحقيق مطابق چوڏهن دفعا ٿئي ٿو. بحرالرائق ۾ آهي تہ بهتر هي آهي تہ پيغمبر

---

[1] وتر ۾ سبح اسم ربڪ پهرين رڪعت ۾ قل يا ايها الڪافرون ٻي رڪعت ۾ ۽ اخلاص ٽين رڪعت ۾ مستحب آهي چاڪاڻ تہ ابو حنيفہ پنهنجي مسند ۾ عائشہ (رضہ) کان روايت ڪئي آهي تہ ان چيو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ وتر ٽي رڪعتون پڙهبو. پهرينءَ ۾ سبح اسم ربڪ، ٻني ۾ قل ياايها الڪافرون ٽئينءَ رڪعت ۾ قل هو الله احد پڙهجي. شرح منية.

[2] توکان فرمانبرداريءَ گناهن ڇڏڻ، نفس، شيطان ۽ مڙني ڪافرن تي غلبي حاصل ڪرڻ جي مدد گهرون ٿا.

[3] تو مٿان ثناء ٿا پڙهون. ٻي روايت مطابق تو مٿان خيريت واقع ٿئي. علي قاري حسن الحسين.

[4] يعني تنهنجو ارادو ڪيون ٿا. ۽ عمل ۽ خدمت ڪرڻ ۾ تڪڙا ٿيون ٿا. انتهي. يعني تنهنجي پيرويءَ ۾ تنهنجي ئي لاءِ عمل ڪيون ٿا. (شرح ملا علي قاري برحصن الحصين).

[5] اسم فاعل جي صيغي سان. هڪ نسخي ۾ اسم مفعول سان پڻ آهي. نووي چيو آهي تہ "الحاء" جي زبر سان آهي ۽ اهو ئي مشهور آهي.

ڪريم صلي الله عليه وسلم جن حسن بن علي رضي الله تعالي عنهما کي قنوت جي طور جيڪو سيکاريو آهي[1] اهو پڙهجي اهو هيءُ آهي.

- اللهم اهدني فيمن هديت[2] وعافني فيمن عافيت وتولني فيمن توليت[3] وبارڪ لي فيما اعطيت وقني شر ما قضيت فانڪ تقضي ولايقضي عليڪ انه لا يزل من واليت ولايعز من عاديت تبارڪت ربنا و تعاليت نستغفرڪ ونتوب اليڪ. ابو داؤد والترمذي والنسائي وابن ماجہ ۾ ٻين اها روايت نقل ڪئي آهي ۽ "صلي الله علي محمدن النبي" صرف نسائي روايت ڪيو آهي.
- قنوت جي پڇاڙيءَ ۾ درود پڙهڻ ۾ اختلاف آهي. خلاصہ وغيره ۾ ان جي منع ٿيل آهي. جڏهن تہ فقيهہ ابو الليث مستحب هئڻ قبول ڪيو آهي. بحرالرائق واري ان بابت وهو الحق چيو آهي. پر اللهم صلي علي محمد وعلي آل محمد جي چوند ڪئي آهي.
- هي دعائون صاحب هدايہ ۽ محيط مطابق آهستي يعني دل ۾ پڙهڻ گهرجن. مشائخ ماوراءَ النهر جوبہ اهوئي موقف آهي. صاحب ذخيره امام لاءِ ڏاڍيان پڙهڻ جو قائل آهي تہ جيئن ماڻهو تعليم حاصل ڪن، ڪن هيءَ وضاحت ڪئي آهي تہ جيڪڏهن اڻ ڄاڻ هجي تہ ڏاڍيان بهتر آهي. تہ جيئن سکي سگهي. جيڪڏهن قوم اڻ ڄاڻ ناهي تہ آهستي پڙهڻ افضل آهي. پر بحرالرائق ۾ منية المصلي کان منقول آهي تہ ڏاڍيان بہ ائين پڙهجي جو قرات کان گهٽ آواز هجي تہ جيئن قرائت ۽ دعا ۾ فرق ظاهر ٿئي. والله اعلم
- ۽ لفظ ملحق 'حا' جي زير سان هئڻ امام اسبيجابي تحقيق ڪيو آهي ۽ جوهري فتح جي تصريح ڪري چيو آهي تہ اهو ئي صحيح آهي. دعا قنوت جي عبارت جيڪا حصن الحصين ۾ امام جزريءَ

[1] الاذڪار ۾ ابن علي رضي الله تعالي عنهما کان منقول آهي تہ مون کي رسول الله صلي عليه وسلم جن سيکاريو تہ آءٌ وتر ۾ هيءُ پڙهان. ٻي روايت ۾ لفظ 'قنوت الوتر ۾' منقول آهي تہ اللهم اهدني.... الي آخره. ان کان پوءِ ڄاڻ گهرجي تہ هن دعا ۽ مشهور دعا يعني اللهم انا نستعينڪ ونستغفرڪ..... کي گڏ پڙهڻ مستحب آهي. جيئن ان جي اسان جي ڪجهہ عالمن تصريح ڪئي آهي (شيخ علي قاري. شرح حصن الحصين).

[2] يعني مون کي انهن منجهان بناءِ جن کي تو صراط مستقيم جي هدايت ڪئي آهي (شرح علي قاري)

[3] يعني جن کي تو پنهنجي ولاءِ ۾ قبول ڪيو آهي.

مصنف ابن ابي شبيه ۽ عمل اليوم والليله ۽ ابن سني نقل ڪئي آهي سا هيءَ آهي. بسم الله الرحمن الرحيم. انانستعينک ونستغفرک ونثني عليک الخير ولانڪفرک نخلع ونترک من يفجرک بسم الله الرحمان الرحيم اللهم اياک نعبدو لک نصلي ونسجد واليک نسعیٰ ونحفد ونخشیٰ عذابک الجد و نرجو رحمتک ان عذابک الجد بالڪفار ملحق. هن طريقي سان "نو" واو ٽين ٿا. ڪن روايتن ۾ نسجد تي به واو آهي. پوءِ ڏھ واو ٿيندا ۽ لفظ نشڪر حديث جي روايتن ۾ ناهي. مطرزي ان جي تصريح ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته فقهه جي ڪتابن ۾ آيل آهي. والله اعلم بالصواب.

- نسائي، ابو داؤد وغيرهما ۾ آهي ته وتر جي سلام کان پوءِ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم "سبحان[1] الملک القدوس" ٽي ڀيرا فرمائيندا هئا. ٽيون ڀيرو وڏي آواز سان چوندا هئا. ۽ دار قطني "رب الملائڪة والروح"[2] وڌايو آهي ۽ اڪثر محدثن ان کان پوءِ اللهم اني اعوذبک برضاک من سخطک و بمعافاتک من عقوبتک واعوذبک منک لااحصیٰ ثناء عليک انت ڪما اثنيت علیٰ نفسک. پاڻ سڳورن کان اهو پڻ نقل فرمايو اٿن ته جيڪڏهن توفيق لهي ته عمل ڪري. ولله الموفق والمعين.

**ت:** چوٿينءَ مان مراد عيد جون تڪبيرون آهن.

## نماز جو نائون واجب

عيد جون تڪبيرون واجب آهن. اهي ڇهه آهن. هر هڪ رڪعت ۾ ٽي ٽي تڪبيرون آهن. انهن جو طريقو هيءُ آهي ته پهرين تڪبير، جنهن سان نماز شروع ڪبي آهي. ۽ اها فرض به آهي جيئن گذريو، اها چوڻ کان پوءِ هٿ ٻڌي ثنا پڙهبي. تنهن کان پوءِ تڪبير چئجي ۽ هٿ ڇڏي ڏجن. ان کان پوءِ تڪبير چئي هٿ ڇڏي ڏجن[3]

---

(1) عيبن ۽ نقصن کان پاڪ آهي. (شرح)

(2) 'را' جي پيش سان چيو ويو آهي ته اهو تمام وڏو ملائڪ آهي. ٻي سگهي ٿو جبرئيل هجي.

(3) ۽ سنت آهي ته نماز جنازه ۾ ساڄو هٿ کاٻي مٿان رکجي. انهن کي ڇڏڻ نه ڏجي. ان طرح هڪ دفعو جواب ڏنائين ۽ پيهر جواب ڏنائين. قنوت جي حالت ۾ ٻئي هٿ ڇڏي ڏيڻ

ٻن تڪبيرن وچ ۾ ٽن تسبيحن جيترو بيهڻ مستحب آهي. بحرالرائق ۾ چيل آهي ته ”ٻن تڪبيرن وچ ۾ ٽن تڪبيرن جيترو وقت چپ ڪجي.“ ته اشتباه نه رهي. ۽ مسبوط ۾ آهي ته انبوهيءَ جي گهٽ وڌهڻ جي حساب سان ان ۾ گهٽ وڌائي ڪري سگهجي ٿي. انتهي. يعني جيڪڏهن انبوهي وڏيڪ هجي ته ان مطابق وڏيڪ توقف ڪجي. جيڪڏهن ماڻهو گهٽ هجن ته گهٽ بيهجي. آخرم آخري تڪبير چئي هٿ ٻڌجن فاتحه پڙهي ۽ سورت ملائجي. مستحب اهو آهي ته ’سبح اسم‘ يا ’ق‘ هجي. ان کان پوءِ ٻين رڪعت ۾ پهريائين فاتحه پڙهي سورت ملائجي، مستحب اهو آهي ته هل اتاک حديث الغاشية يا اقتربت الساعة هجي. سورت پڙهجي. سورت پڙهي فارغ ٿيڻ کان پوءِ ٽي ڀيرا الله اڪبر چئجي هر هڪ وچ ۾ مٿئين مقدار مطابق بيهڻ افضل آهي. ان کان پوءِ رڪوع جي تڪبير چئجي. هيءَ رڪوع جي تڪبير هر نماز ۾ مستحب هوندي آهي. پر ٻنهي عيدن جي نمازن جي ٻي رڪعت ۾ واجب آهي.[1] جيئن زيلعي وغيره نقل ڪيو آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڀل ۾ رهجي وئي ته سجدو سهو جو لازم ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ڇڏڻ سان مڪروه تحريمي ٿيندو قنوت جي تڪبير به واجب تڪبيرن مان هڪ آهي. جيئن ان جو بحرالرائق وغيره ذڪر ڪيو آهي.

**جيم:** مان مراد ”جهر“ يعني نمازن ۾ ڏاڍيان پڙهڻ آهي.

## نماز جو ڏهون واجب

جهري نماز ۾ ڏاڍيان پڙهڻ[2] صرف امام مٿان واجب آهي،

---

(گذشته سان پيوسته) وڏيڪ افضل آهي. اهڙيءَ طرح عيدين جي تڪبيرن ۽ رڪوع مان موٽڻ واريءَ تڪبير ۾ آهي. ڇاڪاڻ ته ابوحنيفه رحمة الله عليه جي ظاهر مذهب ۾ هيءَ آهي ته هٿ ٻڌڻ قيام قرائت جي حالت ۾ آهي. انهيءَ اصول جي بنياد تي واجب ٿيندو ته نماز جنازه ۾ به ڇڏي ڏجن. (جواهر الفتاوي من عينه)

[1] يعني عيدن جي پهرين رڪعت ۾ رڪوع جي تڪبير سنت آهي. (فتح محمد)

[2] ڏاڍيان پڙهڻ ۽ آهستي پڙهڻ مان مراد ايتري مقدار جي تلاوت آهي جيتري ۾ نماز جائز ٿئي. ۽ اهو هڪ ڊگهي آيت يا ٽي ننڍيون آيتون آهي. هيءَ هدايه جي روايت آهي.

منفرد لاءِ ڏاڍيان پڙهڻ افضل آهي. يعني صبح جي نماز مغرب ۽ عشاء جي پهرين ٻن رڪعتن عيدين جمعي تراويح ۽ رمضان جي وتر ۾ امام مٿان ڏاڍيان تلاوت ڪرڻ واجب آهي، منفرد (اڪيلو پڙهندڙ) مرضيءَ واري آهي. پر ان لاءِ به ڏاڍيان پڙهڻ افضل آهي.

- ظهر، عصر، مغرب جي ٽن رڪعتن، عشاء جي پوين ٻن رڪعتن ڪسوف ۽ استسقاء ۾ آهستي قرآن پڙهڻ امام مٿان واجب آهي. ان ۾ سڀ متفق آهن. صحيح روايتن مطابق منفرد مٿان واجب آهي. ان طرح بحرالرائق ۾ آهي. البته استسقاء جي نماز جيئن ته امام اعظم جي مذهب مطابق جماعت سان ناهي. ان ڪري اڪيلي لڪي ادا ڪجي. ۽ امامين جي مذهب مطابق ڏاڍيان قرائت سان عيدن جي نماز مطابق پڙهڻ گهرجي. جيئن، جيئن ان تي مختلف دورن ۾ عمل به رهيو آهي.
- جهروارين نمازن ۾ امام لاءِ قضا ۾ به جهرواجب آهي. منفرد جهري نمازن ۾ مرضيءَ وارو آهي، ادا هجي يا قضا. رات جي نفلن وانگر ۽ سري نمازن ۾ امام توڙي منفرد لاءِ به واجب آهي. جيئن ڏينهن وارن نفلن ۾ آهي.
- امام ضرورت کان مٿي ڏاڍيان پڙهندو ته گنهگار ٿيندو. ان طرح سراج الوهاج ۾ مذڪور آهي.
- نفل پڙهندڙ مٿان ڏينهن جو آهستي پڙهڻ واجب آهي. البته رات جو نفل پڙهندڙ جيڪڏهن اڪيلو آهي ته مرضيءَ وارو آهي پر جيڪڏهن امام آهي ته جهرواجب آهي.
- مقتدي جمعي جي نماز ۾ رهيل نماز قضا ڪرڻ مهل مرضيءَ وارو آهي، ڏاڍيان پڙهي يا آهستي پڙهي، ان طرح سراج الوهاج مذڪور آهي. اهو ثابت ٿو ڪري ته جهري نماز گڏ پڙهڻ جو اهو حڪم هئڻ گهرجي.
- هڪ شخص جهري نماز آهستي پڙهي رهيو آهي پيو اچي سندس اقتدا تو ڪري. ته ان کي فاتحه پوري ڪري يا ڪجهه حصو پڙهي ان کي ڏاڍيان موٽائي پڙهڻ گهرجي. ان طرح خلاصه ۾ آهي، خزانة الرواية ۾ آهي ته اهو اقتدا وقت پورو ڪرڻ مهل ڏاڍيان پڙهي.

- قرآن جي تلاوت کان سِواءِ ٻي ڪنهن به شيءِ مثلن دعائن، تسبيحن ۽ تشهد ۾ ڏاڍيان نه پڙهجي. ان طرح بحرالرائق ۾ مذڪور آهي.
- ڏاڍيان پڙهڻ جي حد اڪثر مشائخن وٽ هيءَ آهي ته ٻيو ٻڌي سگهي. ۽ آهستي پڙهڻ جي حد اها آهي ته پاڻ ٻڌي ۽ ڪي هن خيال جا آهن ته آهستي پڙهڻ جي حد اها آهي. اهڙيءَ طرح هر اها شيءِ جيڪا ڳالهائڻ سان تعلق رکي ٿي[1] جيئن ذبيحه مٿان بسم الله ۽ تلاوت سان سجدي جو واجب ٿيڻ، ٻانهو آزاد ڪرڻ، طلاق ۽ استثناء وغيره آهي. ان لحاظ کان جيڪڏهن ڪنهن طلاق ڏني ۽ پاڻ نه ٻڌائين ته طلاق نه ٿيندي، حرف صحيح چونه اچارجن. ان طرح بحرالرائق ۾ مذڪور آهي، ۽ خلاصه ۾ آهي ته جيڪڏهن امام سري نماز ۾ ائين پڙهي جو هڪ يا ٻه ماڻهو ٻڌن ته 'جهر' نه چئبو. بلڪ 'جهر' تڏهن چئبو جڏهن سڀ مقتدي ٻڌن. بحرالرائق ۾ آهي ته عادت اها آهي ته جيڪو پاڻ ٻڌندو ته اهو سندس پروارا سڀ ٻڌندا. انتهي. پر هي بنهه ويجهو هئڻ جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو. نه ته ممڪن آهي ته آهستي نه ٿئي ڇاڪاڻ ته صفون ٽپي وڃي ٿو.

**ري:** مان مراد "رعايت ترتيب" آهي.

## نماز جو يارهون واجب:

نماز جا عمل جيڪي هر رڪعت ۾ دهرائجن ٿا. تن ۾ ترتيب جو خيال رکڻ واجب آهي. جيڪڏهن ٻيو سجدو ڪنهن رڪعت مان ڇڏيو ويو ۽ ٻي رڪعت ۾ ٽي سجدا ڪيا ويا ته نماز فاسد نه ٿيندي پر سجدو سهو لازم ايندو. البته هڪ رڪعت ۾ قيام جي رڪوع مٿان ۽ رڪوع جي سجدي مٿان ترتيب فرض آهي. هن ڪلام جي معني جيئن بحرالرائق ۾ تحقيق ڪيل آهي هيءَ آهي ته ان رڪن جو موٽائڻ فرض آهي. مثال جيڪڏهن قيام کان اڳ

---

[1] اهڙي طرح آهي هر اها شيءِ جيڪا شاهديءَ سان تعلق رکي ٿي. جيئن ذبح ڪيل شيءِ مٿان بسم الله چوڻ. قرآن جي تلاوت جي ڪري جيڪو سجدو واجب ٿئي ٿو. ٻانهو آزاد ڪرڻ، طلاق ڏيڻ ۽ لفظ انشاء الله تعالي چوڻ. ايتري تائين جو جيڪڏهن طلاق ڏنائين ۽ نه ٻڌائين ته طلاق واقع نه ٿيندي جيستائين حرف صحيح چو نه ٿين. (فتح محمد)

رڪوع ڪيائين يا سجدو ڪيائين رڪوع کان اڳ ته فرض آهي ته قيام موٽائي پوءِ رڪوع ڪندو. رڪوع موٽائي ان کان پوءِ سجدو ڪندو. ان کان پوءِ نماز صحيح ٿيندي ۽ سجدو سهو جو لازم ايندو. ۽ صدر الشريعہ تڪبير تحريمه کان پوءِ قاعده اخيره تائين ترتيب واجب چئي آهي. صاحب بحرالرائق ان کي قبول نہ ڪري مٿين تحقيق آندي آهي. هيءَ مختصر جڳهه ان جي تفصيل جي گنجائش نہ ٿي رکي.

- جيڪڏهن نماز ۾ ترتيب ڇڏڻ جي ڪري رڪعت کان گهٽ ۾ زيادتي ٿئي ته مٿئين طريقي مطابق موٽائجي. جيڪڏهن رڪعت جيتري زيادتي ٿي ته نماز فاسد ٿيندي. هن لحاظ کان ته سڄي رڪعت هٽائي ڇڏڻ قبول نہ ٿي ڪري سگهجي. ان طرح بحرالرائق ۾ آهي.
- هڪ شخص نماز شروع ڪئي. قيام ڪيائين قرآن پڙهيائين، رڪوع ڪيائين پر سجدو نہ ڪيائين، موٽي قيام ڪري قرآن پڙهيائين پر رڪوع نہ ڪيائين سجده ڪيائين ته هڪ رڪعت ٿي. ڇاڪاڻ ته پنهي قيام ۽ قرئت واڌائڻ جو اعتبار نہ ٿيندو. هيءَ ٻئي سجده پهرئين رڪوع سان ملي ويندا. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن نماز شروع ڪرڻ کان پوءِ رڪوع ڪيائين ۽ قيام ۽ قرائت ڇڏي ڏنائين ان کان پوءِ اٿي قيام، قرائت ۽ رڪوع ڪري ٻئي سجدا ادا ڪيائين ته هڪ رڪعت ٿيندي. ڇاڪاڻ ته قيام ۽ قرائت آخر رڪعت تائين پهرين تڪبير سان ملي ويندا. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن پهرين تڪبير کان پوءِ بہ سجده ڪري ورتائين ان کان پوءِ اٿي قرائت ڪيائين رڪوع ڪيائين پر سجدو نہ ڪيائين موٽي قيام ڪري قرائت پڙهي ٻئي سجده ڏنائين رڪوع نہ ڪيائين ته ان صورت ۾ ٽي رڪعتون ڪري وڌائين پر حقيقت ۾ هڪ رڪعت ٿيندي. تڪبير اولي معتبر ٿيندي. قيام، قرائت ۽ ٻيو رڪوع معتبر ٿيندو. سجدو ٽينءَ مان ۽ ٻيءَ رڪعت ۾ بہ ائين ڪيائين ۽ ٽينءَ رڪعت ۾ سجدا ڪيائين رڪوع نہ ڪيائين ته هڪ رڪعت ٿيندي هي سڀ صورتون، فتح القدير ۾ حاڪم کان منقول آهن.

- ڪنهن رڪن دوران ياد آيو تہ هن کان اڳيون رڪن ڇڏي ڏنو آهي. تہ فوري طور تي اهو ادا ڪندو. پر جيڪو رڪن پڙهي رهيو هو تنهن جو موٽائڻ صاحب هدايہ جي بقول مستحب آهي. قاضي خان وغيره جي بقول واجب آهي. صاحب بحرالرائق جو پڻ ان طرف لاڙو آهي. پر جيڪڏهن رڪن پورو ڪرڻ کان پوءِ ياد پيو تہ موٽائڻ جي ضرورت ناهي. مثال سجدي ۾ هئو جو ياد پيس تہ گذريل رڪعت جو رڪوع رهجي ويو آهي. تہ سجدو ڇڏي رڪوع ۽ بہ سجده جيڪي رڪوع جي رهجي وڃڻ ڪري فاسد ٿي چڪا هئا، قضا ڪندو. ان کان پوءِ بقول صاحب هدايہ هن سجدي جو موٽائڻ مستحب آهي، ٻئي رڪعتون درست ٿي وينديون ۽ بقول قاضي خان جي تہ اڳين رڪعت جو رهيل رڪوع ۽ سجدو ڪري هيءُ سجدو، جنهن مان موٽيو آهي بطور وجوب موٽائيندو. ان طرح بحرالرائق مان استفادو ڪيو ويو آهي.

## فصل

# سجدي سهو جا مسئلا .

نماز جا واجب معلوم ٿيا. هاڻي سجدو سهو جو ڪهڙن احڪامن هيٺ لازم اچي ٿو، ان جو بيان ڪرڻ ضروري آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ مٿي ذڪر ٿيل واجبن مان هرهڪ سان چند مسئلا ڳنڍيل آهن.

### پهريون واجب:

سوره فاتحہ آهي، سا جيڪڏهن پهرين ٻن رڪعتن مان هڪ ۾ سڄي يا ان جو اڪثر حصو نہ پڙهيو ويو تہ ان جي پوين ٻن رڪعتن ۾ قضا نہ ٿيندي. سجدو سهو جو لازم ايندو. جيڪڏهن ٿورڙي ڪا رهي اٿس تہ سهو جو سجدو لازم نہ ايندو. (المحيط).مجتبیٰ ۾ آهي تہ سجدو سهو لازم آهي.فرض جي پوئين ٻن رڪعتن ۾ جيڪڏنهن سورت فاتحہ ڇڏي آهي تہ سجدو سهو جو لازم نہ ايندو.

برخلاف وتر ۽ نفل جي. جو ان ۾ ڪنهن به رڪعت ۾ فاتحه ڇڏڻ سان سجدو سهو لازم ايندو.

## ٻيو واجب سوره ملائڻ:

جيڪڏهن سوره ملائڻ ڇڏي ڏنائين يا هڪ آيت پڙهيائين ته سجدو سهو جو لازم ايندو. جيڪڏهن ٻه پڙهيائين ته به لازم ايندو. جيئن ظهيريه ۾ آهي، ۽ بحرالرائق ۾ زيلعي کان ورتل آهي ته سجدو سهو لازم نه ايندو.

- فاتحه کان پوءِ سوره واجب آهي. پوءِ جيڪڏهن پل مان ان کان اڳ شروع ڪري ڏنائين ته سهو جو سجدو لازم ايندو. پل هڪ حرف جو نه هجي. المجتبیٰ. يا هي ته هڪ تسبيح جي مقدار جيترو پڙهيل هجي. فتح القدير.
- جيڪڏهن فاتحه ٻه دفعا پڙهيائين وچ ۾ جيڪڏهن سورت پڙهيل آهي ته سجدو سهو جو لازم نه ايندو. جيڪڏهن پڙهيل ناهي ته سجدو سهو لازم ايندو. ان جو قاضي خان ذڪر ڪيو آهي ۽ زاهديءَ ان جي تصحيح ڪئي آهي.
- جيڪڏهن پهرين ٻن رڪعتن ۾ سورت وسري ويس. ته پوئين ٻن رڪعتن ۾ پڙهي سجدو سهو جو ڪري ڇڏي. الخلاصه وغيره.
- جيڪڏهن پل ۾ پوئين ٻن رڪعتن ۾ صورت ملايائين ته سجدو سهو جو لازم نه ايندو. صحيح روايتن مطابق. ۽ جيڪڏهن چاٽي واٽي ڪيائين ته به مشروع آهي. بحرالرائق.

## ٽيون واجب قرائت متعين ڪرڻ آهي:

جيڪڏهن پهرين رڪعتن ۾ مورڳو قرائت نه ڪيائين پوئين ٻن ۾ قرائت ڪيائين ته سجدو سهو جو لازم ايندو. جيڪڏهن هڪ رڪعت پهرين ٻن رڪعتن مان ۽ هڪ رڪعت پوين ٻن رڪعتن مان تلاوت ڪيائين تڏهن به سجدو سهو جو لازم ايندو. البت هن ۾ اختلاف آهي ته پوئين ۾ پڙهڻ کي قضا چئبو يا ادا. ظاهر پهرين ڳالهه آهي.

## چوٿون واجب تعديل:

نماز جي رڪعتن ۾ تعديل ڪرڻ آهي.[1] مختار روايت مطابق رڪعتن ۾ تعديل ڪرڻ واجب آهي. ان جي ڇڏڻ تي سجدو سهو لازم ايندو. بحرالرائق ۾ آهي ته "صحيح مذهب وجوب ۽ پل ۾ ان جي ڇڏڻ تي سجدي سهو وارو آهي، بدائع ان کي صحيح ڪوٺيو آهي" ۽ اهو امامين جو قول آهي. امام ابو يوسف جو قول آهي ته نماز فاسد ٿيندي. ان ڪري وٺس رڪوع ۽ سجدي ۾ اطمينان ۾ ٺهراءُ فرض آهي. مٿين محققن جي مذهب مان معلوم ٿيو ته قومه ۽ جلسه ۾ پڻ اطمينان ڪرڻ واجب آهي. ۽ ان جي ڇڏڻ سان پڻ سجدو سهو لازم ايندو. ان ڪري انهن چئن يا ڪنهن هڪ جي پل ۾ ڇڏڻ سان سجدو سهو لازم ايندو. ۽ ڇاڻي واڻي گناه جو موجب ٿيندو. جنهن جو پورائو نماز موٽائڻ سان ٿيندو. بحرالرائق ۾ آهي ته واجب جڏهن ڇاڻي واڻي ڇڏيو وڃي ته ان جو پورائو نماز موٽائڻ کان سواءِ نه ٿيندو. جيڪڏهن نه موٽائي وئي ته نماز مڪروه تحريمي ٿيندي.

## پنجون واجب قعدي پهرئين جا مسئلا:

هر اهو قعدو جيڪو آخري نه هجي. ان جي ڇڏڻ سان سهو جو سجدو لازم ٿيندو. فرض ۾ هجي يانفل ۾. البت آخري قعدو فرض آهي. ان جي ڇڏڻ سان نماز فاسد ٿيندي فرض نماز هجي يا نفل.

## ڇهون واجب تشهد جا مسئلا:

ان جو هڪ ڪلمو به ڇڏيو وڃي تڏهن به سجدو سهو جو لازم ايندو. بحرالرائق ۾ آهي ته ان جي ڇڏڻ سان ٿورڙو ئي هجي، سهو جو سجدو لازم ايندو.

- جيڪڏهن سلام کان پوءِ ياد آيو ته تشهد ڪجهه پڙهيل آهي ته

---

[1] نبي صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي ته ماڻهن مان برو چور اهو آهي جيڪو پنهنجي نماز ۾ چوري ڪري. پڇيو ويو يارسول الله صلي الله عليه وسلم نماز ۾ چوري ڪيئن ٿيندي؟ پاڻ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو جيڪو نماز ۾ رڪوع ۽ سجدو پورو نه ڪري يعني چوري ڪئي ان جنهن چوري ڪئي جڏهن ته سوال چوري جي باري ۾ آهي چور جي باري ۾ ناهي.

امام ابو يوسف وٽ نماز فاسد ٿيندي. ان ۾ امام محمد جو اختلاف آهي، ان وٽ نماز صحيح ٿيندي پر تشهد پڙهي وري پيهر سلام وراڻو پوندو. ان تي ئي فتويٰ آهي. (فتح القدير)

## ستون واجب سلام جا مسئلا:

جيڪڏهن قعدي ۾ ويٺو ۽ سلام وسري ويس ايستائين جو نماز مان جڏهن نڪرڻ جو ارادو ڪيائين ان وقت ياد پيس ته سجدو سهو جو لازم ايندس. هن بنياد تي ته واجب ۾ تاخير ڪئي اٿس. ياهن بنياد تي ته خروج جيڪو ڪن وٽ فرض آهي، ان ۾ دير ڪئي اٿس. بحرالرائق واري چيو آهي ته هن جڳهه تي سجدي جو لازم واجب جي تاخير جي بنياد تي ان طرح تجنيس ۾ آهي ٿيندو. واجب ڇڏڻ جي بنياد تي نه. ۽ پڻ چيو اٿس ته واجب جي تاخير مطلقا سهو جي موجب ٿيندي آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن فاتحه کان پوءِ مثال طور تشهد پڙهيو. يا فاتحه ٻه ڀيرا پڙهي. ڇاڻ گهرجي ته انهيءَ جاءِ تي صدر الشريعه جو هڪ ضابطو آهي. ته سجدو سهو جو واجب ڇڏڻ کان سواءِ لازم نه ايندو. ها جيڪڏهن اهو چئجي ته تاخير نه ڪرڻ واجب آهي يا سورت ملائڻ واجب آهي، جيڪو ڇڏيو ويو آهي. ته پوءِ ٻي ڳالهه آهي. والله اعلم.

جيڪڏهن پهريون سلام ڪابي پاسي پل ۾ ورائجي وڃي ته سهو لازم ٿيندو ڇاڪاڻ ته سنت ڇڏي اٿس.

- جيڪڏهن هڪ سلام چئي ٻيو وسري ويو. ته هڪ روايت مطابق جيستائين مسجد ۾ آهي ته ٻيو سلام چئي ڇڏي. ۽ هڪ روايت مطابق قبلي کان منهن ڦيرڻ کان پوءِ نه چوندو.

## اٺون واجب قنوت جا مسئلا:

جيڪڏهن اهو ڇڏي رڪوع ڪري ورتائين ته هڪ روايت مطابق موٽائيندو ۽ سهو جو سجدو ڪندو. صحيح اهو آهي ته موٽائبو ڪونه سجدو سهو جو ڪري ڇڏبو. المجتبىٰ وغيره.

- جيڪڏهن ٽين رڪعت ۾ قنوت پڙهيائين پر فاتحہ يا سوره وسري ويس. رڪوع کان پوءِ جيئن ياد اچي تہ موٽي قرات ڪري قنوت پڙهي پيهر رڪوع ڪري سجدي ۾ ويندو. (فتح القدير)
- قنوت جي تڪبير پڻ واجب آهي، ان ڪري ان جي ڇڏڻ سان سهو جو سجدو لازم ايندو. ذڪره زيلعي. ۽ اهو بہ چيو ويو آهي تہ واجب ناهي. بحرالرائق ۾ آهي تہ واجب قرار نہ ڏيڻ وڌيڪ مناسب آهي. ڇاڪاڻ تہ "مواظبت" تي ڪو بہ دليل ڪونهي.

## نائون واجب عيد جي تڪبيرن جا مسئلا:

جيڪڏهن رهجي ويون يا غلط جڳهہ تي ڇنجي ويون يا گهٽ وڌ ٿي ويون تہ سهو لازم ايندو.

- جيڪڏهن امام ٻي رڪعت ۾ تڪبير کان اڳئي رڪوع ڪيو تہ موٽندو. ۽ جيڪڏهن مقتدي رڪوع ۾ هليا ويا تہ ان ۾ ادا ڪندو. (ڪشف الاسرار)
- جيڪڏهن عيد ۾ پئي رڪوع ۾ تڪبير وسري وئي. تہ سجدو سهو جو لازم ايندو. المجتبىٰ. جيڪڏهن تشريق جون تڪبيرون وسري ويون تہ سجدو سهو جو لازم ناهي. (البدائع)

## ڏهون واجب جهري نمازن ۾ ڏاڍيان پڙهڻ جا مسئلا:

جيڪڏهن امام ايترو مقدار تلاوت جو هوريان ڪيو جيتري سان نماز جائز ٿي ويندي آهي، يعني جنهن مقدار کي اهو حڪم لڳي تہ هيءُ گهڻو آهي. تہ سجدو سهو جو لازم ٿيندو. ۽ اها مطلقاهڪ آيت آهي امام اعظم وٽ. ۽ ابو يوسف ۽ محمد وٽ ٽي ننڍيون ۽ هڪ وڏي آيت آهي. سهو جو سجدو ايتري مقدار تي ٿيندو جيتري ۾ نماز جائز ٿئي. ان ۾ . سڀ متفق آهن. هدايہ جي موافق اهو ئي صحيح قول آهي. قاضي خان جو چوڻ آهي تہ ظاهر روايت ۾ ٿورڙو هجي يا گهڻو ان تي سجدو سهو لازم اچي ويندو. ظهيريہ ۽ ذخيره ۾ ان طرح آهي، خلاصہ ۾ وڌيڪ هي آهي ۽ شمس الائمہ حلوائيءَ جو پڻ ان تي اعتماد آهي. صاحب بحرالرائق وٽ بہ اهو ئي راجح آهي. بظاهر

ٿورڙي مقدار مان هڪ ڪلمو مراد ٿيندو. ان ڪري ننڍي آيت کي گهٽ چيو ويو آهي. ۽ اهو ٻه ڪلما آهي، جيئن معلوم ٿيو.

- جيڪڏهن پل ۾ دعا يا تشهد ڏاڍيان پڙهي ويو ته سهو ناهي. پر بحرالرائق ۾ ڪن ڪان تشهد ۾ آهي ته ان ۾ سجدو سهو جو لازم اچڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو ان بابت هميشه هوريان پڙهڻ ثابت آهي.

## يارهون واجب سري نمازن ۾ هوريان پڙهڻ جا مسئلا:

ساڳيو اختلاف هن ۾ پڻ آهي. صاحب هدايه وٽ صحيح اهو آهي ته جيتري مقدار تلاوت ۾ نماز جائز ٿئي ايتري ۾ جيڪڏهن ڏاڍيان پڙهيائين ته سجدو سهو لازم ايندو ۽ مختار اڳين علمائن جو هيءُ آهي ته ٿورو مقدار هجي يا گهڻو هر صورت ۾ سهو لازم ايندو.

## ٻارهون واجب ترتيب جي رعايت جا مسئلا:

- پوءِ جيڪڏهن سجدو وسري وڃي ته جنهن وقت ياد اچي ان وقت ادا ڪجي ۽ ان تي سجدو سهو به لازم ايندو. ۽ ڪنهن شيءِ جو موٽائڻ لازم ناهي. ها ان صورت ۾ موٽائڻو پوندو جڏهن هڪ رڪن مان ٻئي رڪن ۾ هليو وڃي.
- جيڪڏهن نماز ۾ تلاوت جي سجدي ۾ ٽن آيتن جي تاخير ٿي وئي. ته ان بابت ٻه روايتون آهن. مجتبيٰ ۾ ان جو ذڪر آهي ۽ تحسين ۾ عدم وجوب جو چيو اٿس. پر دير ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو. ڇاڪاڻ جو ان جي قضا ڪانهي صرف ساڳين ٻن رڪعتن ۾ موٽائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ٻي رڪعت ۾ موٽائيندو ته ٻيو سجدو لازم ٿيندو جيئن باب سجده تلاوت ۾ ان جو ذڪر آهي، هي ٻارهون واجب اڪثر ڪتابن ۾ مذڪور آهي ته ان جي ڇڏڻ سان مشهور اهو آهي ته سجدو سهو لازم ايندو. صاحب بحرالرائق ڪجهه ٻيا هنڌ به نقل ڪيا آهن. جن جي ڇڏڻ سان سجدو سهو جو لازم ايندو. ڪجهه انهن مان جيڪي ضروري آهن. سي نقل ڪجن ٿا.
- جيڪڏهن ٻه رڪوع ڪيائين يا ٽي سجدا ڪيائين يا قيام جي

جڳهه تي قاعده ۽ قاعده جي جڳهه تي قيام تسبيح جيترو وقت ڪيائين ته سجدو سهو لازم ايندو.

- جيڪڏهن هڪ ننڍي آيت جيترو رڪوع، سجدي، قومه يا جلسه ۾ پڙهيائين ته سجدو سهو جو لازم ايندو. جيڪڏهن تشهد کان اڳي پڙهيائين ته به سجدو سهو لازم ايندو پر ان کان پوءِ پڙهيائين ته نه. (ذڪره في المحيط) جيڪڏهن قيام ۾ فاتحه کان پوءِ تشهد يا ڪا ٻي دعا پڙهيائين ته سجدو سهو لازم ٿيندو پر فاتحه کان اڳ پڙهيائين ته نه ٿيندو.[1]
- جيڪڏهن قاعده اوليٰ ۾ تشهد جو ورجاءُ ڪيائين ته سهو لازم ٿيندو. اهو ئي صحيح آهي ۽ شرح طحاوي ۾ آهي ته لازم نه ٿيندو[2] ۽ درود اللهم صلي عليٰ محمد جيترو پڙهيائين ته سجدو سهو لازم ٿيندو اهوئي صحيح آهي.
- جيڪڏهن نماز ۾ شڪ پيو سوچڻ لاءِ ٿورو بيٺو. تسبيح جي مقدار جيترو بيٺو ته سجدو سهو لازم ايندو. بدائع ۾ ان طرح آهي. زخيره ۾ آهي ته سهو تڏهن لازم ٿيندو جڏهن سوچڻ لاءِ بيٺي تسبيح ۽ قرائت روڪي ورتائين.
- جيڪڏهن نماز دوران وضو ڀڄي پيو ان کان پوءِ وضو ڪرڻ دوران هڪ گهڙي ويهي سوچيائين ته گهٽيون رڪعتون پڙهي چڪو آهي ته سهو لازم ايندو.
- تشهد جيترو ويهڻ کان پوءِ سوچيائين ته ٻه رڪعتون پڙهيون اٿم يا ٽي، سوچيندي تسبيح جي مقدار جيترو ويهي ويو ته سهو لازم ايندو.
- فاتحه کان اڳ بسم الله نه پڙهيائين ته سجدو سهو لازم ٿيندو (زيلعي).

---

[1] جيڪڏهن رڪوع، سجدي ۽ تشهد ۾ پل ۾ تلاوت ڪيائين ته سجدو سهو ڪندو پر جيڪڏهن قيام، رڪوع ۽ سجدي جي حالت ۾ تشهد پڙهيائين ته مٿس سجدو سهو لازم نه ايندو. (فتاوىٰ سراجي)

[2] جيڪڏهن آخري قعده ۾ تشهد ورجايائين ته سجدو سهو نه ٿيندو. ان طرح تبيين ۾ آهي. (فتاوي عالمگيري)

ڪن چيو آهي ته سهو نه ٿيندو. هي هن بنياد تي آهي ته صاحب قنيه چيو آهي ته صحيح هيءُ آهي ته بسم الله فاتحه کان اڳ واجب آهي. بحرالرائق ۾ آهي ته هي ظاهر مذهب جي خلاف آهي.

- جيڪڏهن سڀ واجب ڇڏيندو آيو ته سهو جو هڪ ئي سجدو سيني لاءِ ڪافي ٿيندو.
- جيڪڏهن امام پهريائين سهو ڪئي ان کان پوءِ وضو ڀڄڻ جي ڪري خليفه ورتائين ته اهو سجدو سهو ڪندو ۽ پيو ته هڪ سهو جو ڪافي ٿيندو. ظهيريه.
- جيڪڏهن مسبوق (جنهن کان رڪعتون نڪري وڃن) امام جي پلجڻ کان پوءِ اچي نماز ۾ شريڪ ٿيو ته ان لاءِ لازم آهي ته امام سان گڏ سهو جو سجدو ڪري جيڪڏهن هڪ سجدي کان پوءِ نماز ۾ شامل ٿيو ته هڪ سجدو ڪري ٻئي سجدي سهو جي ضرورت ناهي. جيڪڏهن نماز ۾ ان وقت شامل ٿيو جڏهن امام ٻئي سجدا ڪري چڪو آهي ته مطلق سجدي سهو جي ضرورت ناهي. بحرالرائق وغيره.
- (لاحق) سجدي سهو ۾ امام جي پيروي نه ڪري بلڪ رهيل نماز ۾ مشغول ٿي وڃي. ۽ نماز جي پڇاڙيءَ ۾ سهو جو سجدو ادا ڪري پر جيڪڏهن پيروي ڪري ٿو ته نماز فاسد نه ٿيندي پر آخر ۾ موٽائڻ لازم آهي.
- مسبوق سجده سهو ۾ متابعت ڪري پر سجدي سهو جو سلام نه ڪري. جيڪڏهن ڄاڻي واڻي يا ڀل ۾ ڪيائين ته نماز فاسد ٿي ويندي. جيڪڏهن هن خيال سان سهو جو سجدو ڏنائين ته سندس خيال ۾ نماز پوري ٿي چڪي آهي. ته جيڪڏهن امام کان اڳي آهي يا ان سان گڏ آهي ته ڪو حرج ڪونهي. پر جيڪڏهن امام کان پوءِ آهي ته سجدو سهو جو لازم ٿيندو.. بحرالرائق وغيره.
- جيڪڏهن مسبوق امام سان گڏ سجدو سهو جو ڪيو ان کان پوءِ معلوم ٿيو ته امام تي سجدو سهو جو نه هو ته مسبوق جي نماز ٻه

فاسد ٿي پوندي پين جي نماز پوري ٿي ويندي.[1] ذڪره في (البدائع)

- جيڪڏهن مسبوق امام جي سجدي سهو کان اڳ اٿي ويو ته جيڪڏهن سجدي سان، پنهنجي رڪعت کي مقيد نه ڪيو آهي ته موٽي سجدو بجا آڻيندو. جيڪڏهن نه ته نماز جي آخر ۾ ادا ڪندو. ۽ ان جو امام جي سلام کان اڳ اٿڻ مڪروه تحريمي آهي ها جيڪڏهن مسح جي مدت پوري ٿيڻ جي ويجهو پهتي هجي يا جمعي، عيدين، فجر ۽ معذور کي نڪرڻ مهل خوف هجي (ته لتاڙجي نه وڃان) يا وضو ڀڄڻ جو خوف هجي. يا ماڻهن جي انبوهيءَ جي ڪري سندس اڳيان ماڻهو لنگهندا هجن. انهن ڏکيائين ۾ امام جي پيروي ترڪ نه ڪندو. ۽ جيڪڏهن مڪروه تحريمي اختيار ڪرڻ کان پوءِ اٿيو ان کان پوءِ موٽي سلام ۾ امام جي پيروي ڪيائين ته سندس نماز فاسد ٿي ويندي. هڪ روايت آهي ته فاسد نه ٿيندي. ۽ ان تي فتويٰ آهي. فتح القدير.
- مسبوق آخري رڪعت ۾ پهتو. ٽن رڪعتن واري نماز ۾ ٻه رڪعتون فاتحه سان سورت ملائي پڙهندو، وچ ۾ قعدو ڪندو، ان کان پوءِ آخري رڪعت سورت ملائڻ کان سواءِ پڙهندو. متاخرين ان کي اختيار ڪيو آهي. بحرالرائق ۾ آهي ته وچ ۾ قاعدو نه ڪجي. بلڪه ٻن کان پوءِ ويهڻ گهرجي. ڪن شرح وقايه جي حاشيه ۾ ان کي امام اعظم جي راءِ ڄاڻيو آهي.
- جيڪڏهن ڀل ۾ امام يا اڪيلي نماز پڙهندڙ سلام ڦيري ڇڏيو ته نماز فاسد ناهي. ڇو نه ٽوڙڻ جي نيت سان هجي. پر سجدو سهو جو لازم ٿيندو. جيڪڏهن لاحق آهي ته مقتدي جي حڪم ۾ آهي، مسبوق جو مسئلو گذري چڪو.

---

[1] جيڪڏهن امام کي گمان ٿيو ته مٿس سهو جو سجدو لازم آهي. ۽ سجدو سهو جو ڪيائين. مسبوق سندس پيرويءَ ۾ سجدو سهو جو ڪيو. ان کان پوءِ معلوم ٿيو ته مٿس سجدو سهو جو لازم نه هو ته نماز فاسد ٿي پوندي ڇاڪاڻ ته ان انفراد واري موقعي تي اقتدا ڪئي فقيه ابو الليث چيو آهي ته اسان جي زماني ۾ نماز فاسد نه ٿيندي. ڇاڪاڻ ته ڪوڙن ۾ جهالت عام آهي. ان طرح ظهيريه ۾ آهي جيڪڏهن اڻ ڄاڻ هجي ته نماز فاسد نه ٿيندي. عتابيه ۾ آهي ته متاخرين وٽ ان جي نماز جائز آهي. ۽ ان تي فتويٰ آهي (بحرالرائق من عينه)

- جيڪڏهن قرائت ۾ ان کان اڳتي سوچڻ ۾ هڪ رڪن ادا ڪرڻ جيترو يا تسبيح جيترو بيٺو ته سجدو سهو جو لازم ايندو. بدائع. پر جيڪڏهن قرائت دوران سوچيائين ته سجدو سهو لازم نه ايندو. (الذخيره)
- جيڪڏهن آيت شروع ڪان پڙهيائين ته ظاهر اهو آهي ته سجدو سهو لازم نه ايندو. پر جيڪڏهن ساڳئي لفظ جو ورجاءُ ڪيائين ته قياس اهو آهي ته لازم ايندو. والله اعلم.[1]
- جيڪڏهن پهرئين قاعدي ۾ پل تي. جيڪڏهن قيام جي ويجهو پهچي ويو آهي ته قيام ڪري ۽ سهو بجا آڻي. جيڪڏهن قاعدي جي ويجهو آهي ته موٽي اچي ۽ سهو جي سجدي جي ڪابه ضرورت ڪانهي. صحيح روايت اها آهي ۽ اڪثر مشائخن جي ان تي فتويٰ آهي. ڪن چيو آهي ته سهو ڏيندو. ويجهڙائي جي باري ۾ مختلف روايتون آهن. هڪ روايت آهي ته جيستائين گوڏا زمين سان لڳل آهن تيستائين قاندي جي ويجهو آهي.جيڪڏنهن گوڏا کٽي ورتائين ته قيام کي ويجهو ٿي ويندو. هڪ روايت ۾ آهي ته جيستائين ٻئي پير سڌا نه ٿيا آهن، يعني جيستائين رڪوع کي نه پهتو آهي، تيستائين قعود کي ويجهو آهي ۽ اهوئي صحيح آهي جيئن ڪافي ۾ آهي ۽ هڪ جماعت هن خيال جي آهي ته جيستائين پورو قيام نه ڪيو اٿس تيستائين موٽڻ گهرجي. ۽ اهو ئي صحيح آهي. جيئن تبيين ۾ آهي. ۽ مبسوط ۾ ان کي ظاهر روايت چيو ويو آهي. ۽ فتح القدير ۾ آهي ته اهو ظاهر مذهب آهي. هن تحقيق جي بنياد تي جيستائين پورو قيام نه تو ڪري تيستائين موٽڻ لازم آهي. ۽ پهرين تحقيق مطابق هر هڪ جي ويجهو واري حالت انهن جي حڪم ۾ ٿيندي. ۽ هيءُ ابو يوسف کان مروي آهي، پر اصحاب متون ۽ اڪثر مشائخ پوئين راءِ جا آهن.

---

[1] جيڪڏهن هڪ آيت ڪئي ڀيرا ورجايائين، نفل نماز ۾ مڪروه ناهي البته فرض ۾ جاٽي واٽي ورجائڻ مڪروه آهي، عذر يا ويسر جي حالت ۾ مڪروه ناهي. ان طرح محيط ۾ آهي. (شرح منية المصلي )

- جنهن صورت ۾ نہ موٽائڻ واجب آهي ان ۾ جيڪڏهن موٽيو تہ نماز فاسد ٿي ويندي. ان ۾ بہ ساڳيو مٿيون اختلاف آهي. جنهن وٽ نماز فاسد نہ ٿيٓ ٿئي تنهن وٽ سجدو سهو جو واجب آهي. پر جيڪڏهن پورو بيهي وڃڻ کان پوءِ موٽيو تہ جمهور ان خيال جا آهن تہ نماز فاسد ٿيندي. ۽ اهو ئي صحيح آهي. جيئن زيلعي وغيره ۾ آهي. پر شيخ ابن همام فاسد ٿيڻ جي فتويٰ ۾ اعتراض رکي ٿو. ۽ راجح نماز فاسد نہ ٿيڻ کي چئي ٿو. ۽ بحرالرائق ۾ آهي تہ جيڪڏهن پورو اٿڻ کان پوءِ موٽيو، پل مان ڪن وٽ اهو آهي تہ تشهد پڙهندو پر صحيح اهو آهي تہ نہ پڙهندو ۽ اٿي ويندو. ۽ حق اهو آهي تہ نماز فاسد نہ ٿيندي. (انتهي)
- نفلن ۽ سنتن ۾ جيڪڏهن پهريون قاعدو وساري ويٺو تہ ان صورت ۾ جيستائين ٽين رڪعت جو سجدو نہ ڪيو اٿس تہ موٽندو. ۽ وتر جو فرض وارو حڪم آهي. (ذڪره في البحرالرائق)
- جڏهن آخري قاعدو وسري وڃي تہ ان صورت ۾ جيستائين چئن رڪعتن واريءَ نماز ۾ پنجين، ٽن واريءَ ۾ چوٿين، ٻن واريءَ ۾ ٽين رڪعت ۾ سجدو نہ ڪيو اٿس تہ موٽندو ۽ سجده سهو جو بجا آڻيندو. پر جيڪڏهن سجدو ڪري ويٺو تہ مٿو مٿي ڪرڻ شرط فرض پڇي پوندو. امام محمد جو اهو موقف آهي جمهور بہ ان جا قائل آهن. ۽ فتويٰ بہ انهيءَ تي آهيَ ۽ امام ابو يوسف وٽ مٿو سجدي ۾ رکڻ شرط نماز ٽٽي پوندي. انهيءَ اختلاف جو نتيجو هن مثال ۾ نظر ايندو جڏهن سجدي ۾ وضو ٽٽي پيو ۽ وضو وڃي ڪيائين پوءِ ياد پيس تہ آخري قاعدو نہ ڪيو آهي جمهور وٽ. قاعدو ڪندو، نماز پوري ٿي ويندي. ابو يوسف وٽ نماز ٽٽي پئي اصلاح جي لائق ناهي رهي.
- جيڪڏهن آخري قاعدي کان پوءِ پل مان اٿي ويو جيڪڏهن اڃا سجدو نہ ڪيو اٿس تہ موٽي ويهي ۽ سلام ڪري. پر جيڪڏهن سجدو ڪري چڪو آهي تہ پوءِ ٻہ رڪعتون پوريون ڪري ڇڏي ۽ ٻنهي صورتن ۾ سجدو سهو جو ڪرڻو

پونـدس. چاڪـاڻ تـہ سـلام ۾ تـاخير سـهو ڪـي واجـب ڪنـدي آهي. بحرالرائق وغيره ان کي اختيار ڪيو آهي.

- جـنهن شـخص کـي شـڪ ٿئـي تـہ گهٽيـون رڪعتـون پڙهيـون اٿـس. ان صـورت ۾ جيڪـڏهن پهريـون ڀيـرو ائين ٿيـو آهـي تـہ موٽـائي پڙهـي، جيڪـڏهن نـہ تـہ سـوچي جـنهن تـي دل مطمـئن ٿئـي ان مطـابق پڙهـي، جيڪـڏهن تسـلي نـہ ٿئـي تـہ جتـي گهـٽ ۾ گهـٽ شـڪ بيهـي اتـاهون شـروع ڪـري. پهريـون ڀيـرو ٿـيڻ مـان مـراد بلـوغ کـان پـوءِ واري عمـر آهـي، اڪثـر مشـائخ ان خيـال جـا آهـن. خلاصـہ، خانيــہ ۽ ظهيريــہ ۾ ان جــو ذڪـر آهـي. زيلعـي بہ ان خيـال جـو آهـي. امـام سرخسـيءَ چيـو آهـي تـہ ان مـان مـراد سـهو جـو عـادي نـہ هـئڻ آهـي. فخرالاسـلام چيـو آهـي تـہ مـراد نمـاز ۾ پهريـون دفعـو آهـي. ابـن الفضـل بہ ان جـو قائل آهي. ظهيريـہ ۽ غاية البيان ۾ بہ ائين آهي.

### فصل

## سنتن جو بيان

جيئن تہ ضروري مسئلن ۽ واجبات مان فارغ ٿياسين هاڻي نماز جون سنتون بيان ڪجن ٿيون. وبالله التوفيق

چون سنت بداني شوي مقتدیٰ
روث تبت تست ددا

'ر': بيت ۾ لفظ 'ري' مان مراد آهي رفع اليدين.

### پهرين سنت:

تڪبير افتتاح وقت سنت آهي. چاڻ گهرجي تہ ٻئي آڱوٺا ٻنهي ڪنن تائين پهچڻ گهرجن. ۽ رفع يدين ڇڏڻ سان گناه ٿيندو. ڪن چيو آهي تہ گنهگار تڏهن ٿيندو جڏهن اها عادت بنائي ڇڏيندو. شيخ ابن همام ان جو قائل آهي. سندس چوڻ آهي تہ ٻي صورت ۾ ان جو واجب هئڻ لازم ايندو. صاحب بحرالرائق جو چوڻ آهي تہ صحيح اهو آهي تہ سنت مؤڪد ڇڏڻ سان پڻ گنهگار ٿبو آهي. پر ان جو

واجب کان گھٽ گناه ٿيندو.

- تڪبير وقت آگريون پنهنجي حال تي ڇڏڻ گهرجن. نہ ڇڪي گھٽيون سڌيون ڪجن نہ پيڙي ڇڏجن. هٿ، ترين ۽ آگرين جو منهن قبلي ڏانهن هئڻ گهرجي. بحرالرائق وغيره. پيڙيءَ وانگر ٿاهي پڊڻ طرف آڻجن ان طرح خزانة الروايات ۾ آهي.
- هٿ ڇڏي نہ ڏجن بلڪ دن هيٺان ٻڌڻ گهرجن ۽ تڪبير وقت مٿو جهڪائڻ نہ گهرجي. اهو بدعت آهي. (المبسوط)
- تڪبير سان گڏ هٿ کڻڻ گهرجن. اهو طحاوي، شيخ الاسلام، قاضي خان، خلاصہ، تحفہ، بدائع ۽ محيط جو موقف آهي. امام بقالي چيو آهي تہ اسان جي سمورن امامن جو اهو ئي قول آهي. قاضي خان ان جو تفسير هن طرح ڪيو آهي تہ تڪبير شروع ڪرڻ ۽ هٿن جو کڻڻ ٻئي گڏ هئڻ گهرجن. تڪبير ختم ٿئي تہ هٿ دن هيٺان ٻڌجي وڃن. هڪ جماعت جو خيال هن طرح آهي تہ هٿ کڻڻ تڪبير کان اڳ هجن. مجمع ۾ آهي تہ هيءُ امام اعظم ۽ محمد جو قول آهي. ۽ غاية البيان ۾ هي اڪثر علماء مذهب ڏانهن منسوب آهي. مبسوط ۾ آهي تہ هي اڪثر مشائخن جو مذهب آهي. ۽ هدايه ۾ هن کي 'هو الصحيح' چيل آهي. فقيهہ ابو جعفر چيو آهي تہ ٻنهي ترين جا پيٽ قبلي ڏانهن ڪجن. جڏهن اهي اهڙي جڳهہ تي پهچن جتي ٻئي آگوٺا ٻنهي ڪنن جي برابر اچي وڃن ان وقت تڪبير چئي. امام سرخسيءَ چيو آهي تہ اڪثر مشائخ هن خيال جا آهن، اسان بہ ان کي قبول ٿا ڪريون، غياثيہ. ڪن جو چوڻ آهي تہ تڪبير کان پوءِ هٿ ڪندو. پوين محققن پهرين سوچ اختيار ڪئي آهي ۽ ڪن محققن پوئين سوچ کي ترجيح ڏني آهي ۽ صحيح حديثن ترمذي وغيره ۾ آهي تہ پاڻ هٿ ڪندا هئا ۽ پوءِ تڪبير چوندا هئا. هن مان هن قول جي تائيد ظاهر آهي. جيڪڏهن هٿ ڪنن تائين کڻڻ وساري ويٺو تہ تڪبير کان پوءِ پوين قولن مطابق نہ ڪندو. ڇاڪاڻ تہ هاڻي اها جڳهہ نہ رهي هئي جتي اهي کڻا هئا. البت جيڪڏهن تڪبير جي وچ ۾ ياد

اچي وڃي ته ڪٺي ونندو. جيڪڏهن پاڻڙين تائين ٻنهي هٿن جا آڱوٺا يا هڪ هٿ جو آڱوٺو نه ٿو پهچي ته معذور آهي. عورت ڪي ڪپي ته ڪلهن تائين هٿ ڪٺي. هڪ روايت مطابق سيني تائين ڪٺي. امام تي سنت آهي ته تڪبير وڏي آواز سان چئي، جو ماڻهو ٻڌي سگهن. باقي مقتدي ۽ اڪيلي جي حق ۾ لازمي طور آهستي پڙهڻ سنت آهي. ڏاڍيان پڙهڻ مسنون ناهي.

- تڪبير وقت مٿو (پنهنجي جاء ڪان) مٿي ڪڻڻ ممنوع آهي، (خلاصه، بحرالرائق). قيام وقت اهڙي حالت ۾ هجي جو سندس نظر سجدي جي جاءِ تي پئي. ان ڪان مٿي ڪرڻ منع آهي. الشرعة. پر عمل اليوم والليلة واريءَ حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته افضل هيءَ آهي ته نظر پيرن ڪان وٺي سجدي جي جاءِ تائين پوڻ گهرجي. بلڪ پيرن تي پوڻ بهتر آهي. ان ڪان پوءِ سجدي جي جاءِ تي. ۽ مذهب (حنيفه) ۾ مشهور پهريون طريقو آهي. والله اعلم.

**واو:** بيت ۾ لفظ واو مان مراد آهي وضع يدين زير ناف دن هيٺان هٿ رکڻ.

## ٻي سنت:

دن هيٺان هٿ رکڻ آهي ۽ ان جوطريقو اهو آهي ته کاٻي هٿ جي جوڙ (مُريءَ) وٽان ساڄي هٿ جي آڱوٺي ۽ ننڍي آڱر سان جهليندو ۽ ٽي آڱريون ان جي مٿان رکي ڇڏيندو. ۽ سڄي هٿ جي تري کاٻي هٿ جي پٺيءَ تي رکي ڇڏيندو. ظهيريه ۽ خلاصه ۾ ان جو ذڪر آهي ۽ چيو آهي ته اڪثر مشائخن ان کي مستحسن قرار ڏنو آهي ۽ اهو ئي پسنديده قول آهي. جيئن بحرالرائق وغيره ۾ آهي. هيءَ حڪم مرد لاءِ آهي. البت عورتن کي ڪپي ته ڇاتيءَ جي وچ تي رکن.

- رفع يدين ڪان پوءِ هٿ لڙڪو لڳ رکڻ گهرجن. وچ ۾ هٿ ڏيگهه ۾ ڇڏي نه ڏيڻ گهرجن جيئن صلواة مسعوديءَ ۾ آيو آهي ته هٿ بدڪ جي پيرن جيان ڪنجن ۽ پيڙيءَ وانگر ٺاهي هيٺ آڻي ٻڌجن. ڪن روايتن ۾ ڏگهائيءَ ۾ ڇڏڻ به آيو آهي. پر اڪثر ڪتابن ۾ مختار (پسند ڪيل) پهريون قول آهي.

’ٿ‘: هن مان مراد ثنا پڙهڻ آهي.

## ٽين سنت:

ثنا پڙهڻ آهي. يعني سبحانڪ اللهم وبحمدڪ وتبارڪ اسمڪ وتعالىٰ جدڪ ولا الهٰ غيرڪ. امام توڙي مقتدي توڙي اڪيلي هر هڪ لاءِ سنت آهي. پر جڏهن امام ڏاڍيان قرائت شروع ڪري ڏئي ته پوءِ پڙهڻ نه گهرجي. جو ٻڌڻ واجب آهي. الذخيره ان جو ذڪر ڪيو آهي ۽ چيو اٿس ته اهوئي صحيح قول آهي. ۽ مسبوق انهيءَ ڪان سواءِ ٻه پيرا پڙهندو. هڪ ان وقت جڏهن امام جي نماز ۾ داخل ٿئي. ٻيو جڏهن رهيل نماز قضا ڪرڻ لاءِ اٿي. (بحرالرائق)

البتہ توجيهہ يعني اني وجهت وجهي للذي فطر السماوات والارض حنيفا- تا- مشرڪين پڙهڻ امام اعظم وٽ سنت ناهي ابو يوسف جو ان ۾ اختلاف آهي. پر صحيح اهو آهي ته اهو ان جي ثنا کان پوءِ جو قائل آهي ۽ صحيح حديث مان ظاهر آهي ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم اني وجهت وغيره فرض ۽ نفل ۾ پڙهندا هئا ۽ ثنا اڪثر تهجد ۾ آيل آهي. ۽ عمر فاروق رضي الله تعالي عنه جو عمل فرض ۾ هئو ۽ ڪن روايتن ۾ ثنا ۽ توجيهه گڏ پڻ مڪتوبہ ۾ آيل آهي.

- جڏهن مقتدي امام کي رڪوع ۾ پهچي ته ان صورت ۾ جيڪڏهن رڪوع فوت ٿيڻ جو خطرو نه هجي ته ثنا پڙهي، ٻي صورت ۾ مٿانئس سنت ساقط ٿي ويندي ۽ امام جي پيروي ڪرڻ واجب ٿيندي. (نصاب الفقهہ)

**ت:** مان مراد تعوذ يعني اعوذ با الله من الشيطان الرجيم چوڻ آهي.

## چوٿين سنت:

تعوذ چوڻ آهي ۽ اها عبارت اڪثر مشائخن وٽ پسنديده آهي ۽ ڪي استعيذ بالله چون ٿا. پر متاخرين قبول نه ٿا ڪن. ۽ ڪي سميع العليم وڌائن ٿا. پر بحرالرائق ۾ ان کي نا مناسب چيل آهي. ۽ امام اعظم ۽ محمد وٽ اهو قرائت جي تا بع آهي. تنهن ڪري صرف

پنهنجي قرائت ۾ پڙهندو ۽مقتدي جنهن تي قرائت فرض ڪانهي مؤتم هجي يا مسبوق اهو نہ پڙهندو. ان ۾ ابو يوسف جو اختلاف آهي. چاڪاڻ تہ ونس اهو ثنا ۽ قرائت جي پڻ تابع آهي ان ڪري مسبوق جيئن متي گذريو تہ بہ دفعا پڙهندو. (بحرالرائق)

**ب:** مان مراد بسم الله الرحمن الرحيم آهي.

## پنجين سنت:

بسم الله الرحمن الرحيم آهي. اها هر فاتحہ سان هر رڪعت ۾ پڙهڻ سنت آهي. مذهب جا اڪثر مشائخ ان خيال جا آهن. ۽ اها ئي مختلف روايتن مان سيني درايت جي ڪتابن ۽ ڪافي ۾ مجيل بہ آهي. ۽ اهو ئي ابو يو سف ۽ محمد جو قول پڻ آهي ۽ هڪ روايت امام صاحب کان پڻ آهي. ۽ اهو احتياط جي پڻ قريب آهي. ڪافيہ ۾ آهي تہ اهو اتفاقا حسن آهي. جيڪو اهو تو سمجهي تہ ابو حنيفہ وٽ اهو صرف پهرين رڪعت لاءِ آهي سو سخت غلطي تو ڪري. ۽ زاهدي فاتحہ کان اڳ ۾ بسم الله کي واجب قرار ڏيڻ کي صحيح ڪوئيو آهي. ۽ ابن وهبان بہ سندس پيروي ڪئي آهي ۽ چيو آهي تہ وجوب اڪثر عالمن جو قول آهي. پر متاخرين قبول نہ تا ڪن. البتہ سوره جي متان پڙهڻ سنت ناهي. امام اعظم ۽ ابويوسف وٽ. محمد جو ان ۾ اختلاف آهي بحرالرائق ۾ آهي تہ اختلاف صرف سنت جي باري ۾ آهي. باقي مڪروه نہ هئڻ بابت سڀ متفق آهن انڪري مجتبىٰ ۽ ذخيره وضاحت ڪئي آهي تہ جيڪڏهن فاتحہ ۽ سوره جي وچ ۾ بسم الله پڙهي وئي تہ ابو حنيفہ وٽ حسن ٿيندي. پوءِ اها سورت سري هجي يا جهري. مضمرات ۾ آهي تہ ان تي ئي فتوىٰ آهي. ۽ اها ئي مجيل روايت آهي. انِ سان عيون وغيره ۾ جيڪو آهي تہ اهو مڪروه آهي، ان جو ضعف ظاهر ٿئي ٿو. ۽ ان کي محقق شيخ ابن الهمام ترجيح ڏني آهي. ۽ سندس شاگرد چلپي پڻ ان جي سورت جي آيت هئڻ ۾ اختلاف جي شبهہ جي ڪري ۽

برجنـدي ۾ غياثيــه کـان منقـول آهـي تــ پنهـي وچ ۾ بسـم الله پڙهبـي. ۽ اهـوئي مختـار آهـي. ۽ محـيط کـان منقـول آهـي تـ امـام اعظـم وٽ مستحسـن آهـي. ۽ قنيـه ۽ عـين الائمـه ۾ منقـول آهـي تـ واجـب آهـي. ۽ ان جـي ڇـڏڻ سـان سـجدو سـهو جـو لازم اينـدو. پـر بحرالرائـق ۾ ان کـي سـمجهه کـان مٿـي شـمار ڪيـو ويـو آهـي. البتـ جهـري نمـازن ۾ تعـوذ ۽ تسميـه آهسـتي پڙهنـدو. ڇاڪـاڻ ت امام اعظم وٽ سنت اها آهي.

**ت پي:** هن مان مراد آهي، هڪ رڪن کان ٻئي رڪن ڏانهن منتقل ٿيڻ وقت تڪبير چوڻ،

## ڇهين سنت:

هڪ رڪن مان ٻئي رڪن ڏانهن منتقل ٿيڻ وقت تڪبير چوڻ آهي. ۽ امام لاءِ اها ڏاڍيان پڙهڻ پڻ سنت آهي. بحرالرائق ۾ آهي ت نبي صلي الله عليه وسلم هيءُ ڪڏهن ب ن ڇڏيون آهن. ان جي تقاضا ت اها آهي ت اهي واجب هجڻ گهرجن. امام اعظم کان هڪ روايت اها ب آهي. هيءُ تڪبيرون ٻن رڪعتن ۾ ڏهه ٿين ٿيون.[1]

**ت ٽين:** هن مان مراد رڪوع ۽ سجدي واريون تسبيحون آهن.

## ستين سنت:

رڪوع ۽ سجدي واريون تسبيحون آهن. يعني ٽي دفع سبحان ربي العظيم رڪوع ۾ ۽ سبحان ربي الاعلىٰ سجدي ۾ چوڻ سنت آهي. ۽ ابو مطيع بلخي چيو آهي ت ايتريون پڙهڻ فرض آهن. ٽن کان گهٽ پڙهڻ سان نماز جائز ن ٿيندي. پر متاخرين کي ان تي اعتراض آهي. ڪي چون ٿا ت ٽي دفع واجب آهي، ان ڪري جيڪڏهن جاڻي واڻي ڇڏيائين ت نماز مڪروه تحريمي ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڀل ۾ رهجي وڃن ت سجدو سهو جو بجا آڻجي. ۽ جمهور هن جا قائل آهن

[1] عبدالله واري نسخي ۾ "وآن در رڪعت ده تڪبير ميشود" آيل آهي، شايد ڪاتب کان وسر ٿي آهي. صحيح اهو آهي جيڪو ٻئي نسخي ۾ آيل آهي ت "وآن در دو رکعت ده تڪبير ميشود".

تہ تسبيحن جيترو وقت ويهڻ واجب آهي ڇاٽي واٽي ان جي ڇڏڻ سان نماز مڪروه تحريمي ٿيندي. جيڪڏهن ڀل ۾ ڇڏيائين تہ سجدو سهو جو لازم ٿيندو. پر تسبيحون بلڪل ڇڏڻ مڪروه تنزيهي آهي. اهو بحرالرائق وغيره ۾ مذڪور آهي. ۽ هيءُ سنت جو ادنيٰ مرتبو آهي ۽ افضل ۽ مستحب اهو آهي تہ ٽن کان مٿي چئي. پر ختم اکيءَ تي ڪجي يعني پنج يا ست يانو، ڪي ڏهن کان مٿي منع ڪن ٿا. پر اهو ظاهر جي خلاف آهي، هيءُ منفرد جي باري ۾ آهي.البت امام پنجن ٽائين دنگ ڪندو. تہ جيئن مقتدي تنگ نہ ٿين. جيڪڏهن امام رڪوع وغيره ڪنهن جي پهچڻ جي خيال کان ڊگهو ڪري ٿو تہ اهو ممنوع آهي. ايستائين جو ان ۾ ڪفر جو خوف چيو اٿن. البت جيڪڏهن الله ڪارڻ ڊگهو ڪندو هجي تہ جائز آهي. بلڪ ثواب آهي. پر پنجن کان مٿي نہ ٿو جڳائي جو مقتدين جي تنگ ٿيڻ جو موجب تي پوندو. بحرالرائق ۾ ان جو تفصيلي ذڪر آهي. جيڪو مٿي ذڪر ٿيو ان ۾ روايتن جي ذريعي تطبيق ڪري ٿو.

**سين:** هن جي مراد سمع الله لمن حمده چوڻ آهي.

## اٺين سنت:

سمع الله لمن حمده چوڻ آهي، ۽ 'ها' تي وقف ڪرڻ اڪثر روايتن ۾ افضل آهي. ۽ فتاوىٰ صوفيہ ۾ ان ۾ اشباع ڪرڻ پسند ڪيو ويو آهي. ۽ ان کي ترجيح ڏني وئي آهي، جملي طور ان کي ڇڏي ڏيڻ ڪن روايتن موجب نماز پڇندڙ آهي. ان جو ذڪر خزانة الروايات ۾ ڪنز العباد، حاشيہ سراجي ۽ ترغيب الصلواة کان نقل ڪري آندو ويو آهي. ان جو سبب شرح الهداديہ ۾ العابد الي الموصول جي بحث ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ امام صرف سمع الله لمن حمده تي اڪتفا ڪندو. ان کي مفتي الثقلين ۽ صدرالشريعہ اختيار ڪيو آهي. هڪ روايت امام اعظم کان شيخ ابن همام شرح اقطع کان نقل ڪئي آهي تہ امام سمع الله لمن حمده ۽ تحميد گڏ چوندو يعني اللهم ربنا و لڪ الحمد. هيءُ امام ابوحنيفہ ۽ محمد جو مذهب آهي، پر آهستي

قيام وقت چوي. فتاويٰ ظهيريءَ ۾ آهي ته امام ابوبڪر محمد بن فضل صاحبين جي قول ڏانهن مائل هو. ۽ امام طحاوي پڻ ان کي اختيار ڪيو آهي. برجندي ۾ مذڪور ٻنهي روايتن کان پوءِ آهي ته ان طرح جماعت متاخرين کان منقول آهي ته انهن صاحبين جو قول اختيار ڪيو آهي. ۽ ظاهر مسلم وغيره جي صحيح حديثن مان هي آهي ته پيغمبر صلي الله عليه وسلم فرض نماز ۾ گڏ چوڻ فرمائيندا هئا. ۽ جيڪو ان جي توجيهه ۾ ڪن علمائن چيو آهي ته اڪيلي طور هجي، اهو ظاهر ظهور فاسد آهي. چوته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم کان فرض ۾ اڪيلي طور چوڻ ڪنهن به روايت مان معلوم نه ٿو ٿئي. ان ڪري شيخ ابن الهمام مذڪور توجيهه کان پوءِ چيو آهي ته حديث مان ظاهر اهو آهي ته نبي سڳورن صلي الله عليه وسلم جو عام نماز ۾ گڏ چوڻ جو ئي معمول هو ۽ تحميد ۾ چار لفظ منقول آهن. انهن مان افضل 'اللهم ربنا ولڪ الحمد' آهي. ان کان پوءِ اللهم ربنا لڪ الحمد ان کان پوءِ ربنا لڪ الحمد. بحرالرائق ۾ ان طرح آهي ۽ برجنديءَ ۾ شرح طحاوي کان منقول آهي ته ربنا لڪ الحمد وڌيڪ ظاهر آهي. ۽ شرح بخاريءَ کان منقول آهي ته ربنا و لڪ الحمد وڌيڪ بهتر آهي. ۽ محيط کان منقول آهي ته اللهم ربنا لڪ الحمد ئي وڌيڪ افضل آهي ۽ الڪافي کان منقول آهي ته اللهم ربنا ولڪ الحمد ئي وڌيڪ سهڻو آهي.

واضح رهي ته صحيح حديثن ۾ مذڪور چارئي روايتون وقتن جي اختلاف جي اعتبار کان آيل آهن. ۽ جنهن روايت ۾ لفظ وڌيڪ آهن. سا جيئن ته معنيٰ جي وڌيڪ هئڻ تي دلالت ڪري ٿي. تنهن ڪري ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اها افضل آهي.

منفرد بابت فقهي روايتون متعدد آهن. هڪ اها ته صرف تسميع (سمع الله لمن حمده) چوندو. ان طرح ابويوسف امام اعظم کان روايت ڪئي آهي. پر بحرالرائق واري چيو آهي ته ان تي اعتماد نه ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ روايت جي صحيح هئڻ جي معلومات ناهي.

ڪندا هئا. جوصحابه کي گمان ٿيندو هو ته ويسر ٿي وئي اٿن.
۽صحيحين جي حديث ۾ وارد آهي ته نبي صلي الله عليه وسلم جن
جو رڪوع ۽ سجدو، قومه ۽ جلسه سان برابريءَ ۾، ويجهو ويجهو
هوندو هو. ۽ طيبيءَ ۾ آهي ته امام ابو حنيفه ڏانهن جيڪو منسوب
ڪيو تو وڃي ته صرف مٿو مٿي ڪڻ ڪافي آهي، ڏاڍو عجيب آهي،
جڏهن ته اهو ان کان بيزار آهي، جو سندس ساٿي واضح چون ٿا ته
جيڪو قومه ۽ جلسه ڇڏي ٿو سو گنهگار آهي. ۽ بحرالرائق ۾ شرح
زاهدي وغيره کان منقول آهي ته قومه ۽ جلسه ۽ انهن ۾ اطمينان
واجب آهن. اهڙيءَ طرح جو هر عضوو پنهنجي جاءِ تي اچي وڃي.
جيئن گذريو. ۽ صدر الشريعة جي عبارت شرح وقايه ۾ جيڪا آيل
آهي، سا ان جي وجوب کي واضح ڪري ٿي. جڏهن لکيو اٿس:
”رڪوع ۽ سجدي جي وچ ۾ اطمينان واجب آهي ۽ ان لاءِ تسبيح جو
مقدار مقرر آهي. ۽ اهڙيءَ طرح رڪوع ۽ سجدي ۾ ۽ ٻن سجدن جي
وچ ۾ ۽. انتهي. هن مان ظاهري طور اهو ٿو معلوم ٿئي ته ’قومه‘ ۽
’جلسه‘ ۾ توقف ڪرڻ جو مقدار تسبيح چوڻ جيترو آهي. پر بحرالرائق
۾ گذريل مقدار جي برابر قرار ڏئي هن کي اڳئين جي موافق حمل
ڪيو ويو آهي. البت گذريل حديثن جي دلالت مساوات جي ويجهو تي
آهي. فتامل. ۽ هدايه ۾ آهي ته علماءَ جو سجدي مان اٿڻ جي مقدار
۾ اختلاف آهي. ۽ صحيح اهو آهي ته جيستائين سجدي جي ويجهو
آهي ته نماز جائز ناهي. هن بنياد تي ته پهرئين سجدي جي حڪم ۾
آهي. پر جيڪڏهن قاعدي جي ويجهو آهي ته نماز جائز آهي. ڇاڪاڻ
ته ان طرح ٻيو سجدو ثابت ٿئي ٿو. انتهي. ۽ حضرت صاحب سماع
کان منقول آهي، شرح وقايه جي حاشيي ۾ ڪن کان جيڪو نقل
آهي ته اٿڻ جو، وهڻ طرف وڃڻ جيترو مقدار ڪافي آهي. امام صاحب
کان ان تي ڪو دليل منقول ناهي بلڪ جماعت کان مروي اهو آهي.
۽ جملي طور قومه ۽ جلسه جو تمام گهڻو اهتمام رکيو ويندو رهيو
آهي. ايستائين جو جيڪڏهن ڪنهن عزيز کان فوت ٿيو ٿي ته پوري
تاڪيد سان منع فرمائين ٿا. والله الموفق. ۽ توقف جو مقدار سڏو ٿي

بيهڻ کان وڌيڪ مذهب ۾ نه تو لڳي. ايترو مقدار جيڪڏهن توقف نه ڪندو ته مڪروهه تنزيهي ٿيندو. امام احمد بن حنبل وٽ قومه ۾ تحميد ۽ جلسه ۾ مغفرت جو سوال فرض آهي. پوءِ ظاهر اهو آهي ته تحميد جي مقدار برابر اللهم اغفرلي اسان جي مذهب ۾ مستحب آهي. اختلاف مان نڪرڻ خاطر. جيئن بحرالرائق وغيره ۾ آهي.

**ڊال ڀھريون:** هن مان مراد درود پڙهڻ آهي.

## ڏهين سنت:

پوئين قاعدي ۾ تشهد کان پوءِ درود پڙهڻ آهي. سڀ علماءَ ان تي متفق آهن. البته امام شافعي جو ان ۾ اختلاف آهي. جو وٽس فرض آهي۔ ۽ ان جو طريقو اهو آهي جيڪو امام اعظم جي مذهب مان اخذ ڪيل امام محمد جو محفوظ ڪيل آهي جيڪو هن طرح آهي. "اللهم صلي علىٰ محمد و علىٰ آلِ محمد ڪما صليت علىٰ ابراهيم وعلىٰ آلِ ابراهيم انڪ حميد مجيد و بارڪ علىٰ محمد و علىٰ آلِ محمد ڪما بارڪت علىٰ ابراهيم و علىٰ آلِ ابراهيم انڪ حميد مجيد"

هيءُ صحاح سته: جيئن بخاري، مسلم ترمذي، نسائي، ابوداؤد ۽ ابن ماجه جي حديثن جي موافق آهي ۽ اهل مذهب پيون روايتون به نقل ڪن ٿا. پر اعتماد هن تي ڪرڻ گهرجي. والله اعلم.

**تنبيهه:** نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن تي عمر ۾ هڪ ڀيرو درود پڙهڻ فرض آهي. نماز ۾ يا ٻاهر. هن ۾ علماء امت جو ڪوبه اختلاف ڪونهي. البته حنفي علمائن جو پنهنجي واتان يا ٻئي جي واتان ٻڌڻ جي صورت ۾ درود واجب هئڻ ۾ اختلاف آهي، هن حيثيت کان ته ان صورت ۾ ڇڏڻ سان فاسق ٿيندو. ڪرخيءَ جي چوڻ مطابق نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جو نالو ٻڌي هڪ ڀيرو درود پڙهڻ واجب آهي. بار بار دهرائجي ته مستحب آهي. طحاويءَ جي بقول هر ڀيري پڙهڻ واجب آهي. 'تحفة' ۽ 'محيط' ۾ ان کي صحيح ڪوٺيو ويو آهي. هن ۾ اختلاف ڪيو اٿن ته هڪ مجلس ۾ ان صورت ۾ واجبن ۾ تداخل ٿيندو يا نه، ڪافي ڀيرئين کي صحيح

ڪونيو آهي. ۽ مجتبیٰ ٻئي ڪي ۽ ان نبي پاڪ جي هڪ مجلس ۾ نالي ورجائڻ ۽ الله تعاليٰ جي هڪ مجلس ۾ نالي ورجائڻ ۾ فرق ڪيو آهي. هن حيثيت سان ته ثنا ٻڌندڙ ڪي الله جي اسم تي هڪ دفعو ثنا چوڻ ڪافي ٿيندو. جيڪڏهن ثنا ڇڏي ته ڏئي ته ٻڌندڙ جي ذمي اها باقي نه ٿي رهي. برخلاف درود جي جو اهو ذمي ۾ رهندو آهي. چاڪاڻ ته هر وقت ثنا پڙهڻ جو وقت آهي.جو نعمتون، جيڪي ثنا جون موجب ٿين ٿيون سي نئين سر نيون (انسان مٿان ) ٿينديون رهن ٿيون. تنهن ڪري انهن جي قضا نه ٿيڻ گهرجي. جيئن صورت فاتحہ جي قرائت نماز جي پهرين ٻن رڪعتن جي فوت ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ٻن پوئين رڪعتن ۾ قضا نه ٿيندي آهي. چاڪاڻ ته پوئين ٻن رڪعتن ۾ سوره فاتحہ ثنا جي طور تي پڙهي ويندي آهي. جيڪڏهن انهن جي قرائت جي طور قضا ڪبي ته ثنا جي طور پڙهڻ واري صورت حاصل ڪانہ ٿيندي. جنهن جي انهيءَ وقت پڙهڻ جو حڪم آهي. جيڪڏهن ٻه دفعا پڙهبو ته تڪرار ( هڪ شيءِ ورجائي پڙهڻ) لازم ايندي.شمس الائمه سرخسيءَ جي قول کي اختيار ڪندي راجح ڪونيو آهي. چيو اٿس ته تڪرار جي صورت ۾ مستحب هئڻ تي اجماع آهي.۽ طحاويءَ جو قول اجماع جي مخالف آهي.صاحب بحر الرائق چئي ٿو ته جيڪڏنهن اجماع جو نقل پورو ٿئي ته هيءُ قول راجح آهي نه ته طحاويءَ جو قول اختيار ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي. امام سرخسيءَ شايد وجوب مان فرض گمان ڪيو آهي، جو ان جو رد ڪيو اٿس. ۽ وجوب مان مراد اصطلاحي وجوب آهي.

**ڏال پيو:** هن مان مراد دعا پڙهڻ آهي.

## يارهين سنت:

درود کان پوءِ دعا پڙهڻ آهي. پر قرآن يا حديث جا لفظ هئڻ گهرجن، جيئن:

ربنا آتنا في الدنيا حسنة وفي الاخره حسنة وقنا عذاب النار.

۽ احسن باعتبار صحيح حديثن جي جيئن مڙني صحاح سته جي مصنفن سواءِ بخاريءَ جي هيءَ روايت ڪيو آهي ته:

"الله اني اعوذبڪ من عذاب جهنم و عذاب القبر و من فتنة المحيا والممات و من فتنة المسيح الدجال."

۽ چون ٿا ته ڪن تابعين ان کي واجب ڄاتو آهي. ايستائين جو ان جي ڇڏڻ تي نماز موٽائڻ فرمائي اٿن. ۽ نبي صلي الله عليه وسلم ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي سندس گذارش تي هيءَ دعا سمجهائي.

"اللهم اني ظلمت نفسي ظلما ڪثيرا ولا يغفر الذنوب الا انت فاغفرلي مغفرة من عندڪ وارحمني انڪ انت الغفورالرحيم"

ان کي بخاري، مسلم، ترمذي، ۽ نسائيءَ روايت ڪيو آهي. ۽ فقهاءَ حديث پيش ڪن ٿا ته:

"جنهن نماز پڙهي ۽ ان ۾ مؤمنن ۽ مؤمنياڻين لاءِ دعا نه گهريائين ته اها دوکو آهي."

ان بنياد تي انهن هيءَ دعا سنت قرار ڏني آهي.

"اللهم اغفرلي و للمؤمنين والمؤمنات والمسلمين والمسلمات الاحياء منهم والاموات."

ڪاتب الحروف (مصنف) فتوح الاوراد ۾ ٻيون دعائون پڻ سندن سميت آنديون آهن. توفيق ٿئي ته عمل ڪرڻ گهرجي البت امامت ڪرڻ وقت ٿوري تي ڪفايت ڪجي، ته جيئن ماڻهو ملول نه ٿي پون.

**الف:** پڇاڙيءَ عبارت ۾ آمين جي مراد ۾ آهي.

## يارهين سنت:

آمين چوڻ آهستي فاتحه پوري ٿيڻ تي هر نماز ۾ هر نمازيءَ مٿان بالاتفاق سنت آهي پر جڏهن مقتدي امام جي قرائت نه ٿو ٻڌي ته ان صورت ۾ سنت ناهي، ۽ ان جي لفظ بابت متعدد صورتون آهن. مشهور ۽ افضل مد ۽ جزم سان آهي. جيڪڏهن مد ۽ شد سان چوندو

ته نماز فاسد نه ٿيندي. بحرالرائق.
واضح رهي ته جيڪي فرض، واجب ۽ سنتون تن بيتن ۾ مذڪور هيون سي اڇي ويون. ۽ جيڪي سنتون مذڪور آهن، انهن مان بيتن جي مصنف اهم جيڪي هيون تن تي اڪتفا ڪيو آهي. ٻيون سنتون جيڪي متداول ڪتابن ۾ موجود آهن ۽ مستحب پڻ، جيڪي ان ڪان مٿي آهن. جيڪي ڪفاية المؤمنين ۽ عيون وغيرهما ۾ مذڪور آهن، تن جو اسان ذڪر ڪريون ٿا ۽ ڪن جي دهرائڻ جو ٻه لحاظ نه ڪيو آهي ته جيئن وري ياد اچن ۽ ڪلي فائدو حاصل ٿئي.

# فصل
# تڪبير اولي جا احڪام

## تڪبير اولي جون سنتون:

عيون المسائل، جنهن جي مصنف جي دعويٰ آهي ته ان منجهس مفتيٰ ٻه مسئلا آندا آهن. ان ۾ آهي ته تڪبير اولي ۾ پنج شيون سنت آهن:

1- ٻئي هٿ مٿي ڪڻ
2- قبلي ڏانهن ٻنهي هٿن جو منهن ڪرڻ
3- ٻنهي هٿن جون آڱريون عام حالت مطابق کليون رکڻ
4- امام جو تڪبير وڏي آواز ۾ چوڻ
5- مقتدي جو امام سان گڏ تڪبير چوڻ.

ان باري ۾ امام اعظم وٽ آهي ته امام جيئن الله جي 'ها' تي پهچي ته مقتدي تڪبير شروع ڪري ڏئي. ۽ صاحبين جي چوڻ مطابق 'اڪبر' جي لفظ تي امام پهچي ته مقتدي شروع ڪري انتهي. ۽ ڪفاية المؤمنين ۾ آهي ته هٿ قبلي ڏانهن ڪرڻ مستحب آهن.

## تڪبير اولي جا مستحب:

### هن ۾ مستحب اٺ آهن:

1- امام جو ان وقت شروع ڪرڻ جڏهن مؤذن پهريون دفعو قدقامت چئي.

2- ٻئي هٿ ڪنن جي پاپڙين تائين متي ڪڻ، ٻنهي هٿن جا آڱوٺا پاپڙين سان ملن. اهو مردن لاءِ آهي، ۽ عورتون ٻئي هٿ ڪلهن تائين ڪن.

3- هٿ چادر کان ٻاهر رکڻ مردن لاءِ

4- پهريائين هٿ کڻ ۽ پوءِ تڪبير چوڻ. ڪن وٽ متصل تڪبير چوڻ. جيئن گذريو. پهرئين قول جو سبب هيءُ آهي ته ٻئي هٿ متي کڻ دنيا ۽ آخرت کي دل مان کڻ آهي. ۽ تڪبير ۾ الاهي عظمت دل ۾ رکجي ٿي. جيئن ڪلمه توحيد ۾ آهي، ٻئي قول جو وجهه هيءُ آهي ته ڪلمو جيئن ته قول آهي. ٻنهي ۾ جمع نه ٿو ڪري سگهجي ۽ هتي زبان سان تڪبير چئجي ٿي. ۽ ٻئي هٿ پڻ کڄن ٿا. هن خيال کان نه ته هڪ قول ۽ ٻيو فعل هن تي ڏس ڏين ٿا ته دل مان الله کان سواءِ هرشيءِ ڪڍجي ٿي. ولكل وجهة هو موليها پر پهريون آسان آهي ۽ صاحب عيون، هدايه ۽ بحرالرائق وٽ مختيار آهي، جيتوڻيڪ ٻئي قول ڏانهن گهڻا ويا آهن ۽ ڪن ترجيح پڻ ڏني آهي. هر صورت جيڪا موافق ٿئي عمل ۾ آڻجي جيئن تفصيل سا گذريو.

5- مستحب آهي تڪبير تعظيم سان چوڻ. الف ۾ احديت ۽ عظمت ۽ لام ۾ الوهيت ۽ ها ۾ هيبت الاهي ملحوظ هجي.

6- لام کي ٿلهو ڪري ۽ پري چوي.

7- اڪبر جي 'ر' جزم سان چئي.

8- هٿ تڪبير چوڻ شرط ٻڌي ڇڏجن. هڪ روايت مطابق ڇڏي ڏئي پر صحيح پهرين ڳالهه آهي، جيئن گذريو.

## تڪبير جا مڪروهات:

### تڪبير ۾ مڪروه ڳالهيون ڏهه آهن:

١- ان ۾ مد ڏيڻ. چار جڳهيون آهن جن ۾ مد ڏيڻ مڪروه آهي
   - i- 'الله' جو الف
   - ii- 'اڪبر' جو الف
   - iii- اڪبر جي 'باء'. هيءُ ٽي مدون جيڪڏهن پل مان ٿين ته نماز مڪروه تحريمي ٿيندي، هڪ روايت مطابق شروع ٿيڻ ئي صحيح ناهي. ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي ٿين ته ڪفر ٿي پوندو.
   - iv- الله اڪبر جي لام جي مٿان مد گهٽي ڪرڻ مڪروه تنزيهي آهي.

٢- آڱرين کي گهڻو کولڻ. (تڪبير مهل هٿ) مٿي کڻڻ وقت

٣- آڱرين کي گهڻو ملائڻ.

٤- هٿ مٿي کڻڻ مهل يا ان کان پوءِ مٺ بند رکڻ.

٥- هٿ جي پٺ قبلي ڏانهن ڪرڻ.

٦- هٿ جون ترِيون پنهنجي منهن ڏانهن ڪرڻ

٧- منهن آسمان ڏانهن کڻڻ.

٨- پيشاب پاخاني جي زور باوجود نماز ۾ شامل ٿيڻ.

٩- تڪبير ورجائڻ.

١٠- تڪبير ۾ بيو لفظ وڌائڻ.

ان طرح عيون ۾ آهي بحرالرائق ۾ آهي ته هر لفظ جيڪو تڪبير جي لفظ کان سواءِ آهي سو مڪروه تحريمي آهي. جيئن گذريو. ۽ ڪفايت المؤمنين ۾ تڪبير جي مستحبن مان تڪبير وقت مٿو ٽورڙو جهڪائڻ شمار ڪيو ويو آهي پر خلاصه وغيره ۾ آهي ته مٿو نه جهڪائي ۽ ڪن چيو آهي ته اهو بدعت آهي.جيئن سنتن جي ذڪر ۾ گذريو. ۽ ڪفاية المؤمنين ۾ هٿ قميص جي ڪف ۾ ڍڪيل رکڻ. ڪنن جي پاپڙين کان مٿي کڻڻ يا ڪلهن برابر کڻڻ کي مڪروه سڏيو ويو آهي.

## فصل

# قيام جا احڪام

### قيام ۾ ٽي شيون مسنون آهن:

1. ساڄي هٿ جي تري کابي هٿ جي پٺ تي رکڻ. آڱوٺي ۽ ننڍي آڱر (چيچ) سان حلقو ٺاهڻ. جيئن گذريو.
2. سبحانڪ اللهم منڍ فرض ۽ نفل ۾ پڙهڻ.
3. چئن رڪعتن واري نفل ۾، ٽين رڪعت ۾ ثنا پڙهڻ.

### ۽ مستحب چار آهن:

1- حي علي الصلواة چوڻ وقت اٿڻ.
2- ٻئي هٿ دن هيٺان ٻڌڻ. (مردن لاءِ ) ۽ زالن لاءِ سيني تي ٻڌڻ.
3- قيام جي حالت ۾ سجدي جي جاء تي نظر ڪرڻ.
4- چئن آڱرين جيترو پير جدا ڪري بيهڻ. ان طرح عيون ۾ آهي. ۽ ڪفاية المؤمنين[1] ۾ هٿ دن هيٺان رکڻ ۽ سجدي جي جاء تي ڏسڻ کي سنت ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

### قيام ۾ يارهن مڪروه آهن:

1- هٿن ۾ ڪا اهڙي شيءِ رکڻ جيڪا سنت ۾ مانع هجي. جي نه هجي ته مباح آهي.
2- ٽيڪ ڏيڻ ڪنهن شيءِ مٿان بنا عذر جي. فرضن، واجبن سنت موڪده ۽ نفل ۾ جائز آهي.
3- ثنا وقت سبحانڪ اللهم کان زياده فرض ۾ ماثور دعائن مان پڙهڻ.هيءُ امام اعظم ۽ ابو يوسف وٽ آهي جيئن گذريو.
4- 'ثنا' ڏاڍيان پڙهڻ.

---

[1] عبدالله واري نسخي ۾ هن جڳهه کان وٺي قيام جي مڪروهات بابت سڄي عبارت ڪٽيل آهي ۽ آخري يارهين نمبر مڪروه کان پوءِ ڪفاية المؤمنين جي حوالي سان مصنف جيڪي مڪروهات نقل ڪيا آهن. عبدالله واري نسخي ۾ هن جڳهه تي صرف اهي نقل ڪيل آهن.

5- وجهت وجهي مسلمين تائين نيت ۽ تڪبير تحريمه جي وچ ۾ پڙهڻ. نيت کان اڳ پڙهڻ نہ.
6- هٿ چيلهه تي رکڻ.
7- هڪ پير تي ٽيڪ ڏئي ٻئي کي ساهي وٺائڻ.
8- بي عذر ٽي قدم پير پير ۾ ڏئي هلڻ. اهو مڪروهه تحريمي آهي. ڪن وٽ نماز فاسد ٿي وڃي ٿي.
9- اک جي ڪناري سان ساڄي کاٻي ڏسڻ.
10- مٿو لاڙي رکڻ
11- بنا سبب امام جو محراب ۾ يا مٿاهينءَ جاءِ تي اڪيلو بيهڻ. عيون ۾ ان طرح آهي. ۽ ڪفاية المؤمنين ۾ "توجيهه" (قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ) کي مستحب ڪوٺيو ويو آهي. شايد نيت کان اڳ مراد هجي ۽ انهيءَ ڪتاب ۾ چئن آڱرين کان وڌيڪ پري پير رکڻ، ٻئي پير ملائي ڇڏڻ، دن کان مٿي هٿ ٻڌڻ، کاٻو هٿ ساڄي تي رکڻ، لڱ ڍرا ڇڏي ڏيڻ، ساڄي کاٻي چرڻ، پيڏين تي زور ڏيڻ، هڪ پير تي بيهڻ، پير پير تي رکڻ ۽ آڱرين تي بيهڻ مڪروهه ڳڻيا اٿن.

## فصل
# قرائت جا احڪام

### قرات ۾ پنج شيون مسنون آهن:

1- ثنا کان پوءِ تعوذ پڙهڻ.
2- بسم الله پڙهڻ.
3- آهستي پڙهڻ. ٽئي شيون امام ۽ منفرد ٻنهي لاءِ فرض جي شروع ۾ ۽ نفل جي ٽين رڪعت ۾ سنت آهن.
4- فاتحہ کان پوءِ آمين آهستي پڙهڻ. امام منفرد ۽ جهري نماز ۾ مقتديءَ لاءِ.
5- فجر ۾ پهرين رڪعت ڊگهي ڪرڻ.

## مستحب ست شيون آهن:

1- ٽن آيتن کان وڌيڪ پڙهڻ.

2- ترتيل يعني مخرجن ۽ عربي قاعدن موجب قرآن پڙهڻ. وقفن جي رعايت ڪرڻ ۽ سوچي سمجهي پڙهڻ. ان جو گهٽ ۾ گهٽ رتبو قرآن جي معنائن ۾ حضور دل سان پڙهڻ آهي، جيڪڏهن معني ۾ نہ تہ لفظن ۾ ئي سهي.

3- سفر نہ هجي تہ فجر ۽ ظهر ۾ "طوال مفصل" عصر ۽ عشاء ۾ "اوساط مفصل"، مغرب ۾ "قصار مفصل" ۽ سفر ۾ جيڪو سولو ٿي سگهي اهو پڙهڻ. ان طرح عيون ۾ آهي. ۽ ڪنز ۾ ان کي مسنون سڏيو ويو آهي ۽ "مفصلات" ڪهڙيون آهن؟ ان ۾ اختلاف آهي. بحرالرائق ۾ آهي تہ اسان جا فقهاء هن تي آهن تہ 'حجرات' کان 'والسماء ذات البروج' تائين طوال آهن. ۽ ان کان 'لم يکن' تائين اوساط ۽ ان کان قرآن جي آخر تائين قصار آهن. منية ۾ قدوري کان آهي تہ ظهر عصر جيان آهي. يعني اوساط جي قرائت ۾. باقي آيتن جي عدد ۾ فجر جي قرآت فاتحہ کان سواءِ چاليهہ پنجاه سٺ تائين، هڪ روايت ۾ صرف چاليهن تائين. حسن جي روايت ۾ سو تائين. ۽ ظهر ۾ ساڳي طرح آهي. جيئن جامع الصغير ۾ آهي. ۽ حاوي ۾ سٺ کان چاليهن تائين چيل آهي. جمع هن طرح ٿيندو تہ وڌ ۾ وڌ سؤ ۽ گهٽ ۾ گهٽ چاليهہ هجن. وچ تي درمياني چئبو. باقي عصر ۽ عشاء ۾ پهرين ٻن ۾ ويهہ جيئن محيط ۾ آهي ۽ خلاصہ ۾ آهي تہ پندرهن. ۽ اها ئي ظاهر روايت آهي جيئن قاضي خان ۾ آهي ۽ مغرب ۾ پنج آيتون آهن. بدائع ۾ آيتن جو تعداد مقرر نہ ڪرڻ کي اختيار ڪيو ويو آهي، بلڪ اهي مختلف وقتن امام ۽ قوم جي حساب سان مختلف هجن. مجموعي طور مناسب اهو آهي تہ جيترو جماعت جي اڪثريت لاءِ سولو ٿئي، انهن مٿان بار نہ ٿئي.

4- فجر کان سواءِ ٻين ۾ ٻن رڪعتن ۾ برابر قرائت ڪرڻ مستحب آهي، امام اعظم ۽ ابو يوسف وٽ. امام محمد جو ان ۾ اختلاف آهي سندس چوڻ آهي تہ پهرين رڪعت ۾ تلاوت وڌيڪ

ڪرڻ مستحب آهي بلڪ سنت آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته فتوىٰ محمد جي قول مثان آهي. بحرالرائق مطابق امام اعظم ۽ ابو يوسف جي قول تي فتويٰ آهي. البته فجر بابت ان تي اتفاق آهي ته پهرين ۾ وڌيڪ پڙهڻ مستحب بلڪ سنت آهي، ٻه ڀاڱي ٽي يا هڪ ڀاڱي ٻه جي حساب سان ۽ ٻي رڪعت پهرينءَ کان وڌيڪ پڙهڻ بالاتفاق مڪروه آهي، جيڪڏهن ٽن آيتن تائين آهي. ان کان گهٽ معاف آهي. البته جن جڳهين تي نبي صلي الله عليه وسلم جن کان وڌيڪ پڙهڻ منقول آهي، جيئن سبح اسم ۽ هل اتىٰ عيدين ۽ جمعي ۾، چو جو اتي اها سنت آهي اتي معاف ناهي. مڪروه آهي، جيئن بحرالرائق ۾ آهي. ۽محيط ۾ آهي ته پهريائين رڪعت جيڪڏهن ان خيال سان ڊگهي ڪئي وڃي ته ماڻهو پهچن ته ماڻهن تي اهو بارنه ٿئي ته ڪو حرج ڪونهي. بحرالرائق ۾ آهي ته چڱيءَ نيت سان مڙني ۾ ديگهه ڪرڻ به مڪروه ناهي

5۔ مستحب آهي سوره فاتحه فرض جي ٻن پوين رڪعتن ۾ پڙهڻ.

6۔ هر رڪعت ۾ سورت فاتحه مثان بسم الله پڙهڻ. عيون ۾ ان طرح آهي. اڪثرڪتابن ۾ بسم الله فاتحه کان اڳ مستحب قرار ڏني اٿن جيئن گذريو.

7۔ تنحنح (کنهنڪر) روڪڻ.

8۔ اوٻاسيءِ ڏيڻ وقت وات ڍڪڻ. عيون وغيره ۾ ان طرح آهي. ڪفايت المؤمنين ۾ آهي ته اوٻاسي روڪڻ پڻ مستحب آهي. هن طرح جو هيٺيون چپ ڏندن ۾ وٺي ڇڏي يا ڪاٻي هٿ سان وات ڍڪي ڇڏي. بحرالرائق ۾ خلاصه کان منقول آهي ته جيترو ممڪن تي سگهي ڏندن سان روڪي. هٿ يا ڪپڙي سان ڍڪڻ سان نماز مڪروه ٿيندي. ۽ ٻيو معلوم هئڻ گهرجي ته اوٻاسي يا کنگهه سڄي نماز ۾ روڪڻ مستحب آهي. پر قرائت ۾ خصوصي طور ان جو ذڪر صرف عيون ۾ آهي. جو ان سان ان جو قريبي تعلق آهي. ان لحاظ سان ته اوٻاسي ۽ کنگهه کنهڪر

اڪثر قرآن پڙهڻ وقت ظاهر ٿيندي آهي. والله اعلم. ڪفايه المؤمنين ۾ امام مثارؒ قرائت جي مستحبن ۾ ٻڌايل آهي ته ايترو زور سان پڙهي جو پهرين صف ٻڌي سگهي.

## قرائت جا مڪروهات:

هيءَ مڪروهات ستاويهه آهن.

1. جنهن شيءِ لاءِ آهستي پڙهڻ جو چيل آهي اها زور سان پڙهڻ.
2. آيتون آڱرين سان ڳڻڻ اهڙيءَ طرح جو طريقي مطابق رکي نه سگهجن سنت آهي.
3. هرويرو بي عذر کهنگهڪار ڪرڻ جيتوڻيڪ لفظ ظاهر نه به ٿئي.
4. اوٻاسي ءِ وقت وات نه ڍڪڻ.
5. قرائت وقت ڪا اهڙي شيءِ وات ۾ رکڻ جيڪا ترتيل ۾ رڪاوٽ وجهي.
6. تلاوت رڪوع ۾ وڃي پوري ڪرڻ.
7. قيام کان بغير قرآن پڙهڻ.
8. قرائت ۾ تڪڙ ڪرڻ اهڙيءَ طرح جو سنت طريقو ملحوظ نه رهي. جو نه جماعت جي رعايت طور ڪيل هجي.
9. نماز ۾ سورت مقرر ڪري ڇڏڻ. اهڙي طريقي تي جو ان کان سواءِ ٻي نه پڙهي.
10. ٻن سورتن کي هڪ رڪعت ۾ اهڙيءَ طرح ڳڏائڻ جو وچ مان هڪ سورت ڇڏيل هجي.[1] ڪن روايتن ۾ آهي ته جيڪڏهن ڪا ڊگهي سورت وچ ۾ ڇڏيل هجي ته مڪروه ناهي. جو اها ٻن

---

[1] ان مان معلوم ٿئي ٿو ته جيڪڏهن نمازي هڪ رڪعت ۾ اهڙيءَ طرح ٻه سورتون پڙهيون جو وچ مان هڪ سورت کان وڌيڪ ڇڏي ڏنائين ته اهو مڪروه نه ٿيندو. جڏهن ته اهو 'خلاصه' جي روايت جي خلاف آهي. ڇاڪاڻ ته خلاصه ۾ آيل آهي ته جيڪڏهن نمازي هڪ رڪعت ۾ اهڙيءَ طرح ٻه سورتون گڏ پڙهيون جو وچ ۾ هڪ سورت يا گهڻيون ڇڏي ڏنائين ته اهو مڪروه آهي. ذخيره ءِ خلاصه ۾ آيل آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص پهرين رڪعت ۾ هڪ سورت پڙهي ءِ ٻي رڪعت ۾ ٻي سورت پڙهيائين انهن ٻن سورتن جي وچ ۾ هڪ سورت کان وڌيڪ ڇڏيل آهي ته مڪروه ناهي. ۽ جيڪڏهن ٻن سورتن جي وچ ۾ هڪ سورت آهي ته ڪي چون ٿا ته مڪروه آهي ڪي چون ٿا ته سورت ننڍي آهي ته مڪروه آهي. جيڪڏهن وڏي آهي ته مڪروه ناهي (شرح ڪيداني من عينه)

نندين سورتن جي برابر آهي. (بحرالرائق)

11. هڪ آيت مان ٻي آيت ڏانهن وڃڻ. جو نہ وچ ۾ سورت هجي ۽ معنيٰ غلط نہ ٿيندي هجي. پر جي معنىٰ غلط ٿئي ٿي تہ نماز جائز ئي ڪانہ ٿيندي.

12. پوئين سورت کي اڳيان ڪرڻ پل الڳ الڳ رڪعتن ۾ هجي. پر جي پل ۾ ٿي وڃي تہ مڪروہ ناهي. خزانة الرواية ۾ ان طرح آهي. ۽ بحرالرائق ۾ آهي تہ جيڪڏهن پل ۾ پهرين رڪعت ۾ قل اعوذ برب الناس پڙهيائين ۽ ٻيءَ ۾ پڻ ساڳي پڙهيائين، ان جهڙا مثال فرض ۾ مڪروہ آهن. پر نفلن ۾ ان جو خير آهي.

13. فرض ۾ ٻي رڪعت پهرين رڪعت کان ٽن آيتن جيترو ڊگهي ڪرڻ.

14. رحمت يا عذاب جي آيت تي بيهي رهڻ مقتدي ۽ امام لاءِ مطلقا مڪروہ آهي. ۽ منفرد لاءِ فرضن ۾ مڪروہ آهي.

15. امام جو نماز کي ايترو سنت جي خلاف ڊگهو ڪرڻ جو قوم تي ڳرو ٿي پوي.

16. سنت جي برخلاف جماعت جو خيال رکي امام جو نماز کي ننڍو ڪرڻ.

17. قوم کي جواب جو محتاج ڪرڻ. يعني واجب جي مقدار کان پوءِ امام جو رڪوع ڪرڻ.

18. امام جي پٺيان مقتدي جي قرائت ڪرڻ.

19. امام جو سري نماز ۾ سجدي واري آيت پڙهڻ. پر جي آخر ۾ هجي تہ پوءِ نہ.

20. امام جو خوشيءَ يا غم مان فرض ۾ آيت کي ورجائي پڙهڻ.

21. هڪ سورت جي پڇاڙي هڪ رڪعت ۾ ۽ ٻي سورت جي پڇاڙي ٻي رڪعت ۾ پڙهڻ. اڪثر عالمن وٽ مڪروہ آهي. قاضي خان وٽ صحيح اهو آهي تہ مڪروہ ناهي. جيتوڻيڪ ائين نہ ڪرڻ افضل آهي. بحرالرائق.

22. ننڍي سورت (قصار مفصل) ٻن رڪعتن ۾ ورهائي پڙهڻ فرض ۾

مڪروه آهي.

23. فاتحہ سان گڏ هڪ يا ٻن ننڍين آيتن تي اڪتفا ڪرڻ.

24. فرض جي هڪ رڪعت ۾ هڪ سورت کي دهرائڻ. ٻن رڪعتن ۾ ٻہ، ان شخص لاءِ جيڪو چاڻي ٿو.

25. مقتديءَ جو رغبت (شوق ڏيارڻ) يا رهبت (خوف واريءَ) آيت ۾ صدق الله وبلغ رسولہ چوڻ.

26. غير عربي لهجي ۽ سر ۾ پڙهڻ.

27. نماز ڏسي پڙهڻ مڪروه آهي. ان طرح العيون ۾ آهي ۽ ڪفاية المؤمنين ۾ گهٽو آهستي پڙهڻ. جو هڪ هڪ لفظ جدا ٽٽي يا ٽوڙي پڙهڻ. مڪروه چاٿايل آهي ۽ آيت کي دهرائڻ مطلق طور مڪروه چاٿايل آهي.

# فصل

# رڪوع جا احڪام

## رڪوع ۾ ڏهہ شيون سنت آهن:

1. تڪبيرچوندي رڪوع ڪرڻ.
2. امام جو تڪبير وڏي آواز سان چوڻ.
3. رڪوع وقت گوڏا پڪڙڻ.
4. ان دوران آڱريون سخت کولڻ.
5. ان ۾ ٽي ڀيرا تڪبير چوڻ، جيڪو 'ظا' ادا نہ ڪري سگهي، سو "سبحان ربي الڪريم" چئي.
6. تسبيح آهستي چوڻ.
7. رڪوع کان پوءِ 'قومہ' ڪرڻ.
8. متو ڪٽڻ مهل امام جو سمع الله لمن حمده چوڻ، مقتدي جو ربنا ولڪ الحمد چوڻ ۽ منفرد جو ٻئي چوڻ.
9. امام جو سمع ا لله لمن حمده ڏاديان چوڻ.
10. قومہ ۾ هر عضوي جو پنهنجي جاءِ تي قرار وٺڻ. ان طرح

عيون ۾ آهي. ۽ تون چائين ته نفس اعتدال واجب آهي. ۽ توقف مسنون آهي، مجتبيٰ جيڪا امام زاهديءَ جي تصنيف آهي، تنهن ۾ پنيءَ ۽ پيڏين جو هڪ ٻئي جي سامهون ۽ آڳرين جو قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ سنت چاتايل آهي. پر صحيح حديث ۽ ڪتب ظاهر روايت مان ظاهر نه ٿو ٿئي بظاهر مراد هڪ پيڏي ٻي پيڏيءَ جي سامهون هجي. جيئن صاحب قاموس "لصوق" جي معني' جي باري ۾ چيو آهي. چاڪاڻ ته جيڪڏهن رڪوع ۾ "الصاق" ڪندو ته گهڻي چرپر ٿي پوندي. هن طرح جو آڱريون قبلي ڏانهن نه رهنديون ۽ قيام ۾ جئن آڱرين جيترو پير ڪليا رکڻ جي سنت به نڪري ويندي. ۽ نحوين جو قول آهي ته "الباء للالصاق" 'با' (ويجهڙائيءَ لاءِ آهي) ۽ حديث ۾ پڻ الصاق الڪعاب پيڏين جي ويجهڙائيءَ ۽ سامهون جي معنيٰ ۾ آيل آهي. ان ڪري پيڏي پيڏيءَ جي سامهون جي مراد ٿي سگهي ٿي. هن مسئلي جي وڌيڪ تحقيق بحرالرائق جي حاشيه ۾ ڪاتب (مصنف) تفصيل سان نقل ڪئي آهي. والله اعلم.

## مستحب:

مستحب ان ۾ پنج شيون آهن:

1- مٿو پٺي ۽ ڪلها برابر ڪرڻ
2- پيرن جي پٺ مٿان نظر ڪرڻ
3- منفرد جو ٽن کان مٿي اڪيءَ ۾ تسبيح چوڻ
4- مردن جو پيٽ ٻاهن کان پري رکڻ
5- هٿ قومه ۾ ڍگها ڇڏي ڏيڻ.

## رڪوع جا مڪروهات:

مڪروهات ۾ اٺويھ شيون آهن:

1- ٻئي هٿ رڪوع ۾ وڃڻ وقت مٿي کڻڻ
2- ائين ٻئي هٿ رڪوع مان اٿڻ وقت مٿي کڻڻ جيئن شافعيءَ جو

مذهب آهي

3- تڪبير جو دهرائڻ يعني تسميع کان پوءِ مٿو ڪڻڻ مهل تڪبير چئي وري سڌو ٿيڻ وقت تڪبير چئي، جيئن ڪن روايتن ۾ آيو آهي.

4- فرض نماز ۾ تسبيح جي وقت ادعيه ماثوره وڏيڪ پڙهڻ

5- رڪوع جي تسبيح وڏي آواز سان چوڻ

6- ٽن پيرن کان گهٽ تسميع چوڻ

7- تسبيحون ڇڏي ڏيڻ

8- قومه نه ڪرڻ

9- رڪوع ۽ قومه ۾ اطمينان نه ڪرڻ

10- مٿو ڪلهن ۽ پٺن کان مٿي ڪرڻ

11- مٿو هيٺ ڪرڻ يالڙڪائي ڇڏڻ

12- ٻنهي هٿن جون تريون ٻنهي رانن جي وچ ۾ رکڻ

13- تسميع يا تحميد سجدي ڏانهن وڃڻ وقت چوڻ. يعني قومه ۾ ان کي مڪمل ڪرڻ گهرجي پر جيڪڏهن سجدي ڏانهن ويندي مڪمل ڪندو ته مڪروه ٿيندو.

14- ڪنهن جي پيرن جو ڪڙڪو ٻڌي امام طرفان انتظار ڪرڻ.

15- آگرين سان تسبيحون ڳڻڻ

16- مردن لاءِ ٻانهون پيٽ سان ملائڻ.

17- پيرن جون آگريون زمين تان مٿي ڪري ڇڏڻ

18- رڪوع ڏانهن وڃڻ ۾ امام کان مقتديءَ جي اڳرائي ڪرڻ جيڪڏهن امام مقتديءَ کي رڪوع ۾ پهتو ته ٺيڪ نه ته سندس نماز فاسد ٿي پوندي.

19- رڪوع مان اٿڻ مهل مٿو مٿي ڪڻڻ ۾ امام کان اڳرائي ڪرڻ. ان طرح عيون ۾ آهي. فتح القدير ۾ شيخ ابن همام، بحرالرائق ۾ شيخ ابن نجيم رڪوع ڪرڻ وقت هٿ ٽيڙا ڪرڻ، جيئن ماڻهو ڪندا آهن، مڪروه چيو آهي. ۽ حديث ۾ آيل آهي ته هٿ ڪمان جي زه مثل رکڻ گهرجن. سجدي ڏانهن وڃڻ وقت ساڄو

پاسو ڪاڇي پاسي کان اڳيرو ڪرڻ ۽ اٿڻ وقت ڪاڇو ساڄي کان اڳيرو ڪرڻ فتح القدير ۽ بحرالرائق ۾ مستحب شمار ڪيو اٿن. ڪفايت المؤمنين ۾ رڪوع جي مڪروهات مان تڪبير نہ چوڻ، هٿ گوڏن کان مٿي رکڻ، اگريون نہ کولڻ، اڪيون پوڻ، پيرن ۾ نہ ڏسڻ ۽ سجدي ڏانهن وڃڻ وقت ڪپڙو گوڏن کان مٿي چڪڻ، پڻ مڪروه شمار ڪيو اٿن.

فصل

# سجدي جا احڪام

## سجدي جون سنتون:

### سجدي ۾ نہ شيون مسنون آهن:

1. تڪبير سان گڏ سجدي ۾ هليو وڃڻ.
2. امام جو تڪبير وڏي آواز سان چوڻ.
3. ستن عضون تي سجدو ڪرڻ، عيون ان جو ذڪر ڪيو آهي مٿي بحرالرائق کان منقول گذريو تہ اهو واجب آهي. ۽ اهو ئي مختار آهي.
4. ٿي پيرا تڪبير چوڻ.
5. تڪبيرون آهستي چوڻ
6. مٿو مٿي ڪڻڻ وقت تڪبير چوڻ
7. امام جو تڪبيرون وڏي آواز سان چوڻ
8. ٻن سجدن جي وچ تي 'جلسہ' ڪرڻ
9. اهو اطمينان سان ڪرڻ
10. ٻئي سجدي ڏانهن تڪبير سان وڃڻ.

## سجدي جا مستحب:

### ان ۾ مستحب پڻ نہ آهن:

1. پنهنجي عضون مان پهرين اها شيءِ زمين تي رکڻ جيڪا زمين کي ويجهي هجي. هٿن رکڻ کان اڳ ٻئي گوڏا زمين تي رکي. ان

كان پوءِ هٿ رکي. ان کان پوءِ نڪ ان کان پوءِ پيشاني.

2- اٿڻ وقت مٿين ترتيب جي ابتڙ ڪرڻ

3- سجدي وقت آڱريون ملائڻ

4- ٻن هٿن جي وچ ۾ سجدو ڪرڻ

5- هٿن جون آڱريون قبلي ڏانهن ڪرڻ

6- منفرد جو ٽن کان وڌيڪ تسبيحون چوڻ (اڪيءَ ۾)

7- ٻاهون پيٽ کان، پيٽ رانن کان ۽ ٻني زمين کان پري رکڻ (مردن لاءِ) ۽ هيءُ سڀ ملائي رکڻ (زالن لاءِ)

8- پيشاني ۽ نڪ ٻئي زمين تي رکڻ. عيون ان طرح ذڪر ڪيو آهي نہ تہ مٿي گذري چڪو تہ اهو واجب آهي. ۽ اهو ئي صحيح آهي.

9- سجدي جي حالت ۾ نڪ ۽ ڳلن ڏانهن نظر ڪرڻ.

10- ٻنهي پيرن جا آڱوٺا زمين تي رکڻ. ان طرح عيون ۾ آهي ڪن روايتن ۾ پيشاني ۽ نڪ زمين تي رکڻ سنت مؤڪده قرار ڏنو ويو آهي ۽ نڪ ڏانهن نظر ڪرڻ مستحب قرار ڏنوويو آهي. ۽ ٻئي پير زمين تي رکڻ ڪن روايتن ۾ فرض قرار ڏنو ويو آهي، جيئن گذريو. تہ پوءِ آڱرين مان (هتي) مراد سڀ ٽينديون جو سڀ آڱريون رکڻ مستحب آهي. بالاتفاق. والله اعلم.

## سجدي جا مڪروهات:

### ان ۾ ستاويهہ شيون مڪروھ آهن:

1- هڪ پير زمين تان کڻڻ

2- فرض ۾ تسبيحن ۾ مسنون دعائن جو واڌارو ڪرڻ

3- تسبيحون وڏي آواز سان چوڻ

4- تڪبير سجدي ۾ پوري ڪرڻ

5- زمين تي ڦوڪڻ. جيڪڏهن پڙڻ ۾ نہ اچي.

6- گوڏا زمين تي ڪوڙڻ کان اڳ هٿ بنا عذر جي زمين تي ڪوڙڻ.
7- سجدي مان اٿڻ وقت هٿ ڪڻڻ کان اڳ گوڏا مٿي ڪڻڻ بنا عذر جي.
8- سجدي جي جڳهه اَنُ يا پٿريون وغيره هڻ کان وڌيڪ پيرا صاف ڪرڻ
9- هٿن جون آڱريون سجدي وقت کولڻ
10- پٽڪي جي وڪڙ تي بنا عذر جي سجدو ڪرڻ.
11- مٿيءَ سببان قميص ياڪف يا پلؤ وچائڻ ٿڌ يا گرميءَ جي سبب کان نه.
12- پيٽ ران سان ملائڻ ۽ ران پنيءَ سان ملائڻ ۽ پني زمين تي رکڻ. مردن لاءِ. ۽ اهي پري رکڻ عورتن لاءِ.
13- ٻاهون ملائي ڇڏڻ بنا انبوهيءَ جي.
14- ٻئي ڪارايون زمين تي وڇائڻ مردن لاءِ
15- سجدي وقت بنا عذر جي هٿ زمين تان کڻڻ
16- زمين تان ٻئي گوڏا کڻڻ بنا عذر جي
17- پيرن جون آڱريون قبلي کان ڦيرائڻ
18- اهڙيءَ تصوير تي سجدو ڪرڻ جا سولائيءَ سان نظر اچي مٿو ڪٽيل نه هجي.
19- ٻن سجدن وچ ۾ جلسه ڇڏي ڏيڻ
20- جلسي ۾ هڪ پير تي ويهڻ
21- جلسه ۾ ڪتي وانگر ويهڻ
22- ان ۾ پلٿي هڻي ويهڻ
23- ٻنهي پيرن جي ڪڙين تي ويهڻ. هيءُ سڀ بنا عذر واري صورت ۾ آهي
24- جلسه ۾ اطمينان ڪرن ڇڏي ڏيڻ

25- اڪيلي پيشاني يا اڪيلي نڪ تي سجدو ڪرڻ بنا عذر جي

26- سجدي ڏانهن وڃڻ ۾ مقتدي جو امام کان اڳرائي ڪرڻ. جيڪڏهن امام کي سجدي ۾ پهتو ته. نه ته نماز فاسد ٿي پوندي.

27- امام کان اڳ مقتديءَ جو مٿو مٿي ڪڻڻ. چاڻڻ گهرجي ته پيو سجدو پهرئين سجدي جيان آهي. پر ٽين ۽ چوٿين رڪعت ۾ وچڻ وقت جلسه نه ڪبو. ان طرح عيون ۾ آهي مخفي نه رهي ته مسنون دعائون سجدي ۽ رڪوع ۾ وڏائي پڙهڻ صحيح حديثن ۾ آيل آهي. پر امام اعظم انهن کي نفل پڙهڻ سان مخصوص ڪيو آهي. پر صحيح مسلم جي حديثن ۾ جيڪي مسنون دعائن تي مشتمل آهن. صلوات مڪتوبہ جو لفظ آيل آهي. جيئن مٿي 'وجهت وجهي' ۾ پڻ ذڪر ٿي چڪو. والله اعلم. هٿ گوڏن کان اڳ ۾ کوڙڻ سجدي ۾ ۽ ٻنهي هٿن کان اڳ ۾ گوڏا مٿي ڪڻڻ قيام ۾ ۽ واسطي جيڪي عذر آهن، تن عذرن مان هڪ عذر قيام وقت موزا پاتل هئڻ آهي. فرمايو اٿن ته جيڪڏهن موزا پاتل آهن ته جائز آهي بحرالرائق وغيره ۾ اهو مذڪور آهي. ۽ ڪفايت المؤمنين ۾ پير جي تري ڍڪڻ، جڏهن جماعت سان نماز پڙهندو هجي، سجدي جي مستحبن مان چيل آهي ۽ ان طرح اساس المصلي ۾ آهي. البته بحرالرائق ۾ خلاصہ کان منقول آهي ته جيڪڏهن سجدي ۾ پير ڍڪيائين ته مڪروهه ٿيندو. ان ڪري نه ڍڪڻ بهتر آهي. چو ته ان ۾ ڪو حرج به ڪونهي. ۽ ڪفايت المؤمنين ۾ رڪوع ۽ سجدن جي تسبيحن ۾ برابري به مستحبن مان شمار ڪئي اٿن. ۽ سجدي جي مڪروهن مان:

1- تڪبير نه چوڻ

2- ان ۾ اکيون ﭙوڻ
3- نڪ طرف نہ ڏسڻ
4- هٿ گوڏن اڳيان رکڻ
5- فرض ۾ امام جو ٽن تڪبيرن کان مٿي پڙهڻ. تڏهن جيڪڏهن جماعت کي ڏکيو لڳي. پر بحرالرائق ۾ اکيون ﭙوڻ هن ارادي سان تہ توجهہ هڪ طرف ٿئي جائز قرار ڏنو آهي.

## فصل

# قعدي جا احڪام

### قعدي ۾ ڇهہ شيون مسنون آهن:

1- سجدي مان قعدي ڏانهن تڪبير سان هجڻ.
2- امام جو هيءُ تڪبيرون ڏاديان چوڻ.
3- کاٻو پير وڇائي ان مٿان ويهڻ ۽ ساڄو پير ايو ڪرڻ مردن لاءِ ۽ عورتن لاءِ کاٻي چيتڙ تي ويهڻ.
4- ﭘاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن مٿان آخري قعدي ۾ تشهد کان پوءِ درود پڙهڻ.
5- پنهنجي لاءِ ۽ مڙني مؤمنن لاءِ قرآن حديث جي دعائن جي مشابهہ درود کان پوءِ دعا پڙهڻ.
6- تشهد، درود ۽ دعا آهستي پڙهڻ.

### قعدي جا مستحب:

#### قعدي ۾ ست شيون مستحب آهن:

1- ٻئي ترين رانن تي رکڻ
2- آڱريون سڌيون رکڻ اهڙيءَ طرح جو گوڏي جي مٿي تائين پهچن
3- هٿن ۽ پيرن جي آڱرين جو منهن قبلي ڏانهن ڪرڻ
4- آڱرين کي عادت مطابق کولڻ
5- هنج ۾ ڏسڻ.

6- ٻئي پير پلؤ سان ڍڪڻ ڪن جي خيال مطابق
7- مسبوق جو امام جي فارغ ٿيڻ تائين انتظار ڪرڻ. عيون ۾ ان طرح آهي. چاڻ گهرجي ته مسبوق جو امام جي فارغ ٿيڻ تائين انتظار ڪرڻ فتح القدير ۽ بحرالرائق ۾ واجب ڄاڻايل آهي. ايستائين جو اڪيلي نماز ختم ڪرڻ بنا ضرورت جي، جيئن گذري چڪو، مڪروه تحريمي آهي. بظاهر اهو ئي صحيح آهي، ڇاڪاڻ ته امام جي پيروي ارادي سان نڪرڻ واري واجب ۾ به واجب قرار ڏنل آهي. ان ڪري اعتماد فتح القدير ۽ بحرالرائق مٿان ڪرڻ گهرجي، عيون ۽ تيسير الاحڪام جهڙن تي نه ڪرڻ گهرجي. والله اعلم. ۽ ٻنهي پيرن جي آڱرين جو قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ به ڏکيائيءَ ڪان خالي ڪونهي. ان ڪري چيو اٿن ته جيترو ٿي سگهي. جيتوڻيڪ برجنديءَ ۾ آهي ته مختصر وقايه جي عبارت مان جيڪو سمجهه ۾ ٿو اچي اهو هيءُ آهي ته ٻنهي پيرن جي آڱرين جو منهن ڪرڻ گهرجي، ڪاٻي پير جي آڱرين جو منهن ڪرڻ ڏکيو ٿئي ٿو. ۽ خلاصه ۽ خزانة المفتين ۾ ساڄي پير جون آڱريون آيل آهن.

## قعدي جا مڪروهات:

### قعدي ۾ ڏهه شيون مڪروه آهن:

1- اين پيرن تي ويهڻ
2- ڪتي وانگي ويهڻ
3- پلٿ هڻي ويهڻ هي ٿئي بنا عذرجي صورت ۾ آهن
4- تشهد درود يا دعائن کان اڳ بسم الله چوڻ
5- ٻئي گوڏا هٿن سان پڪڙڻ
6- تشهد جي روايت ۾ آيل لفظن کان وڌيڪ الفاظ چوڻ
7- سلام کان اڳ بنا ڪنهن عذر جي پيشانيءَ تان مٽو مهٽي صاف ڪرڻ

8- تشهد يا درود يا دعائون ڏاڍيان پڙهڻ

9- سلام کان اڳ بنا عذر جي مسبوق جو رهيل نماز ادا ڪرڻ لاءِ اٿڻ، ان طرح عيون ۾ آهي ۽ڪفايت المؤمنين ۾ قعده جي مڪروهات مان ٻنهي پيرن کي وچائي انهن تي ويهڻ ۽ ٻئي پير هڪ پاسي چڪڻ ۽ هنج ۾ نه ڏسڻ ۽ گهٽيون دعائون پڙهڻ جو مقتدين تي بار ٿين ۽ درود نه چوڻ. سلام چوڻ وقت ڪلها نه ڏسڻ. ران تي آڱريون رکڻ وقت ضرورت کان وڌيڪ آڱريون کولڻ. ۽ مٿو گهڻو جهڪائڻ به شمار ڪيل آهن. عيون ۽ ڪيداني ۾شهادت جو اشارو ڪرڻ تشهد جي مڪروهات مان شمار ڪيل آهي. ۽ منية المفتي ۾ مسبحه (اشهد آڱر) سان اشارو ڪرڻ مڪروه شمار ڪيو ويو آهي خلاصه ۽ مضمرات ۾ چيل آهي ته صحيح اهو آهي ته اشارو نه ڪجي. والولواجية ۽ التجنيس به ان موقف جا آهن فتويٰ به ان تي آهي. چاڪاڻ ته نماز جو بنياد سڪون تي آهي ۽ شرح وقايه ۾ شافعيءَ کان آهي ته اشارو ڪرڻ گهرجي. ۽چيو اٿس ته ان طرح اسان جي علماءَ کان به آيل آهي ۽ ذخيره ۾ آهي ته شهادت وقت اشهد آڱر سان اشارو ڪرڻ گهرجي. ۽ درر البحار ۾ آهي ته اشهد آڱر سان اشارو ڪرڻ گهرجي ۽ ان تي ئي فتويٰ به آهي. ۽ فتح القدير ۾ ان جي نقل ڪرڻ کان پوءِ محمد کان ان جي ڪيفيت به نقل ڪيل آهي. چيچ ۽ ان سان پر واري آڱر پڪوڙيندو ۽ وچينءَ ۽آڱوٺي سان حلقو ٺاهيندو. ۽ اشهد آڱر اڀي ڪندو. ۽ ان طرح ابو يوسف کان امالي ۾ پڻ منقول آهي. شيخ چيو آهي ته هيءُ اشاري جي تصحيح جو فرع آهي. ۽گهڻن مشائخن کان منقول آهي ته اشارو ٻنهه نه ڪرڻ گهرجي ۽ اهو روايت ۽ درايت جي خلاف آهي ۽ محمد کان منقول آهي ته اشاري جي جيڪا ڪيفيت منقول آهي

سان امام ابو حنيفہ جو قول آهي. ان ڪري ابن همام جو قول ”روايت جي خلاف هجڻ“ دليل آهي تہ روايت صحيح اسانجي ٽنهي عالمن کان اشاره واري آهي. جيئن نقل ٿيو. ۽ خلاف دراية هئڻ وارو قول اشارو آهي ان طرف جيڪو صحيح حديثن، مسلم وغيره کان اشاري جي تنصيص بابت آيو آهي. ۽ اهو گهڻو آهي. ۽ مذڪوران کان مشڪواه المصابيح ۾ سنت آهن. ۽ ظاهر اهو آهي تہ اهو سنت آهي. جيئن برجنديءَ ۾ امام زاهديءَ کان منقول آهي. ان چيو آهي تہ اسان جي اصحابن کان روايتون ان تي متفق آهن تہ اشهد آگر سان اشارو سنت آهي. ۽ بحرالرائق ۾ مجتبیٰ کان منقول آهي تہ اسان جي امامن کان روايتون متفق آهن تہ اهو سنت آهي ۽ ان طرح ڪوفين کان بہ ۽ مديني وارن کان بہ آهن ۽ گهڻين روايتن تي عمل ڪرڻ اولیٰ آهي. ۽ ملتقط ۾ ابي نصر کان منقول آهي تہ اشاري بابت علمائن ۾ اختلاف ناهي. انتهي شايد سندس مراد محقق علماء ۽ متاخرين آهن ۽ ان مسئلي جي تحقيق ۾ شيخ رحمت الله عليہ جيڪو تمام وڏن مرتبن وارو آهي تنهن هڪ جدا رسالو لکيو آهي ۽ سنية ۽ استحباب ان ۾ مقرر فرمايو اٿس. مذڪوره رسالو راقم الحروف جي ڪتب خاني ۾ موجوٗد آهي. والله الموفق فتح القدير ۾ آهي تہ صحيح مسلم ۾ ساڄو هٿ رکڻ ۽ ان جون آگريون بند ڪرڻ آيو آهي. انهن ۾ جو گڏ ٿيڻ ممڪن ئي ڪونهي. شايد مراد هيءُ هجي تہ پهريائين ڪولي ۽ پوءِ اشاري وقت بند ڪري. انتهي. ۽ اهو ڳجهو نہ رهي تہ هيءُ ڪرڻ سان عمل ڪثير لازم ايندو. جتي انهيءَ عمل جي ئي نقطئہ نظر کان اشاري کي مڪروه سڏيو ويو هجي اتي هن عمل ڪثير جي صرف تطبيق خاطر، جيڪا ان کان سواء ٻين طريقن سان بہ ممڪن ٿي سگهي ٿي، جيئن

فتح القدير جي حاشيه ۾ لکيل آهي. ڪيئن ته اجازت ڏني سگهجي. والله المعين ۽ اشاري جو وقت بالاتفاق شهادت وارو وقت آهي. شمس الائمه حلوائي چيو آهي ته آگر کڙي لا اله وقت کبي ۽ الاالله وقت رکي ڇڏبي. ته جيئن آگر کڻ نفيءَ لاءِ ۽ رکڻ اثبات لاءِ ٿئي. انتهيٰ. هڪ ڏينهن ڪن دوستن هن فقيرکان پڇيو ته المتحيات ۾ وحده لاشريڪ ڪونهي. ان جو ڪهڙو سبب؟ چيم ان جاوجهه مختلف ٿي سگهن ٿا. هڪ اهو ته اگر جو اشارو جيئن صحيح حديث ۾ آهي ته شيطان تي لوهي تير کان سخت آهي، ان ڪري ان تي ڪفايت ڪئي وئي آهي، ٻيو اهو ته جيئن ته معراج ۾ فرشتن کان اهو ڪلمو وارد ٿيو. ۽ اتي شرڪ جي مقام ئي نه هو، تنهن ڪري شرڪ جو رد ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانه هئي. جيئن معارج النبوه وغيره ۾ آيل آهي ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن کي خطاب ڪيل آهي ته ثنا چئو. فرمايو اتن التحيات لله والصلواة والطيبات. الله تعاليٰ سبحانه فرمايو: السلام عليڪ ايها النبي ورحمة الله وبرڪاته پاڻ سڳورن فرمايو، عرض ڪيائون السلام علينا و عليٰ عباد الله الصالحين: ملائڪن چيو اشهد ان لا اله الا الله واشهد ان محمدا عبده ورسوله. انتهيٰ. صالحن سان گڏ گنهگار پانهن جو ذڪر ڇڏي ڏيڻ بابت اهو نڪتو پڌايو اٿن ته انهن کي پيغمبر صلي الله عليه وسلم جن ڪمال شفقت وچان لفظ 'علينا' ۾ داخل فرمايو آهي ۽ اهو بعيد ناهي ڇاڪاڻ ته پاڻ رحمة للعالمين آهن.

## فصل

# سلام جا احڪام

سلام جيڪڏهن پل ۾ ڏئي تو تہ نماز سلامت آهي. جيئن گذريو. پر عيون ۾ آهي تہ هيءُ اهڙو وقت آهي جو نماز جي وصف ۾ شبهو هوندو آهي جيئن اڻ پوريءَ کي پوري سمجهڻ. البتہ جيڪڏهن اصل نماز ۾ شبهہ هجي، جيئن چئن رڪعتن واري نماز ۾ مقيم گمان ڪري تہ آءٌ مسافر آهيان، يا وتر ۾ گمان ڪري تہ تراويحون آهن. يا مسبوق پوري نماز جو گمان ڪري، تہ انهن صورتن ۾ نماز کي منڍ کان شروع ڪرڻو پوندو ۽ تڪبير تحريمہ چوڻي پوندي. انتهي. ۽ بحرالرائق ۾ مذڪور آهي تہ جيڪڏهن مسبوق پل مان امام سان گڏ يا ان کان اڳ سلام چوندو تہ ان ۾ ڪوبہ حرج ڪونهي. پر جيڪڏهن امام کان پوءِ چوندو تہ سجدو سهو جو لازم ايندو. جيڪڏهن مسئلي جي چاڻ نہ هجڻ جي ڪري پل ۾ يا چائي واڻي چوندو تہ نماز فاسد ٿي پوندي جيئن گذريو.

## سلام جون سنتون:

### سلام ۾ ٻہ شيون سنت آهن:

1. پهريون سلام ساڄي ۽ ٻيو کاٻي چوڻ.
2. مقتدي جو امام سان گڏوگڏ سلام چوڻ.

## سلام جا مستحب:

### ان ۾ پنج شيون مستحب آهن:

1. کاٻي ساڄي منهن ڦيرائڻ اهڙيءَ طرح جو ڳلن جي سفيدي پنهي پاسي ڏسڻ ۾ اچي.
2. پنهنجي ڪلهن کي سلام وقت ڏسڻ.
3. امام جي سلام اندر مقتدين ۽ حفاظت ڪندڙ فرشتن جي نيت ڪرڻ.
4. مقتدي جي جنهن پاسي امام هجي ان پاسي امام جي نيت

ڪرڻ. جيڪڏهن امام جي ٻنهي پنيان هجي تہ ٻنهي پاسي امام جي نيت ڪرڻ ۽ منفرد جي حفاظت ڪندڙ فرشتن جي نيت ڪرڻ.

5- امام جو پهريون سلام وڏي آوازسان چوڻ ۽ ٻيو سلام ان کان آهستي چوڻ.

## سلام جا مڪروهات:

### ان ۾ مڪروه پڻ پنج شيون آهن:

1- صرف هڪ سلام چوڻ.

2- امام جو ٻئي سلام آهستي چوڻ.

3- ٻيو سلام پهرئين کان وڏي آواز ۾ چوڻ.

4- لفظ السلام عليڪم ورحمة الله جي مٿان واڌارو ڪرڻ.

5- سنت طريقي کان بنا نماز مان نڪرڻ جيئن ڇاٽي واٽي ٿت يا قوس ڏيڻ يا ڳالهائڻ يا ڪو بہ ڪم ڪرڻ سلام کان سواءِ. مڪروه تحريمي آهي، ڇاڪاڻ تہ سلام جيڪو واجب آهي اهو ڇڏيو تو پوي.

خاص رڪنن سان تعلق رکندڙ مڪروهات بيان ڪرڻ کان فارغ ٿي هاڻي خارجي مڪروهات بيان ڪجن ٿا، جيڪي وقت ۽ رڪن سان خاص ناهن.

## فصل

# خارجي مڪروهات

### اهي جايون جن ۾ نماز مڪروه آهي پندرهن آهن:

1- ڦُريل زمين.

2- ڦُريل مصلو

3- ڪعبت الله جي ڇت جي مٿان چونہ ستره بہ هجي

4- عام اچ وڃ جي جاءِ جتي ماڻهن جو هُل هجي

5- بنا ستر جي صحراءَ ۾ جيڪڏهن ڪنهن جي لنگهڻ جو

امڪان هجي.

6- وهنجڻ جي جاءِ ۾

7- حمام ۾. بحرالرائق ۾ لکي ٿو ته جيڪڏهن حمام ۾ جاءِ پاڪ هجي تصوير سامهون نہ هجي ته ڪو حرج ڪو نهي.

8- جانور ذبح ڪرڻ جي جاءِ تي

9- ڪچري گهر ۾

10- اٺن جي ويهڻ جي جاءِ تي

11- گهوڙن جي ٻڌڻ جي جاءِ تي

12- قبرستان ۾. ها البت نماز لاءِ جيڪڏهن اُتي ڪا جڳهہ ٺهيل آهي ۽ سامهون قبر ناهي ته پوءِ پڙهي سگهجي ٿي. (بحرالرائق)

13- بت خاني ۾

14- نشي گهر ۾

15- اهڙيءَ جاءِ ۾ نماز پڙهڻ جنهن ۾ حيوان جي تصوير هجي. هاالبت مٿو ڪٽيل هجي يا اڪثر ڪاڏل هجي ته پوءِ ڪو حرج ناهي. يا ڪيسي ۾ پيل پيسن جي تصوير هجي ته بہ ڪو حرج ڪونهي. العيون. ڪفاية المؤمنين ۾ آهي ته اهڙي زمين ۾ نماز پڙهڻ بہ مڪروه آهي جنهن ۾ جهيڙو هجي يعني مقرر شخص جي ملڪيت نہ هجي.

ڪافرن جي زمين ۾ بہ مڪروه آهي. يعني انهن جي ملڪيت مخصوص ٿيل هجي يا اجازت بنا ڪنهن زمين تي پوءِ اهل ڪتاب جي هجي يا نہ هجي.

ڪافرن جي رهڻ جي جاءِ ۾.

مسجد جي ڇت تي بنا عذر جي ۽ اهڙي ڇت تي جيڪا نماز مهل لُڏي، اهڙي مسجد ۾ جنهن جي آڏو رڌڻ جي ٻني هجي يعني وچ ۾ پٽ نہ هجي. ۽ اهڙي ڇت تي جنهن هيٺان پليتي هجي.

۽ مينهن ۽ ٻڪرين جي واڙي ۾ ۽ بنا پردي گهٽيءَ ۾ جتي ماڻهن جي اڳيان لنگهڻ جو احتمال هجي.

يهودين نصارن جي عبادت گاهہ ۾.

اهڙي جاءِ ۾ جتي باھ يا ڏيئو سامهون هجي. ڪنز ۾ ان لاءِ چيل آهي ته مڪروهه ناهي. بحرالرائق ۾ آهي ته ان ۾ مشائخن جو اختلاف آهي. صحيح اهو آهي ته اهو مڪروهه ناهي.

اهڙي گهر ۾ نماز پڙهڻ جتي ساز هجن.

اهڙي گهر ۾ جتي ڪتو هجي.

اهڙي گهر ۾ جتي بدبوءِ ايندي هجي.

اهڙي مصلي ۾ نماز پڙهڻ جنهن ۾ بدبوءِ هجي چونه پاڪ به هجي.

اهڙي گهر ۾ جيڪو نقشن وارو هجي.

اونداهي گهر ۾ جيڪڏهن فرض نماز هجي ۽ سترو (جيڪو اوٽ خاطر نماز پڙهندڙ آڏو رکندو آهي)ويجهو رکڻ به مڪروهه آهي. ۽ اهڙي گهر ۾ جتي چڪي لڳل هجي اتي نماز پڙهڻ مڪروهه آهي. انتهي ما في ڪفاية المؤمنين مختصراً.

ستره بابت جيڪو ويجهو چيل آهي، ان جي ڪراهت جي حد معلوم نه ٿي آهي. ۽ بحرالرائق ۾ آهي ته سنت هيءَ آهي ته سترو ٽن گزن کان وڌيڪ پري نه هجي.ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ان کان گهٽ مطلق جائز ٿيندو. ستري جا ڪجهه احڪام هي آهن ته هٿ جيترو ڊگهو مستحب آهي ۽ ٿولهه آڱر جيتري هجي ته ڪوڙي سگهجي. هڪ روايت مطابق اجا به ڊگهو هجي. هڪ روايت مطابق بي فائده آهي. هڪ جماعت اهو ئي صحيح چيو آهي ۽ ان کي هڪ پاسي ڏانهن رکجي. جو سڌو سامهون رکڻ ممنوع آهي امام جو سترو، جيڪڏهن وڌيڪ ميسر نه ٿي سگهي ته سيني (مقتدين) لاءِ ڪافي ٿي ويندو. اڪثر مشائخ هن خيال جا آهن ته ليڪي ڪڍڻ جي ضرورت ڪانهي. ڪن وٽ مسنون آهي. هڪ روايت مطابق ويڪر ۾ چنڊ وانگر هجي. هڪ روايت مطابق ڊيگهه ۾. امام نووي هن کي اختيار ڪيو آهي. ۽ شيخ ابن همام ليڪ جي سنت هئڻ جو چيو آهي.. چاڪاڻ جو ابو داؤد ۽ ابن ماجه جي حديث ۾ ليڪ مطلق ذڪر ٿي آهي. اهو ئي امام محمد جو قول آهي. ۽ شيخ ابن همام به ان کي ئي اختيار ڪيو آهي.

# فصل

# پهراڻ جا مڪروهات

**ڪفايت المؤمنين ۾ آهي ته پهراڻ جا ٽيويهه مڪروه آهن:**

1- پهراڻ ڳاڙهو يعني معصفر.
2- پهراڻ پيلو يعني زغفران جي رنگ وارو.
3- ابريشم (پٽ) وارو
4- سٽ ۽ ريشم وارو يعني پنهي ۾ نماز مڪروه آهي.چاڪاڻ ته اهو پائڻ حرام آهي.
5- سنهون پهراڻ جو اوگهڙ جي جاءِ ڪان سواءِ بدن ڏسڻ ۾ اچي.[1] ۽ عورتن لاءِ اهو جائز ناهي.
6- ڪسيل پهراڻ
7- يهودين جو ڪپڙو[2]
8- ڪافر جو پهراڻ (هڪ نسخي مطابق مجوسين جو پهراڻ)
9- چور جو پهراڻ ( هيءُ پهرئين نسخي ۾ ناهي.)
10- ريشمي پونيءَ سان وار ٻڌڻ.
11- نئين پهراڻ هئڻ باوجود پراڻو پهراڻ.
12- سادو پهراڻ جڏهن سٺو موجود هجي.
13- مٿو اگهاڙو
14- پٽڪي هئڻ باوجود ٽوپي.
15- گوڏ هئڻ باوجود صرف پهراڻ.
16- پهراڻ هئڻ باوجود خالي گوڏ.
17- زري لڳل چڪني جو پهراڻ.
18- ڪمر بندي زريءَ لڳل.
19- سونن هٿيارن ٻڌڻ.
20- فارسي ڪپڙي هوندي هندي ڪپڙي ۾ نماز پڙهڻ ( يعني سادو ۽

---

[1] پر جي اوگهڙ واري جاءِ به ڏسڻ ۾ اچي ته پوءِ نماز جائز ني ڪانه ٿي سگهندي (مترجم)
[2] پهرئين نسخي ۾ ائين نمبر نصارن جو ڪپڙو به ڄاڻايل آهي.عبدالله واري نسخي ۾ حاشيه ۾ ڄاڻايل آهي ته "هڪ نسخي ۾ ائين نمبر تي امانت رکيل پهراڻ پائڻ ڄاڻايل آهي."

ديسي ڪپڙو باوجود ولائتي ۽ سٽي ڪپڙي موجود هجڻ جي)
21- ڪلهي تي چادر رکي ان جو هڪ پاسو لڙڪائي ڇڏڻ. فتح القدير ۾ آهي ته ان ئي حڪم ۾ هيءُ به داخل آهي ته ڪپڙو ڪلهن تي رکي، قبا بنا ٻانهن پائڻ جي پائي. پر بحرارائق ۾ آهي ته ان سان متاخرين اختلاف ڪيو آهي. ۽ مختيار قول اهو آهي ته اهو مڪروه ناهي. انتهى. بظاهر نفي ڪراهت تحريميءَ جي آهي ڇاڪاڻ ته ڪراهت جو حڪم نهايه وغيره ۾ مبسوط کان آيل آهي،
22- بي نمازيءَ جا ڪپڙا پائڻ.
23- زالن وانگر مٿي تي چادر ڪرڻ.

## فصل

# عام مڪروهات

يعني جيڪي ڪنهن رڪن سان مخصوص نه هجن، ڪفايت المؤمنين ۾ انهن کي ٽيتيهه شمار ڪيو ويو آهي پر انهن مان ٽي بيان ٿي چڪا آهن باقي ٽيهه هيءُ آهن

1- سوڙهي وقت ۾ نماز پڙهڻ
2- معاوضي تي نماز پڙهڻ
3- وارن کي ڳنڍ ڏيڻ بحرالرائق ۾ آهي ته ظاهر اهو آهي ته اهو مڪروه تحريمي آهي.
4- ڪنگهڪار ورجائي ورجائي ڪرڻ تلفظ کان سواءِ.
5- هٿ ڏاڙهيءَ طرف ڪڻڻ.
6- ساڄي ڪاهي ڪنڌ ڦيرائڻ کان سواءِ نهارڻ.
7- ٽيڏي اک سان ڏسڻ
8- جواب ڏيڻ لاءِ ڪنڌ لوڏڻ
9- ٽن پيرن کان گهٽ جسم ڪنهڻ
10- ڳائڻ وڄائڻ ڏانهن ڪن ڏيڻ

11- متي جي چوڏاري قميص جو ٽڪرو پڌڻ ۽ پيو اگهاڙو ڇڏڻ. بر خلاف ان جي جيڪو پٽڪي مان ڏسڻ ۾ اچي.
12- اوٻاسي زور سان اچڻ يعني روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ
13- سجدي جي جاءِ تان سجدي ڪرڻ مهل پٿريون پري ڪرڻ. جيڪڏهن تڪليف جو باعث ٿين تہ هڪ ڀيرو ڪجي، ان جي اجازت آهي. ان باوجود انهن کي ڇڏي ڏيڻ سنت آهي. (بحرالرائق)
14- خلال ڪرڻ
15- ڏندڻ ڪرڻ
16- ڪپڙن ۽ جسم سان کيڏڻ
17- آڱرين مان ٽڪاء ڪڍڻ
18- سستيءَ وقت نماز پڙهڻ
19- ننڊاکڙيءَ حالت ۾ نماز پڙهڻ
20- پشاب جو زور هجي ان حالت ۾ نماز پڙهڻ.
21- پاخاني جي زور باوجود نماز پڙهڻ صحيح حديث ۾ آيل آهي تہ طعام جي حاضر هئڻ وقت نماز ناهي ۽ نہ فضلات روڪڻ وقت نماز آهي. امام زيلعي هوا روڪڻ فضلات ۾ شامل ڪيو آهي. بحرالرائق ۾ آهي تہ جيڪڏهن وقت گهٽ هجي تہ انهيءَ ڪراهت سان نماز پڙهڻ گهرجي جو قضا ڪان بهتر آهي.
22- ڪائڻ ڪان پوءِ وات ڌوئڻ بنا نماز پڙهڻ
23- بار بار وات ۾ زبان ڦيرائڻ
24- ٻارڻ جي اوگهڙ ۾ ڏسڻ
25- ارادي سان اکرن ڏانهن ڏسڻ
26- اوچتي اکرن تي نظر پوي ۽ پوءِ انهن تي نماز ۾ سوچڻ
27- طعام جي موجود هوندي نماز پڙهڻ. يعني وقت جي وڏيڪ هئڻ باوجود.
28- کهانگهارو ۽ ٿڪ اڇلڻ
29- سنگهہ ڪڍڻ يعني نڪ صاف ڪرڻ

30- سوڙهي موزي سان نماز پڙهڻ. ۽ عيون ۾ مڪروهه ڪمن مان مڪ مارڻ يا ان کي مٿيءَ ۾ پورڻ بہ شمارڪيو آهي. مراد تورڙي ڪرڻ سان آهي نہ تہ گهٽي ڪرڻ سان نماز ٽٽي پوندي. جيئن اڇي ٿو.هيءَ اهڙو وقت آهي جنهن ۾ ايذائڻ نہ گهرجي. پر ايذاءُ پهچي تہ ڪو حرج ناهي ان طرح بحرالرائق ۾ آهي. ۽ قميص سان يا ڪنهن شيءِ سان هوا وٺڻ، تن کان گهڻ پيرا ۽ آسمان ڏانهن ڏسڻ. ۽ ڏندن ۾ قاتل شيءِ ٻاهر ڦٽي ڪرڻ يا ڪائڻ. ۽ اکيون ٻوٽي ڇڏڻ ان صورت ۾ جڏهن حضور دل خاطر نہ هجن. ان طرح بحرالرائق ۾ چيل آهي. آرس پجڻ، آڱريون آڱرين ۾ دٻائڻ. گهٽي عمل سان موزه لاهڻ ۽ خوشبوءِ سنگهڻ ۽ بي عذر بار ڪٽڻ. ۽ امام بلندي تي اڪيلو بيهي، جيڪا قد کان وڌي هجي. اڪثر هن خيال جا آهن تہ گز کان مٿي هجي تہ مڪروهه آهي. ان طرح اڪيلي امام جو هيٺاهينءَ ۾ ساڳئي مقدار مطابق بيهڻ مڪروهه آهي ۽ مقتدي جو اڪيلو بيهڻ اهڙي صف پويان جنهن ۾ ڪشادگي آهي ۽ مقتديءَ جو جماعت وارو وقت وچ صف ۾ ڪنهن ٻي نماز سنت وغيره ۾ وڃائڻ.

## پڇاڙي

# مڪروهات ۽ ڪجهہ گذريل مسئلن جي تحقيق بابت

بحرالرائق ۾ آهي تہ نماز ۾ ڪوبہ غير ضروري فعل جنهن جو ڪوبہ صحيح غرض نہ هجي. مڪروهه تحريمي آهي. البت پگهر اگهڻ ۾ ڪوبہ حرج ناهي. ڪن مشائخن وٽ اهو بہ مڪروهه آهي. ٻنهي قولن ۾ تطبيق هن طرح آهي تہ بنا ضرورت جي اگهڻ مڪروهه آهي، ضرورت ۾ اگهڻ جائز آهي، حديث ۾ جيڪو آيل آهي اهو ضرورت جي بنياد تي يا جواز بيان ڪرڻ خاطر آهي. فتاویٰ خانيه ۾ آهي تہ پيشاني تان مٽي يا ڪچرو نماز مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ اگهجي ۽ جيڪڏهن ڏکيائي تي ٿئي ۽ نماز مان توجهہ هٽائي تي تہ فارغ ٿيڻ

کان اڳ ۾ ڪو حرج ڪونهي. پر جيڪڏهن ڏکيائي نه ٿو سمجهي ته وچ نماز ۾ اگهڻ مڪروه آهي. ۽ تشهد کان يعني تشهد پوري ٿيڻ کان اڳ مڪروه ناهي. محيط ۾ ان کي صحيح ڪوٺيو ويو آهي ۽ بحرالرائق ۾ آهي ته اهو، متي اسان "عبث" (غير ضروري فعل) جي جيڪا تعريف ڪئي، ان سان شامل آهي. يعني پنهنجي هٿ سان پنهنجي بدن کي ڇهڻ جيڪڏهن ڪنهن به ضرورت کان سواءِ هوندو ته اهو "عبث" ۽ غير ضروري ٿيندو. البته جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ڪري بدن ۾ خارش ٿئي جيڪا ڏکوئيندڙ ۽ نماز مان ڌيان هٽائيندڙ آهي ته ان ۾ ڪوبه حرج ڪونهي. ۽ اها عبث ۽ غير ضروري نه ٿيندي. انتهي. البته اگرين پيڇڻ بابت بحرالرائق ۾ آهي ته اهو ان لائق آهي ته مڪروه تحريمي هجي. البت نماز کان ٻاهر بنا ضرورت جيءِ مڪروه تنزيهي آهي. ۽ پڻ منجهس مڪروهات ۾ آگريون آگرين ۾ ڏيڻ نماز ۾ مڪروه تحريمي قرار ڏنل آهي. ۽ نماز جي انتظار واري حالت ۾ پڻ مڪروه آهي ۽ مڪروهات مان هڪ اهو به آهي ته ٻئي وڏا گوڏا ايا ڪرڻ. اهو طحاوي جو قول آهي. پيرن جون ٻئي ترپون متي ڪرڻ ۽ ڪڙين تي ويهڻ. ڪرخيءِ وٽ ٻئي مڪروه تحريمي آهن. ان جي بحرالرائق ۾ چٽائي آيل آهي. سجدي ۾ ٻئي ٻانهون وڇائڻ به مڪروه آهي. جيئن گذريو ۽ بحرالرائق واري چيو آهي ته ظاهر اهو آهي ته مڪروه تحريمي آهي. ۽ مڪروهات مان هڪ نماز ۾ پلٿ هڻي ويهڻ به آهي جيڪڏهن عذر نه هجي. جيڪو حديث ۾ آيل آهي ته نماز نفل پلٿ هڻي پڙهجي سو ضرورت جي مدنظر آهي. يا جواز بيان ڪرڻ جي طور آهي. مڪروهات نماز منجهان ڪپڙا ڪنجڻ به آهي. يعني سجدي ۾ وڃڻ وقت قميص يا گوڏ يا سلوار هٿن سان هن خيال سان متي ڪرڻ ته ڦاٽي نه پوي ۽ بحرالرائق ۾ پهراڻ جا پلئو ڪنجڻ ۽ چيلهه ٻڌڻ ان ۾ شامل ڪري ان کي مڪروه چيو ويو آهي. خلاصه ۾ چيو ويو آهي ته چيلهه ٻڌڻ سان نماز مڪروه نه ٿيندي. شايد سندس مراد پهراڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪپڙي سان ٻڌڻ هجي. جاڪاڻ ته ڪراهت مخصوص پهراڻ سان هئڻ فتاوىٰ دائودي وغيره ۾ واقع آهي. ڪپڙي ڪنجڻ ۾ صاحب مغرب پهراڻ متان گوڏ ٻڌڻ به

شامل ڪيو آهي ۽ نماز وقت پاهون ڪنجڻ بہ ان ۾ شامل ڪيو اٿس. مڪروهات ۾ هڪ آيتن ۽ سورتن ۽ تسبيحن جو ڳڻڻ، ڳڻيو اٿن، صاحبين وٽ مڪروه ناهي. بحرالرائق ۾ آهي تہ اختلاف آڱرين يا تسبيح سان ڳڻڻ ۾ آهي. البت جيڪڏهن آڱرين جي نشانين تي ڳڻجي يا دل ۾ ياد رکجي تہ مڪروه ڪونهي، اتفاقا. اڪثر هيءُ احڪام فرض ۽ نفل ۾ عام چيا اٿن. ڪنز[1] ۾ شيخ طاهر لکيو آهي تہ نفلن ۾ مڪروه نہ هئڻ ۾ ڪو بہ اختلاف ناهي اختلاف صرف فرض ۾ آهي. ۽ مڪروهات مان بحرالرائق ۾ آندل آهي، ڪنهن رڪن کي ٻيءَ جڳهہ تي ياد ڪرڻ. سبب ڪراهت جو ڄاڻائيندي چيو اٿس تہ ان ۾ ٻہ خرابيون آهن هڪ جاءِ ڇڏڻ ۽ ٻيو ٻيءَ جڳهہ تي ادا ڪرڻ. پڻ مڪروهات مان هڪ سورت شروع ڪرڻ ۽ ان جي هڪ يا هڪ کان گهٽ آيت تلاوت ڪري اڌ ۾ ڇڏي ٻي سورت شروع ڪرڻ آهي چو نہ صرف هڪ حرف ئي پڙهيو هجي، مؤلف جي دل ۾ اچي ٿو تہ اهڙي جڳهہ جتي ماڻهو پنهنجي مٿان مسنون سورتون لازم ڪري ٿو ڇڏي جيئن قل هو الله فجر يا مغرب جي سنت ۾ يا اهڙي ڪنهن ٻئي موقعي تي جيڪڏهن پل ۾ ڪاٻي سورت زبان تي اچي وڃي تہ ٽن ننڍين آيتن يا هڪ ڊگهي آيت جيترو پڙهي ان کان پوءِ مقرر سورت پڙهي. تہ جيئن ٻنهي جو حق ادا ٿي وڃي. والله اعلم. مڪروهات مان هڪ وات ۾ درهم يا دينار رکڻ آهي. جيڪو قرآن پڙهڻ ۾ رڪاوٽ نہ هجي. جيڪڏهن حرفن ادا ڪرڻ ۾ رڪاوٽ ٿي تہ نماز جائز نہ ٿيندي. جيئن خلاصہ وغيره ۾ آهي ۽ مڪروهات مان امام جي رڪنن ادا ڪرڻ ۾ تڪڙ ڪرڻ کي بہ شمار ڪيو اٿن. بحرالرائق ۾ آهي تہ مڪروهات مان آهي تہ امام اهڙي تڪڙ ڪري جو مقتدي سنت ادا نہ ڪري سگهن. اهو ۽ هيءُ بہ مڪروهات مان شمار ڪيو اٿن تہ امام نماز کان پوءِ ويهي:

"اللهم انت السلام ومنک السلام واليک يرجع السلام
تبارکت يا ذالجلال والاکرام"

---

[1] 'ڪنز' مان 'ڪنز العمال' مراد آهي جيڪو علم حديث ۾ آهي. لڪاتبه عفي عنه

ڪان وڏيڪ پڙهي. هر اهڙي نماز ۾ اهو مڪروه آهي جنهن جي پٺيان سنتون آهن. پر هن ۾ تمام گهڻو اختلاف آهي شمس الائمه حلوائي جو مذهب ان جي جواز جو آهي. خلاصو ان جو اهو آهي ته سنتون اهم آهن. ڪٿي دعائون، جيڪي سنت ۽ مستحب آهن، تن جي ڪري سنتون رهجي نه وڃن. بهتر اهو آهي ته مغرب ڪان سواءِ جو ان ۾ پير هلائڻ ڪان سواءِ ڏهه پيرا توحيد جو ڪلمو پڙهڻ حديث ۾ آيو آهي. ٻين نمازن ۾ وڏيڪ وقت نه ويهجي. سنت مؤڪده ڪان پوءِ اهي دعائون پڙهي جيڪي نماز ڪان پوءِ جون آهن ۽ بحرالرائق ۾ آهي ته مڪروهات مان بنا عذر جي نماز ۾ عمل قليل اختيار ڪرڻ آهي انتهىٰ. نانگ يا وڇون مارڻ نماز ۾ مڪروه ناهي. جيڪڏهن توري عمل سان آهي ته. پر جيڪڏهن عمل ڪثير جي ضرورت ٿئي ته نماز نئين سر شروع ڪري. ۽ هيءُ عمل ڪثير به ان صورت ۾ جائز چيو اٿن جڏهن نانگ يا وڇون اڳيان لنگهي ۽ ڏنگ جو خوف هجي. اڳيان ناهي ته پوءِ مڪروه آهي. ( النهايه)

- بحرالرائق ۾ آهي ته واجب ڇڏڻ سان نماز قطعي طور مڪروه تحريمي ٿي ويندي. جيڪڏهن سنت مؤڪده قويه ڇڏي وئي ته پري ناهي ته مڪروه تحريمي ٿئي. ڇاڪاڻ ته اها واجب ڇڏڻ جي برابر آهي. جيڪڏهن غير مؤڪده آهي ته مڪروه تنزيهي آهي البته مستحب ڇڏڻ ڪراهت جو موجب ناهي بلڪ خلاف اولي آهي. ته ڄاڻڻ گهرجي ته مڪروه جي باب ۾ قاعدوڪليو هيءُ آهي ته واجب ڇڏڻ مڪروه تحريمي آهي. سنت مؤڪده ڇڏڻ مڪروه تنزيهي آهي. اڪثر چوڻ مطابق ۽ غرر افڪار ۽ بحرالرائق مان ڪن جڳهين تان معلوم تو ٿئي ته مستحب ڇڏڻ پڻ مڪروه تنزيهي آهي. ۽ ڪفايت المؤمنين ۽ عيون ۾ مڪروهات ڳڻڻ مان پڻ هيءُ معنيٰ مستفاد ٿئي ٿي. پر مڙني مستحبن کي ان ۾ شامل نه

ڪيو اٿس. شايد اهم مستحبن کي ڪافي سمجھيو اٿس. والله اعلم. جڏهن مڙني خاص عام مڪروهن کان نماز صاف ۽ خالص ٿيل هوندي ته حساب ۾ ايندي جيڪڏهن مڪروه تحريمي واقع ٿي ويو ته ان جو موٽائڻ واجب آهي. جيڪڏهن مڪروه تنزيهي واقع ٿي ويو ته موٽائڻ مستحب آهي. جيئن شيخ ابن الهمام فتح القدير ۾ ذڪر ڪيو آهي. والله الموفق.

## فصل

# نماز جو طريقو

جيئن ته مڪروهات جي بيان مان فارغ ٿياسين. هاڻي مسنون نماز جو طريقو، مڙني فقهاء عظام جي پيرويءَ ۾ ذڪر ڪريون ٿا. ۽ ان جي ضمن ۾ جيڪي سنتون ۽ مستحب رهجي ويا آهن سي معتبر ڪتابن مان مستنبط ڪري بيان ڪريون ٿا ته جيئن انهن تي عمل ڪندڙ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي قول ته ”صلوا كما رئيتموني اصلي“ جي قول تي عمل ڪندڙ ثابت ٿي وڃي. انشاءَ الله.

سو ’الله تو آهر‘ ڪري اسين شروع ڪريون ٿا ته جڏهن ماڻهو نماز شروع ڪرڻ گهري ته حاضرقلب ٿي فرض جو تعين ڪري. بنا مد ڏيڻ يا ڇڪڻ جي الله اڪبر چئي. نمازي مرضيءَ وارو آهي ته هٿ اڳ ۾ ئي کڻي يا تڪبير جي شروع کان ختم ڪرڻ تائين هٿ کڻڻ ۽ رکڻ جا ٻئي عمل بجا آڻي ڇڏي. ٻنهي صورتن ۾ هٿن جون آڱريون پنهنجي اصلي حالت تي هئڻ گهرجن. ۽ ٻنهي هٿن جي ترين جو قبلي ڏانهن منهن هجڻ گهرجي ۽ ٻيڙيءَ وانگر هٿ هيٺ آڻي ساڄي هٿ جو اندريون حصو کاٻي هٿ جي پٺيءَ تي رکي دن مٿان ائين ٻڌي ڇڏجي، جو ننڍي آڱر ۽ آڱوٺي سان کاٻي هٿ (ڪارائيءَ ۽ هٿ جي جوڙ وٽان ) پڪڙجي ۽ رهيل ٽي آڱريون ڪارائيءَ جي پٺيءَ تي اصل حالت ۾ ڊگهيون رکي ڇڏجن. ان سان گڏ وگڏ ثنا پڙهي اعوذ بالله بسم الله چئي. ان کان پوءِ فاتحہ سوره يا ٽن آيتن سان پڙهي. جڏهن امام ”ولاالضالين“ چوي ته آهستي امام جيان آمين چئجي.

قيام وقت ٻن پيرن وچ ۾ چئن آڱرين جيتري وٿي هئڻ گهرجي ۽ ٻنهي پيرن تي برابر وزن رکڻ گهرجي ۽ نظر پيرن کان سجدي جي جاءِ تائين ڪرڻ گهرجي مڙني عضون کي چرپر کان محفوظ رکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته "لو خشع قلبه لخشع جوارحه" صحيح حديث آهي.[1] قراءت کان فارغ ٿي الله اڪبر چئي رڪوع ۾ وڃبو. الله اڪبر جي الف سان جهڪڻ شروع ڪبو ۽ پٺي سڌي ڪرڻ تائين تڪبير پوري ڪبي. رڪوع ۾ نظر پيرن جي پٺيءَ تي هئڻ گهرجي ۽ ٻنهي هٿن سان ٻنهي گوڏن کي سڪ جهلجي. ۽ آڱريون ڪليل رکجن. ۽ پٺا ڪلها ۽ مٿو برابر رکجن، اهڙيءَ طرح سان جو جيڪڏهن پاڻيءَ جو ٿانو مٿان رکيو وڃي ته ان کي لوڏو نه اچي ۽ ٻانهون ڪمان جي زه وانگر جهلڻ گهرجن. ڏوڙيون نه ڪجن. ٻانهون ڏوڙيون ڪرڻ مڪروه آهن. رڪوع ۾ تڪبيرون پوريون پڙهڻ گهرجن. پر جيڪڏهن امام تڪڙ ڪري ته ان جي پيروي ڪجي. بخلاف تشهد جي، جو اهو پورو پڙهڻ گهرجي. 'سمع الله لمن حمده' چوندي ئي مٿو مٿي ڪڻڻ گهرجي ۽ 'ربنالڪ الحمد' قومه ۾ چوڻ گهرجي. ۽ الله اڪبر چوندي سڌو سجدي ۾ ائين وڃجي جيئن پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻبي آهي. ۽ پهريائين گوڏا پوءِ هٿ پوءِ نڪ ان کان پوءِ پيشاني رکڻ گهرجي. ان وقت ساڄي پاسي جهڪيل هئڻ گهرجي. جيڪڏهن مقتدي هجي ته تحميد تي ڪفايت ڪري. اڻڻ وقت ان جي ابتڙ ڪرڻ گهرجي.

شروع ساڄي پاسي کان ڪجي. ۽ سجدو نڪ ۽ پيشانيءَ تي ڪجي. ۽ ٻئي ٻانهون پاسن کان ڌار ۽ زمين کان مٿي رکجن. انبوهي نه هجي ته. پر جيڪڏهن انبوهي هجي ته جيئن آسان ٿئي تيئن ڪجي. پيٽ ۽ ران وچ ۾ پڻ وٿي هجڻ گهرجي، مٿي ايترو هجي جو چيلڙو هيٺان لنگهي وڃي، اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن هر عضوو پنهنجي جاءِ تي هجي. ۽ گوڏا برابر سڌا ٽيل هجن. ۽ هيءَ ڪشادگي

---

[1] صحيح مسلم ۾ حديث آيل آهي ته اصحاب سڳورا رضوان الله تعالیٰ عليهم اجمعين پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ قيام وقت نظر پيرن تي رکندا هئا. ان کان پوءِ اصحاب عظام جي زماني ۾ سجده جي جاءِ تي رکندا هئا ۽ سجدي جي جاءِ کان پوءِ ڪنهن پاسي نظر نه ڦيرايائون.

متئين طريقي تي حاصل ٿي سگهندي، ۽ بار هٿن، نڪ ۽ پيشانيءَ تي برابر اچڻ گهرجي. جيڪڏهن گهٽو ڏکهو ٿبو يا گهٽ ٿبو ته عضوو کلڻ ۾ فرق اچي ويندو. ۽ پڻ بار صرف پيشانيءَ تي پوندو. ان کي بزرگن غلط قرار ڏنو آهي. ۽ نظر سجدي ۾ نڪ جي پاسن تي ڪرڻ گهرجي. ۽ آگريون ٻنهي هٿن جون برابر رکڻ گهرجن. ۽ ٻئي آگوٺا ڪنن جي پاپڙين جي سامهون هجن. ۽ ڪن روايتن ۾ آهي ته ڪلهن برابرهجن. پهريون مستحب، بلڪ مسنون آهي. ۽ ٻنهي پيرن جون آگريون قبلي ڏانهن منهن ڪيل هجن. ۽ بار پير جي پڇن تي هئڻ گهرجي، ۽ سجدي جون تسبيحون مڪمل ڪري الله اڪبر چئي تشهد وانگر ويهجي. ٿورو توقف ڪري تڪبير چئي ٻيو سجدو ادا ڪجي، ان کان پوءِ تڪبير چوندي زمين تي ٽيڪ ڏيڻ بنا هٿ گوڏن تي رکي اٿڻ گهرجي. ۽ وچ ۾ هٿ نه ٻڌجن. جيئن ڪي ماڻهو ٻڌندا آهن. چاڪاڻ ته قرائت واريءَ جڳهه تي هٿ ٻڌڻ جو فرمايو اٿن. نبي صلي الله عليه وسلم جن جي صفت ۾ صحيح حديث آهي ته:

اذا نهض نهض علي رکبتيه واعتمد علي فخذيه.

جڏهن اٿندا هئا ته گوڏن تي اٿندا هئا ۽ رانن تي ٽيڪ ڏيندا هئا.

۽ ظئي آهي ته هيٺ وڃڻ جي ابتڙ اٿڻ ٿيندو آهي. يعني هيٺ وڃڻ ۾ ران زمين تي رکندو ۽ مٿي اٿڻ ۾ زمين کان ڪٽي رانن تي رکندو. ۽ ان طرح اٿندو. تنهن ڪري هٿ ٻڌڻ بدعت بلڪ مڪروه ٿيندا.

## عورت جي نماز:

مٿي جيڪو گذريو سو مرد لاءِ آهي البت عورت جي نماز ڏهن شين ۾ مرد جي خلاف آهي:

1. تڪبير وقت هٿ ڪلهن تائين سيني سان ملائي ڪٽندي.
2. سيني تي هٿ ٻڌندي

3- رڪوع ۾ آڱريون گوڏن تائين پهچائيندي.[1]
4- آڱريون ڪليل نہ رکندي
5- سجدي ۾ پيٽ ران سان ملايل رکندي.
6- ٻاهون پاسن سان مليل رکندي.
7- سڀ عضوا هڪ ٻئي سان مليل رکندي.[2]
8- پيرن جون آڱريون اڀيون نہ ڪندي
9- قاعدي وقت ٻئي پير ساڄي پاسي کان ٻاهر رکندي
10- جهري نمازن ۾ پڻ آهستي پڙهندي

هڪ رڪعت پوري ٿي ٻي رڪعت ان ئي طريقي سان بجا آڻبي سواءِ هن جي تہ ثنا تعوذ نہ پڙهبو. جيئن ٻي رڪعت جي ٻئي سجدي مان فارغ ٿبو تہ کاٻي پير تي ويهبو ۽ ساڄو پير ايو ڪبو ۽ ٻئي هٿ ران تي رکبا. هٿن جون آڱريون قبلي ڏانهن گوڏي جي ڪناري برابر هجن ۽ نظر هنج ۾ هجڻ گهرجي، ۽ شهادت چوڻ وقت اشارو ڪبو، جيئن ئي تشهد مان فارغ ٿجي، ٽين رڪعت طرف زمين تي ٽيڪ ڏيڻ کان سواءِ اٿجي، بسم الله کان پوءِ صرف فاتحہ پڙهجي، چپ ڪرڻ ۽ تسبيح پڙهڻ ٻئي جائز آهن. سورت بہ جائز آهي پر افضل فاتحہ تي اڪتفا ڪرڻ آهي. ٻہ ئين ٻن رڪعتن کان پوءِ پهرين وانگر قاعدي ۾ ويهجي. تشهد پڙهي درود ۽ گذريل دعائون پڙهي سلام مؤمنن ۽ ملائڪن جي نيت سان ورائجي. نظر ٻنهي سلامن ۾ ٻنهي ڪلهن تي پوڻ گهرجي. ڳل پوئين صف آڏو نمايان ڪرڻ گهرجن. مقتدي جنهن پاسي امام هجي ان پاسي ان جي نيت ڪن. جيڪڏهن امام جي پٺيان هجي تہ ٻنهي سلامن ۾ ان جي نيت ملحوظ هجي. اڪثر ماڻهو سلام جي نيت کان بيخبر آهن.

---

[1] رڪوع، سجدي ۽ قعدي ۾ ٻانهي آزاد عورت جيان آهي. البتہ تڪبير تحريمہ وقت رفع اليدين ۾ اها مردن جيان آهي. ان طرح فتاویٰ ۾ آهي. (جوهره النيره شرح القدوري).

[2] عورت ڏهن شين ۾ مرد جي خلاف ڪندي. تڪبير تحريمہ وقت هٿ ڪلهن تائين کندي. ساڄو هٿ کاٻي مٿان ٻن هيٺان ٻڌندي، پيٽ رانن کان ڌار نہ ڪندي. ٻغل ظاهر نہ ڪندي، پلٿ هڻي ويهندي. رڪوع ۾ آڱريون نہ کوليندي. مردن جي امامت نہ ڪندي. انهن جي جماعت مڪروه آهي. انهن جي امامت ڪندڙ سندن وچ ۾ بيهندي جهري نمازن ۾ جهر نہ ڪندي. ٻانهي سيني ڳالهين ۾ آزاد عورت جيان آهي سواءِ تڪبير تحريمہ وقت رفع اليدين جي ان ۾ اها مردن جيان آهي، (جوهره النيره في باب صفت الصلواة من عينيه)

جيئن بحرالرائق ۾ پڻ چيل آهي ته سلام کان پوءِ توقف ڪجي. اهو سنت مؤڪد آهي. فتح القدير ۾ "اللهم انت السلام و منڪ السلام واليڪ يرجع السلام" تي مختصر ڪيل آهي، پر حديثن ۾ استغفار ۽ ٻيون دعائون پڻ آيل آهن، جن کي لکندڙ (مصنف) فتوح الاوراد ۾ آندو آهي. ۽ جيڪڏهن وقت عصر يا صبح هجي ته قبلي ڏانهن منهن ڪري يا جماعت ڏانهن منهن ڪري، جيڪڏهن ڏهن کان مٿي آهز ته جماعت ڏانهن منهن ڪري دعا گهرجي. اها دعا مقبول آهي. اهو تڏهن آهي جڏهن پوئين صف ۾ ڪو نماز پڙهندڙ سامهون نه هجي. فرض کان پوءِ ڪلمه طيبه پڙهڻ جائز آهي، مڪروه ناهي. جيئن ڪن روايتن ۾ آيو آهي ته اهو ترجيح ڏنل ۽ مقبول ناهي. ان ڪري مضمرات ۾ ايل آهي ته صلواة مڪتوبه کان پوءِ وڏي آواز سان "لا اله الا الله محمد الرسول الله" چئبو. جڏهن جماعت سامهون هجي ته پنهنجي ساڄي پاسي طرف مڙي ويهجي. منهن ساڄي طرف وارن ماڻهن ڏانهن ڪري ويهجي. ان کان پوءِ اُتي فرض واري جڳهه مٿائي ٻي جڳهه تي سنت ادا ڪجي. افضل قبلي جو ساڄو پاسو آهي جيڪو نمازيءَ جو کاٻو پاسو ٿيندو. اهو فتاویٰ خانيه ۾ مذڪور آهي.

دعا وقت هٿ کلهن تائين کڻجن. دل ۾ پڙهڻ گهرجي. ۽ منهن نمائو هئڻ گهرجي. ۽ ٻئي هٿ ملايل هئڻ گهرجن جيئن مسڪين ماني گهرڻ وقت ڪندو آهي. ان طرح آهي الشرعة ۾. ۽ بحرالرائق ۾ آهي ته هٿ آسمان ڏانهن کڻجن. انتهي. دعا پوري ٿيڻ کان پوءِ هٿ منهن تي ڦيرائجن. اهو سنت آهي. ۽ فرض سان لڳولڳ مهم جي طور تي فاتحه پڙهڻ بدعت آهي. الخلاصه. جيڪڏهن سنت کان پوءِ پاڻ سڳورن لاءِ فاتحه پڙهجي ته بدعت حسنه آهي. والله اعلم

جيئن ته علماء ظاهر (جي سمجهاڻي) منجهان فارغ ٿياسين هاڻي نماز اولياءَ اهل باطن جو ذڪر ڪجي ٿو.

## نماز اولياء اهل باطن

جاڻڻ گهرجي ته نماز جو نچوڙ ۽ روح خشوع (عاجزي - نوڙت) آهي. ۽ حديث ۾ آيل آهي ته:

قال رسول الله صلي الله عليه وسلم لايقبل الله صلواة امرءِ لايشهد قلبه كما يشهد بدنه و ان الرجل علىٰ صلواته دائم. ولايكتب له عشرها اذا كان قلبه ساهيا.

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ الله تعالىٰ ڪنهن ماڻهوءَ جي نماز ايستائين قبول نہ ٿو ڪري جيستائين سندس دل نماز ۾ ائين حاضر تہ هجي جيئن سندس جسم حاضر آهي. ۽ بيشڪ مرد پنهنجي نماز ۾ هميشہ هوندو آهي. پر (نماز مان ) ڏهين پتي بہ ان لاءِ نہ لکي ويندي جيڪڏهن ان جي دل غافل هوندي.

لاهيا وفي الخبر ان العبد اذا قام الیَ الصلواة رفع الله تعالي الحجاب بينه و بينه و واجهه بوجهه الكريم. الحديث

حديث ۾ آهي تہ بيشڪ ٻانهو جڏهن نماز لاءِ اٿندو آهي تہ الله تعالي سندس ۽ پنهنجي وچ مان حجاب ڪٽي ڇڏيندو آهي ۽ ان ڏانهن پنهنجي منهن مبارڪ سان متوجهہ ٿيندو آهي. الحديث.

وفي الحديث ايضا ان العبد اذا قام فانه بين يدي الرحمن فاذا التفت قال له الرب الي من تلتفت؟ الي من هُوَ خير لڪ مني؟ ابنَ آدم اقبل الي فاني خير لڪ ممن تلتفت اليه. الحديث.

۽ پڻ حديث ۾ آهي تہ ٻانهو جڏهن قيام ڪندو آهي تہ اهو پنهنجي رحمن جي آڏو هوندو آهي. پوءِ جڏهن ٻئي پاسي متوجهہ ٿيندو آهي تہ ڪيس رب چوندو آهي تہ ڪنهن ڏانهن متوجهہ ٿين ٿو. ڇا اهو تو لاءِ مون کان ڀلو آهي؟ اي ابن آدم مون ڏانهن اچ مان تو لاءِ ان کان ڀلو آهيان جنهن ڏانهن تون متوجهہ ٿين ٿو. (الحديث)

سيد الطائفہ جنيد بغدادي قدس سره چيو آهي تہ:

لكل شيءِ صفوه و صفوه الصلواه التكبيره الاولي.

ڪنهن چيو آهي تہ:

النية بالله لله من الله اي بمشاهده الله خالصة لله صادره من الله.

يعني نيت الله جي الله لاءِ ۽ الله کان آهي. يعني الله جي شاهدي لاءِ خالص الله ڪارڻ ۽ الله کان صادر ٿيندڙ. جيئن هٿ کڻجن ٿا تيئن دنيا ۽ آخرت کي پٺيءَ پويان ڦٽو ڪجي. ۽ دل مان الله کان سواءِ هر شيءِ جو خيال ڪڍي ڇڏجي.[1] جيئن حديث ۾ آيو آهي تہ:

صل صلواه مودع اي مودع لهواه سواه و دنياه[1] اهڙي نماز پڙهہ جو الله کان سواءِ دنيا جي هر شيءِ وسري وڃي.

و قد ورد ان المؤمن اذا توضا للصلواه تتباعدت منه الشيطان في اقطار الارض خوفامنه، لانه يتاهب للدخول علي الملک، فاذا ڪبر حجب عنه ابليس و يضرب بينه وبينه سرادق، ولا ينظراليه، و واجهه الملک الجبار بوجه، و اذا قال الله اڪبر اطلع الملک في قلبه فاذا رآه ليس في قلبه اڪبر من الله عزوجل شيءُ يقول صدقت الله تعالي اڪبر في قلبڪ ڪما تقول. و تشعشع من قلبه نور يلحق ملکوت العرش ويکشف له بذالک النور ملکوت السماوات والارض ويکتب له خشوع ذالک النور حسنات. الحديث. ذڪره في عوارف المعارف.

حديث ۾ آيو آهي تہ بيشڪ مؤمن جڏهن نماز لاءِ وضو ڪندو آهي تہ شيطان ڪانئس زمين جي ڇيڙي تائين ڀڄي ويندو آهي. هن خوف ۾ تہ اهو تيار ٿي رهيو آهي بادشاه وٽ وڃڻ لاءِ. پوءِ جڏهن تڪبير چوندو آهي تہ ابليس ڪانئس پردي ۾ هليو ويندو آهي. سندس ۽ هن جي وچ ۾ اوٽ اچي ويندي آهي ۽ ان کي ڏسي نہ سگهندو آهي. ۽ ان طرح مالڪ جبار ڏانهس پنهنجي منهن سان

---

[1] چار ڀيرا الله اڪبر تڪبير ۾ جيئن ٻڌندو، هر ڀيري هڪ بزرگ عالم ناسوت سفلي عنصري، علوي سماوي ۽ ملڪوت سفلي ۽ اعلي رواحي کي نظر ۽ ملاحظہ هيٺ آڻيندو ۽ اشهد ان لا الہ الاالله ۾ واحديت جبروت جو پورو مشاهدو ڪندو ۽ اشهد ان محمد رسول الله ۾ لاهوت وحدت ۾ حاضر ٿيندي، بقاء البقاء سان حقيقي فلاح ۽ وصال طرف گامزن ٿيندو. تان جو الله اڪبر مهل بزرگيءَ ذات تحت الاهي ۾ محو ٿيندو سمجهندو جو سمجهندو. منه

[1] عبدالله واري نسخي ۾ هيءُ لفظ هن طرح آيل آهن: "اي مودع لهوان و دنياه وکل شيءِ سواه"

متوجهه ٿيندو آهي. جڏهن الله اڪبر چوندو آهي ته مالڪ سندس دل ۾ نهاريندو آهي. جڏهن ڏسندو آهي ته سندس دل ۾ الله کان وڏيڪ ڪا به شيءِ وڏي ڪانهي ته چوندو آهي، 'تو سچ چيو! الله تعالي تنهنجي دل ۾ بيشڪ ائين وڏو آهي جيئن تون چئين ٿو.' ۽ سندس دل مان نور جا شعاع نڪرندا جيڪي ملڪوت عرش سان وڃي ملندا آهن. ۽ ان سان ملڪوت السماوات والارض جو نور ڪلي پوندو. ۽ انهيءَ نور جو خشوع سندس لاءِ نيڪي لکندو. (الحديث)

الله اڪبر ڪي بار بار هر رڪن سان ورجائڻ جو راز اهو آهي ته ماڻهو غفلت مان نڪري اچي. ته جيئن ترقي ماڻي، تنهن ڪري الله اڪبر سندس وڏائيءَ ڪي ذهن ۾ رکي ائين چوي جو پاڻ گم ٿي وڃي. ۽ پوري ڪائنات سندس عظمت آڏو سرنهن جي داڻي جيان هجي. ۽ ان ڪي پڻ الله تعالىٰ جي جمال جو ظهوز سمجهي ۽ ان طرف بنهه توجهه نه ڪري. حق جل و علىٰ جي ڪمال جي مطالعه مان از خود مٿي اچي ۽ ڄاڻي ته اهو ڏسندڙن جي ڏسڻ کان وڏو آهي. بلڪه هن طرح ته پيا به ان ڪي وڏائيءَ سان ياد ڪندا آهن.

لا احصي ثناءَ عليڪ انت ڪما اثنيت علىٰ نفسڪ وسبحانڪ اللهم الخ هن معني سان پڙهي ته پاڪ ٿو ڄاڻان تو ڪي مڙني امڪاني نقصن کان. ۽ مڙني ڪمال جي وصفن جو تو ڪي مالڪ ٿو ڄاڻان تون تمام وڏين برڪتن ۽ ڀلائيءَ وارو آهين. تنهنجو اسم جنس جيڪو ذات مقدسه، صفات عاليه ۽ افعال ڪامله تي دلالت ڪري ٿو سو تمام وڏي عظمت وارو ۽ بلند تر آهي، جيڪو بيان ٿي نه ٿو ڪري سگهجي. ۽ ناهي ڪو به معبود، معشوق ۽ موجود تو کان سواءِ.

۽ سوره فاتحه پڻ عظمت ۽ ثناءَ جو لحاظ رکي پڙهجي. جيئن صحيح حديث ۾ وارد آهي ته:

قال رسول الله صلي الله وسلم حاڪيا عن الله تعالىٰ قسمت الصلواه بيني وبين عبدي نصفين فاذا قال العبد الحمد لله رب العالمين قال حمدني عبدي و اذا قال الرحمن الرحيم قال اثني علي عيدي. واذا

قال مالک يوم الدين قال مجدني عبدي، و اذا قال اياک نعبد و اياک نستعين قال هذا بيني وبين عبدي و اذا قال اهدنا الصراط المستقيم قال الله هذا لعبدي ولعبدي ما سال. (رواه مسلم)

رسول الله صلي عليه وسلم فرمايو ته الله تعالي فرمايو آهي ته، مون پنهنجي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ نماز کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي، جڏهن ٻانهو الحمدلله رب العالمين چوندو آهي تڏهن الله تعالي چوندو آهي "حمدني عبدي" (منهنجي ٻانهي منهنجي ساراهه ڪئي) جڏهن الرّحمن الرّحيم چوندو آهي تڏهن الله تعالي فرمائيندو آهي "اثنیٰ علي عبدي" (منهنجي ٻانهي منهنجي ثنا ڪئي) جڏهن "مالڪ يوم الدين" چوندو آهي تڏهن الله تعالي فرمائيندو آهي "مجدني عبدي" (منهنجي ٻانهي منهنجي بزرگي بيان ڪئي) جڏهن "اياڪ نعبد واياڪ نستعين" چوندو آهي تڏهن الله تعالي چوندو آهي "هاذا بيني وبين عبدي" (هيءَ منهنجي ۽ منهنجي ٻانهي جي وچ ۾ آهي) جڏهن چوندو آهي "اهدنا الصراط المستقيم" تڏهن الله تعالي فرمائيندو آهي: "هذا لعبدي و لعبدي ماسأل" (هيءُ منهنجي ٻانهي لاءِ آهي ۽ منهنجي ٻانهي لاءِ اهو آهي جنهنجو سوال ٿو ڪري) (رواه مسلم). ان ڪري فاتحہ معنیٰ جو خيال رکي پڙهجي. ته جيئن الاهي خطابن جوڳي ٿي سگهي. عوارف المعارف ۾ فرمائي ٿو ته شيخ سراج فرمايو آهي ته، جڏهن ٻانهو تلاوت شروع ڪري ته حاضر دماغيءَ سان ائين شروع ڪري جو ڄاڻجي ته الله کان ٻڌي رهيو آهي. يا الله آڏو پڙهي رهيو آهي. ان طرح جي حاضر دماغيءَ/ حاضر دلي حاصل ٿي سگهي ته بهتر نه ته معنیٰ جو لحاظ رکي پڙهي، يعني چارئي حمد: جمع يا جمع ۽ تفرقہ يا تفرقہ، جمع بتفرقہ ۽ تفرقہ بجمع ثابت آهي الله تعالي لاءِ. حامد ۽ محمود حقيقة ۾ انهن مڙني مرتبن ۾ هن لحاظ کان آهي جو پروردگار مڙني عالمن، معلومن ۽ اعيان ثابت جو آهي. فيض اقدس سان وحديت ۽ احديت جي مرتبي ۾، ۽ رحمان آهي رحمت عامه ۽ وجودي سان، نفس رحماني ۽ ڪمال جلاءِ ظهوريءَ سان، مقدس فيض ذريعي. ۽

رحيم آهي ڪمال درجي جي روشني عطاڪرڻ واسطي. استعداد رڪندڙ کي مشاهده ۽ معائنہ جي مرتبي فناءِ بقا ۽ بقاء البقاءِ دنيا ۾ جي درجي تي پهچاڻ جي لحاظ کان مالڪ جزا جو آهي قيامت جي ڏينهن هر هڪ کي لائق ۽ جوڳي جزا سان سرفراز فرمائيندو. جڏهن جاءِ تي پهچي حامد ۽ محمود تي دل حاضر ڏسي مخاطب ڪري چوي تہ مخصوص تو ڪريان عبادت ۽ عبوديتہ کي توسان. ۽ هن تخصص ۾ خاص تو کان مدد تو گهران. تجلي افعالي، صفاتي ۽ ذاتيءَ سان ۽ قرب نوافل ۽ فرائض ۽ قرب القرب سان. راه ڏيکار مون کي اي الله! نفس، قلب ۽ روح جي اعتبار کان ان سڌي رستي جي جيڪو "مازاغ البصر و ما طغىٰ" هجي. ان دنيا ۽ آخرت مان ڪنهن پاسي کان ڦڏ ۽ ٽيڙ نہ هجي. علم يقين، عين اليقين ۽ حق اليقين سان. اهو رستو هن جيڪو جماعت کي ڏيکاريو اٿئي. اولائڪ الذين انعم الله عليهم من النبيين و الصديقين والشهداء والصالحين. اهڙو رستو نہ جيڪو غضب وارن جو آهي، جو محبوب حقيقيءَ کان سواءِ ڪو مطلوب دل ۾ اچي.

از راه راست ما و غم او روان شديم
دنيا و آخرت بيمين و يسار ماند

۽ نہ اهڙو رستو جنهن تي گمراه ماڻهو هلن ٿا جيڪي ظاهري شان ۽ باطني عزت ۽ مان کان غافل رهن ٿا ۽ ڪنهن نہ ڪنهن مرتبي تي بس ڪري ويهي ٿا رهن. آمين. نهايت عاجزيءَ سان بقاء البقا سان شرف قبوليت طلبيان ٿو: چاڪاڻ تہ ادراڪ/ عرفان ماڻڻ کان عاجزي ڏيکارڻ بہ ادراڪ/ عرفان آهي

ڪسي مرد تمام است گر نہ تمامي
کند باخواجگي ڪار غلامي

ان کان پوءِ قل هو الله احد يا ڪا ٻي سوره معنىٰ جو لحاظ رکي پڙهجي، چاڪاڻ تہ اخلاص مڙني کان خلاصي حاصل ڪرڻ ۽ آجو ٿي وڃڻ جو ذريعو آهي. ان جي معنىٰ دل ۾ رهي تہ بهتر آهي، جهڙوڪ محمد صلي الله عليه وسلم جن جو اهو شان آهي تہ الله جل جلاله متصف آهي، احديت ذاتي، وحدت ۽ احديت جمعي ۽

احديت سان. بي نياز آهي مڙني کان بي پرواهه آهي فناذاتيءَ کان. مڙني سندس اسمائي ۽ صفاتي ڪمال جا محتاج آهن. يا منزهه ۽ پاڪ آهي احديت بابت سلبي وصفن سان متصف ٿيڻ کان. ۽ حمديت ۾ موصوف آهي ثبوتي وصفن سان. ڪوبہ سندس جهڙو ناهي. جو سندس پٽ سڏجي سگهي. ۽ اهو ڪنهن بہ شيءِ سان هڪ جهڙائي نہ ٿو رکي. جيڪو سندس والد ٿئي. ۽ تولد ۾ مماثلت ۽ هڪ جهڙائي شرط آهي، ۽ ان جو ڪوبہ مٽ ۽ برابر ناهي، يعني ان جي ڪو مشابهہ ناهي، فرمان آهي:

ليس كمثله شيءٌ وهو السميع البصير.

جيڪڏهن اها معنيٰ دل ۾ نہ ٿو آڻي سگهي تہ:

الاحسان ان تعبدالله كانك تراه فان لم تكن تراه فانه يراك.

احسان هي آهي تہ تون الله جي ائين عبادت ڪر جهڙوڪ ڪيس ڏسي رهيو آهين جيڪڏهن تون ڪيس ڏسي نہ رهيو آهين تہ اهو تو کي ڏسي رهيو آهي.

هي معنيٰ دل ۾ رکي. يا هيءَ معنيٰ دل ۾ رکي:

الذي يراك حين تقوم و تقلبك في الساجدين.

اهو تو کي ڏسي ٿو جڏهن تون قيام ٿو ڪرين ۽ سجدي ڪندڙن سان سجدو ٿو ڪرين.

يا "اياك نعبد و اياك نستعين" دل ۾ پوري حضور سان متصور هجي. والله الموفق.

عوارف المعارف ۾ آهي تہ حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ نماز چار هيئتون ۽ ڇهہ ذڪر آهن. يعني قيام رڪوع، سجدو، قاعدو، تلاوت، تسبيح، حمد، استغفار دعا ۽ صلواة ۽ هي ڏهہ شيون ملائڪن جي ڏهن صفن ۾ ورهايل آهن. هر صف ۾ ڏهہ هزار فرشتہ آهن. نمازي عبادت جي اندر ٻن رڪعتن ۾ اهي شيون جمع ٿو ڪري جيڪي هڪ لک فرشتن ۾ ورهايل آهن. تنهن ڪري جڳائي تہ هر عمل ۾ انهن عبادت ڪندڙن

جي وصف سان موصوف ٿئي. يعني قيام ۾ قيام ڪندڙ فرشتن جي صفت اپنائي. رڪوع ۾ رڪوع ڪندڙن جي، سجدي ۾ سجدي ڪندڙن جي ان طرح مڙني فرشتن جون وصفون سامهون رهن.

وعن ابن عباس رضي الله عنهما الخشوع في الصلواه ان لايعرف المصلي من علي يمينه و شماله.

ابن عباس کان مروي آهي ته نماز ۾ خشوع هيءُ آهي ته نمازي اهو نه سڃاڻي ته سندس ساڄي ڪير آهي ۽ کاٻي ڪير.

و عن سفيان الثوري من لم يخشع فسدت صلواة

سفيان سوري کان مروي آهي ته جيڪو نماز ۾ خشوع نه ٿو ڪري تنهن جي نماز فاسد ٿي ويندي.

وقال ابو سعيد النخراز اذا ركع احدكم فالادب في ركوعه ان لايبقي مفصل الا هو منتصب نحو العرش ثم يعظم الله حتي لايكون في قلبه شيء اعظم من الله فاذا رفع راسه وقال سمع الله لمن حمده يعلم انه يسمع ذالك وفيه ايضا ومن الساجدين من يكاشف انه يطوي بسجوده بساط الكون والمكان. ويشرح قلبه في فضاء الكشف والعيان يسجد علي طرف رداء العظمة وذالك اقصیٰ ماينتهي اليه طائر الهمة البشرية ومنهم من يكون في بحر شهوده لم يتخلف عن السجود شعره كماقال سيد البشر صلي الله عليه و آله وصحبه وسلم في سجوده سجد لك سوادي وخيالي.

۽ ابو سعيدءن النحراز چيو آهي ته جڏهن توهان مان ڪو رڪوع ڪري ته رڪوع جو ادب هي آهي ته سندس نظر عرش تي هئڻ گهرجي. ۽ الله جل شانه جي اهڙي عظمت دل ۾ رکني جو سندس دل ۾ ڪائنس وڌي ڪابه شيءِ نه هجي. پوءِ جڏهن متو رڪوع مان کڻي ۽ سمع الله لمن حمده چئي ته ڄاڻي ته پڌي رهيو آهي. ان ۾ ئي هي به آهي ته سجدي

ڪندڙن مان ڪي آهن جيڪي پنهنجي سجدي ۾ ڪائنات جي وسعت ۽ پکيڙ پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندا آهن. سندن دل ڪشف ۽ عيان جي فضاءِ ڪلي پوندي آهي. ۽ عظمت جي چادر جي پلو مٿا سجدو ڪندا آهن. هيءُ تمام اتاهون درجو آهي جنهن تائين انساني همت پهچي سگهندي آهي. ڪي اهي آهن جيڪي پنهنجي شهود جي درياهه ۾ هوندا آهن جن جا وار بہ سجدي کان نہ رهندا آهن. جيئن سيد البشر صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي. پنهنجي سجدي ۾ تو کي منهنجو خيال ۽ منهنجو پاڇو بہ سجدو ڪري ٿو. جڳائي تہ رڪوع ۽ سجدو، جيڪو عاجزي ۽ نوڙت جي جاءِ آهي. ان ۾ حق تعالىٰ جي عظمت ۽ وڏائي نہ وسارجي. بلڪہ اهو يانئجي تہ اها ذات عالي مطلق ۽ عظيم برحق مقيدات ۾ ... ڏائي ۽ قرب اختيار ڪرڻ باوجود واقعي عظيم ۽ عالي آهي.

ان طرح مسيح الاولياءَ[1] عين المعاني ۾ نقل ڪيو آهي. ۽ ڪن چيو آهي تہ نماز جا چار شعبا آهن:

1. جسم ۽ جان جو محراب ۾ حاضر هئڻ.
2. بادشاه بخشڻهار جي حضور ۾ عقل جو حاضر هئڻ.
3. شڪ شبهي کان بالا دل جي عاجزي.
4. عاجزي سان ارڪان ادا ڪرڻ.

سو جسم ۽ جان جي حاضريءَ وقت دروازو کلندو. عقل جي حاضرهئڻ وقت عتاب لهندو دل جي حضور وقت حجاب لهندو. عاجزي سان ارڪانن جي ادائگيءَ وقت ثواب ملندو. سو جنهن نفس جي عاجزي کان سواءِ نماز پڙهي سو خطا ڪار آهي جنهن عقل جي حاضر ڪرڻ کان سواءِ نماز پڙهي سو پاپيل آهي. جنهن حضور دل کان سواءِ نماز پڙهي سو فضول نماز پڙهندڙ آهي ۽ جو بنا خشوع جي

---

[1] لفظ مسيح الاولياءِ عين العرفاءِ حضرت صاحب ۽حضرت پير جتي بہ اچي، ان مان مراد شيخ عيسىٰ جند الله آهي، جيڪو هن ڪتاب جي مصنف شيخ فتح محمد جو پيءُ هو. (لڪاتبہ عفي عنہ)

ارڪانن جي ادائگي ڪري ٿو، سو خالي آهي، ۽ جنهن ان کي ائين ادا ڪيو جيئن ٻڌايو ويو ته پوري نماز پڙهندڙ آهي. سيد الطائفه جنيد بغدادي کان پڇيو ويو ته نماز جو فريضه ڇا آهي؟ فرمايائون: قطع العلائق. وجمع الهم. والحضوربين يدي رب الخلائق.

(ٻاهريان) ڳانداپا ٽوڙي ڇڏڻ، سوچون ۽ خيال هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ ۽ خلق جي پالڻهار وٽ پاڻ حاضر ڪرڻ.

۽ شيخ ابو الخير چيو آهي ته مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي خواب ۾ ڏٺو. مون کين چيو ته يارسول الله مون کي وصيحت فرمايو. پاڻ فرمايائون اي ابوالخير نماز توتي لازم آهي. مون پنهنجي رب کان وصيحت گهري جنهن مون کي نماز جي وصيحت ڪئي ۽ چيائين آءٌ توکي سڀ کان وڌيڪ ويجهو ان وقت هوندو آهيان جڏهن تون نماز پڙهندو آهين. قعود وقت جڳائي ته هڙئي مرتبا طئي ڪري ويجهو ٿي ويهڻ واري انداز ۾ ويهجي جيئن مشائخن فرمايو آهي.

الصلواة معراج القلوب والتشهد مقر الوصول.

نماز دلين جو معراج آهي ۽ تشهد وصل جي جاءِ آهي.

الاهيات جي مسافت سماوات ۽ تحيات جي طبقن تي چڙهڻ کان پوءِ رب البريات مٿان سلام ڪرڻ گهرجي ۽ سلام جڏهن پڄائيءَ تي پهچي ته دوستن کي ائين سلام ڪجي ڄڻ هن جهان مان غائب ٿي اجهو هاڻي حاضر ٿيو آهي. ۽ حاضرين کي سلام ڪري رهيو آهي. ان کان پوءِ چئي: "اللهم انت السلام ومنڪ السلام" اهو انتها درجي جي معرفت سان پڙهجي. اهل اسرار يقين لاءِ ايترو مقدار هن رسالي ۾ ڪوڙ آهي. والله الڪافي والمعين.

# جماعت جو بيان

اها سنت مؤڪده آهي ظاهر روايت مطابق. امام زاهدي مجتبیٰ ۾ لکيو آهي ته ظاهر اهو آهي ته تاڪيد مان قوم جي مراد وجوب آهي. ڇاڪاڻ ته استدلال ۾ جيڪي حديثون آيل آهن. سي سخت وعيد رکندڙ آهن. محيط ۾ آهي ته عذر بنا جماعت ڇڏڻ جي اجازت

ناهي. قنيه ۾ آهي ته جماعت ڇڏيندڙ مٿان تعذير واجب آهي. ۽ بدائع ۾ آهي ته جنهن سنت مؤڪده چيو آهي سو به وجوب جي خلاف ناهي، ڇاڪاڻ ته ٻئي هن خصوصيت ۾ برابر آهن. ته شعار الاسلام مان آهن. بحرالرائق ۾ آهي ته اهل مذهب وٽ واجب هئڻ کي ترجيح ڏنل آهي. بدائع ۾ اهو اسان جي عام مشائخ کان نقل ڪيو ويو آهي. (انتهي)

- جماعت پنج وقتي نمازن ۾ واجب آهي. عيدن ۾ هڪ قول مطابق واجب آهي. ۽ جمعي ۾ فرض آهي. تراويح ۽ صلوات ڪسوف ۾ سنت آهي. وتر رمضان ۾ هڪ روايت مطابق مستحب آهي ۽ خسوف جي نماز ۾ ان جي مڪروه هئڻ ۾ اختلاف آهي. رمضان کان پوءِ وتر جي جماعت مڪروه آهي. اڪثر ان خيال جا آهن هڪ روايت مطابق جائز آهي. استسقاء ۾ امام صاحب وٽ جماعت مسنون ناهي. صاحبين وٽ مسنون آهي. ۽ نفل ۾ جيڪڏهن اذان ۽ اقامت چئي سڏي جماعت ڪجي ته مڪروه آهي، البت بنا اذان اقامت ۽ سڏڻ جي جيڪڏهن مسجد جي ڪنڊ ۾ پڙهي وڃي ته مڪروه ناهي. ٻي جماعت جيڪڏهن سڏي اذان اقامت سان ڪئي وڃي ته مڪروه آهي. جيڪڏهن نه ته مڪروه ناهي. پر اها امام جي جاءِ (محراب) کان پري هجي. ۽ اهڙي مسجد جيڪا وهندي رستي تي آهي. ان ۾ جماعت دهرائڻ چو نه اذان اقامت سان هجي، مڪروه ناهي. هن شرط سان ته ان ۾ امام ۽ مؤذن مقرر نه هجي. جماعت ڇڏڻ جي عذرن ۾ هيٺيون شيون شامل آهن.

سخت سيءُ، سخت اوندهه، سخت مينهن، يا رات ۾ گهاٽو جهڙ (اوندهه) البت ڏينهن ۾ اهو عذر ناهي. ننڍي وڏي پيشاب جو اچڻ پڻ عذر آهي. دشمن جو خوف، سفر جو ارادو، ته قافلو (گاڏي) نڪري نه وڃي. عذر آهي، مريض جي سنڀال ( ان صورت ۾ جڏهن ڪيس ڇڏي وڃڻ سان نقصان جو انديشو هجي) يا مال جي سنڀال، جيڪڏهن ان جي ضايع ٿيڻ جو خطرو هجي. ۽ ڪاڏي جي سخت ضرورت (بک) پڻ عذر آهي.

جماعت جڏهن عذر يا بنا عذر جي نڪري وڃي ته مسجد ۾ اچڻ شرط ناهي. ان ڪان پوءِ اڪيلو مسجد ۾ ادا ڪري يا گهر ۾ گهروارن سان جماعت ڪري. ڪن جو چوڻ آهي ته بنا عذر جي گهروارن سان جماعت ڪرڻ مڪروه آهي. هن ۾ اختلاف آهي ته جامع مسجد بهتر آهي يا پاڙي جي مسجد. جڏهن اهي ٻئي نه هجن ته قديم /پراڻي مسجد اختيار ڪري، جيڪڏهن معلوم نه هجي ته جيڪا ويجهي مسجد هجي سا اختيار ڪجي. ۽ طالب علم لاءِ باتفاق پنهنجي استاد جي مسجد بهتر آهي. هيءُ سڀ بحرالرائق ڪان ورتل آهن. جماعت سان پڙهندڙ جي اڪيلي پڙهندڙ مٿان ستاويهه دفعه وڌيڪ فضيلت آهي. هڪ روايت مطابق پنجويهه مرتبا وڌيڪ آيل آهي. جيترا حماعتي وڌيڪ هوندا فضيلت وڌيڪ ٿيندي، جيڪڏهن ڇهه ڇٽا هوندا ته مٿئين فضيلت ماٺيندا. جيڪڏهن هزار هوندا ته هر هڪ مٿين فضيلت سان گڏ هزار نمازن جو ثواب ماٺيندو. مضمرات ۾ تورات ڪان انهيءَ باب ۾ روايت آيل آهي ۽ مشڪوات المصابيح ۾ انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته فرمايو پيغبر صلي الله عليه وسلم ته مرد جي گهر ۾ نماز هڪ نمازآهي. ۽ پاڙي جي مسجد ۾ پنجويهه ۽ جامع مسجد ۾ پنج سئو مرتبه وڌيڪ آهي. ۽ مسجد بيت المقدس ۽ مسجد مديني ۾ پنجاه هزار نمازن جو ثواب آهي. ۽ مسجد حرم ۾ هڪ لک نمازن جو ثواب آهي. (رواه ابن ماجه).

## امامت جون وصفون:

امامت لاءِ سڀ ڪان وڌيڪ بهتر اهو آهي جيڪو سنت جو سڀ ڪان وڌيڪ ڄاڻو آهي. يعني نماز جي مسئلن جو ڄاڻو هجي. مضمرات ۽ سراج الوهاج اهو ذڪر ڪيو آهي، ان ڪان پوءِ اهو جيڪو قرآن عربي قانونن مطابق پڙهي. وقف جي جاءِ تي وقف ۽ وصل جي جاءِ تي وصل ڪان باخبرهجي. ان ڪان پوءِ اهو جيڪو گناه جي مشابهت ڪان پاسو ڪندڙ هجي. ان ڪان پوءِ اهو جيڪو عمر ۾ وڏو هجي. ان ڪان پوءِ اهو جيڪو حسن خلق رکندو هجي. ان ڪان پوءِ اهو جيڪو چهرو سهڻو رکندو هجي. ان ڪان پوءِ اهو جيڪو صاحب

نسب (خانداني) ماڻهو هجي. ان کان پوءِ اهو جيڪو بي طمع امامت ڪري ان کان پوءِ اهو جيڪو ماڻهن ۾ عزت رکندڙ هجي. ان کان پوءِ اهو جيڪو نفيس ڪپڙو شرع موافق پائيندو هجي. هيءَ ترتيب مستحب آهي، ۽ اڪثر ڪتابن ۾ مذڪور آهي، ۽ فتاویٰ ارشاد ۾ آهي ته واجب آهي ته امام علم، تقویٰ، قرائت ۽ حسب نسب ۾ افضل هجي. ان تي امت جو اجماع آهي، انتهیٰ. واضح هجي ته هيءَ دعویٰ بنا دليل آهي. پر ان جي توجيهه امامت ڪبریٰ سان ڪري سگهجي ٿي. پر ان ۾ بحث آهي.

- مقتدي، جيڪي امام جي ويجهو بيهندڙ هجن، سي امامت جوڳا هئڻ گهرجن. ته جيئن امام جي وضو ٽٽي پوڻ. يلجي پوڻ، ۽ ٻين ڳالهين ۾ ڪم اچي سگهن. حديث ۽ فقهه ۾ ان طرح مقرر آهي. ٻار/ ڇوڪري، جهنگلي ماڻهوءَ، فاسق، بدعتي، انڌي، ولد الزنا ۽ اهڙي شخص جي امامت، جنهن کان ماڻهو ان ڪري ناراض هجن، ته مسنون ۽ مستحب وڏيڪ ٿو ادا ڪري ( ۽ ماڻهو ڪانئس اڪتائجن ٿا ) شرح قدوريءَ ۾ ان جي وڌيڪ وضاحت آهي.
- صرف عورتن جي جماعت مڪروه تحريمي آهي. جيڪڏهن جماعت ڪن ته امام ڪي وچ ۾ بيهارين جيئن اگهاڙن جي جماعت ۾ ٿيندو آهي.
- مقتدي جيڪڏهن هڪ هجي ته ساڄي پاسي امام جي برابر بيهي.[1] ۽ امام محمد کان هڪ روايت ۾ آهي ته آڱريون امام جي کڙيءَ جي ويجهو رکي. جيڪڏهن کاٻي پاسي بيهندو ته نماز مڪروه ٿيندي، جيڪڏهن ٻه مقتدي هجن. ته امام اڳيان بيهي. ظاهر روايت مطابق. هڪ روايت مطابق کيس اختيار آهي، گهري ته اڳيان بيهي گهري ته وچ ۾ بيهي، ٻئي جائز آهن. البته جيڪڏهن ٽي هجن ته اڳيان بيهڻ گهرجي، وچ ۾ نه بيهڻ گهرجي، اهو

---

[1] جيڪڏهن هڪ مقتدي هجي ته امام جي ساڄي پاسي برابر بيهي. جيڪڏهن ٻه هجن ته امام جي پٺيان بيهن. هڪ امام جي پٺيان ٻيو ساڄي پاسي، جيڪڏهن امام سان هڪ مقتدي هجي. ان کان پوءِ ٻيو اچي ته امام کي گهرجي ته اڳيان ٿي وڃي (ارشاد المؤمنين، مختصر قدوري ۽ تاتار خاني)

مڪروه آهي. اهو بحرالرائق ۾ اسبيجابي کان منقول آهي. فتح القدير ۾ آهي ته امام جو اڳيان بيهڻ واجب آهي ۽ امام جو بغير محاذات جي وچ ۾ بيهڻ مڪروه آهي. انتهي محصله.

- جيڪڏهن ڪو شخص ساڄي پاسي هجي. جڏهن ٻيا اچن ته انهن کي گهرجي ته تڪبير چئي ان کي ڇڪين. جيڪڏهن تڪبير کان اڳ ڇڪيندا ته مقتديءَ جي نماز هڪ روايت مطابق فاسد ٿي ويندي. ٻاهرئين ماڻهوءَ کي جواب ڏيڻ جي ڪري. ۽ صحيح اهو آهي ته نماز فاسد نه ٿيندي. (بحرالرائق).
- پهرين صف آزاد مردن جي. ان کان پوءِ آزاد ٻارن جي، ان کان پوءِ بالغ غلامن جي، ان کان پوءِ نابالغ غلامن جي ان کان پوءِ بالغ ڪدڙن جي، ان کان پوءِ نابالغ ڪدڙن جي. اهڙيءَ طرح ٻارنهن قسم ٿيندا. (شرح منيه). بحرالرائق ۾ آهي ته انهن جي ظاهر ڪلام مطابق مرد آزاد هجن يا غلام ٻارن کان اڳيان هئڻ گهرجن.
- جيڪڏهن نماز پڙهندڙ سان برابر ۾ ڪا عورت اچي ملي بيٺي ته ان جي نماز فاسد ٿي پوندي. چو نه هڪ پاسي کان هجي، هڪ زال جي ڪري ٽن شخصن جي نماز فاسد ٿي ويندي. (ساڄي پاسي کاٻي پاسي ۽ پٺيان بيٺلن جي) شرط آهي ته شهوت واري عورت هجي. يعني لائق، بالغ هجي، اوپري هجي، زال هجي، محرمه هجي يا پوڙهي ۽ بدصورت هجي. رڪوع ۽ سجدي واري نماز هجي ( حقيقتاً يا حڪاماً) پر شرط اهو آهي ته ٻئي نماز ادا ڪرڻ ۾ ساڳئي امام پٺيان هجن ۽ امام زالن جي اقتدا جي نيت ڪئي هجي. ۽ هڪ ئي جڳهه ۾ هجن. يعني اقامت جي لحاظ کان مختلف نه هجن ۽ وچ ۾ هڪ گز جي وٿي نه هجي، ته نماز فاسد ٿيندي. پر جيڪڏهن انهن شين مان ڪا هڪ ڳالهه به فوت ٿي ته نماز فاسد نه ٿيندي. هي سڀ بحرالرائق مان آندل آهي. البت ڪدڙي جي پر ۾ بيهڻ بابت فتح القدير ۾ آهي ته سيني وضاحت ڪئي آهي ته فاسد نه ٿيندي، سواء ڪنهن منفرد صورت جي ان بابت روايت ۾ دليل موجود نه آهي. جيئن ان جي تصريح ڪئي اٿن ۽ درايت ۾ پڻ، چاڪاڻ ته ان جي به انهن تصريح ڪئي آهي ته عورت جي ڪري نماز جو فاسد ٿيڻ

شهوت جي ڪري ناهي بلڪ فرضيت مقام جي ڇڏڻ جي ڪري آهي، ۽ اهو حڪم چوڪرن لاءِ ناهي. انتهي.

- زالون جماعت ۾ شامل نہ ٿين. البت پوڙهيون، جيڪي جوانيءَ جي اسبابن کان بنهہ وانجهيل هجن پر شرط آهي تہ بنا سينگهار ڪرڻ جي اچن. سي ظهر ۽ عصر کان سواءِ ٻين نمازن ۾ حاضر ٿين. اهو جائز آهي. اهو امام ابو حنيفہ جو مسلڪ آهي. امام ابو يوسف ۽ محمد مڙني نمازن ۾ اچڻ جائز مڃن ٿا. ۽ اعتماد امام صاحب جي مذهب تي آهي. (البحرالرائق).
- مرد جو عورت پٺيان نماز پڙهڻ، نابالغ پٺيان پڙهڻ، پاڪائيءَ واري جو معذوريءَ جي ڪري بنا پاڪائيءَ واري پٺيان پڙهڻ، پڙهيل جو اڻ پڙهئي جي پٺيان پڙهڻ، ڪپڙن واري جو اگهاڙي پٺيان نماز پڙهڻ، سالم ماڻهوءَ جو اشارن سان نماز پڙهندڙ پٺيان نماز پڙهڻ، ۽ فرض پڙهندڙ جو نفل پڙهندڙ جي پٺيان پڙهڻ، نماز کي فاسد ڪري ٿو.
- وضوءَ واري جي تيمم واري جي پٺيان، ڌوئيندڙ جي مسح واري جي پٺيان، بيٺل جي ويٺل جي پٺيان، ڪبي پٺ واري جي پٺيان، اشارن واري جي پاڻ جهڙي پٺيان، نفل پڙهندڙ جي فرض پڙهندڙ جي پٺيان نماز پڙهڻ جائز آهي.
- جيڪڏهن ظاهر ٿئي تہ امام بنا وضوء جي نماز پڑهائي آهي تہ موٽائڻ لازم آهي. امام جڏهن پنهنجي حال کان واقف ٿئي، سي مقتدي موجود هجن تہ اعلان ڪري. جيڪڏهن ٽڙي پکڙي ويا هجن تہ پاڻ موٽائي پڙهي، ان طرح ذخيره العقبیٰ ۾ آهي. بحرالرائق ۾ مبتغي کان منقول آهي تہ اعلان ڪرڻ لازمي ڪونهي. ۽ اهو ڇڏي ڏيڻ سان گنهگار نہ ٿيندو. معراج الدرايہ کان منقول آهي تہ جڏهن جماعتي متعين ۽ سڃاتل هجن تہ ضروري ناهي، ۽ مجتبیٰ کان منقول آهي تہ جيستائين بہ ممڪن ٿئي زبان، خط يا قاصد وغيره سان اطلاع ڪجي صحيح مذهب مطابق. انتهي. محصلہ.

# جمعي جي نماز جو بيان

## جمعي جي نماز جي ادا ڪرڻ لاءِ ڇهه شيون شرط آهن:

1. شهر جنهن ۾ امير ۽ قاضي احڪام نافذ ڪندڙ موجود هجي. اتي شهر اندر يا عيد گاهه ۾ جيڪو 'فناء مصر' جي حڪم ۾ هجي، ان ۾ نماز جائز آهي. ۽ شهر جي ايراضي ڪن تي ڪوهه مقرر ڪئي آهي. ۽ ان تي فتوىٰ ڏني آهي. ۽ ايتري ئي حد (تائين جيڪي شهر کان ٻاهر جا ڳوٺ هجن انهن تي جمعي نماز) واجب ٿئي اٿن. بدائع ۾ ان جي حد اها ٻڌايل آهي ته نماز جمعي کان فارغ ٿي بنا تڪليف جي گهر پهچي سگهجي. ۽ ڇيو اٿس ته هيءَ راءِ سهڻي آهي. بحرالرائق به ان کي پسند ڪيو آهي.
   - هڪ شهر ۾ مختلف جاين تي جمعي جي نماز جائز آهي، اهو ئي صحيح آهي جيئن زيلعي ڇيو آهي. فتوىٰ به ان تي آهي. جيئن فتح القدير ۾ آهي، ۽ امام سرخسي لکيو آهي ته اهو صحيح آهي. ۽ ان کي ونون ٿا.
2. شرط جمعي جي نماز ادا ڪرڻ بابت آهي بادشاه يا ان جو نائب، نائب مان مراد شهر جو امير (ميئر/ناظم) آهي ان کان پوءِ ڪوتوال، پوءِ قاضي ۽ پوءِ هر اهو جنهن کي ان جي اجازت هجي. اهو شرط مسجد ٺهڻ وقت آهي. ان کان پوءِ مختلف خطيب جن کي مسجد جي متوليءَ کان مطلق اجازت حاصل آهي. يا اهڙو خطيب جنهن کي پاڻ اجازت حاصل هجي اهو هئڻ گهرجي. جيئن بحرالرائق ۾ تفصيل سان مذڪور آهي.
3. شرط ظهر جو وقت هئڻ آهي. جيڪڏهن سلام کان اڳ پاڇو شيءِ جي قد جي ٻيڻ کان وڌي ويو ته نماز فاسد ٿي پوندي. ان تي سيني جو اتفاق آهي. امام ابو يوسف ۽ محمد ۽ ٻين وٽ شيءِ جي قد کان پاڇو وڌيڪ ڏٺو تيو ته نماز فاسد ٿي ويندي.
4. شرط ٻه خطبا نماز کان اڳ پڙهڻ آهي. ان ۾ پندرهن شيون سنت آهن.

I. وضو
II. اُٿي بيهڻ
III. عوام ڏانهن منهن ڪرڻ
IV. دل ۾ يعني آهستي اعوذ بالله چوڻ
V. زوَر سان پڙهڻ تہ جيئن عوام ٻڌي.
VI. جوڳي حمد ۽ ثنا سان شروع ڪرڻ.
VII. ٻئي شهادتون پڙهڻ
VIII. نبي صلي الله عليه وسلم جن تي درود پڙهڻ
IX. وعظ نصيحت ڪرڻ
X. جيترو سولو ٿئي ان ۾ قرآن پڙهڻ
XI. ٻن خطبن وچ ۾ ويهڻ
XII. ٻئي خطبي ۾ حمد ثناءِ صلوات دهرائڻ
XIII. مؤمنن ۽ مؤمنائين تي گهڻيون دعائون پڙهڻ
XIV. ٻئي خطبا طوال مفصل جيترا هئڻ گهرجن. ان کان مٿي مڪروه آهن. مجتبىٰ ۾ ان طرح آهي.
XV. لٺ يا اهڙي ٻي شيءِ هٿ ۾ کڻڻ. خلاصہ ۾ آهي تہ مڪروه آهي. پر حاوي قدسي تلوار تي ٽيڪ ڏيڻ جو چيو آهي. بحرالرائق مان ظاهر اهو آهي تہ تلوار ۽ ٻي ڪنهن شيءِ ۾ فرق ڪونهي. بلڪہ صحيح حديث مان جيڪو معلوم ٿئي ٿو. اهو جائز هئڻ آهي بلڪہ سنت آهي، جيئن سعيد القرظ کان مروي آهي تہ نبي صلي الله عليه وسلم جن جڏهن جنگ جي ميدان ۾ خطبو ڏيندا هئا. تہ ڪمان تي خطبو ڏيندا هئا. جڏهن جمعي جو خطبو ڏيندا هئا تہ لٺ تي ڏيندا هئا. ان کي ابن ماجہ روايت ڪيو آهي ۽ صحيح مستدرڪ ۾ حاڪم ۽ سنن بيهقي ۾ بيهقيءَ ۽ ان وانگر عطا کان مرسلا امام شافعي روايت ڪيو آهي، امام سيوطي پنهنجي شمائل ۾ انهن ٻنهي جو ذڪر ڪيو آهي. البتہ

بادشاه جي دعا، جيڪڏهن عادل آهي تہ جائز آهي، جيڪڏهن ظالم آهي تہ مڪروه آهي، وچ ۾ ڳالهائڻ جائز آهي. پر صحيح اهو آهي تہ ماٺ ڪرڻ واجب آهي.

- خطبي ۾ فرض ادائيءَ جي لحاظ کان الحمدلله يا سبحان الله يا لا الہ الاالله خطبي جي ارادي سان چوڻ امام اعظم وٽ ڪافي آهي. صاحبين وٽ تشهد "عبده و رسولہ" تائين پڙهڻ ضروري آهي.

5. شرط آهي جماعت، جيڪا ٽن جي عدد سان ٿي سگهندي، امام انهن کان سواءِ هجي. ٽن جي عدد ۾ شامل آزاد، غلام، مقامي، مسافر، بيمار، پڙهيا، اڻ پڙهيا، ڳالهائي سگهندڙ يا گونگا ڪير بہ هجن انهن جي تخصيص ڪانهي. البت ٻار ۽ زالون شمار ۾ نہ اينديون.

6. شرط عام اجازت آهي، جيڪڏهن بند قلعي ۾ امام پنهنجي لشڪر سان گڏ نماز پڙهي تہ جائز نہ ٿيندي. جيڪڏهن بند ڪيل مسجد ۾ جمعو پڙهيو وڃي تہ بہ جمعو صحيح ناهي. عيدن جي نمازن جو پڻ ساڳيو حڪم آهي.

- جمعي جي نماز جي نيت هن طرح ڪجي:

نويت ان اسقط فرض الظهر عن ذمتي باداءِ صلوات الجمعه

نيت ڪريان ٿو تہ ظهر جو فرض، جمعي جي نماز ذريعي پنهنجي ذمي مان لاهيان.

عربي فارسي يا هندي سنڌي جيڪا دل کي وڻي تنهن زبان ۾ دل ۾ چوڻ گهرجي. آهستي چوڻ مستحب آهي يا بدعت حسنہ آهي. تنهن بابت ڪلام گذري چڪو.

## نماز جمعي جي وجوب جا شرط:

نماز جمعي جي واجب ٿيڻ لاءِ پڻ ڇهہ شرط آهن:

1. اقامت.
2. مردهئڻ.
3. تندرست هئڻ.

4- آزادي.
5- ٻئي اکيون سلامت هجن.
6- پيرن جو سلامت هئڻ. تنهن ڪري مسافرن، بيمارن، غلامن، انڌن ۽ ڀنهي پيرن کان منڊن تي واجب ڪونهي. البت ڪانٽي ۽ هڪ پير کان جيڪو منڊو آهي اڻ تي واجب آهي. جنهن تي جمعي جي نماز لازم ڪانهي سو جيڪڏهن ادا ڪندو ته جائز آهي ان وقت (ظهر) جي عيوض ۾ مسافر ۽ غلام اچڻ کان پوءِ جيڪڏهن امامت ڪري ته جائز آهي، ۽ انهن سان گڏ جمعو پڻ منعقد ٿي سگهي ٿو. جيئن معلوم ٿيو.

- جنهن شخص وٽ ڪو به عذر نه هجي. سو جيڪڏهن ظهر نماز جمعي ادا ڪرڻ کان اڳ پڙهندو ته مڪروه تحريمي ٿيندي. بلڪ قطعي حرام ٿيندي. ان جي بحرالرائق ۾ تصريح ڪيل آهي ۽ چيل آهي ته "قطعي حرام آهي." جيڪو جمعي جي فرضيت جو انڪاري آهي سو الله تعالىٰ جو انڪاري آهي.
- ظهر نماز جمعي ادا ڪرڻ کان اڳ جيڪڏهن ادا ڪئي وئي ته صحيح ٿيندي. ۽ جيڪڏهن گهر ۾ ادا ڪرڻ کان پوءِ جمعي جي نيت سان ٻاهر نڪتو ته ظهر باطل ٿي ويندي جمعو ملي يا نه ملي.
- معذور ۽ قيديءَ لاءِ جمعي ادا ٿيڻ کان اڳ ظهر جماعت سان پڙهڻ مڪروه آهي، ۽ ٻين لاءِ انتهائي سخت مڪروه آهي. بحرالرائق ۾ آهي ته جمعي جي ڏينهن ظهر نماز جماعت سان ادا ڪرڻ مطلقاً مڪروه آهي ۽ جيڪو جمعي جي نماز ۾ امام سان تشهد ۾ شامل ٿيو يا سهو جي سجدي ۾ شامل ٿيو ته سندس جمعي جي نماز ٿي ويندي، امام ابو حنيفه يا ابو يوسف وٽ البته امام محمد وٽ آهي ته جيڪڏنهن ٻي رڪعت اڪثر ملي وڃي ته جمعي جي نماز ڪري پڙهي. جيڪڏهن نه ته ظهر ڪري پڙهي.
- جنهن وقت امام اڳيان اچي وڃي. يعني جڏهن ممبر تي ويهڻ لاءِ اچي وڃي تڏهن نماز نفل ۽ جمعي جي سنت، تحية المسجد وغيره نه پڙهجي. پر جيڪڏهن سنت ۾ هجي ته هڪ روايت مطابق ٻن

رڪعتن تي ٽوڙي ڇڏي، جيئن شيخ ابن همام ان کي اختيار ڪيو آهي. ٻي روايت مطابق پورو ڪرڻ گهرجي. اهو ئي صحيح آهي. جيئن بحرالرائق ۾ آهي، ۽ ڳالهائڻ پڻ بنهه نه گهرجي، سواءِ امر بالمعروف جي. جنهن جو خطيب مجاز آهي. تسبيح، ذڪر ۽ قرائت ۾ اختلاف آهي. ڪن ان کي جائز قرار ڏنو آهي. ۽ ڪن ان کان منع ڪئي آهي. نهايه ۽ غايه ۾ آهي ته پهريون خيال (مذهب) صحيح آهي. امام زيلعي جو چوڻ آهي ته ماٺ ڪرڻ وڌيڪ احتياط واري ڳالهه آهي. بحرالرائق ۾ آهي ته اختلاف خطبي شروع ٿيڻ کان اڳ جي باري ۾ آهي، البته خطبي جي وقت ڳالهائڻ مڪروه تحريمي آهي. امر بالمعروف چو نه هجي. جيئن ان جي خلاصه وغيره ۾ به تصريح ٿيل آهي. ۽ چيو اٿس ته امام جي نڪرڻ مهل خطبي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ۽ لهڻ مهل تڪبير چوڻ کان اڳ ۾ ڳالهائڻ ۾ ڪوبه حرج ڪونهي. پر بحرالرائق ۾ عيون کان منقول آهي ته اتي مراد آذان جو جواب ڏيڻ آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڳالهائڻ مڪروه آهي. ان تي اجماع آهي.

- فقهه جي ڪتابن جو مطالعو ۽ انهن جي تصحيح ابو يوسف وٽ جائز آهي. هٿ يا آڱر جي اشاري سان ڪا اڻ وڻندڙ شيءِ هٽائڻ ۾ به ڪو حرج ڪونهي. (بحرالرائق). چاڻڻ گهرجي ته امام جي ماٺ ڪرڻ مهل يعني شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ تسبيح ذڪر ۽ قرائت صحيح روايت مطابق جائز آهي. پر خطبن جي وچ ۾ جڏهن امام ويهي تڏهن دعا تنهن کان پوءِ جائز ٿيندي. خاص طور تي صحيح حديثن ۾ آيل آهي ته قبوليت جي گهڙي امام جي خطبي ۾ ويهڻ کان وٺي نماز پوري ٿيڻ تائين آهي، جيئن صحيح مسلم ۾ صحيح روايت آهي. ۽ امام نووي شرح مسلم ۾ ان جي پڪ ڪئي آهي. ۽ چيو آهي ته اهو ئي صحيح آهي، تنهن ڪري جڳائي ته ويهڻ وقت، جيڪو ظاهر روايت مطابق ٽن آيتن جيترو وقت آيل آهي، جيئن تجنيس وغيره ۾ آهي. ربنا آتنا في الدنيا حسنة وفي الآخرت حسنة وقنا عذاب النار. معنىٰ جو لحاظ رکي پڙهڻ گهرجي. جو ظاهر روايت

۽ صحيح حديث تي عمل ٿي سگهي. جيڪڏهن هٿ کڻي دعا گهرجي ته دعا جي طريقي، جيڪو حديث ۾ آيل آهي. سان موافقت ٿي پوندي ۽ بزرگن جو عمل پڻ ان تي آهي.

- خطبي ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جو نالو مبارڪ اچي ته دل ۾ درود پڙهجي. اهوئي درست آهي. جيئن فتح القدير ۾ آهي، عيدين، حج، نڪاح، ختم قرآن جو خطبو ٻڌڻ واجب آهي. صحيح اهو آهي ته شروع کان پڇاڙيءَ تائين واجب آهي. چو نه ان ۾ حاڪمن جو ذڪر هجي. ان طرح مجتبىٰ ۽ امام زاهديءَ ۾ آيل آهي. ان بنياد تي جمعي جي سنت بادشاهن جي ذڪر تيڻ مهل ڇڏڻ واجب آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ماٺ رهڻ آهي، يا ان ڪري ته ان وقت ۾ سنت پوري نه ٿي سگهندي، ۽ خطبي جو رهيل حصو جيڪو ٻڌڻ واجب آهي سو هٿان هليو ويندو. بلڪ تڪبير مان به ڪجهه ڇڏائجي ويندو. جيئن ان جو تجربو ٿيو آهي. تنهن ڪري سنت جمعي نماز کان پوءِ ادا ڪرڻ گهرجي. مقرر سنتن کان اڳ ۾ ڇاڪاڻ ته قضا انهن کان مقدم آهي. جيئن بحرالرائق ۾ ان جو ذڪر آهي.
- خطبه، جيڪو بالاجماع خطبو آهي، تنهن جي ٻڌندڙ مٿان اهي شيون مڪروه آهن جيڪي نماز ۾ مڪروه آهن. مثال: کائڻ، ليٽڻ هرويرو هٿ پير مروٽڻ، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ، البته قرائت قرآن، ذڪر ۽ سوچ ويچار جائز هئڻ، ٻڌڻ جي حالت ۾ مختلف فيه آهي. ان طرح بحرالرائق ۾ آهي. هتي اهو سمجهه ۾ ٿو اچي ته خطبه ٻڌڻ لاءِ ويهڻ وقت نماز وانگر ويهڻ گهرجي. يعني هٿ ٻڌي يا ران تي رکي ويهڻ. جو نماز ۾ انهن ٻنهي هٿن کان بنا ويهڻ عذر کان سواءِ مڪروه آهي. ۽ بهتر ائين ٿيندو ته نماز جي ترتيب مطابق پهرئين خطبي ۾ هٿ ٻڌجن ۽ ٻئي ۾ ران تي رکجن. ڪن فضلاءَ کان ٻڌل آهي ته روايت پڻ ان طرح آهي.
- نماز جو سعيو ڪرڻ، واپار ڇڏڻ ۽ ان کان سواءِ اهڙي جيڪا به شيءِ نماز ۾ رڪاوٽ ٿئي تنهن مان هٿ ڪڍڻ پهرين آذان ٻڌڻ شرط واجب آهي. جيڪا زوال کان پوءِ ٿيندي

آهي، اهو ئي مذهب ۾ صحيح آهي. ڪن چيو آهي تہ خطبي جي آذان کان پوءِ چڏڻ گهرجي پر اهو قول ضعيف آهي. ان طرح بحرالرائق ۾ آهي، ۽ ان ۾ ئي آهي تہ آذان کان پوءِ ڪم ۾ مشغول ٿيڻ مڪروه تحريمي آهي. انتهي. بظاهر غسل جائز هئڻ گهربو، والله اعلم. ۽ اذان سنت بابت فتاوىٰ حجت ۾ مذڪور آهي. چيائين پهرين اذان کان پوءِ ان کان پوءِ سنت ۽ خطبي کان اڳ اذان ڏبي. هدايه جي حاشيه ۾ آهي تہ سنت واري اذان حجاج جي پيداڪيل آهي، منهنجو شيخ ۽ پيءُ يعني عين العرفاءِ ۽ مسيح الاولياء فرمائيندو هو تہ صحابہ جي موجودگيءَ ۾ بنا اختلاف جي ان کي شروع ڪيائين، تنهن ڪري ان جي جواز تي اجماع آهي، ۽ ان ڪري اها بدعت ناپسنديده نہ پر سهٽي آهي. (منڪره نہ حسنه آهي) بهرحال ڏيڻ واري کي جهلبو ڪونہ. البت خطبي جي اذان بالاجماع سنت مؤڪده آهي، جيئن گذريو. جمعي جي ڏينهن غسل ڪرڻ سنت مؤڪده آهي جيئن گذريو. ۽ جي ميسر هجي تہ خوشبو مکڻ مستحب آهي سٺو ڪپڙو پهرجي ۽ پهرين صف ۾ حاضر تجي. جو حديث ۾ آهي تہ جيڪو پهريائين حاضر ٿيندو، پهرين صف ۾ رؤيت (الله کي ڏسڻ) ماڻيندو.

- جمعي ۾ قرائت ظهر جي نماز مثل هئڻ گهرجي. يعني طوال مفصل مان پڙهجي. ۽ سنت اها آهي تہ پهرين رڪعت ۾" سبح اسم" ۽ ٻيءَ ۾ "هل اتڪ" پڙهجي. پر هميشگي نہ ڪجي تہ جيئن عوام ان کي واجب نہ سمجهي. جيئن بدائع ۾ آهي.
- ڪلها اورانگهي لنگهڻ مڪروه آهي. خاص طور جمعي جي ڏينهن. صحيح حديث ۾ آهي تہ جمعي جي ڏينهن جيڪو ڪلها اورانگهيندو، تنهن کي قيامت جي ڏينهن جهنم جي پل بنايو ويندو. بحرالرائق ۾ آهي تہ: جيڪڏهن ڪنهن کي ايذاءُ نہ ٿو پهچي، جو نہ ڪپڙي تي لت اچي نہ جسم تي، تہ اورانگهڻ ۽ امام جي ويجهڙو

ٿيڻ ۾ ڪو پڻ ڪونهي ۽ اسان جي مسلڪ وارن (حنفين ) کان ائين منقول آهي ته جيستائين امام خطبو شروع نه ڪيو آهي تيستائين اورانگهي اڳتي وڃڻ ۾ ڪو به حرج ڪونهي. انتهي. پر جيڪو اورانگهڻ ڏکوئڻ جو موجب ٿئي. خطبي کان اڳ هجي يا پوءِ هر صورت ۾ مڪروه آهي، جو مسلمان کي ڏکوئڻ ان جي قتل ڪرڻ برابر آيل آهي.

# عيد جي نماز جو بيان

نماز عيد، جنهن مٿان جمعو واجب آهي، تنهن تي واجب آهي. عيد جا شرط به ساڳيا جمعي وارا شرط آهن. سواءِ خطبي جي، جو جمعي ۾ اهو فرض آهي ۽ عيد ۾ سنت مؤڪده. البت اچڻ کان پوءِ ان جو ٻڌڻ واجب آهي. جيئن بحرالرائق ۾ آهي. ۽ مٿي ذڪر به ٿيو. ۽ خزائة الروايات ۾ آهي ته ٻڌڻ پڻ سنت آهي.

- عيد الفطر ۾، نماز کان اڳ کاڌو کائڻ، غسل ڪرڻ، ڏندڻ ڪرڻ، خوشبو مکڻ، سٺو ڪپڙو جيڪو ملڪ ۾ ميسر ٿي سگهي، سو پهرڻ، صدقه فطر ادا ڪرڻ مستحب آهي. ان کان پوءِ عيد گاه ڏانهن متوجهه ٿجي. فطره جو مقدار اڌ ٽويو آهي. جيڪو چار رطل ٿئي ٿو. سو جيڪڏهن ڪڻڪ، اٽو، يا ستون آهي ته ٻه سير هڪ پاءُ شاهجهاني ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪارڪون يا جوَ هجن ته هڪ ٽويو ڏجي. اهو عيد الفطر جي صبح مهل واجب ٿئي ٿو. اڳي يا پوءِ ڏيڻ به جائز آهي، صاحب نصاب يعني جيڪو ساڍا ٻاونجاهه تولا سون، يا ان جي قيمت سواءِ رهائش، لٽي ڪپڙي، گهر جي ٿانون، سواريءَ ۽ خادم وغيره جي پاڻ وٽ رکندو هجي، تنهن تي فطرو پنهنجي پاران ۽ پنهنجي ننڍن ٻارن، ٻانهيءَ ۽ غلام جي طرفان واجب آهي، زال ۽ وڏي پٽ پاران ڏيڻ مٿس واجب ڪونهي.
- عيد الفطر ۾ رستي ۾ تڪبير چوڻ امام اعظم وٽ ناهي. البته

صاحبين وٽ آهستي چوڻ گهرجي ۽ اهو امام صاحب کان پڻ مروي آهي، صاحب خلاصہ وٽ پهريون مذهب صحيح آهي. شيخ ابن همام ہئي کي ترجيح ڏني آهي. پر صاحب بحرالرائق ان کي قبول نہ ٿو ڪري، البتہ محدثن وٽ ہي راءِ کي ترجيح ڏنل آهي. جيئن عمل اليوم والليلہ وغيره ۾ آيل آهي.

> كان النبي صلي الله عليه وسلم يكبر في الفطر حين يخرج من بية حتىٰ ياتي المصلي
>
> "نبي صلي الله عليہ وسلم جن عيد الفطر ۾ جڏهن گهر کان نڪرندا هئا تہ تڪبيرون چوندا هئا، ويندي عيد گاهہ پهچڻ تائين."

راقم ان کي بحرالرائق جي حاشيي ۾ تفصيل سان لکيو آهي. ۽ ان ڪري پڇاڙيءَ ۾ چيو اٿس تہ امام صاحب جي تڪبير نہ چوڻ مان مراد ڏاڍيان چوڻ آهي. والله اعلم.

- نماز عيد کان اڳ عيد گاهہ ۾ نفل بالاتفاق مڪروهہ آهي. ۽ صحيح روايت مطابق گهر ۾ پڻ. البت نماز عيد کان پوءِ جمهور جي راءِ مطابق عيد گاهہ ۾ مڪروهہ آهي. البت عيد گاهہ مان نڪرڻ کان پوءِ جائز آهي. بغير ڪنهن ڪراهت جي. بلڪ مستحب آهي، تہ چار رڪعتون عيد گاهہ کان ڏار ٽيڻ کان پوءِ پڙهجن. ۽ پهرين رڪعت ۾ فاتحہ کان پوءِ سبح اسم. ٻيءَ ۾ والشمس، ٽينءَ ۾ والضحىٰ ۽ چوٿينءَ ۾ اخلاص پڙهڻ سان ڄڻ سمورن الاهي ڪتابن جي تلاوت ٿي وئي ۽ سمورن يتيمن کي ڍؤ ڪرائي ڇڏيائين. ان ڏينهن جي اهل زمين جي عمل جيڏو ثواب پاتائين. ۽ پنجاهہ سالہ سندس گناهہ بخشجي ويا. ان کي ابن الجوزي سلمان فارسيءَ کان ڪتاب النور ۾ مرفوعا نقل ڪيو آهي. حافظ صلاحي عمل اليوم والليلة ۾ ان کي نقل ڪيو آهي.
- عيد نماز جو وقت سج نيزي جيترو مٿي ٿيڻ وقت ٿئي ٿو. ۽ زوال تائين رهي ٿو.
- عيد نماز ہہ رڪعتون آهي. (ان جو طريقو هيءُ آهي تہ) تڪبير

کان پوءِ ثنا پڙهجي، هر رڪعت ۾ ٽي تڪبيرون چئجن، پهرين رڪعت ۾ قرائت کان پهريائين ۽ ٻيءَ رڪعت ۾ قرائت کان پوءِ ۽ هر تڪبير جنهن کان پوءِ قرائت، دعا يا قرآن آهي تنهن پٺيان هٿ ٻڌجن. ٻين ۾ هٿ ڇڏي ڏجن. تڪبيرن جي وچ ۾ ٽن تسبيحن جيترو وقت وقفو ڪجي. جيئن مٿي پڻ ذڪر ٿيو.

- عيد نماز کان پوءِ ٻہ خطبا سنت آهن. انهن ۾، جيڪڏهن عيد الفطر آهي تہ فطري جي احڪامن جي حمد ۽ ثنا کان پوءِ تعليم ڪجي. نہ تہ اضحيہ جا مسئلا ۽ تشريق جي تڪبيرن جا مسئلا بيان ڪجن.
- جيڪڏهن عيد نماز امام سان پٺيان پڙهڻ کان رهجي وڃي تہ ان جي قضا نہ ٿيندي. جيڪڏهن مسبوق يا لاحق هجي تہ باقي نماز ادا ڪري. عذر جي صورت ۾ ٻئي ڏينهن تائين امام باجماعت ادا ڪري سگهي ٿو. ان کان پوءِ نہ.
- عيد الاضحیٰ ۾ پڻ مٿيان ساڳيا احڪام آهن. سواءِ هن جي تہ نماز کان فارغ ٿيڻ کان اڳ نہ کائجي جو مڪمل روزي جو ثواب حاصل ٿئي ٿو. ۽ ٽن ڏينهن اندر جيڪو مري ٿو سو شهيد آهي. اها روايت ابو موسیٰ الحافظ الصلاحي جي عمل اليوم والليلة ۾ آيل آهي.

## فصل

# قرباني جو بيان

- قرباني مسلمان، آزاد، مقيم (جيڪو مسافر نہ هجي) ۽ شاهوڪار جي مٿان پنهنجي طرفان واجب آهي ۽ پنهنجي ننڍي پٽ طرفان واجب ناهي.
- اضحیٰ ۾ ڏيگو يا ٻڪرو وغيره بنا سڱن وارو، خسي يا ديوانو جائز آهي. البتہ انڌو، ڪاڻو، ڏٻرو، اڌ کان مٿي ڪن يا پڇ وڍيل جائزناهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ان جو پڇ گهڻو وڍيل هوندو تہ بہ جائز نہ ٿيندو.
- قرباني اٺ، ڳابي ۽ ٻڪر جي ڪجي. ٻڪر هڪ سال کان ننڍو نہ

هجي. گابو ٻن سالن کان ننڍو نہ هجي. مٿي ڍل جيترو بہ هجي، اٺ پنجن سالن کان ننڍو نہ هجي. ان کان مٿي جيترو بہ هجي جائز آهي ۽ رڍ ڇهن مهينن جي جائز آهي، ٻڪري چون ٿا ستن مهينن جي جائز آهي.

- قرباني هڪ ماڻهوءَ پاران هڪ ٻڪري ستن ماڻهن پاران هڪ اٺ، يا هڪ ڏڳو جائز آهي. قرباني جو وقت عيد الاضحىٰ جي صبح صادق کان وٺي ٻارهين تاريخ جي مغرب نماز تائين مذڪور آهي. رستي ۾ عيد الاضحىٰ ۾ وڏي آواز سان تڪبير چوڻ سنت آهي. عيد گاهہ ۾ پهچندي ئي بس ڪجي. ۽ تڪبير وقت بهتر اهو آهي تہ اتيل هڻڻ گهرجي. جيئن عمل اليوم والليلہ ۾ آيل آهي. ۽ ان مان تڪبير، سڪينت ۽ وقار ظاهر ٿئي، لفظ امام اعظم جي مذهب ۾ هيءُ آهن. الله اڪبر الله اڪبر لا الہ الا الله والله اڪبر الله اڪبر و للهِ الحمد.
- عيد الاضحىٰ ڪنهن عذر سبب ٽن ڏينهن تائين پڙهي سگهجي ٿي.
- ٻنهي عيدن جون نمازون مختلف جاين تي پڙهڻ جائز آهن. ان ۾ سڀني جو اتفاق آهي. البتہ جمعي ۾ اختلاف آهي. (بحرالرائق).
- عرفات جي ڏينهن حاجين جي مشابهت خاطر انهن وارا عمل ڪرڻ سنت ناهن. پر ابن عباس کان مروي آهي ۽ مشائخ رضوان الله عليهم عمل ڪيو آهي، ۽ ڪن اهل مذهب ان جي مڪروهہ هڻڻ جي تصريح ڪئي آهي. جيڪڏهن اڪيلي نماز تعريف پڙهندو تہ اهو اختلاف کان ٻاهر آهي، هن مسئلہ جو تفصيل جيئن گهرجي (مصنف) فتوح الاوراد ۾ لکيو آهي، اتي ڏسڻ گهرجي
- تڪبيرون عرفہ جي ڏينهن جي صبح کان ايام تشريق جي آخري ڏينهن جي عصر نماز تائين واجب آهن. يعني ٽيويهہ وقت ڇئجن، هيءُ صاحبين جي مذهب مطابق آهي. انهن نمازن تائين امام اعظم جو مذهب آهي ۽ فتوىٰ ٻهرئين قول تي آهي، بحرالرائق وغيره ۾ آهي تہ عمل ۽ فتوىٰ عام شهرن ۾ صاحبين جي قول تي آهي.

# فوت ٿيل نماز جي قضا جو بيان

فوت ٿيل نمازن ۾ ترتيب رکڻ فرض آهي. پر شرط آهي ته ڇهه نمازون فوت نه ٿين. تنهن ڪري جڏهن ڪا نماز فوت ٿي وڃي. وتر جو نه هجي، جيئن ياد اچي پهريائين اها قضا ڪجي ان کان پوءِ وقتي نماز ادا ڪجي. جيڪڏهن ائين نه ڪندو ته جائز نه ٿيندو. ها جيڪڏهن وقت سوڙهو هجي يا وسري وڃي يا گهڻيون نمازون قضا ٿي وڃن. ان جو مطلب ڇهه نمازون آهن. انهن کان پوءِ ستين نماز جائز آهي. جيڪڏهن ان کان پوءِ ڇهه نمازون بنا ترتيب جي قضا ڪرڻ گهري ته به جائز آهي. جيڪڏهن وقتي فرض ادا ڪندي فوت ٿيل نماز ياد اچي وڃي، وتر جو نه هجي، ته وقتي نماز جيڪا ادا ڪري رهيو آهي، سا فاسد ٿي پوندي. امام اعظم وٽ ان جو فاسد ٿيڻ موقوف ٿي ويندو، صاحبين وٽ قطعي فاسد ٿي ويندي. يعني جيڪڏهن ڇهن وقتي نمازن تائين ادا ڪري ويو، پر فوت ٿيل نماز قضا نه ڪيائين ته مڙئي صحيح ٿي وينديون. ان کان پوءِ فوت ٿيل نماز ادا ڪري وٺجي. ۽ جيڪڏهن ڇهن نمازن جي وچ ۾ فوت ٿيل نماز ادا ڪري ورتائين ته ان کان اڳ پڙهيل نمازون موٽائڻيون پونديون. ان صورت ۾ فساد فوتي نماز موٽائڻ تي موقوف ٿيندو. هيءُ امام اعظم جو مذهب آهي. پر صاحبين وٽ قطعي فاسد ٿي پوندي، ڇهن نمازن تائين، مڙني جو موٽائڻ فرض آهي. پوئين قول تي عمل ڪرڻ ۾ احتياط آهي، بلڪ ڪن فتويٰ به ان تي ڏني آهي، جيتوڻيڪ ڪنز وغيره جي متن ۾ فقط امام اعظم جو قول آهي.

# وتر ۽ سنت جو بيان

- وتر واجب آهي. امام اعظم کان هڪ روايت موجب فرض آهي. صاحبين جي قول مطابق سنت مؤڪده آهي. (جيڪو به هجي) هر صورت ۾ فوت ٿيڻ کان پوءِ قضا ڪرڻو پوندو. جيئن ان جي النهايه وضاحت ڪئي آهي.

- وتر ٽي رڪعتون آهي. هڪ سلام سان. ۽ ٽنهي رڪعتن ۾ فاتحه کان پوءِ سورت پڙهڻ واجب آهي. ٽين رڪعت ۾ رڪوع کان اڳ ۾ دعا قنوت پڙهبي.[1] ان لاءِ ڪنهن زماني يا وقت جي ڪا به تخصيص ڪانهي. سدائين پڙهبو رهبو. البت شافعيءَ جو ان ۾ اختلاف آهي. ان جو موقف آهي ته صرف رمضان جي پوئين اڌ ۾ قنوت پڙهجي. دعا قنوت مٿي گذري چڪي. فرض نمازن ۾ قنوت نه ٿيندو آهي، البته امام شافعي جو ان ۾ به اختلاف آهي. سندس خيال آهي ته صبح جي نماز ۾ رڪوع کان پوءِ پڙهڻ گهرجي. مقتدي جيڪڏهن حنفي هجي ته ان وقت بيٺل رهي. هڪ قول مطابق ويهي رهي. ٻنهي صورتن ۾ دعا قنوت نه پڙهي.
- سنت مؤڪده فجر کان اڳ ۽ ظهر، مغرب ۽ عشاءِ کان پوءِ ٻه رڪعتون آهي. ۽ ظهر ۽ جمعي کان اڳ ۽ جمعي کان پوءِ چار رڪعتون آهي. ڇئن کان پوءِ ٻه پڙهجن. صحيح روايت مطابق هيءُ ٻه مستحب آهن، چار رڪعتون عشاءِ ۽ عصر کان اڳ مستحب آهن. ۽ مغرب کان پوءِ ڇهه رڪعتون مستحب آهن.
- ڏينهن جي نفلن ۾ چئن رڪعتن کان مٿي هڪ سلام سان ۽ رات جي نفلن ۾ اٺن رڪعتن کان مٿي هڪ سلام سان نفل پڙهڻ مڪروه آهن. ۽ چار رڪعتون نفل ڏينهن رات ۾ مستحب آهن. چار رڪعتون عصر ۽ عشاءِ کان اڳ مستحب آهن. ۽ عشاءَ کان پوءِ چار رڪعتون ۽ مغرب کان پوءِ چار رڪعتون مستحب آهن.
- نماز ۾ ڊگهو قيام گهڻن سجدن کان بهتر آهي. هڪ روايت مطابق گهڻا سجدا بهتر آهن. هڪ جماعت هن خيال جي آهي ته جيڪڏهن ان ۾ متعين قرائت ٿو ڪري ته افضل رڪعتن جي

[1] صلوات مسعودي ۾ آهي ته جيڪڏهن قنوت جي تڪبير چئي سبحانڪ اللهم وبحمدک پڙهيائين پوءِ ياد پيس ته قنوت پڙهڻ گهربو هو. ته سهو لازم نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته قيام ثناء جي جاء آهي. پر جيڪڏهن قنوت جي تڪبير چئي قرائت پڙهيائين ته سجدو سهو لازم ايندو. جو اها قرآن پڙهڻ جي جاء نامي. يا قنوت جي تاخير ٿئي ٿي. والله اعلم (فتاوىٰ پوراڻي من عينه)

ڪثرت آهي. نہ تہ ڊگهو قيام افضل آهي. صاحب بحرالرائق گهڻن سجدن واريءَ روايت کي ترجيح ڏني. ڇاڪاڻ تہ قيام رڪوع ۽ سجدي جو ذريعو آهي ۽ انهن ٻنهي ۾ نهايت درجي جي عاجزي رکيل آهي. ۽ وسيلو مقصود کان افضل ناهي. ۽ امام اعظم رضي الله عنه کان جيڪو تهجد جي رڪعتن جو گهڻو هئڻ منقول آهي، ايستائين جو ڪن ڪتابن ۾ هزار رڪعتون نقل ڪيل آهن، سو پڻ انهيءَ جي تائيد ٿو ڪري.

- وتر ۽ نفل جي مڙني رڪعتن ۾ ۽ فرض جي ٻن رڪعتن ۾ قرائت فرض آهي.
- نفل شروع ڪرڻ شرط لازم ٿي وڃي ٿو، چونہ طلوع يا غروب وقت شروع ڪيو وڃي، جيڪڏهن شروع ڪرڻ کان پوءِ ٽوڙيو ويو تہ قضا لازم ايندي.
- جيڪڏهن چار رڪعتون نفل جي نيت سان نفل شروع ڪجي تہ ٻہ رڪعتون لازم ٿينديون. قاعدي پهرئين کان پوءِ نماز ٽٽي يا اڳ. ان ۾ ابو يوسف جو اختلاف آهي.
- نفل، ٻيهي پڙهڻ جي سگهہ هئڻ باوجود منديؤن ويهي پڙهڻ ۽ بنا ڪرڻ جائز آهي. ان ۾ صاحبين جو اختلاف آهي. انهن وٽ هن طرح آهي تہ ٻيهي شروع ڪرڻ ۽ پورو ويهي ڪرڻ مڪروه آهي.

## فصل

# تراويح جو بيان

- تراويح نماز رمضان ۾ عشاءِ کان پوءِ ويهہ رڪعتون ڏهن سلامن سان وتر کان اڳ ۽ پوءِ باجماعت سنت آهي. تراويح ۾ هڪ ڀيرو ختم قرآن پڙهڻ يا ٻڌڻ سنت آهي.
- جيڪڏهن تراويح ۾ هڪ ڀيرو ختم پورو ٿي ويو تہ باقي مهينو تراويح ذمي مان نڪري ٿيون وڃن يا نہ؟ ان ۾ اختلاف آهي. خزانة الرواية ۾ ڪن فقهن جي ڪتابن کان منقول آهي تہ ذمي نہ ٿيون رهن. ۽ بحرالزخار ۾ آهي تہ ذمي مان نہ ٿيون نڪرن. ۽ اهو ئي صحيح آهي.

- جيڪڏهن تراويح جي هر رڪعت ۾ ڏهه آيتون پڙهيون وڃن ته اهي ختم جي قائم مقام ٿي وڃن ٿيو. جيئن ذخيره العقبیٰ ۾ آهي ۽ اهو ئي صحيح آهي. جيئن بحرالرائق ۾ آهي. ظاهر ڳالهه آهي ته اهو تڏهن ٿيندو جڏهن حافظ نه هجي يا ڪو عذر شرعي هجي. نه ته سڄو قرآن پڙهڻ بالاتفاق افضل آهي.
- چئن رڪعتن کان پوءِ چئن رڪعتن جيترو سنت ادا ڪرڻ جي نيت سان ويهڻ سنت آهي.
- رمضان مهيني ۾ وتر باجماعت پڙهڻ مستحب آهي. فتح القدير ۾ آهي ته سنت آهي. ۽ صاحب نهايه ڪن مشائخن کان اڪيلي پڙهڻ کي پسند ڪرڻ نقل ڪيو آهي. پهرين ڳالهه ظاهر آهي. ۽ رمضان کان پوءِ جيڪڏهن باجماعت ادا ڪيو ويو ته جائز ٿي ويندو پر ڪراهت سان. بحرالرائق اهو ذڪر ڪيو آهي.

## فصل

# فرض ۾ پهچڻ جو بيان

- جيڪڏهن چئن رڪعتن واري نماز مان هڪ رڪعت ادا ڪري وٺڻ کان پوءِ اقامت ٿي ته ٻه رڪعتون پوريون ڪري اقتدا ڪري، جيڪڏهن ٽي رڪعتون پڙهي چڪو هجي ته نماز پوري ڪري نفل جي نيت سان اقتدا ڪري. جيڪڏهن ظهر يا عشاءِ هجي. جيڪڏهن پهرين رڪعت سان سجدو اڃا شامل نه ڪيو اٿس ته نماز ٽوڙي وڃي، ڇاڪاڻ ته اڃا اڪثر جي حڪم ۾ ناهي. فرض جماعت سان ان کان بهتر آهي.
- جيڪڏهن سنت شروع ڪيائين ۽ اقامت ٿي وئي ته اڪثر مشائخن وٽ صحيح اهو آهي ته سنت پوري ڪري. ۽ شيخ ابن همام هن خيال جو آهي ته ٻه رڪعتون پوريون ڪري ٽوڙي وڃي ۽ ڪنز العباد ۾ اهو فرض بابت تفصيل ذڪر ڪيل آهي. بحرالرائق پهرئين خيال کي پسند ڪيو آهي.

- جيڪڏهن هڪ رڪعت فجر يا مغرب جي ادا ڪري چڪو هجي ۽ مٿان اقامت ٿي وڃي، ته نماز ٽوڙي امام جي اقتدا ڪري. ۽ جماعت جو ثواب هٿان نه وڃائي.
- نماز لاءِ آذان اچڻ کان پوءِ مسجد کان ٻاهر نڪرڻ مڪروه آهي. جيستائين نماز ٿي نه ٿي وڃي. البته جيڪڏهن ڪنهن مسجد جو مؤذن يا پيش امام هجي يا اهڙو ماڻهو هجي جنهن جو ٻي مسجد ۾ انتظار ڪيو ويندو ته پوءِ نه.
- فجر جي سنت گهر ۾ پڙهي مسجد ۾ اچجي. پر جيڪڏهن مسجد ۾ آيو ۽ سنت فجر ادا نه ڪيل آهي. ۽ ڏسي ٿو ته امام فرض ۾ شروع آهي ته معلوم ڪري ته جيڪڏهن هڪ رڪعت امام سان پڙهي سگهندو ته سنت پڙهي. نه ته فرض ۾ شامل ٿي وڃي. هيءُ جمهور جو مذهب آهي. ۽ ڪي هن خيال جا آهن ته جيڪڏهن تشهد ۾ امام سان شريڪ ٿي سگهندو هجي ته سنت ادا ڪري. صاحب بدائع وغيره پهرئين خيال کي ترجيح ڏين ٿا. ۽ ڪافي ۽ محيط ۾ ٻئي کي ترجيح ڏنل آهي، بحرالرائق اهو ذڪر ڪيو آهي. جيڪڏهن سنت ڇڏڻ جي صورت اختيار ڪئي وڃي ته امام محمد جو قول آهي ته سج مٿي اچڻ کان پوءِ اها ادا ڪبي. امام اعظم جو چوڻ آهي ته قضا جي ضرورت ناهي پر بهتر اهو آهي ته امام محمد جي مذهب تي عمل ڪجي. ۽ جيڪو حيلو ٻڌايو ٿو وڃي ته سنت شروع ڪري ان کان پوءِ تحريمه فرض جي نيت سان چئي. ۽ امام جي سلام چوڻ کان پوءِ سنت ان ئي تحريمه سان قضا ڪري ان کي بحرالرئق واري ڪوڙ سببن جي ڪري مڪروه قرار ڏنو آهي. جيڪڏهن فرض سان گڏ فجر جي سنت قضا ٿي ويل آهي ته ٻن پهرن تائين قضا ٿي سگهندي، ان کان پوءِ سنت قضا نه ٿي سگهندي. بعضي محقق هن خيال جا آهن ته فرض سان گڏ جڏهن ٻه پڙهي سنت قضا ٿي سگهندي. صدرالشهيد شرح وقايه ۾ چيو آهي ته سنت جي قضا زوال کان اڳ سان فرض جي متابعت جي تخصيص ڪا ٻه معنىٰ نه ٿي رکي. انتهي. پر ان ۾ ئي

آهي تہ زوال کان پوءِ ظهر جو ٽائيم داخل ٿي ٿو وڃي. ان کان پوءِ سنت قضا ڪرڻ مناسب ناهي، ڇاڪاڻ تہ ان طرح اها فرض جي مماثل ٿي پوندي. نبي صلي الله عليہ وسلمؐ جن پڻ ان کي صرف زوال کان اڳ قضا ڪرڻ فرمايو هو، جڏهن ڪانئن ليلة التعريس ۾ فجر قضا ٿي وئي هئي. جيئن حديثن ۾ ثابت آهي.

- جيڪڏهن ظهر جي سنت قضا ٿي وڃي تہ جيستائين وقت آهي ٻن رڪعتن کان اڳ امام اعظم وٽ ۽ پوءِ امام محمد وٽ قضا ڪبي. جيئن اڪثر ڪتابن ۾ مذڪور آهي، هڪ قول مطابق امام ابو يوسف امام اعظم سان گڏ آهي. هڪ قول مطابق امام محمد سان آهي. ۽ شيخ ابن همام تقديم رڪعتن جي روايت کي اختيار فرمايو آهي. ۽ صاحب بحرالرائق تسليم ڪيو آهي. ۽ حديث ۾ آيل آهي، پر اصحاب متون چئن جي اڳ پڙهڻ کي اختيار ڪيو آهي.
- جيڪڏهن وقت وفا ڪري تہ سنت پهريائين ادا ڪري پوءِ فرض شروع ڪجي. جيڪڏهن فوت ٿيڻ جي خطري کان تسلي نہ ٿئي تہ فرض شروع ڪجي.
- جيڪڏهن امام کان اڳ رڪوع ڪري ورتائين ۽ امام رڪوع ۾ سائس اچي گڏيو تہ نماز صحيح ٿي ويندي. جيتوڻيڪ متابعت ڇڏڻ ڪري گنهگار ٿيندو.

## بيمار جي نماز جو بيان

- جيڪڏهن بيمار اٿي نہ ٿو سگهي. يا بيهڻ سان مرض وڌڻ جو خطرو سمجهي ٿو تہ ويهي رڪوع ۽ سجدي سان نماز ادا ڪري، پر جيڪڏهن انهن ٻن جي ادا ڪرڻ کان بہ عاجز آهي تہ اشارن سان نماز ادا ڪري ۽ سجدي لاءِ رڪوع کان وڌيڪ جهڪيل اشارو ڪري.
- جيڪڏهن ويهي بہ نہ سگهي تہ پٺيءَ يا پاسي پر ستي اشارا ڪري. جيڪڏهن اشارن جي بہ طاقت نہ رکي تہ پوءِ تاخير ڪري. اکين ۽ دل سان اشارا نہ ڪري. ان ۾ زفر جو اختلاف آهي. جيڪڏهن

قيام ڪري سگهي. پر رڪوع ۽ سجدي جي قدرت نہ رکي سگهي تہ ويهي اشارن سان نماز پڙهي.

- جيڪڏهن وچ نماز ۾ بيماري ٿي پئي تہ جنهن بہ طريقي تي پڙهي سگهجي، پڙهي پوري ڪجي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن وچ نماز ۾ چڱو ڀلو ٿي وڃي تہ جملي رڪن ادا ڪري.
- نفل نماز ۾ ٽيڪ جائز آهي.
- ٻيڙيءَ ۾ بنا عذر جي ويهي نماز پڙهڻ جائز آهي، ڇاڪاڻ تہ مٿي ڦرڻ جو امڪان رهي ٿو. البت سموريءَ نماز ۾ قبلي جو خيال رکڻو پوندو. ۽ ان مطابق ڦرڻو پوندو.
- جيڪڏهن بيهوشيءَ يا چريائي جي حالت ۾ پنج نمازون ڇڏائجي ويون تہ انهن جي قضا واجب ٿيندي. پر جيڪڏهن پنجن کان مٿي ڇڏائجي ويون تہ ذمي نہ رهنديون.

# جنازي نماز جو بيان

**مرداڻو ڪفن:** گوڏ، لفافو ۽ پهراڻ مسنون آهي، البتہ ڪفايت جي حد گوڏ ۽ لفافو آهي. هيءَ ٻئي مٿي کان پيرن تائين هئڻ گهرجن. ۽ پهراڻ (ڪفني) ڪلهن کان پيرن تائين آهي. پهراڻ جي شروعات ڪاڇي کان ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄي پاسي پهريائين ڪپڙو پهچي. ان کان پوءِ ساڄي پاسي کان پهرائجي ۽ مٿان کان ٻڌي ڇڏجي. تہ جيئن ڪفن کلي نہ وڃي.

**عورتن جو ڪفن:** پهراڻ، گوڏ، دامني، سيني بند ۽ لفافو آهي، ۽ ڪفايت جي حد گوڏ، لفافو ۽ دامني آهي. ۽ ضرورت جي حد آهي جيڪو ميسر ٿي سگهي.

- ميت جيڪڏهن فقير (مسڪين) هجي تہ ماڻهن تي فرض آهي تہ کيس ڪفن ڏين. جيڪڏهن نہ هجي تہ سوال ڪجي. السراجيہ
- عورت جي دامني جي حد ٻہ گز شرعي آهي. ۽ ان جي ويڪر هڪ گراٺ آهي. ۽ چادرجي ڊيگهہ جي حد ٽي گز آهي. ۽ ويڪر بغل جي هيٺان کان پيرن تائين. ۽ ان ڪپڙي جي حد، جيڪو غسل وقت

مئل عورت تي رکندا آهن ڏيڍ گز آهي. ۽ ان جي ويکر ٻه گز آهي. جنهن ان کان متي ڪيو سو ظلم ۽ زيادتيءَ جو مرتڪب ٿيندو. ان طرح ذخيره العقبیٰ ۾ آهي ۽ حاشيه شرح وقايه فاضل چلپيءَ ۾ آهي. مخفي نه رهي ته هڪ گرانٽ ويڪر سان عورت جو متو نه ڍڪجي سگهندو آهي. ٻين ڪتابن مان جيڪو مفهوم نڪري ٿو سو هيءَ آهي ته ضرورت جيترو مقدار ڪفايت ڪندو. ۽ ان جي حد ٻه گرانٽون آهي.

- عورت جي ڪفن ۾ پهريائين پهراڻ پهرائڻ گهرجي، ان کان پوءِ ان جا وار ٻن حصن ۾ ڪري سيني تي رکجن. ان کان پوءِ دامني پهرائجي، ان کان پوءِ گوڏ پهرائجي ۽ پوءِ لفافو پهرائجي ۽ سيني بند لاءِ ٻه روايتون آهن. هڪ روايت مطابق سيني جي متان چيل آهي. ۽ صحيح هيءَ آهي ته گوڏ جي متان ۽ لفافي جي هيٺان هجي. ڪفن پهرائڻ کان اڳ خوشبوءِ سان معطر ڪرڻ گهرجي.
- نماز جنازه فرض ڪفايه آهي، امامت ان جي سڀ کان بهتر آهي ته بادشاه ڪرائي، ان کان پوءِ قاضي ڪرائي. ان کان پوءِ امام، پوءِ والي وارث. وارث جيڪڏهن ٻئي کي اجازت ڏئي ته به جائز آهي. نماز پوري ڪرڻ کان پوءِ جيڪي ميت سان نه هلڻ گهرن سي وليءَ کان اجازت وٺن. البرجندي والڪافي. جيڪي ماڻهو ميت سان هليا آهن سي دفن کان اڳ بنا اجازت نه وڃن. ان کان پوءِ اجازت جي ضرورت ناهي. خزانة الروايات.
- جنازي جي نماز جون چار تڪبيرون آهن. پهرين تڪبير کان پوءِ سبحانک اللهم پڙهجي. ٻي تڪبير کان پوءِ درود، جيڪو تشهد ۾ پڙهبو آهي، سو پڙهجي، ٽين تڪبير کان پوءِ ميت لاءِ دعا پڙهجي، جيڪڏهن بالغ هجي ته هيءَ دعا پڙهي:

اللهم اغفر لحينا وميتنا وشاهدنا وغائبنا وصغيرنا وكبيرنا وذكرنا وانثانا اللهم من احييته منا فاحيه علي الاسلام ومن توفية منا فتوفه علي الايمان.

جيڪڏهن نابالغ هجي ته هيءُ دعا پڙهجي:

اللهم اجعلـه لنا شافعا فرطا اللهم اجعلـه لنا اجرا وذخرا اللهم اجعلـه لنا شافعا ومشفعا.

چوٿين تڪبيرڪان پوءِ ربنا آتنا في الدنيا حسنة.......... الخ پڙهجي. مستحب اهو آهي. جيڪو اڳ ۾ گذريو سو مسنون آهي.

- جيڪڏهن ڪو شخص هڪ يا ٻن تڪبيرن ڪان پوءِ پهتو ته انتظار ڪندو ۽ امام سان گڏ تڪبير چوندو، رهجي ويل تڪبيرون جيستائين جنازو کڄي نه ٿو تيستائين قضا ڪري وٺندو. البته جيڪو حاضر آهي سو بنا انتظار جي تڪبير چوندو.
- امام مرد توڙي عورت جي نماز لاءِ سيني جي برابر ٿي بيهندو. جنازه نماز مسجد ۾ مڪروه آهي. جيڪڏهن جنازو مسجد ڪان ٻاهر هجي ته ٻه روايتون آهن. بنا ضرورت جي مسجد ۾ نه بيهجي.
- نماز ڪان واندو ٿيڻ ڪان پوءِ مستحب آهي ته امام يا ڪو ٻيو صالح ماڻهو فاتحه ۽ بقره 'مفلحون' تائين جنازه جي سيرانديءَ ڪان ۽ بقره جي پڇاڙيءَ واريون آيتون يعني 'آمن الرسول' پيرانديءَ ڪان پڙهي، جو حديث ۾ آيل آهي ۽ ڪن روايتن ۾ دفن ڪان پوءِ آيل آهي. ٻنهي مان جيڪو وقت سولو لڳي جائز آهي.
- ٻار جنهن ڄمڻ ڪان پوءِ چرپر يا دانهن ڪئي ۽ گذاري ويو ته ان تي جنازه نماز ٿيندي، جيڪڏهن چرپر يا دانهن نه ڪيائين ته نماز جائز نه ٿيندي.
- جنازي پٺيان جيڪي ماڻهو وڃن. سي مقبره وٽ پهچڻ ڪان پوءِ جنازه رکڻ ڪان اڳ نه ويهن.
- قبـر ڪـي لحـد جـي طريقـي تـي تـاهڻ گهرجـي. ۽ لحـد قبلـي ڏانهـن هئڻ گهرجي.
- قبر ۾ اندر رکڻ مهل 'بسم الله علي ملة رسول الله' چوڻ گهرجي. ۽ ميت جو منهن قبلي ڏانهن ڪرڻ گهرجي. ڪفن جون ڳنڍيون کولي ڇڏڻ گهرجن. ۽ ڪچيون سرون، ڪانين ڪان پوءِ رکڻ گهرجن.

- عورت کي رکڻ وقت عورت جي قبر ڍڪڻ گهرجي. قبر هڪ گرانٺ متي ڪرڻ گهرجي اٺ جي ٿوهر جيان. پڪيون سرون مڪروه آهن.
- دفن ڪرڻ کان پوءِ ميت کي ٻاهر نه ڪڍڻ گهرجي. ها جيڪڏهن زمين ڪنهن ٻئي جي آهي ته پوءِ ڪڍي ٻئي هنڌ دفنائڻ گهرجي.
- ٽي ڀيرا متي قبر ۾ وجهڻ مستحب آهي، پهرئين ڀيري سان چئي 'منها خلقناکم' ٻئي ڀيري سان چئي 'وفيها نعيدکم' ۽ ٽئي ڀيري سان چئي 'ومنها نخرجکم تارتاً اخرىٰ'. ذڪره في البحرالزخار. والله الموفق.

# نماز جي ٽوڙڻ وارين شين جو بيان

جاڻڻ گهرجي ته نماز ڀڃندڙ يا ڪاڳالهه هوندي يا ڪو ڪم.

## ڳالهائڻ جي قسم جا ڀڃندڙ:

ڳالهه مان مراد آهي ڪجهه چوڻ. پوءِ اهو ڄاڻي واڻي هجي، خطا يا سهو طور هجي، ٿورو هجي يا گهڻو هجي، جاڳ ۾ هجي يا ننڊ ۾ هجي. ان جون ارڙهن صورتون آهن.

1. سلام قاعدي کان سواءِ ڪنهن ٻئي هنڌ چوڻ، ڀل ۾ هجي يا نماز پوري ٿيڻ جي گمان هيٺ هجي. ذڪره في القنية.
2. ماڻهوءَ کي سلام چوڻ. ڄاڻي واڻي هجي غلطيءَ ۾ هجي يا سهو طور هجي. ذڪره في البدائع.
3. زبان سان سلام جو جواب ڏيڻ. جيڪڏهن اشاري سان جواب ڏنو ويو ته مڪروه ٿيندو. صاحب مجمع جو چوڻ آهي ته هٿ جي اشاري سان جواب ڏيڻ به نماز ڀڃي وجهندو، پر اڪثر متئين قول جا قائل آهن.
4. آواز سان ڪنهن سور يا مصيبت کان ڪنجهڻ. ها جيڪڏهن دوزخ جي خوف کان هجي يا بهشت جي شوق ۾ هجي ته نماز نه

پچندي. جيڪڏهن صرف الاهي هيبت يا لذت حضور جي سببان هجي ته ان جو فقهه ۾ ذڪر ڪونهي. ظاهر اهو آهي ته نماز ان سان نه پچندي. جيئن صحيح حديث ۾ آهي ته صديق اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه نماز ۾ ائين روئندو سڏڪندو هو جيئن ديڳڙي باه تي ٻڙڪندي آهي والله اعلم.

5- بنا عذر جي ائين کنگهڪار ڪرڻ جو حرف ظاهر ٿين. بحرالرائق ۾ آهي ته جيڪڏهن عذر سببان هجي ته نماز فاسد نه ٿيندي. جو نه حرف به نڪري اچن. پر جيڪڏهن بي عذر آهي ان مان ڪو به جائز غرض ڪونهي ته نماز پچي پوندي. ابو يوسف جو ان جي ٻن صورتن ۾ اختلاف آهي. هڪ ٻن حرفن ۾ ۽ ٻيو اهو ڪنهن صحيح غرض سان ڪيو ويو هجي. جيئن قرائت کي سهڻو ڪرڻ لاءِ يا اهو ٻڌائڻ لاءِ ته آءٌ نماز ۾ آهيان وغيره ۽ صحيح اهو آهي ته نماز نه پچندي. ۽ هيءُ تڏهن آهي جڏهن حرف ظاهر ٿين، پر جڏهن حرف ظاهر نه ٿين ته نماز مڪروه ٿيندي. انتهي محصله.

6- اف چوڻ. ان ۾ امام ابو يوسف جو اختلاف آهي. ابو حنيفه ۽ محمد ان کي پچندڙ مڃين ٿا. مجتبىٰ ۾ آهي ته اختلاف تڏهن آهي جڏهن آهستي هجي البته زور سان چوڻ سڀني وٽ نماز پچندو. خلاصه ۾ آهي ته ٻه حرف نماز پچندڙ نه ٿيندا آهن. چار حرف پچندڙ ٿيندا آهن. ان ۾ سڀني جو اتفاق آهي ۽ ٽن ۾ مشائخن جو اختلاف آهي. صحيح اهو آهي ته پچندڙ ناهن. ۽ محيط ۾ آهي ته ساه جي ڦوڪ ڏيڻ جيڪڏهن ٻڌڻ ۾ اچي ۽ تهجيءَ جا لفظ ان مان نڪرن ته ابو حنيفه ۽ محمد وٽ پچندڙ آهن. البته ابويوسف جو ان ۾ اختلاف آهي، آه اوه ۽ ايهه يا اهڙا ٻيا لفظ سور يا مصيبت سببان چوڻ پچندڙ آهن. البته جيڪڏهن جنت يا جهنم جي ياد سببان هجن ته پچندڙ ناهن. هر قسم جي روئڻ ڌوئڻ جو اهو ئي حڪم آهي. سواءِ ان بيماريءَ ۽ درد جي جيڪو ختم ٿئي ئي نه ٿو. ظهيريه ۾ آهي ته اختلاف ان صورت ۾ آهي جڏهن

ماٺھو روئڻ روڪي سگھي. باقي جيڪڏھن مريض ڪنجھڻ يا سڏڪڻ کان پاڻ کي جھلي ئي نہ ٿو سگھي تہ پوءِ نماز فاسد نہ ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ ان صورت ۾ اھو اوہاسي ۽ نڇ اچڻ جي مثال تي پوندو. انتھي. ۽ اوہاسيءَ ۾ بي اختياريءَ ۾ بہ جيڪڏھن حرف ظاھر ٿين تہ نماز نہ ٽٽندي. ذڪره في البحرالرائق. توريت، انجيل ۽ زبور ڪلام (ڳالھائڻ) جي حڪم ۾ آھن. ابويوسف کان آھي تہ تسبيح جي مشابھ آھي تہ پوءِ جائز آھي.

7- نڇ جو يرحمڪ الله سان جواب ڏيڻ بہ ٽٽندڙ آھي. جيڪڏنھن پنھنجي نڇ تي پاڻ يرحمڪ الله چئي تہ اھو ٽٽندڙ ناھي. ۽ جيڪڏھن الحمدلله پنھنجي نڇ تي چئي تہ بہ ڪا ڳالھ ڪانھي. ماٺ ڪرڻ وڌيڪ سٺو آھي. جيڪڏھن ڪنھن ٻئي جي نڇ تي الحمد لله چئي وڌائين ۽ سندس ارادي ۾ ان کي جواب ڏيڻ ڪونہ ھو تہ بالاتفاق ٽٽندڙ ناھي. ۽ جيڪڏھن جواب جو ارادو ھيس تہ پوءِ مشائخن جو ان ۾ اختلاف آھي. جيڪڏھن آذان جو جواب ڏنائين يا نبي صلي الله عليہ وسلم جن جو نالو ٻڌي درود پڙھيائين تہ اھو ٽٽندڙ ٿيندو. جيڪڏھن نالو ٻڌڻ بنا درود پڙھيائين تہ اھو ٽٽندڙ ناھي.

- جيڪڏھن ڪنھن شخص نماز ۾ الله تعالیٰ جو نالو ٻڌو ۽ جل جلالہ چيائين تہ نماز نہ ٽٽندي.
- جيڪڏھن ڪو شخص مسجد ۾ آيو مؤذن کي سڏيائين تہ تڪبير زور سان چئي. ان دوران امام رڪوع ڪيو ۽ مؤذن ان جي جواب ۾ ڏاڍيان چيو تہ مؤذن جي نماز فاسد ٿي ويندي. جيڪڏھن قرآن ختم ڪرڻ وقت وچ نماز ۾ صدق الله وصدق رسولہ چيائين يا سماع وقت شھادتين چيائين تہ جيڪڏھن جواب جي ارادي سان چيائين تہ نماز فاسد ٿي ويندي.

8- دعا وقت جواب جي ارادي سان آمين چيائين تہ نماز فاسد ٿي ويندي.

- نماز پڙھندڙ نڇ ڏني جنھن تي ڪنھن شخص چيس يرحمڪ الله ۽ نماز پڙھندڙ چيو آمين تہ نماز ٽٽي پوندي. ظھيريہ ۾ آھي

تہ جيڪڏهن ہہ ماڻهو نماز پڙهندا هجن هڪ نچ ڏني ڪنهن ٻاهرئين شخص يرحمڪ الله چيو ۽ هنن ٻنهي آمين چيو تہ نچ ڏيندڙ جي نماز ٽٽي پوندي ٻئي جي نہ ٽٽندي. ان طرح بحرالرائق ۾ آهي. ها البتہ ممڪن آهي تہ ان ٻئي شخص پڻ اخلاص سببان جواب جي ارادي سان چيو هجي تہ پوءِ ان جي بہ ٽٽندي، پر چيو اٿن تہ خالي احتمال جي بنياد تي نماز لاءِ ڀڄڻ جو حڪم نہ ٿو ڪري سگهجي. البتہ جڏهن تحقيق ٿئي تہ پوءِ ڀڃي پوندي. والله اعلم.

9- غير امام کي غلطي ٻڌائڻ. جيڪڏهن پنهنجي امام کي ٻڌايائين تہ جيڪڏهن امام، جيتري مقدار تلاوت سان نماز جائز ٿيندي اوترو نہ پڙهي سگهيو آهي تہ ٻڌائڻ ضروري آهي. جيڪڏهن اوترو مقدار پڙهي چڪو آهي يا ٻئي هنڌان شروع ڪري چڪو آهي تہ ان ۾ مشائخن جو اختلاف آهي. ۽ صحيح اهو آهي تہ نماز ٻنهہ نہ ڀڄندي. نہ ٻڌائيندڙ جي نہ امام جي. اهو ئي صحيح آهي جيئن ڪافي وغيره ۾ آهي.

- جيڪڏهن مقتدي ڪنهن اهڙي کان ٻڌو جيڪو نماز کان ٻاهر هو. ان کان پوءِ امام کي ٻڌايائين تہ سيني جي نماز ڀڄي پوندي، ذڪره في القنية
- امام کي گهرجي تہ واجب جي مقدار جيترو پڙهي، هڪ روايت مطابق مستحب جيترو پڙهڻ کان پوءِ رڪوع ڪري، ۽ غير امام مان مراد آهي جيڪو تعليم جو ارادو رکندو هجي. پر جيڪڏهن قرائت جي ارادي سان پڙهي ٿو تہ نماز نہ ڀڄندي. مڙني جو اهو موقف آهي. ان طرح خلاصہ ۾ آهي.

10- عجب منجهان سبحان الله چوڻ.

- جيڪڏهن پل ۾ امام پهريون قاعدو ڇڏي ڏنو ۽ پورو قيام ڪرڻ کان پوءِ مقتديءَ سبحان الله چيو تہ، ڪي چون ٿا تہ ان جي نماز نہ ڀڄندي. ڪرخيءَ کان آهي تہ صاحبين وٽ نماز

فاسد ٿيندي. ان طرح مجتبیٰ ۾ آهي. بحرالرائق ۾ آهي ته ان سان نماز ٽٽڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته قيام جي جڏهن ويجهو هجي ته سبحان الله نه چوڻ گهرجي. ان طرح بدائع ۾ آيل آهي. ان سان نماز ٽٽڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته قياس مطابق بناضرورت جي اعلان ڪرڻ سان نماز ٽٽي پوي ٿي. ان طرح بحرالرائق ۾ آهي. شايد هيءُ قياس ڪن روايتن جي مطابق هجي. جيئن گذريو.

11- ڪا چڱي خبر ٻڌي الحمد لله چوڻ. بحرالرائق ۾ آهي ته جڏهن نماز پڙهندڙ کي ڪا خبر ڏني وئي، ان تي خوش ٿيو ۽ الحمد لله چيائين يا ڪنهن عجيب ڳالهه جي خبر پيس، سبحان الله چيائين، ته نماز ڀڄي پوندي. انتهي. هيءُ عبارت هن جي چٽي وضاحت ڪري ٿي ته عجيب خبر ٻڌڻ تي سبحان الله چوڻ ڀڃندڙ آهي. برخلاف ان جي جيڪو عيون ۾ آهي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ جيڪو آهي سو تعجب جي قصد ۾ مطلق آهي. قرآن مان خطاب (سڏ) جي ارادي سان ڪا عبارت پڙهڻ به ان ئي حڪم ۾ آهي جيئن "يا يحیٰ خذ الڪتاب بقوه" "و ما تلڪ بيمينڪ يا موسیٰ" ۽ "يا بني ارڪب معنا" وغيره.

12- ڪنهن دنياوي مقصد لاءِ "لاحول ولاقوة" چوڻ. ديني مقصد لاءِ نه. ظهيريه ۾ آهي ته جيڪڏهن شيطان جي وسوسي کان "لاحول ولا قوة" چيائين ته جيڪڏهن آخرت جي ڪنهن معاملي کان آهي ته نماز نه ڀڄندي. جيڪڏهن دنيا جي معاملي لاءِ آهي ته نماز ڀڄي پوندي. ابويوسف جو ان ۾ اختلاف آهي. ان ئي حڪم ۾ آهي بخار / تپ هٽائڻ لاءِ "اعوذ بالله" يا ٻيو ڪجهه چوڻ. پر جيڪڏهن وسوسو ختم ڪرڻ لاءِ آهي ته نماز ڀڄندڙ ناهي.

13- ڪنهن چيو "ا مع الله الهاً آخر"، ان جي جواب ۾ "لا اِلـه الا الله" چوڻ. ان طرح ڪافيءَ ۾ آهي. بحرالرائق ۾ آهي ته بظاهر هن صورت ۾ مقيد ڪرڻ نه جڳائي. ڇاڪاڻ ته فتاویٰ قاضي خان ۾ آهي ته جيڪڏهن ڪا اهڙي خبر ٻڌائين جنهن تي هيبت ۾ اچي ويو ۽ جواب ۾ "لا الـه الله

والله اڪبر“ چيائين ۽ ارادو جواب جو هيس تہ نماز ٽٽي پوندي. انتهي. جيڪڏهن تسبيح يا تهليل ڪنهن ڳالهہ جي حڪم ڪرڻ يا جهلڻ لاءِ چيائين تہ بہ نماز ڀڄي پوندي. ان جو مجتبيٰ ۾ ذڪر آهي. البتہ جيڪو پنهنجي نماز ۾ هئڻ جو ٻڌائڻ لاءِ چوي تہ نماز نہ ڀڄندي، جيئن بحرالرائق ۾ آهي.

14- نماز ۾ ڪنهن شخص جي جواب ۾ قرآن پڙهڻ. مثال ڪنهن جي مصيبت جي خبر ٻڌي، ان جي جواب ۾ ”انا للهِ وانا اليہ راجعون“ پڙهي ورتائين تہ نماز ڀڄي پوندي.

15- نماز ۾ آذان چوڻ. بحرالرائق ۾ آهي تہ جيڪڏهن نماز ۾ آذان ڏنائين ۽ ان مان سندس مطلب آذان ڏيڻ هو تہ نماز ڀڄي پوندي انتهي. هيءَ عبارت صريح آهي تہ نماز ارادي سان فاسد ٿئي ٿي. بخلاف عيون جي جو ان ۾ اذان جي ارادي کان بنا اذان چوڻ کي بہ ڀڃندڙ سڏيو ويو آهي.

16- اهڙن لفظن سان دعا گهرڻ جيڪي ماڻهن جي ڪلام جي مشابهہ هجن. يعني انهن جو ماڻهن کان گهرڻ محال نہ هجي.

17- قرآن اهڙي طريقي سان پڙهڻ جو ڪلي طور معنيٰ ڦري وڃي. جيئن زلت القاري ۾ ان جو تفصيل معلوم ٿيو. عيون ۾ ڳالهہ جي قسم جي نماز ڀڃندڙن مان حدث بي اختياريءَ کان پوءِ قرآن پڙهڻ شمار ڪيو اٿس حقيقت ۾ هيءُ مسئلو عام آهي، بحرالرائق ۾ آهي تہ حدث مذڪور کان پوءِ ان ئي وقت نماز مان نڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن رڪن ادا ڪرڻ جيترو مقدار بنا عذر جي بيٺو تہ نماز ڀڄي پوندي.

## ڪم جي قسم جا ڀڃندڙ:

### هن جا ٻہ قسم آهن:

**هڪ قسم:** وضو ڀڃڻ. جيئن نماز ۾ ننڊ اچي وئي ۽ احتلام ٿي پيو يا سوچڻ سان مني اچي وئي يا ڇاٽي واري نماز پوري ڪرڻ کان اڳ

وضو ڀڃي وڃائين يا نمازيءَ جي ڪجهه ڪرڻ سان رت وهي پيو. هيءُ چار وضو ڀڃيندڙ آهن جن سان نماز ڀڄي پوندي.

يا بي اختيار وضو ڀڄي جيئن پريل وات التي، نڪ مان رت جو وهي هلڻ. ڦٽ مان رت جو وهي هلڻ. مذي يا پيشاب جو قطره مردائي عضوي مان نڪري پئي. يا هوا نڪري پئي. هيءُ سڀ وضو ڀڃي پوڻ جا موجب آهن. نماز ڀڃڻ جا موجب ناهن. نماز پنهنجي حال تي قائم رهندي. وضو ڪري اتاهون ئي اڃي شروع ڪجي جتي ڇڏي وئي. جيڪڏهن مقتدي آهي ته بطور لاحق اڃي شروع ڪري يعني قرآن جي تلاوت کان بنا شروع ڪري. ۽ ان کان پوءِ امام سان ملي. جيڪڏهن ايندي ئي اقتدا ڪندو ته واجب ڇڏڻ جو موجب ٿيندو. ۽ گنهگار ٿي پئبو. ذڪره في البحرالرائق. هن صورت ۾ ضروري آهي ته وضوء کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪجي. نئين سر پڙهڻ وڌيڪ افضل آهي. چاڪاڻ ته ساڳيءَ جڳهه تان شروع ڪرڻ جا ٻارنهن شرط آهن. جيئن بحرالرائق ۾ مذڪور آهي. انهن سيني جو بجا آڻڻ تمام مشڪل آهي. والله اعلم.

ٻيو قسم: وضو ڀڄڻ کان سواءِ نماز فاسد ٿيڻ آهي. جيئن قرآن وچ نماز ۾ ڏسي پڙهڻ. ڪن خالي پڙهڻ تي به ڀڃيندڙ هئڻ جو حڪم لڳايو آهي. ۽ ڪن صرف قرآن شريف کڻڻ ۽ ورق وارائڻ تي ڀڃيندڙ جو حڪم لڳايو آهي. پر ڪافيءَ ۾ پهريون صحيح چيل آهي. ٻي صورت ۾ جيڪڏهن قرآن رکيل هجي ۽ ڪو ٻيو ورق ورائيندو وڃي ته پوءِ پڙهڻ سان نماز نه ڀڃندي. ضرورت گهٽي ۽ سخت هجي ته تراويحن ۾ هن روايت تي عمل ڪرڻ گهرجي. ان ڪري عائشه رضي الله عنها جي غلام قرآن ۾ ڏسي تراويحون ادا ٿي ڪيون. جيئن فتح القدير ۾ آهي. چڻي جي داڻي کان وڌيڪ مقدار واري ڪا به شيءِ چٻاڙڻ يا کائڻ سان نماز ڀڄي پوندي. البته ٻاهران ڪا به شيءِ وات ۾ کڻڻ سان نماز ڀڄي پوندي، چو نه تر برابر هجي. ذڪره في البحرالرائق وغيره.

گهٽي چرپر ڪرڻ، جهڙي ٻه هجي، پچندڙ آهي. ان جي حد اها آهي ته ٻاهريون ڏسندڙ سمجهي ته هيءُ نماز ۾ آهي ئي ڪونه. ڪن جو چوڻ آهي ته ٻنهي هٿن جي ذريعي جيڪا چرپر ڪندو سا پچندڙ آهي. جڏهن ته صحيح پهرين ڳالهه آهي. جيئن بدائع، زيلعي ۽ لوالجي ۾ آهي. محيط ۾ آهي ته اهو ئي وڌيڪ سهڻو چوڻ آهي. صدرالشهيد چيو آهي ته اهو ئي صحيح آهي. جيڪڏهن پنهنجي جسم کي ٽي دفعا (هڪ رڪن ۾) کنهيائين ته نماز پچي پوندي، خلاصه ۾ اهو شرط رکيو ويو آهي ته هر ڀيري هٿ مٿي کڻي ته پوءِ پچندي. صاحب بحرالرائق چوي ٿو ته اهو شرط انوکو ۽ تفصيل عجيب آهي، ان کي ياد رکڻ گهرجي. پر ظهيريه ۾ صدرالشهيد حسام الدين جي حوالي سان آهي ته جيڪڏهن جسم جي ڪاجڳهه تي دفعه هڪ ئي ڀيري کنهيائين ته به نماز فاسد ٿي پوندي. انتهي.

نماز جا پچندڙ هنن کان وڌيڪ به گهٽائي آهن. خلاصي جي طور تي سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته نماز جي فرضن مان ڪوبه هڪ فرض ڇڏڻ سان نماز پچي پوندي. جيئن قبلي کان منهن جو ڦري وڃڻ يا تسبيح جي مقدار جيترو وقت پليتي لڳل رهي. يا پليت ڪپڙو ايترو وقت جسم تي پهرجي ته نماز فاسد ٿي پوندي. هنن کان سواءِ ڪتابن ۾ وڌيڪ تفصيل سان نماز جا پچندڙ بيان ٿيا آهن. اسان انهن تي اڪتفا ڪيو آهي جيڪي گهڻو پيدا ٿيندڙ آهن.

# خاتمو

مفتاح الصلواة پورو ٿيو. هيءُ رسالو شيخ احمد بن سليمان، جيڪو هن فقير جو ڀائيجو آهي، جي سببان تاليف ٿيو آهي. اميد آهي ته الله تعاليٰ انهي محب، سندس مڙني فرزندن، دوستن، مخلصن ۽ درويشن کي توفيق ڏئي ۽ اعليٰ مقصدن تائين پنهنجي خاص احسان ذريعي پهچائي، آمين. هن رسالي ۾ ڪوڙ مسئلا اختصار جي سببان ڇڏيا

ويا آهن. هيترا عمل جي لحاظ كان ڪافي آهن. والله الموفق. مفتاح الصلواة الله سبحانه جي حمد ۽ احسان سان مصنف جي هٿن سان 1061هه جي شهرالحرام ذوالحج گذرندي پورو ٿيو. بحمد الله سبحانه والمنته والحمد لله اولا و آخرا. والصلواة علي رسوله باطنا وظاهرا وعلي صحبه ومن عمل بعملهم غائبا و حاضرا آمين يا رب العالمين.

* * *

بسم الله الرحمن الرحیم

الحمد لله الذی جعل بنیان قصر القربات علی تسبیب
الاوقات للطاعات والصلوة علی اشرف سکانه افضل
الصلوات وعدد المعلومات وعلی آله واصحابه وازواجه
واهل بیته والذریات اما بعد پس چون مصلی را ناچار
از دانستن اوقات نماز ودانستن وقت ظهر وانتهاء او
وابتداء عصر موقوف بر معرفت وقت زوال وفی زوال است
وآن از بعضی آلات چنانچ ربع می توان گرفت اما این خاص
ریاضی دان است ولهذا از برای آنها که عاریند از و دائره
هندیه پیدا کرده اند وآن منتقل می شود وهمه افقها را یکی
کافی می باشد در خاطر رسید اگر آلتی باشد همه افقها را همان
یکی کافی باشد دعامی همه از و توان گرفت بهتر است اتفاقا
صورتش بخاطر افتاده که او را در این رساله بیان کرده خواهد شد
تا هر خاص وعام را بکار آید که دانستن زوال فوائد بسیار دارد
یکی آنکه اگر وضو کرده می خواهد که تحیة او بگذارد یا در مسجدی
رفته

تصنیف از
فتح محمد















وما وراء النهر چون آفتاب در برجهاء شمالیه باشد جدی
هر روز یکبار بلکه دوبار مسامت راس قبله می‌شود و آن موجود
فرصتی بهر معرفة ارتفاع سمت راس مکه و ظل آن یا بهر معرفت
سمت از افق و ارتفاع آن ظل آن ارتفاع پس اگر معلوم شده
باشد که در نواحی سوستان ارتفاع سمت راس مکه شصت
و شش درجه است و ظلش سه قدم و ده دقیقه تقریبا
پس اگر در هشتم جوزا یا در بیست و سیوم سرطان وقتی
که ظلش بعد از زوال سه قدم شده باشد آن ظل مسامت
قبله هست پس اگر دیوار مسجدی بر محاذاة ظل آن وقت
بنا کنند و دیواری که پشت او بجانب قبله هست بطرزی
بنا کنند که این هر دو دیوار محیط زاویه قایمه شود
پس مسجدی مسامت قبله است والله اعلم بالفعل فرصت
نیست که آنچه در خاطر است که ارتفاع سمت مکه درین دیار
در هر روزی از روزها برجها شمالیه کشیده و ظلش تعیین
کرده بنویسیم تا بعد از حصول این هر دو بمجرد معرفة ظل بآلة
مذکور یا بهر طور که باشد در هر روزی از روزهاء مذکوره
جهة قبله معلوم شود و این بریع بسیار آسان است

تمت ه ه ه

# ضميمو
## (جهته الڪعبه)

بسم الله الرحمن الرحيم

سڀ تعريفون ان الله ڪي جڳائن جنهن پنهنجو قرب حاصل ڪرڻ واريءَ عمارت جون ديوارون، اطاعت لاءِ وقتن ڪي سبب بنائڻ جي پيڙهه تي رکيون آهن. ۽ صلوات ان جي وڏي شرف وارن رهندڙن مٿان هجي، تمام افضل صلواتون معلومات جي عدد برابر ۽ ان جي آل، اصحابن، زالن، اهل بيتن ۽ اولاد جي مٿان.

اما بعد! جيئن ته نمازيءَ لاءِ نماز جا وقت ڄاڻڻ تمام ضروري آهن. ۽ ظهر جو وقت ۽ ان جي انتها ۽ عصر جي وقت جي شروعات زوال جي وقت ۽ اصلي پاڇي سڃاڻڻ تي موقوف آهي ۽ اهو ڪن اوزارن جي مدد سان معلوم ٿي سگهندو، جيڪو هڪ رياضي دان جو ڪم آهي، تنهن ڪري جيڪي رياضيءَ کان اڻ ڄاڻ آهن تن لاءِ هندي دائرو جوڙيو اٿن. جيڪو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ منتقل نه ٿي سگهندو آهي، اهو سيني افقن ڪي اڪيلو ڪافي نه ٿيندو آهي، دل ۾ آيو ته هڪ اهڙو اوزار هجي جيڪو مڙني افقن ڪي هڪ ئي ڪافي ٿي وڃي. ان جي صورت دل ۾ آئي ته ان ڪي هنن ورقن ۾ بيان ڪجي، ته جيئن هر خاص توڙي عام ڪي ڪم اچي.

زوال جو ڄاڻڻ تمام گهڻن فائدن وارو آهي هڪ اهو ته جيڪڏهن ڪنهن وضو ڪيو ۽ ان کان پوءِ "تحيته الوضو" ادا ڪرڻ تو گهري يا مسجد ۾ گهڙي "تحيته المسجد" ادا ڪرڻ تو گهري ته جيڪڏهن شڪ اٿس ته زوال ٿيو آهي يا نه؟ ته جڳائي ته "تحيته" ادا نه ڪجي. ڇاڪاڻ ته نقصان کان بچڻ فائدي ماڻڻ کان

بهتر آهي. جيڪڏهن اڳي يا پوءِ هئڻ سچاتل هوندو ته وقت جو وظيفو هٿان نہ ويندو. نماز جنازه کي بہ ائين سمجهڻ گهرجي.

پڻ نمازن جي وقت سڃاڻڻ جو فائدو اهو آهي ته علماء قرار ڏنو آهي تہ بهتر اهو آهي تہ نماز ظهر هر شيءِ جو پاڇو ان جي برابر ٿيڻ کان اڳ ادا ڪرڻ گهرجي. ۽ عصر جي نماز شيءِ جي ٻڻ پاڇن برابر ٿيڻ کان پوءِ ادا ڪرڻ گهرجي. پٺي وقت سچاتل هوندا ته هر هڪ نماز پنهنجي پنهنجي وقت ۾ ادا ٿي سگهندي، يعني عصر جي نماز ٻڻ پاڇن کان پوءِ مڪروه وقت کان اڳ، جيڪو سج جي تبديل ٿيڻ (ڳاڙهي ٿيڻ) جو وقت آهي.

شيءِ جي ٻڻ برابر پاڇن جو سڃاڻڻ تمام ڏکيو آهي ڇاڪاڻ تہ ٻڻ برابر پاڇن کان بعد بيهڻ گهرجي تہ جيئن امام اعظم جي مذهب مطابق مستحب وقت هٿ اچي سگهي. هن جڳهہ تي اڪثر عالمن چيو آهي تہ انصاف وارو قول مقبول وقت جي سڃاڻ آهي. جڳائي بہ اهو تو تہ مقبول وقت سڃاڻڻ گهرجي.

فرض ٿا ڪريون تہ جيڪڏهن ربع يا ان جهڙي ڪنهن ٻي شيءِ سان ان جي سڃاڻ ٿا ڪريون. تہ پوءِ اهو سيني پاسن ۾ ٿيندو. بلڪ ڪن چيو آهي تہ زوال جي سڃاڻڻ ۾ پيو قول قبول نہ ڪرڻ گهرجي. بس اها ڳالهہ ان جو باعث ٿي تہ صورت، جيڪا تصور ۾ آهي تنهن کي عملي صورت ۾ آڻجي. تہ جيئن مذڪوره عبادتن جي غنيمت جو طلبگار جڏهن ربع وغيره جو اوزار نہ رکندو هجي يا رکندو هجي تہ ان ذريعي وقت معلوم ڪرڻ نہ ڄاڻيندو هجي تہ هن ذريعي عظيم مقصد تائين پهچي سگهي.

ان جو بيان مقدمي، ٻڻ بابن ۽ خاتمہ ۾ سهڙجي سگهيو آهي.

# مقدمہ

## متئين اوزار جو بيان

اهو، هڪ ڪاٺي آهي، جا ڊيگهہ ۾ ٻہ هٿ يا ڏيڍ هٿ ۽ ان جي ٿولهہ ويڪر جو مقدار ٻہ آڱريون مثلا ۽ هڪ سطح ان جي صاف ۽ برابر هئڻ گهرجي. ان جي وچ ۾ اهڙيءَ جڳهہ تي سوراخ ڪجي جنهن جا ٻئي پاسا وزن ۾ برابر هجن. يعني ڏاڪي سان جهلي معلوم ڪجي تہ ان جا ٻئي پاسا برابر هجن، ٻنهي پاسن مان ڪو بہ هڪ پاسو ٻئي کان وڏو نہ هجي ۽ ان سوراخ واريءَ جڳهہ تي مقياس اهڙيءَ طرح قائم ڪجي جو مقياس ۽، ڊگهي ڪاٺيءَ جي وچ ۾ زاوية قائمة حاصل ٿئي. ۽ مقياس جي ٿولهہ ڊگهي ڪاٺيءَ جي ٿولهہ کان گهٽ هجي. ۽ مقياس جي ڊيگهہ سنڌ جهڙي علائقن ۾ ڪاٺيءَ جو نائون يا ڏهون اهو جوب آهي ڊگهو ٿيندو. ۽ چوٿين، پنجين ۽ ڇهين اقليم ۾ ان کان گهٽ ٿيندو۽ جيترو پري ٿيندو اوترو گهٽ ٿيندو. جيڪڏهن نديو هوندو تہ هر جاءِ تي ڪم ايندو. البتہ عمل جي لحاظ کان جيترو وڏو اوترو بهتر. البتہ ايترو ضرور هجي جنهن مان ٻہ برابر پاڇا ۽ 'في الزوال' (اصلي پاڇو) وٺي سگهجي.

ڊگهي ڪاٺيءَ تي مقياس جي هڪ پاسي کان ٻہ خط برابر ڇڪڻ گهرجن، جو انهن ٻن خطن وچ ۾ بعد (وٿي) مقياس جي ٿولهہ جي مقدار جيتري هجي، ۽ اهي ٻہ خط مقياس جي منڍ کان ڊگهي ڪاٺيءَ جي منتها تائين ڇڪڻ گهرجن. ۽ اصل وڏي مقياس جو چڏي ڏيڻ گهرجي ايستائين جو آواز جو حصو ڊگهي ڪاٺيءَ جي ٻئي طرف کان ٻاهر اچي ۽ ان حصي جي منڍ تي سوراخ ڪجي، ۽ انهيءَ حصي ۾ پٿر يا لوهہ يا ان جهڙي ڪا شيءِ لٽڪائي ڇڏجي. تہ مقياس

سطح زمين تي قائم ۽ مستقيم ٿئي. ۽ ڪاٺيءَ جي سطح افق جي سطح جي متوازي ٿئي. ۽ هيءَ سهولت ۽ احتياط خاطر آهي، نہ تہ بس جيڪڏهن مقياس ڪاٺيءَ جي وچ تي ڪتل هجي، اصل ۾ اهو ڳرو ٿيل هجي. البتہ هتي وڏيڪ ڳورائي گهرجي جو پورو وزن ڪاٺيءَ جو دفاع ڪندو. جيڪڏهن وزن معلق نہ ڪجي تہ شرط آهي تہ ڏگهيءَ ڪاٺيءَ جي ٻنهي طرفن مان سپ مقصد حاصل ڪجن. ۽ مقياس کي ست قسم ڪري ستين قسم جي مقدار برابر انهن ستن مقياسن مان ڏگهي ڪاٺيءَ مٿان ان جي منتها تائين متوازي خط ڇڪجن.

۽ اهل نجوم جي اصطلاح ۾ هر شيءِ جا ستن برابر قسمن ۾ ورهايل هجي، ان جي ستين کي قدم چوندا آهن. ان طرح متوازي خطن جي وچ ۾ جيڪا وٿي آهي. سا قدم آهي، ۽ هر قدم کي سٺ قسمن ۾ برابر تقسيم ڪجي. ۽ هر قسم کي دقيقو چوندا آهن ۽ دقيقہ کي بہ سٺ قسمن ۾ تقسيم ڪجي ۽ ان جي هر هڪ قسم کي ثانيہ چوندا آهن. ۽ ان تي ٽئين ۽ چوٿين کي قياس ڪرڻ گهرجي. ۽ مقياس جي چوٽيءَ تي هٿ جي جاءِ هئڻ گهرجي تہ جڏهن بہ وقت جو پاڇو معلوم ڪرڻو هجي تہ ان کي پڪڙجي ۽ اوزار کي اهڙيءَ طرح معلق ڪجي جو مقياس جي پٺ سج طرف اهڙيءَ طرح هجي، جو مقياس جو پاڇو ٻن ڏگهن خطن سان پيٽ ۾ هجي. ائين جيئن جتي جتي جي برابر ٿيندي آهي، بس اهو ان وقت جو پاڇو آهي.

## باب پهريون

# اصلي پاڇي ۽ ظهر جي شروعاتي وقت جي سڃاڻپ جو بيان

جيڪڏهن اصلي پاڇو حاصل ڪرڻو هجي ته زوال کان اڳ، يعني جڏهن زوال جو وقت ويجهو اچي. تڏهن مذڪور طريقي مطابق پاڇو وٺجي. ۽ ان تي نشان لڳائي انتظار ڪجي. ان کان پوءِ ٻيهر پاڇو ڏسجي؛ جيڪڏهن پهرئين کان پاڇو گهٽيو آهي ته سمجهجي ته پهريون پاڇو زوال جو نه هو. هاڻي ٻيهر پاڇو ڏسجي. ايستائين جو پاڇي جي شروعات ٿئي (اهو پاڇو جيڪو وڌي ٿو) بس اهو ظهر جي ابتدا جو وقت آهي، ۽ نقصان ۾ پاڇي جي جيڪا پڇاڙي هئي سا اصلي پاڇو هئي.

چاڻڻ گهرجي ته اصلي پاڇو ڇهه برج: سرطان، اسد، سنبلہ، ميزان، عقرب ۽ قوس جو برابر هوندو آهي. يعني زوال ڇهن برجن جو ٻيو آهي، ابتڙ طريقي سان. يعني سرطان جو منڍ جوزا جي پڇاڙيءَ سان برابر آهي. ۽ پاڇو مايليہ بما يليہ (جيڪو ملي ٿو ۽ جنهن سان ملي ٿو) ۽ پاڇو سرطان جي پڇاڙيءَ جو جوزا جي منڍ جي برابر آهي. انهيءَ ساڳئي طريقي تي آهي اسد، ثور، سنبلہ، حمل، ميزان، حوت، عقرب، دلو، قوس ۽ جدي. ۽ انهن ڏينهن جي پاڇي جو تعين جي ذريعي معلوم ٿيندو. يا اختيارخاني جي طريقي سان معلوم ٿيندو اهو ٻئي باب ۾ بيان ڪندس. هڪ ڏينهن جيڪو اصلي پاڇو معلوم ٿئي جيڪڏهن ٻه ٽي ڏينهن رکي ان تي ڪم جي شروعات ڪجي ته گهڻو تفاوت نه ٿيندو. البته ڄاڻڻ گهرجي ته ڇهن برجن ۾، جيڪي سرطان کان قوس تائين آهن، تن ۾ اصلي پاڇو ڏيهون ڏينهن وڌندڙ آهي. ۽ ڇهن ويجهن برجن ۾ منڍ واري سمت کان ٿورو تفاوت آهي، ۽ پري واري ۾ وڌيڪ. جيڪڏهن ويجهي ۾ تفاوت چند ثانيہ هوندو ته پري ۾ تفاوت هڪ ۽ ٻن دقيقن جو ٿيندو. ۽ هن کي ڪما حقہ بنا جدول ۽ بنا عمل جي نہ تو لهي سگهجي.

اهو هيءُ آهي تہ هجري تاريخ 919 تي طرح ٻڌبي (بنياد قائم ڪرڻ) باقي کي پهريائين ڏهن ۾ ضرب ڪبي. پيهر ان مان اٺين حصي تي طرح ٻڌبي ۽ جاءِ کان وڏيڪ کي بہ اٺ اعتبار ڪبو. يعني ان کان مٿي سيني کي هڪ نمونو ۽ طرح بنائبو. بس باقي بچيل کي حاصل ضرب سان جمع ڪندي ۾؟— ان مٿان وڌائي مجموع کي محفوظ ڪبو. ناقص سالن جي ڏينهن کي اهڙي طريقي تي ڳڻجي جو هر اڪي مهيني کي ٽيهہ ونجي ۽ هر ٻڌي مهيني کي اٺٽيهہ ڏينهن جو مهينو سڄي سال جوڳٽي ۽ ہ ہ سال شمسي جيڪي ٽي سو پنجهٺ ڏينهن تي مشتمل آهن، سان جمع ڪري پهرئين محفوظ کي هن مجموع سان طرح ڏجي. جيڪڏنهن طرح قبول ڪندڙ نہ هجي تہ ٽئين ۾ ضم ڪجي. انهيءَ طريقي تي چوٿون ۽ پنجون. طرح کان پوءِ جيڪو مجموع ثانيءَ مان باقي بچي ان کي شمسي مهينن سان ڏجي. پهرئين حمل مان نصاب صبيان جي مقتضا جي مطابق آهي.

لا ۽ لالب لاءِ لا لا ڇهہ مهينا آهي.

لل ڪط ۽ ڪط لل نندا مهينا آهن

يعني حمل جا ايڪٽيهہ ڏينهن آهن. ۽ سور جا بہ ايڪٽيهہ ڏينهن آهن. ۽ جوزاء جا ٻٽيهہ ڏينهن ۽ هر هڪ سرطان، اسد ۽ سنبلہ جا ايڪٽيهہ ڏينهن ۽ هر هڪ ميزان ۽ عقرب جا ٽيهہ ۽ هر هڪ قوس ۽ جدي جا اٺٽيهہ ۽ هر هڪ دلو ۽ حوت جا ٽيهہ. پوءِ هنن ڏينهن جي موافقت مان معلوم ٿيندو تہ فلاڻي ڏينهن سج ڪهڙي درجي ۾ ڪهڙي برج ۾ آهي. ۽ جيڪڏهن محفوظ پهريون ۽ مجموع ثاني ٻئي برابر ٿين تہ معلوم ٿيندو تہ شمسي سال پورو ٿيل آهي، ۽ ان کان پوءِ متصل حمل جي ابتدا آهي. ۽ هيءُ محمل تقريبي آهي. جيڪڏهن ڪو گهري تہ تحقيق معلوم ڪري تہ مستخرج مان معلوم ڪري. باقي فئ زوال جي باب ۾ تقريبي بہ ڪافي آهي. ۽ هن طالب علم پنهنجي هڪ رسالي ۾ هڪ جدول آندي آهي. ان مان پڻ تقويم شمسي جي تحقيق ڄاڻي سگهجي ٿي. دل ۾ اٿم تہ انشاءَ الله تعالي انهيءَ جدول کي انهن عملن سان، جن تي انهيءَ جدول جو استخراج موقوف آهي، جدا بيان ڪندس تہ جيئن زيج جي محتاجي نہ ٿئي.

# خاتم

## پاڇي مان قبلي جو طرف معلوم ڪرڻ جي بيان ۾

ديار سنڌ ۽ هندستان، سڄي خراسان ۽ ماوراءِ النهر ۾ جيڪڏهن سج اترين برجن ۾ هوندو ته هر روز هڪ پيرو بلڪ ٻه ڀيرا قبلي جي طرف ٿيندو آهي ۽ اهو موقوف آهي مڪي جي طرف جي ارتفاع سڃاڻڻ مٿان يا ان جي پاڇي سڃاڻڻ مٿان يا سمت جي معرفت مٿان جيڪو افق مان ۽ ان جي پاڇي جي ارتفاع مان هوندو آهي پوءِ جيڪڏهن معلوم هجي ته سيوستان جي آس پاس مڪي جي سمت جو ارتفاع ڇاهٺ درجه آهي. ۽ ان جو پاڇو ٽي قدم ۽ ڏه دقيقه تقريبا آهي ته پوءِ جيڪڏهن اٺين جوزاء ۾ يا ٽيويهين سرطان ۾ جڏهن ان جو پاڇو زوال کان پوءِ ٽي قدم ٿيل هوندو ته اهو پاڇو قبلي جي سامهون هوندو آهي، پوءِ جيڪڏهن مسجد جي ديوار ان وقت واري پاڇي جي برابر ڪڙي ڪيل هوندي ۽ اها ديوار جنهن جي پٺ قبلي جي طرف آهي. اهڙيءَ طرح قائم ڪبي جو هيءُ ٻئي ديوارون زاويه قائمي جو احاطو ڪندڙ هجن. ته بس مسجد قبلي جي سامهون هوندي. والله اعلم. عملي طور فرصت ڪانهي نه ته دل ۾ اٿم ته سمت مڪ جو هنن علائقن ۾ ارتفاع اسان جي ڏينهن ۾ هرروز جي اتر جي برجن جي صورتحال ڪيدي ان جا پاچا متعين ڪري لکان ها. ته هنن ٻنهي جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ مذڪور اوزار ٺاهڻ يا جنهن ٻه طريقي سان ممڪن ٿي سگهي خالي پاڇي سڃاڻڻ کان پوءِ مذڪور ڏينهن مان هر ڏينهن جي قبلي جي جهت معلوم ٿئي ها. ۽ هي ربع جي ذريعي تمام آسان آهي. تمت

فتح محمد